﴿اِنَّمَا يَخْشَى اللّٰهَ مِنْ عِبَادِهِ الْعُلَمٰٓؤُا﴾

# سوانح حيات ۽ خدمات

مفتي اعظم، شيخ الحديث والتفسير، استاد العلماءِ،
محب قرآن، عاشق رسول ﷺ، فنا في الشيخ
محقق،مصنف، فقيہ العصر، حافظ

## حضرت علامہ مفتي محمد رحيم سڪندري
(1941_2025)

**مرتب**
مفتي دوست علي سڪندري
جامعہ راشديہ درگاه شريف

**باهتمام**
خليفہ حاجي محمد اڪرام ڪوسو

**معاونين**
مولانا محمد آدم سڪندري
حافظ عبدالقيوم مهر سڪندري

ناشر
سڪندريہ پبليڪشنز
جامعہ راشديہ درگاه شريف پيرسائين پاڳارا ، خيرپورميرس

## حق ۽ واسطا محفوظ

كتاب جو نالو: سوانح حيات ۽ خدمات
ترتيب ۽ تدوين : مفتي دوست علي سڪندري
ڪمپوزنگ: القادر گرافڪس سنجهورو
سن اشاعت : ڊسمبر 2025 ع ، پيرو ڇپيو
تعداد: 1100

نوٽ: هي ڪتاب ، حضرت پيرسائين سيد شاهه مردان شاهه ثاني قدس سره جي صد ساله ولادت مبارڪ (۱۳۴۷_۱۴۴۷ هجري) جي موقعي تي شايع ڪيو پيو وڃي. ان ڪري جو حضرت مفتي صاحب سندن، زرين دور ۾ درگاه مبارڪ، جماعت ۽ جامعه راشديه جي خدمت ۾ گذاريو.

**ملڻ جا هنڌ**

جامعه راشديه درگاه شريف پيرجوگوٺ ۽ ان جون تمام برانچون

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

مَوْلَایَ صَلِّ وَسَلِّمْ دَائِمًا اَبَدًا

عَلٰی حَبِیْبِكَ خَیْرِ الْخَلْقِ كُلِّهِمِ

مُحَمَّدٌ سَیِّدُ الْكَوْنَیْنِ وَالثَّقَلَیْنِ

وَالْفَرِیْقَیْنِ مِنْ عُرْبٍ وَّمِنْ عَجَمِ

# انتساب

..................

حضرت استاد العلماءِ سائين مفتي محمد رحيم سڪندري رحمة الله عليه
جي سوانح حيات ۽ خدمات تي مشتمل هيءُ ڪتاب،

اعليٰ حضرت ، منبع فيوض و برڪات، پير سائين سيد شاهه مردان شاهه ثاني ’ڇٽ ڌڻي‘ قدس سره الاقدس جن جي نام نامي، اسم گرامي ڏانهن منسوب ڪجي ٿو:

جن درگاهه مبارڪ جي ٻيهر بحالي کان پوءِ حر جماعت جي تعمير و ترقي لاءِ فقيد المثال خدمتون سرانجام ڏنيون.

جن جامعه راشديه جو نئون اجراءُ فرمائي، هن ملڪ و ملت جي مٿان احسان فرمايو، جو ڪيترائي اڄايل هن علمي درياءُ مان فيض پرائڻ لڳا.

جن علم ۽ آگهي سان گڏ عالمن کي عزت بخشڻ جون نيون روايتون قائم فرمايون.

جامعه راشديه سندن شوق ۽ دلچسپي جو مظهر رهيو.

جن حضرت مفتي صاحب جي مٿان پنهنجي ٻاجهه ۽ شفقت جو هٿ رکيو، جنهن ڪري حضرت مفتي صاحب جن سندن سرپرستي ۽ سايي ۾ جامعه راشديه جي علمي ترقي ۾ پنهنجو وافر حصو شامل ڪيو.

مفتي دوست علي سڪندري

# سٽاءُ

| تعزيتي خط مبارڪ | اعليٰ حضرت پير سائين پاڳارا دامت برڪاتہ |
|---|---|


| نمبر | مضمون | ليکڪ | صفحو |
|---|---|---|---|
| 01 | پيش لفظ | مفتي دوست علي سڪندري | 03 |
| 02 | سوانح حيات ۽ خدمات | حافظ عبدالقيوم مهر | 07 |
| | سنڌي مضمون | | |
| 03 | منهنجو استاد سائين | مفتي دوست علي سڪندري | 31 |
| 04 | جيئن ڏٺو مون | مفتي غلام شبير سڪندري | 36 |
| 05 | منهنجو استاد منهنجو شفيق | مفتي محمد اسماعيل سڪندري | 40 |
| 06 | قبلہ استاد | مفتي فيض محمد سڪندري | 51 |
| 07 | استادن جو عڪس | خليفو فقير احمد صالح مهر | 64 |
| 08 | مربي ۽ محسن والد گرامي | خليفو محمد اڪرام ڪوسو | 66 |
| 09 | ماهر ۽ قابل استاد | مفتي عبدالرحمٰن ٿٽوي | 70 |
| 10 | اخلاص ۽ اخلاق جا پيڪر | پير ڪرم الله مدني | 72 |
| 11 | سائيدار وڻ | حافظ غلام محمد محمودي | 75 |
| 12 | حضرت مهتمم صاحب | مولانا غلام حسين نقشبندي | 76 |

| | | | |
|---|---|---|---|
| 13 | هڪ رباني عالم | مفتي عنايت الله سڪندري | 82 |
| 14 | برک عالم دين | ڊاڪٽر غلام عباس قادري | 87 |
| 15 | فقيد المثال دوستي | فقير عبدالباسط هنگورو | 91 |
| 16 | شيخ الحديث والتفسير | مولوي محمد حسن سڪندري | 98 |
| 17 | شال مَر وسرين تون | مولانا محمد آدم چاچڙ | 105 |
| 18 | اعليٰ گڻن وارو عالم | مفتي عبدالرزاق مهراڻ سڪندري | 118 |
| 19 | مهربان استاد سائين | حافظ محمد يونس سڪندري | 124 |
| 20 | علم ۽ اخلاق جو خزانو | حافظ محمد مريد سڪندري | 131 |
| 21 | آخري سفر | مولانا الله ورايو سڪندري | 138 |
| 22 | ڏکوئيندڙ سانحو | مولوي محمد فقير مورجو | 142 |
| 23 | فخر مفتيان سنڌ | مولانا علي اڪبر راهمون | 143 |
| 24 | عبادت گذار عالم | مولانا مولابخش مهر | 154 |
| 25 | شاگردن تي شفقتون | مولانا تاج محمد جمالي | 160 |
| 26 | سلف صالحين جي نشاني | مولانا احمد علي سڪندري | 163 |
| 27 | شفيق ۽ مهمان نواز | ڊاڪٽر عبدالغفار سومرو | 168 |
| 28 | علم ۽ اخلاص جو آفتاب | مولانا غلام مرتضيٰ سڪندري | 171 |
| 29 | محسن ۽ مربي | محمد خالد معراج سڪندري | 176 |
| 30 | ديني ۽ سماجي خدمتون | ميان شفيق احمد مهيسر | 187 |
| 31 | مجمع المحاسن | مولانا علي اڪبر يمني | 191 |
| 32 | برڪت ڀري شخصيت | مولانا عبدالسبحان سڪندري | 199 |
| 33 | صاحب علم و فضل | مولانا محمد رفيق سڪندري | 202 |

| | | | |
|---|---|---|---|
| 34 | علم دوست عالم دين | مولوي حبيب الله سڪندري | 204 |
| 35 | محبت ۽ عقيدت جو تعلق | ميان محمد سومر سڪندري | 205 |
| 36 | تنهنجون ڳالهيون.. | مولانا محمد مٺل سڪندري | 207 |
| 37 | مفتي محمد رحيم | فقير ڪريم احمد ناريجو | 209 |
| 38 | باڪمال شاگرد | قمر الدين عطاري | 215 |
| 39 | ناقابل تلافي نقصان | مولانا علي اڪبر سڪندري | 221 |
| 40 | آه مفتي صاحب! | حافظ مهراڻ سڪندري | 224 |
| 41 | رهبر استاد سائين | سگهڙ خليل الرحمان مهيسر | 228 |
| 42 | صالحين جي باقيات | مولانا محمد آدم راهمون | 231 |
| 43 | عهد ساز ديني شخصيت | عبدالفتاح عباسي | 233 |
| 44 | نسبتن جا امين | حافظ محمد صديق سڪندري | 236 |
| 45 | علم ۽ عمل جا پيڪر | مير امان الله بروهي | 242 |
| 46 | عظيم عالم دين | مولانا بشير احمد سڪندري | 243 |
| 47 | سڄڻ منهنجا سپرين... | مولانا محمد دائم درس | 246 |
| 48 | رکن دل تي نظر جيڪي | حافظ رسول بخش سڪندري | 250 |
| 49 | مفتي محمد رحيم سڪندري | قربان علي ميتلو | 257 |
| 50 | صحبت سپيرين جي.. | رضاءُ المصطفيٰ سڪندري | 262 |
| 51 | غزالي ۽ بيهقي جو تسلسل | عبدالعزيز سهڙو | 264 |
| 42 | شيخ الحديث والتفسير | برڪت الله سهتو سڪندري | 266 |
| 53 | صاحب علم ۽ قدردان | فقير مير محمد ڪانهر | 270 |
| 54 | اخلاص جي علامت | مولانا امام بخش سڪندري | 273 |

# اردو مضامین


| | | | |
|---|---|---|---|
| 55 | صاحب ورع و تقویٰ | مفتی اعظم، مفتی منیب الرحمٰن | 277 |
| 56 | شریعت و طریقت کے شناور | حضرت سید حامد سعید کاظمی | 278 |
| 57 | جامع علم و عمل | مفتی محمد جان نعیمی | 279 |
| 58 | عظیم عالم فقیر | پیر میاں عبد الخالق قادری | 280 |
| 59 | پاکیزہ سیرت عالم دین | مفتی محمد ابراہیم قادری | 285 |
| 60 | علم حدیث سے قلبی شغف | مفتی حبیب احمد نقشبندی | 287 |
| 61 | مفتی اہلسنت | سید شجاع الحق ہاشمی | 288 |
| 62 | ہمارے مفتی۔۔۔۔۔ | مفتی محمد عارف سعیدی | 292 |
| 63 | علم دوستی اور علماء نوازی | صاحبزادہ ابوالخیر محمد زبیر | 295 |
| 64 | استاد معظم | ابوالقاسم ضیائی | 297 |
| 65 | مفتی اعظم سندھ | حاجی محمد حنیف طیب | 298 |
| 66 | یادگار اسلاف | حاجی محمد رفیق پردیسی | 301 |
| 67 | آفتاب علم | ڈاکٹر پیر نوید الحسن مشہدی | 302 |
| 68 | فقیہ امت | میاں بشیر احمد قادری | 304 |
| 69 | عہد رفتہ کا آفتاب | پروفیسر مفتی محمد صاحبداد سکندری | 306 |
| 70 | بلند کردار | محمد حفیظ البرکات شاہ | 312 |
| 71 | موت العالم | پروفیسر محمد ظفر اقبال جلالی | 314 |

| | | | |
|---|---|---|---|
| 72 | مہربان اور شفیق | صاحبزادہ عطاء الرسول اویسی | 316 |
| 73 | علمی اور فکری شخصیت | ایڈوکیٹ حافظ رحیم ڈنہ مہیسر | 318 |
| 74 | علمی دور کا اختتام | مفتی وسیم اختر المدنی | 319 |
| 75 | حضرت مفتی۔۔۔ | سید صبغت اللہ سہروردی | 321 |
| 76 | نسل در نسل دوستی | صاحبزادہ محمد عامر ظفر چشتی | 325 |
| 77 | وقار اور علم کا امتزاج | مفتی محمد ذیشان حنفی | 330 |
| 78 | بابرکت یادیں اور باتیں | فقیر کامران خضر نوشاہی | 333 |
| 79 | پیکر اخلاص وانکسار | علامہ فرقان خان شامی | 339 |
| 80 | اخلاص وللٰہیت کا حسین نمونہ | قاری ناصر الدین نقشبندی | 341 |
| 81 | مفتی محمد رحیم سکندری | اراکین مرکز تحقیق ضیاء طیبہ | 342 |
| 82 | نادو ونایاب شخصیت | علامہ عرفان اللہ خیر آبادی | 343 |
| 83 | بامقصد زندگی | فقیر محمد علی کلر سکندری | 345 |
| 84 | جامع الصفات | مولانا غلام نبی کھوسہ سکندری | 348 |
| 85 | استاد محترم | ڈاکٹر عبد القادر انڈھر سکندری | 352 |
| 86 | ادب آور تحریر | محسن رضا کھوسہ | 356 |
| 87 | مفتی اعظم سندھ | فقیر محمد رمضان جیسلمیری | 361 |
| 88 | صاحب استقامت | عباس علی کھوسہ | 362 |
| 89 | حضرت مفتی صاحب | ڈاکٹر میاں جمیل احمد | 362 |

| | | | |
|---|---|---|---|
| 365 | پروفیسر سید علی رضا شاہ | عالم کی موت | 90 |

| | | | |
|---|---|---|---|
| مقالة عربية | | | |
| 371 | الدكتور عادل احمد ابو سعود | لمحات من حياتى | 91 |
| 372 | عبدالحق شاه الترمذى | العلامة الفقيه | 92 |
| 374 | محمد الياس السكندرى اليمانى | فضيلة الشيخ | 93 |
| 377 | تاثرات | | |

| | | | |
|---|---|---|---|
| **English** | | | |
| **01** | Preface | Mufit Dost Ali | **iii** |
| **02** | Mufti Muhamad Raheem | Dr. Jalal ul Din | **v** |
| **03** | Glimpeses from my life | Dr. Adil Ahmed | **vii** |

# سوانح حیاتِ خدمات

استاد العلماءِ شیخ الحدیث

حضرت مفتی محمد رحیم سکندری رحمۃ اللہ علیہ

# تعزيتي خط مبارڪ

## اعليٰ حضرت پير سائين پاڳارا دامت برڪاتهم

سلامت
ڪوسه
فقير حافظ بختيار احمد
فقير محمد ظفر - فقير معراج محمد

مدير درگاهه جو وليسا وارو خليفه محمد اڪرام فقير

بعد سلام سنت جي واضح هجي ته مفتي محمد رحيم فقير
ڪوسه جي وفات جي خبر پڙهي اسانکي گهڻو
ارمان ٿيو آهي - هن واقعه ۾ اوهان سان
دلي همدردي جو اظهار ڪندي دعا ٿا ڪريون ته
الله تعاليٰ مرحوم کي جنت ۾ جاءِ ڏيندو ۽
پسماندگان کي صبر جي توفيق عطا فرمائيندو فقط

16.10.2025

حضرت پير صاحب پاڳاره سجاده نشين درگاهه [illegible]

# پيش لفظ

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

الحمد لله رب العالمين والعاقبة للمتقين

والصلوٰة والسلام علىٰ خير خلقه محمد وآله وصحبه أجمعين،

استاذُ العلماء، شيخ الحديث، استادي حضرت سائين مفتي محمد رحيم سڪندري رحمۃ اللہ علیہ، جن جو وڇوڙو نه صرف اسان سڀني لاءِ ڏکوئيندڙ آهي، پر علمي حلقن ۾ به هڪ وڏو خال آهي.

پنهنجي عظيم استاد جي وصال بعد سندن سوانح ۽ خدمتن تي ڪتاب آڻڻ جي ڳالهه تي ته سندس شخصيت جي وسعت، علمي عظمت، روحاني رفعت، اخلاقي ڪمال ۽ خدمت واري زندگيءَ کي لفظن ۾ سمائڻ، اسان جهڙن لاءِ ڏاڍو مشڪل ڪم هو. نه فقط مشڪل، پر هڪ امانت پڻ، ڇو ته سندس حياتيءَ جو هر پهلو، هر عمل ۽ هر قدم لِلّٰهيت ۽ خلوص سان ڀريل هو.

حضرت استاد سائين مفتي محمد رحيم سڪندري جن علم جا بحر، عاجزيءَ جا پيڪر، محبت جا مينارا ۽ خلوص جي خوشبوءَ سان ڀريل انسان هئا ۽ سڀ کان وڏي اها خوبي هئي ته پاڻ درگاهه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا تي هڪ سچي عقيدتمند ۽ عاشق جي حيثيت ۾ ۴۵ سال وڏي خدمت ڪئي. سندن شخصيت ۾ اها ڪشش هئي جنهن دلين کي پاڻ ڏانهن ڇڪي ٿي آندو.

سندن علمي ساک نه فقط سنڌ تائين محدود هئي؛ بلڪ ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ سندن علمي فيصلا، فتويٰ، نصيحتون ۽ اصلاحي فڪر احترام سان پڙهيا ۽ سمجهيا ويندا هئا. سندن گفتگوءَ ۾ سختيءَ بدران هميشه نرمي ۽ طنز بدران شفقت هوندي هئي، سندن زندگي علم ۽ حلم

جو ميلاپ هئي نہ فقط درس ۽ تدريس ۾ پر عمل ۽ اخلاق ۾ پڻ.

درگاھ مبارڪ تي سندن موجودگي علمي رونق جو بنياد هئي. قرآن ۽ سنت جي خدمت، شاگردن جي تربيت، ۽ دين جي نشر و اشاعت لاءِ جيڪي محنتون درگاھ مبارڪ حضرت پيرسائين پاڳارا تي ٿيون، اهي سڀ حضرت مفتي صاحب جي ئي ڪوشش، شوق، دلچسپي ۽ رهنمائيءَ جو نتيجو آهن.

جامعہ ۽ برانچن جي تعليمي ۽ انتظام جي مشڪل معاملن کان وٺي، ماڻهن جي روزمره جي مسئلن جي حل لاءِ وٽانئن مطمئن موٽ ملندي هئي. سندن تمسّڪ بالسنة ۽ پڪي فقهي فهم، هن دور ۾ نعمت کان گهٽ نہ هئي.

هي ڪتاب انهن سڀني پهلوئن کي گڏ ڪرڻ جي هڪ عاجزانہ ڪوشش آهي. اسان کي خوشي آهي تہ ٿوري وقت ۾ مختلف معزز بزرگ عالمن، شاگردن، دوستن ۽ محبت وارن پنهنجا قلمي تحفا موڪليا ۽ حضرت مفتي صاحب سان پنهنجي وابستگيءَ جا جذبات تحرير جي صورت ۾ پيش ڪيا.انهن مقالن، تاثراتن ۽ تعزيت نامن سان گڏ حضرت مفتي صاحب جي سوانح حيات تي پڻ محققانہ مواد شامل آهي،جيڪو سندن علمي شان، فقهي بصيرت،تدريسي مقام،انتظام ۽ پرهيزگاري جي مختلف پهلوئن کي اجاگر ڪري ٿو.

هن ڪم جي مڪمل ٿيڻ ۾ جيڪي ماڻهو حصيدار آهن، انهن سڀني ۾ سڀ کان وڌيڪ تعريف جو لائق ، هن ڪتاب جو بنيادي محرڪ حضرت مفتي صاحب جن جو پيارو شاگرد ۽ درگاھ مبارڪ جو خدمتگار، مولانا محمد آدم چاچڙ سڪندري صاحب آهي.

جنهن جي دل ۾ هي جذبو حضرت مفتي صاحب جي حياتيءَ ۾ ئي پيدا ٿيو هو تہ سندن علمي، فقهي، انتظامي ۽ تدريسي خدمتن کي ڪتابي صورت ۾ گڏ ڪيو وڃي. پاڻ ڪيترائي پيرا درگاھ مبارڪ تي

حاضر ٿي، مختلف عالمن سان رابطا ڪيا،مضمون گڏ ڪيا، يادون لکيون ۽ مواد منظم ڪرڻ ۾ غير معمولي محنت ڪئي. خواهش هئي تہ حضرت مفتي صاحب جن جي حياتيءَ ۾ ئي ڪتاب شايع ٿي وڃي؛ پر الله تعاليٰ کي ڪجھ ٻيو منظور هو.

هن سفر ۾ جامعه راشديه جي استادن خصوصاً مولانا عبدالسبحان سڪندري، مولانا محمد مٺل سڪندري ۽ مولانا رضوان احمد سڪندري ۽ ٻين دوستن جو پڻ ساٿ رهيو. پروف پڙهڻ، ترتيب ڏيڻ، مضمون گڏ ڪرڻ ۽ هر مرحلي تي سهڪار ڪرڻ سان هن ڪتاب تڪميل آسان ٿي. الله تعاليٰ کان دعا آهي تہ انهن سڀني کي علمي برڪت، قوتِ اخلاص ۽ خدمتِ دين جي توفيق ۾ اضافو عطا فرمائي.

انتهائي لائق فائق، محقق و اديب،مذهبي اسڪالر،جمعيت علماءِ سڪندريہ جي مرڪزي ناظم نشر و اشاعت جناب حافظ عبدالقيوم مهر سڪندري جن جو هن ڪم ۾ خاص تعاون رهيو.

خصوصا مضمونن جي ايڊيٽنگ، ڊيزائننگ ۽ ٻين ٽيڪنيڪل معاملن ۾ ڪافي وقت ڏنائين.

ان ڪان علاوه، حضرت مفتي صاحب جي فرزند ۽ خليفو، حاجي محمد اڪرام جا احسان خاص طور ياد رکڻ جي لائق آهن. ڪتاب جي هن سموري عمل دوران انهن نہ فقط سهڪار ڪيو، بلڪ دل جمعي، محنت ۽ ذميواريءَ سان ڪم کي اڳتي وڌايو. سندن تعاون، حوصلا افزائي ۽ مسلسل توجھ هن ڪم جي سونهن ۽ ڪاميابي جو اهم حصو آهي. الله تعاليٰ کين برڪت، صحت، عزت ۽ والد صاحب جي روشن ميراث اڳتي کڻي هلڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اسان دل جي گهراين سان انهن سڀني جو پڻ شڪريو ادا ڪريون ٿا، جن اسان جي گذارش تي پنهنجو قيمتي وقت ڪڍيو، يادون لکيون، تاثرات ڏنا ۽ حضرت مفتي صاحب جي علمي احسانن جو ذڪر اسان کي

پنهنجون تحريرون اماڻي ڏنيون.

آخر ۾ الله تعاليٰ ڪان دعا آهي تہ اسان سڀني کي اخلاص، عاجزي ۽ خدمتِ دين جي صفتن سان نوازيندو رهي، ۽ اسان کي حضرت مفتي صاحب جي نقشِ قدم تي هلائي، سندن مشن کي اڳتي وڌائڻ جي توفيق عطا فرمائي.

وما توفيقي إلا بالله العلي العظيم.

## مفتي دوست علي سڪندري

خادم جامعه راشديه درگاهہ شريف ۽

جامع مسجد درگاهہ شريف پيرسائين پاڳارا

١١ 15 ڊسمبر 2025 مطابق ٢٣ جمادي الاخريٰ ١٤٤٧ هہ

# سوانح حيات ۽ خدمات

## شيخ الحديث والتفسير، استاذ الاساتذه، مفتي اعظم حضرت علامه مفتي محمد رحيم سڪندري رحمۃ اللہ علیہ

حافظ عبدالقيوم مهر سڪندري

ربّ ڪريم، ڪين صورت ۽ سيرت،آواز ۽ انداز،تحرير ۽ تقرير، تدريس ۽ تعليم، شوق ۽ ذوق، ظاهر ۽ باطن، علم ۽ عمل، زهد ۽ تقويٰ جا سمورا حسن ۽ رعنائيون بخشيون هيون. ايڏا حُسنَ مٿان وري طبيعت ۾ نزاڪت ۽ نفاست اهڙي جو ملڻ ۽ ڏسڻ واروسندس باوقار شخصيت جي سحر ۾ جڪڙجي ويندو هو.

سمورا حسن ساڻ ڪري، سفيد لباس ۽ دستار سان جڏهن ڪنهن علمي مَسند تي براجمان ٿيندا هئا تہ ڏسڻ وارو ائين پيو محسوس ڪندو تہ قرون اوليٰ جي ڪنهن محدث سڳوري جي چوڌاري حديث جا طالب سماعت ۽ درس لاءِ همہ تن متوجہ هجن يا وري ڪنهن صوفي بزرگ جي حلقي ۾ مبتدي ۽ منتهي، سلوڪ جون منزلون طئي ڪرڻ لاءِ تزڪيي ۽ تصفيي جا سبق پڇائي رهيا هجن.

سلف صالحين متعلق جيڪي حقيقتون ۽ واقعا اسان ڪتابن ۾ پڙهيا يا ٻڌا،ذهن جي ڪينواس تي چانيل اهي ڏنڌلا تصور ۽ منظر، ڪين ڏسڻ بعد چٽا ۽ پڌرا نظر آيا.

خشيت الٰهي، عشقِ رسول ۽ فنا في الشيخ واري سهڻين صفتن سان مسجع ۽ مرقع سندن شخصيت ڏسڻ ۽ ملڻ وارن لاءِ هميشہ اُتساه بخشيندڙ رهي، ڪانئن علمي اڪتساب ڪرڻ وارا سندن شفقتن ۽ مهربانين جا هميشہ معترف ۽ متشڪر رهيا.

نفاست، نزاڪت ۽ حسناڪين جا اهي سمـــورا رنگ ۽ رعنائيون آخري

دم تائين رهيا. سندن شخصيت جا اهي پهلو بہ حضرت مرشد ڪريم ڇٽ ڌڻي بادشاهہ جن جي دم سان هئا، جو پاڻ ”پنهنجي مفتي“ کي هميشہ سهڻو ۽ ممتاز ڏسڻ ٿي چاهيو.

اهڙين سهڻين وصفن سان سينگاريل شخصيت کي دنيا ، بقية السلف الصالح، شيخ التفسيرو الحديث،جامع المعقول والمنقول، محقق و مصنف،فقيہ العصر، علامة الدهر، صاحب ورع و تقويٰ، قائم الليل، محبِ قرآن و درود، عاشق رسول ﷺ ،فنا في الشيخ،استاذ الاساتذه،حضرت علامہ مفتي محمد رحيم سڪندري عليہ الرحمة جي سهڻن لقبن/ لفظن سان ياد ڪري ٿي.

سندن سوانح ۽ خدمتن جي مختلف گوشن کي نروار ڪرڻ لاءِ، جامع مسجد درگاهہ شريف جي خطيب ۽ امام، جامعہ راشديہ جي مهتمم، مشفق و مهربان، سائين حضرت علامہ مفتي دوست علي سڪندري صاحب جن طرفان کين خراج عقيدت و تحسين پيش ڪرڻ لاءِ هن ڪتاب جي اشاعت ٿي رهي آهي. هن ڪتاب ۾ جتي وڏن وڏن عالمن، سندن ويجهن شاگردن ۽ بزرگن جا مضمون ۽ تاثرات شامل آهن،اتي مون جهڙي ادنيٰ طالب علم جو هي حصو بہ شامل هوندو. ڇو تہ مون اڀوجهہ ۽ اجهل سان بہ سندن لازوال شفقتون ۽ عنايتون رهيون آهن.

١٩٩٨ کان ٢٠٠٥ تائين طالبعلمي جو دور ۽ پوءِ تائين ساٿن جڙيل ساروڻين جا ڪي ئي باب آهن. مگر هن ڪتاب ۾ ڪافي دوستن پنهنجون ساروڻيون قلمبند ڪيون آهن،ان ڪري مون مناسب ۽ ضروري سمجهيو تہ سندن سوانح حيات جي حوالي سان ڪي ضروري ڳالهيون پيش ڪيان.

**ولادت:**

حضرت شيخ الحديث سائين عليہ الرحمه جو والد جو نالو محمد چانڊ ڪوسو ولد محمد وزير ولد بلوچو هو. پاڻ ٣ جنوري ١٩٤١ع مطابق ٥ ذوالحج ١٣٥٩ هجري بروز جمعو، ڳوٺ قادرپور ٻيلو (نزد سکر) ۾ ڄاوا. بعد ۾ درياهہ جي وهڪرن سبب سندن خاندان لڏي ويو.

**خانداني پس منظر:**

حضرت شيخ الحديث سائين مفتي محمد رحيم سڪندري رحمة الله عليه جو تعلق ڪوسا بلوچ قبيلي جي عُمراڻي پاڙي سان آهي.

هي قبيلو مڪران جي حاڪم (٦٥٠ کان ٧٣٠ ع) ، مير جلال خان جي فرزند هوت بلوچ جي اولاد مان آهي.

هوت بلوچ جا ٽي پٽ هئا: انهن مان عبدو نالي واري فرزند مان ٽي پٽ ٿيا. جنهن جا نالا مير ڪوسغ، پنهون (سسئي وارو) ۽ مير عالي هئا.

مير ڪوسغ جي پيڙهي مان اڳتي هلي عمر، بليل، جيا ۽ حمل ٿيا. سائين مفتي صاحب جن ان عمر جي پيڙهي مان آهن. جنهن ڪري عمراڻي ڪوسا سڏجن ٿا.

اهو سلسلو عمر کان اڳتي هن ريت آهي:

عمر پٽ بڊا خان پٽ ديگي خان پٽ سمو خان پٽ حاجي خان پٽ ڪوسغ پٽ عبدو پٽ هوت پٽ جلال خان حاڪمِ مڪران.

عمر جي باقي پائرن مان پيا پاڙا ٿيا جيڪي بليلاڻي، جياڻي ۽ حملاڻي مشهور آهن.

سائين مفتي صاحب عليه الرحمہ جي وڏن مان پڙ ڏاڏي وارا قادرپور ڀيلو سکر اچي رهيا. (جيڪو سندن پڙڏاڏي بلوچي جي پاءُ قادر بخش جي نالي سان آهي) حضرت سائين مفتي صاحب جن جي والده جي بقول سندس وڏا سرائيڪي ڳالهائيندا هئا. ان ڪري اهو گمان ڪري سگهجي ٿو تہ سندن وڏا پنجاب مان هتي آيا.

سائين جن جا پائر ۽ پينرون سڀ هتي ڄاوا. سائين مفتي صاحب جامعہ ۾ آيو. ان کان اڳ (غالبا ١٩٤٦ ڌاري) سندن خاندان ڳوٺ ولي محمد ڪوسو، ڳڙهي سرڪي، دوڙ ڏانهن هجرت ڪري آيو.

**ابتدائي تعليم :**

پاڻ قرآن پاڪ جي ناظره تعليم پنهنجي مامي فقير محمد ڪوسو کان حاصل ڪئي. فطري ذهانت ۽ غيرمعمولي يادگيريءَ سبب، پاڻ روزانو استاد جي پڙهايل سبق کان اڳتي پڙهي ايندا هئا. جڏهن تہ اجا حافظ قرآن نہ هئا، پر

تراويح ۾ امام ڪي جتي پُل ٿيندي، اُتي لقمون ڏيندا هئا.

**جامعہ راشديہ سان وابستگي:**

سن ١٩٥٢ع ۾سندن والده ماجده (جن جو شمار صالحہ ۽ تهجد گذار عورتن ۾ ٿيندو هو) جي خواهش تي نور محمد ڪوسو (جنهن سان سائين مفتي صاحب عليه الرحمہ جي والده جو محمد ڄام جي وفات بعد نڪاح ٿيو هو) ڪين اسلامي علوم جي مرڪز جامعه راشديہ درگاهہ شريف ۾ داخل ڪرايو.

سائين مفتي صاحب جي خاندان مان سندس سهرو مولوي قادر بخش (جنهن جو وڏو قادر بخش ، سائين مفتي صاحب عليه الرحمہ جي پڙڏاڏي بلوچي جو ڀاءُ هو) جيڪو حڪيم پڻ هو ۽ مولانا غلام نبي ڪوسو (عمراڻي) جي وڏن مان مولانا عبداللطيف ڪوسو بہ عالم هئا.

جامعه ۾ پاڻ پنهنجي فطري ذوق، محنت ۽ سچائي سان تعليم ۾ نمايان ٿيا، ۽ ١٩٦١ع ۾ فراغت حاصل ڪئي. اُن ٽئين بيچ جا شاگرد هئا، جيڪي جامعه راشديہ مان درس نظامي مڪمل ڪري فاضل بڻيا.

سائين مفتي صاحب عليه الرحمہ جن پاڻ ٻڌايو تہ ١٩٦٠ ڌاري امتحان بہ امتحان هئا، ڪاپي ڪلچر جو رواج گهٽ پوءِ پيو. مون عربي جي امتحانن لاءِ تمام گهڻي محنت ڪئي، ايستائين جو صرف ، نحو تہ پنهنجي جڳهہ پر فقه ۽ منطق جا بہ ڪتابن جو بہ گهڻو حصو ياد هوندو هو.

سندن محنت ، لگن ۽ پڙهائي سان دلچسپي سبب سمورا استاد ڪانئن راضي هئا، استادن جي رضامندي وارو سلسلو تاحيات رهيو. جتي بہ رهيا، استاد صاحبان خط و ڪتابت ۽ روبرو بہ وٽن تشريف آڻي ، پنهنجي شاگرد کي شرف بخشيندا هئا. اهو ئي سبب هو جو سائين مفتي صاحب سڄي زندگي پنهنجي استادن جي مزارن تي وڃي حاضري ڀريندو رهيو.

درس نظامي ۾ رائج تمام فنون تي ڪين دسترس هئي، پوءِ جيڪي امتحان ڏنائون انهن ۾ نمايان پوزيشن ۾ رهيا. ديني علوم سان گڏ عصري علوم کان بہ ڪين وڏي واقفيت هئي.

١٩٦٠ع: سنڌ يونيورسٽي مان فاضلِ عربي اول پوزيشن ۾پاس ڪيو.

١٩٨٤ع: تنظيم المدارس اهل سنت مان شهادة العالمية حاصل ڪئي.

۲۰۰۲ع: بغداد يونيورسٽي، عراق مان عربي ريفريشر ڪورس مڪمل ڪيو.
**اساتذه ڪرام :** سندن علمي پرورش سنڌ جي نامور عالمن جي صحبت ۾ ٿي، جن ۾ هي بزرگ شامل آهن:
مفتي اعظمِ پاڪستان حضرت علامہ مفتي محمد صاحبداد خان نوراللہ مرقده
حضرت علامہ مولانا محمد صالح مهر عليہ الرحمه
حضرت علامہ مفتي تقدس علي خان بريلوي عليہ الرحمه
حضرت علامہ سيد حسين امام اختر عليہ الرحمه
علامہ ڪريم بخش دايو عليہ الرحمه
علامہ عبدالصمد ميتلو عليہ الرحمه
علامہ مخدوم امير احمد عليہ الرحمه (جن کان فتويٰ جو مروج طريقو سکيا)
**قرآن مجيد جو حفظ:** جڏهن پاڻ نوابشاهہ ۾ جامع مسجد علامہ محمد هاشم انصاري جا خطيب هئا، تڏهن هڪ بدعقيده حافظ کي تراويح لاءِ آڻڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. پاڻ ان کي هٽائي ۽ فقط ستاويهن ڏينهن ۾ مڪمل قرآن مجيد ياد ڪري، پنهنجي امامت ۾ تراويح پڙهائي. (جنهن جو تفصيل مولانا محمد آدم چاچڙ واري مضمون ۾ آهي)
**سلسلہ اساتذه :** سندن علمي سلسلو مرشد مربي امام العارفين حضرت پير سيد محمد راشد روزي ڌڻي قدس سره جي استادن تائين پهچي ٿو. سندن علمي سند جي زنجير ۾:
مولانا محمد صالح مهر
مفتي محمد صاحبداد خان جمالي
علامہ مفتي محمد قاسم ڳڙهي ياسيني
مولانا محمد يعقوب
علامه عبدالحليم ڪنڌوي
علامہ محمد عاقل شاهہ هالائي (حضرت پيرسائين روضي ڌڻي جو ساٿي)
مخدوم محمد آريجوي (حضرت پيرسائين روضي ڌڻي رضي الله عنه جو استاد)
اتان کان اڳتي علامہ عبدالحڪيم سيالڪوٽي
۽ آخر ۾ علامہ سعدالدين تفتازاني عليهم الرحمة شامل آهن.

ٻئي طرف علامہ مفتي تقدس علي خان بريلوي عليہ الرحمه جي ذريعي فقط هڪ واسطي سان اعلىٰ حضرت امام احمد رضا خان فاضل بريلوي تائين وڃي ٿو.

**درس و تدريس ۽ خطابت:** فراغت کان پوءِ ١٩٧٦ع تائين پاڻ سنڌ جي مختلف شهرن ۾ تدريس ۽ خطابت جا فريضہ سرانجام ڏنا.

نوابشاهہ ۽ شهدادپور جي جامع مسجدن ۾ خطيب رهيا، اورينٽل ڪاليج حيدرآباد ۾ ليڪچرر جي حيثيت سان ڪم ڪيو، دارالعلوم قادريہ شهدادپور ۽ مدرسہ صبغت الفيض سومر فقير هنگورو ۾ صدر مدرس طور خدمتون انجام ڏنيون.

**جامعہ راشديہ جا مهتمم :** سن ١٩٧٦ع ۾ حضرت پير سائين شاه مردان شاه ثاني (ڇٽ ڌڻي بادشاهہ) عليہ الرحمه جي حڪم سان ڪين جامعه راشديہ جو مهتمم مقرر ڪيو ويو، جتي پاڻ ٤٥ سال تائين علمي ۽ اداري خدمتون سرانجام ڏنيون. جامعه ۾ درس و تدريس، تصنيف و تاليف، **جمعيت علماءِ سڪندريه** جي قيام، برانچن جي توسيع سميت تمام گھڻو ڪم ٿيو.

**خاص ڪري سندن دور ۾:**

جامعه جو الحاق تنظيم المدارس سان ٿيو

شاهہ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور کان جامعه جي سند کي پهرين بي.اي ۽ پوءِ ايم.اي جي برابري حاصل ٿي

امتحاني بورڊ جو قيام عمل ۾ آيو

عمارتن، ڪلاس روم ۽ هاسٽلن ۾ اضافو ٿيو

۽ جامعه جي شاخون مختلف شهرن ۾ کوليون ويون.

**تدريس جو انداز:** سندن درسِ حديث نهايت ادب، نورانيت ۽ محبت سان ڀريل هوندو هو. سبق مسجد جي صحن ۾ روضي شريف جي ڇانو ۾ ٿيندو هو. شاگردن کي دو زانو ويهڻ ۽ عطر لڳائڻ جو ادب سيکاريندا هئا. حديث جي پڙهائي وقت سندن آواز ۽ انداز ۾ سڪون، خشوع ۽ حضور جي محبت جي خوشبو محسوس ٿيندي هئي.

**شاگرد:** سائين مفتي صاحب عليه الرحمہ جي شاگردن جو تعداد هزارن ۾ آهي،

جيڪي وڏا محقق، اديب، مفتي، عالم، اسڪالر، قاري، حافظ ۽ وڏن عهدن تي براجمان آهي.هر شاگرد سندن شفقت ۽ مهرباني جا ڳڻ ڳائيندڙ.

الله ڪريم ڪين اهو ملڪو ڏنو هو، جو شاگردن جي نفسيات کي سمجهندا هئا. هر شاگرد جي ذهني وسعت ۽ دلچسپي کي پرکي ويندا هئا. ان ڪري ڪيترن ئي شاگردن سان مختلف حوالن سان رابطو رهيو. حافظن ۽ قارين ، عالمن ۽ اديبن، محققن ۽ مصنفن ، آفيسرن ۽ بزنس مين شاگردن جي متعلقه شعبي ۾ رهنمائي ۽ همت افزائي ڪرڻ. ڪين اعليٰ تعليم لاءِ ترغيب ڏيارڻ ۽ ان لاءِ پاڻ ڪوششون ڪرڻ. ايستائين جو انهن جي ادارن جي قيام ۽ روزگار توڙي معاشري ۾ پيش ايندڙ تمام مسئلن جي حل لاءِ تمام گهڻو ڪوشان رهندا هئا.

ڪيترن ئي شاگردن کي سنڌ ۽ ملڪ کان ٻاهر پڙهائي لاءِ موڪلڻ ۽ ان لاءِ سمورن لوازمات جي پورائي لاءِ ڀرپور ڪوششون آهن. پاڻ ذهين فطين شاگردن جي حوصله افزائي ڪندا هئا، ان جا ڪيترائي مثال آهن .هن ڪتاب ۾ شامل ڪيترن ئي شاگردن مٿن ٿيل مهربانين جو ذڪر ڪيو آهي.

**بيعت ۽ خلافت** : مجمع الفيوضات ۽ خزانة المعرفت جو مطالعو ڪندي، اها ڳالهه معلوم ٿي تہ ڪوسا قبيلي جا فرد امام العارفين حضرت پيرسائين روضي ڌڻي قدس سره جي وقت ۾ سندن حلقهءِ ارادت ۾ داخل ٿيا.

جيئن خليفي محمود فقير نظاماڻي بيان ڪيو تہ،

”هڪ دفعي آئون درگاهه مبارڪ تي ويس ٿي تہ منهنجي پيءُ مون سان ٻہ ماڻهو گڏي ڏنا تہ مون کي درگاهه مبارڪ تان سنت واپس وٺي اچن. هڪ انهن مان ڪوسو فقير رستڪ نالي ۽ ٻيو پرچيڏنو هاليپوٽو هيو. وات ۾ ڪوسو فقير ارادتمند ٿي ويو.

جڏهن پيرسائين جن جي خدمت اقدس ۾ حاضر ٿياسين ، تڏهن عرض ڪيائين تہ حضرتا! آئون بڪايل آهيان ، مون کي ڏؤ ڪرايو.

پاڻ ڪيس طريقي عاليه ۾ داخل فرمايائون. پوءِ هي اهڙو صاحب حال بڻجي ويو، جو ان جو مثال ورلي ليندو. ”

توڙي جو اهو رستڪ فقير ڪوسو لاڙ جو هو. پر سندس اهو عمل پوري قبيلي لاءِ برڪت پريو آهي.

۽ خزانة المعرفت ۾ محراب فقير ڪوسو جا روايت ڪيل ۱۰ نقل آهن.

انهن نقلن جي مضمون مان لڳي ٿو ته محراب فقير ڪوسو مرشد ڪريم جي صحبت ۾ گهڻو رهندو هو. جو درگاهه مبارڪ ۽ سفر جا واقعات بيان ڪري ٿو. جيئن لاڙڪاڻي ۽ ناري جي سفر ۽ درگاهه مبارڪ تي ماڻهن جي آمد جو احوال بيان ڪيو اٿائين.

ائين سائين مفتي صاحب جن جي خاندان ڪهڙي پيرسائين پاڳاري جي هٿ تي بيعت ڪئي، ان بابت حتمي ڪجهه نٿو چئي سگهجي.

تنهن هوندي به سندن خاندان وڏي عرصي کان درگاهه راشديه پير جو ڳوٺ سان منسلڪ رهيو آهي. جيئن ڪين جامعه راشديه ۾ داخلا لاءِ وٺي ايندڙ فقير نور محمد ڪوسو به شعبان مهيني ۾ چونڪي ڏيڻ جي سلسلي ۾ آيو هو. پاڻ به ننڍپڻ ۾ حضرت پير سائين شاه مردان شاه ثاني عليہ الرحمه جي دستِ بيعت ٿيا ۽ ۵ جنوري ۱۹۹۵ ع تي خليفه مقرر ٿيا.

تقريباً پنجويهه سال تائين ”چونڪي پار“ (شڪارپور، جيڪب آباد، لاڙڪاڻو، بلوچستان) جا مُک رهيا. سندن دور خلافت ۾ حضرت پيرسائين چِٽ ڏٽي جي دعوت پڻ ٿي.

حضرت پيرسائين سيد شاهه مردان شاهه قدس سره جن مٿس وڏا مهربان هئا. ڪين ”منهنجو مفتي“ ڪري سڏيندا هئا. زيارت وقت وڏيون شفقتون ۽ مهربانيون فرمائيندا هئا. ان حوالي سان ڪيترن ئي دوستن تفصيل سان لکيو آهي.

جيئن استاد سائين مفتي محمد اسماعيل بيان ڪن ٿا:

”مفتي صاحب عليه الرحمہ ٻڌايو ته هڪ پيري سنو لباس ۽ ان سان گڏ خوبصورت واسڪٽ به پاتي هيم جڏهن زيارت لاءِ سندن خدمت ۾ حاضر ٿيس پاڻ پنهنجي گهڻو قريب

ڪري فرمايائون مفتي صاحب! اڄ ڏاڍو سهڻو ٿو لڳين. هونئن به قبلا حضرت پيرسائين ڇٽ ڌڻي قدس سره جن ڪانئن ڏاڍا راضي هوندا هئا. هڪ ڀيري جڏهن اسان پڙهندا هئاسين ته راشدي سيد جي تعزيت تي پاڻ ڪوٽ ديڻل شاھ آيا هئا ۽ اتان پوءِ سڌو مدرسي ۾ تشريف آندائون ڪلاس مان لنگهڻ وقت موجود استاد درويش رضا محمد کي فرمايائون استاد صاحب مون کي اجازت آهي. سڀ اٿي بيٺا پاڻ ڪلاس مان ٻئي طرف آيا سموري مدرسي جي وزٽ فرمايائون . موڪلائڻ وقت مفتي صاحب کي ڀاڪر ۾ وجهي سندس پيشانيءَ تي وڏي محبت ۽ پيار سان چمي ڏنائون.

هڪ ڀيري عيد تي جماعت سڳوريءَ کي ديدار بخشڻ جيئن مٿي بنگلي شريف تي جلوه افروز ٿيا ته سندن پهريان لفظ السلام عليڪم ڪان بعد هئا مفتي صاحب ۽ منهنجي طرفان توهان کي عيد مبارڪ. درگاھ شريف تي جڏهن عيد جي موقعي تي يا ان ڪان سواءِ تشريف آڻين ته خلفاء حضرات سندن استقبال ۽ قدمبوسي لاءِ در قطار بيٺل هوندا هئا ته ڊرائيور کي حڪم هوندو هو ته جتي مفتي صاحب بيٺل آهي گاڏي اتي هلي بيهاري.

هڪ دفعي ڪراچي واري بنگلي تي ڪنگري هائوس مفتي صاحب زيارت لاءِ حاضر ٿيا پاڻ "ريس ڪورس" ڪان واپس جيئن آيا ته مفتي صاحب کي عام گيٽ تي بيٺل ڏسي، پنهنجي خاص گيٽ کي ڇڏي گاڏي ان طرف موڙي جڏهن لهڻ فرمايائون ته مفتي صاحب کي ڀاڪر پائي فرمايائون اسان فقط توهان جي ڪري گاڏي هيڏانهن ڦيرائي آياسين."

موجوده پيرسائين سردار دامت برڪاتهم العاليه جن به مٿن شفيق رهيا.

٢٠١٨ سائين مفتي صاحب جن ڪراچي اسپتال ۾ فزيو ٿراپي ٿي رهي هئي ته حافظ رحيم ڏنو مهيسر فون ڪري پڇيو ته حضرت پيرسائين بادشاھ جن

مفتي صاحب جي طبيعت جو پڇڻ پيا. اسپتال کان بعد جڏهن پيرسائين بادشاه جي قدم بوسي لاءِ حاضر ٿيا تہ پاڻ ، سائين مفتي صاحب جن کي مٿي ويهڻ لاءِ زور ڀريو تہ سائين مفتي صاحب جن عرض ڪيو : قبلا! ٽيپهري تي روزو نہ ٽوڙايو ۽ هيٺ ويهي رهيا.

سن ٢٠٢٠ع ۾ خلافت جي ذميواري سندن فرزند محترم حاجي محمد اڪرام ڪوسو صاحب کي منتقل ٿي.

**تصنيف ۽ تحرير:** سائين مفتي صاحب عليه الرحمہ جن جامعه جي ”مسند اهتمام“ تي فائز ٿيا. ان وقت ملفوظات شريف (مجمع الفيوضات) جا ڪجھ باب ترجمو ٿي چڪا هئا. (استاد سائين محمد صالح مهر رحمة الله عليه جي خواهش هئي تہ سندس حياتي ۾ طبع ٿئي.) پوءِ پاڻ جمعيت علماءِ سڪندريه جي زير اهتمام ڇپرايا ۽ ٻيو جلد جناب سائين مفتي درمحمد محمد سڪندري عليه الرحمہ جن کان ترجمو ڪرايو ڇپرايو.

سندن ڪوشش هئي تہ درگاه شريف جي سموري لٽريچر کي منظر عام تي آندو وڃي. سو الحمد لله درگاه شريف سان متعلقه سڀ ڪتاب سندن حياتي ۾ منظر عام تي آيا.

١٩٨٣ ۾ خزانة المعرفت (ملفوظات پيرسائين تجر ڌڻي رضي الله عنه) جو پاڻ ترجمو ڪيو. صحبت نامون (ملفوظات صغير) سندن ساٿي حضرت سائين مفتي عبدالرحيم سڪندري عليه الرحمہ ترجمو ڪري جامع مقدمو لکيو، مڪتوبات شريف (پيرسائين روضي ڌڻي رضي الله عنه) تي تحقيق سان ڊاڪٽر نذرحسين سڪندري پي ايچ ڊي ڪئي، پيرسائين علي گوهر شاه بنگلي ڌڻي جي شاعري کي گڏ ڪرائي، پروفيسر شيخ محمد فاضل کان جامع تحقيق ڪرايائون، ديوان مسڪين(پيرسائين حزب الله شاه تخت ڌڻي رضي الله عنه) جو ترجمو پاڻ ڪيو، شرح اسماءُ الله الحسني (پيرسائين روضي ڌڻي رضي الله عنه) ۽ خزانة الاسرار (مڪتوبات پير سائين تجر ڌڻي رضي الله عنه) جو استاد سائين مفتي محمد اسماعيل سڪندري ترجمو ڪيو، آداب المريدين حافظ محمد يوسف پنيرو ترجمو ڪيو. آخر ۾ پاڻ محقق ڊاڪٽر خضر نوشاهي کان جمع الجوامع (فارسي لغت:پيرسائين روضي ڌڻي رضي الله عنه) جي تدوين ۽ تحقيق ڪرائي،مجمع

الفيوضات جي پهرين جلد جو اردو ترجمو ڪرايو. ۽ اهي سڀ ڪتاب الحمدلله ڇپجي منظر عام تي آيا.

سندن ساڻي سلطان الواعظين سائين مفتي عبدالرحيم سڪندري ”**تفسير ڪوثر**“ (ايڊٽ ڪري) ڇپرايو. حضرت پيرسائين شاهه مردان شاهه ڪوٽ ڏڏي رضي الله عنه جا ڇپرايل ڪتاب ”تحفة المرشدين“ نئين سر ڇپيا.

ان سان گڏ اوائل ۾ سڪندري عالمن سان گڏ امام العارفين حضرت پيرسائين روضي ڌڻي رضي الله عنه جي ياد ۾ سه ماهي ”الراشد“ جاري ڪيو. جيڪو اڳتي هلي ١٩٩٦ ۾ ماهوار ”الراشد“ ٿيو. جيڪو ٣٠ سالن کان تواتر سان ڇپجي پيو. هن وقت تائين ٣٤٣ شمارا منظر تي اچي چڪا آهن.

ڪتابن جي تحقيق، ترجمي ۽ ڇپائي لاءِ جڳ مشهور عالم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سان صلاح مشورو رهندو هو. ان ڪري ڊاڪٽر صاحب ڪيترن ئي ڪتابن جا جامع مقدما پڻ لکيا. درگاهه مبارڪ جي حوالي سان سندن اها خدمت ناقابل فراموش آهي.

وڏين ذميوارين ۽ مصروفيتن جي باوجود پاڻ تصنيف و تاليف جي ڪم سان به نڀايو.سندن تحرير ۾ پختي ۽ تسلسل ڪمال جو هو. سنڌي، اردو، فارسي ۽ عربي ٻوليءَ ۾ سندن شاهڪار تحريرون شاهد آهن.

خليفي صاحب حاجي محمد اڪرام ٻڌايو ته ڏهه يارنهن مهينا اڳ ڪتابن جي سيٽنگ ڪندي مون کي هڪ ڪاپي نظر آئي ، جنهن تي ”**بياض رحيمي**“ لکيل هو. مون کوليو ته ان جي پهرين صفحي تي حضرت پيرسائين سيد محمد بقاشاهه متعلق مضمون هو. جڏهن ڪٽي سائين مفتي صاحب جن کي پيش ڪيم ته پاڻ ڏاڍو خوش ٿيا ۽ فرمايائون هي ته مون شهدادپور واري زماني ۾ لکيو هو. گم ڪيو وينو هوس.

بخاري شريف جو شرح لکندي، جڏهن ڪتاب الوحي ۾ ورقه بن نوفل وارو واقعو آيو. ته پوءِ خدا ڄاڻي ڇا ٿيو جو پاڻ ڪافي عرصو وري نه لکي سگهيا. پوءِ مصروفيتن سبب اهو ڪم مڪمل ٿي نه سگهيو.

سندن خواهش هئي ته شيخ عبدالحق محدث دهلوي رحمة الله عليه جو لکيل ”جامع البرڪات منتخب شرح مشڪواة “ ترجمو ڪريان. ان لاءِ ڪين خبر پئي

تہ ان جو قلمي نسخو انڊيا جي ڪنهن لائبريري ۾ آهي. اتان ڪان فقير محمد صالح ڪلر، اهو قلمي نسخو ڪاپي ڪرائي مديني شريف ۾ سائين مفتي صاحب جن کي ڏنو. جنهن تي پاڻ ڏاڍا خوش ٿيا. پر اهو ڪم بہ مصروفيتن سبب التوا جو شڪار ٿي ويو. ان جو هڪ نسخو ڊاڪٽر خضر نوشاهي صاحب ڪراچي لائبريري مان هٿ ڪري وٺن ڪٽي آيو، سائين مفتي صاحب جي ترغيب تي ڊاڪٽر نوشاهي صاحب ڪم جي ابتدا ڪئي، بقايا ڪم سندس فرزند ڪري رهيا آهن.

"خلاصہ سيرت سيد البشر ﷺ" جي نالي سان ڪيترائي مضمون ماهوار "الراشد" ۾ شايع ٿيا.

هن وقت سندن ڇپيل ڪم هن ريت آهي:

**ڪنزلايمان ۽ خزائن العرفان :** (قرآن ڪريم جو سنڌي ترجمو ۽ تفسير) جو امام احمد رضا خان فاضل بريلوي رحمة الله عليه جي شاهڪار ترجمي ۽ مولانا نعيم الدين مراد آبادي رحمة الله عليه جي تفسير جو سنڌي ترجمو، جيڪو ضياءالقرآن لاهور مان ١٩٩٢ع ۾ شايع ٿيو.

خزائن العرفان تفسير مختصر هو، پر سائين مفتي صاحب جن پنهنجي طرفان ان ۾ گهڻو تفصيل شامل ڪيو، پر مولانا نعيم الدين مراد آبادي جي وڏي نالي سبب ان جو نالو ڪٽڻ مناسب نہ سمجهيائون. حقيقت ۾ اهو تفسير سندن ئي محنت آهي.

**الزبدة العمدة** (شرح قصيده برده) تي مقدمو: امام بوصيري جي مشهوره قصيده برده جي شرح لاءِ ٣٢ صفحن جو علمي مقدمو.

**حزب الاعظم جو سنڌي ترجمو :** جنهن سان گڏ حاشيي ۾ "دلائل الخيرات"بہ شامل ڪيو. دلائل الخيرات حاشيي تي لڳائڻ جو سبب اهو هو تہ حج ۽ عمري تي ڪٽي وڃڻ ۾ آساني ٿئي، اتان جي گورنمنٽ ضبط نہ ڪري.

**جمع الجوامع :** امام العارفين حضرت پيرسائين روضي ڌڻي رضي الله عنه جي عظيم فارسي لغت کي پاڻ ڊاڪٽر خضر نوشاهي جي تحقيق ۽ تدوين ( جنهن ۾ جامعه جا استاد ۽ سڪندري عالم شريڪ رهيا) سان ٤ جلدن ۾ شايع ڪرايو.

**مجمع الفيوضات (اردو) :** نوجوان اسڪالر سيد صبغت الله سهروردي جو ترجمو

۽ اشاعت (جلد پهريون)
**مخزن فيضان:** ابوالحسان حڪيم محمد رمضان قادري ملفوظات مان منتخب نقلن جي اردو ورزن جي اشاعت
**خزانة المعرفة:** پير صبغت الله شاهه اول تجر ڌڻي عليہ الرحمه جي ملفوظات جو آسان سنڌي ترجمو.
**اصغر سائين جو ڪلام:** حضرت پيرسائين علي گوهر شاهه بنگلي ڌڻي جي شاعري ڪي گڏ ڪرائي، وري پروفيسر شيخ محمد فاضل جي تحقيق سان شايع ڪرايائون.
**ديوان مسڪين** :پير سائين تخت ڌڻي جو فارسي ڪلام سنڌي ترجمي سان.
**امام انقلاب:** امام انقلاب حضرت پيرسائين سورهيه بادشاهه متعلق مختلف مضمون (تقريبا ١٩٨٥)
**رحمت ۽ برڪت جو پيغام:** حضرت پيرسائين سيد شاهه مردان شاهه ڇٽ ڌڻي جي خطابن جو مجموعو.(مرتب: فقير ميرمحمد ڪانهر)
**عظيم شخصيت عظيم ڪردار:** حضرت پيرسائين ڇٽ ڌڻي متعلق مختلف مضمون ١٩٩٩ع، ( مرتب: حافظ عبدالقيوم مهر سڪندري)
**جامعه راشديه جا پنجاهه سال:** مادر علمي جامعه راشديه جي گولڊن جوبلي (پنجاهه سال) جي موقعي تي جامعه جي تاريخ تي مشتمل ڪتاب، جنهن ڪم ۾ پاڻ استاد مولانا محمد عيسيٰ سومرو، استاد مولانا محمد حسن راجپوت ۽ راقم (حافظ عبدالقيوم مهر) ڪي ساڻ رکيو.
**الراشد (ڇٽ ڌڻي نمبر) :** حضرت پيرسائين شاهه مردان شاهه جي وصال بعد لکيل مختلف مضمون. (جنهن ۾ معاون طور راقم رهيو.)

پنهنجي استادن مان استاد سائين مولانا محمد صالح مهر جن جي سوانح تي ڪتاب ”**مرد صالح**“ ، استاد سائين مفتي صاحبداد خان جمالي جي ڪتاب ”**البلاغ المبين**“ جي اشاعت ۾ سندن رهنمائي ۽ ترغيب رهي.

ان ڪان علاوه ڪيترائي مضمون، مقدمات، مقالا ۽ فتاویٰ ”الراشد“، ”الهديٰ“ ۽ ٻين رسالن ۾ شايع ٿيا.

تصنيفي ڪمن ۾ پاڻ پنهنجي شاگردن ۽ سڪندري عالمن ڪي گڏ

رکندا هئا. جنهن ڪري ڪيترائي سڪندري تصنيف و تاليف جي ڪمن ۾ اڳڀرا رهيا.

**فتویٰ نويسي :** فنِ افتاء ۾ پاڻ پنهنجي استاد مفتي محمد صاحبداد خان جمالي کان تربيت ورتي ۽ هزارين فتاوىٰ جاري ڪيا. خاص طور ميراث ۽ عبادات سان لاڳاپيل مسئلن ۾ . ميراث جي حوالي سان وٽن مروج طريقو پاڻ حيدرآباد ۾ رهڻ دوران مخدوم امير احمد کان سکيو. پاڻ ڪيترن ئي شاگردن کي فتاويٰ جي تربيت ڏني.

**ڪتابن سان عشق:** سائين مفتي صاحب جن جي ڪتاب دوستي بہ ضرب المثل هئي. پاڻ نہ فقط جامعه جي لائبريري کي وڌايو، ان ۾ مختلف قلمي نسخن جو واڌارو ڪيو. پر پنهنجي ذاتي لائبريري بہ قائم ڪئي. پروفيسر اسرار احمد علوي صاحب جي ترغيب تي پاڻ ڪيترائي ڪتاب خريد ڪيا. ذاتي ڪتبخانن ۾ سنڌ جي وڏين لائبريرين مان هڪ هئي.

لاهور، ڪراچي، دبئي، مڪي مڪرمه ۽ مديني منوره مان پاڻ ڪيترائي ڪتاب خريد ڪيا. تاريخ دمشق جي خريداري جي حوالي سان هڪ واقعو مفتي فيض محمد صاحب لکيو آهي. (تفصيل اتي پڙهندا) .

١٩٩٥ ۾ اهو ڪتاب آيو، قيمت گهڻي هئي، سائين مفتي صاحب جن ٥٠ هزار ۾ ورتي آيا. ان جي خريداري جو هڪڙو اهم ڪارڻ اهو هو جو خليفي محمد اڪرام صاحب ٻڌايو تہ، سائين مفتي صاحب جن فرمايو: پاڻ ڪريمن ﷺ جن زيارت ٿئي ۽ فرمائين تہ ڪتاب ڏنئي پر ورتئي ڪونہ.. ان ڪري هيڏي ڳري قيمت پيري بہ خريد ڪيان ٿو.

سندن لائبريري ۾ ڪتابن جي گهڻي ڪليڪشن تفسير ۽ سيرت پاڪ جي ڪتابن جي آهي. هن ڪتاب ۾ شامل مختلف عالمن جي مضمونن مان ان جي تفصيلي ڄاڻ ملي ٿي.

روزمره جي حالات لاءِ "جنگ" اخبار جو مطالعو ڪندا هئا. خاص ڪري اداريو ۽ ان ۾ شامل مضمون. راقم سندن حڪم تي "جنگ" اخبار جا ڪيترائي مضمون ماهوار "الراشد" لاءِ ترجمو ڪيا. جنگ جي ڪالم نگارن مان اوريا مقبول جان جا ڪالم شوق سان پڙهندا هئا. ڪراچي ۾ سندن مزاج

پرسيءَ لاءِ حاضر ٿيس تہ ”حرف راز“ جي سري هيٺ شايع ٿيل اوريا صاحب جي تمام مضمونن تي مشتمل متعدد جلدي ڪتاب بابت حال احوال ڪيائون. جيڪو تازو ڇپيو هو، وٽن موجود هو.

جن ڪتابن مان پاڻ گهڻو متاثر هئا: انهن مان قرآن ڪريم سان تہ سندن عشق هو. باقي حديث پاڪ جي ”امهات الڪتب“ ۽ شروحات حديث ۾ حافظ ابن حجر، حافظ ابن رجب حنبلي، علامه ابن همام (حنفي) علامه ابن امير حاج (حنفي) ۽ شيخ عبدالحق محدث دهلوي جي تصنيفات سان ڪين دلي لڳاءَ هو. مڪتوبات ۾ امام رباني، حضرت روضي ڌڻي، حضرت پيرسائين پٽ ڌڻي، تمام سجاده نشين بزرگن جي علم و فضل، علم ۽ عالمن جي قدرداني ۽ سرپرستي، سخاوت ۽ فياضي، احياءَ دين ، بدعتن جي پاڙ پٽڻ، سنتن کي عام ڪرڻ، خاص ڪري پيرسائين ڇٽ ڌڻي جي جامعه راشديه سان محبت ۽ شوق ، درگذر،معافي واري روايتن ۽ ملفوظات شريف تمام گهڻو متاثر ڪيو.

تصوف، معقولات ۽ وعظ ۾ علامه شمسي، پنهنجي سيني استادن، علامه عبدالعزيز ميمني ۽ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ کان.

**خطبات ۽ درس:** الله ڪريم ڪين هر سهڻي ڏات سان نوازيو هو. سندن خطبا مختصر ۽ پر اثر هئا. جمعي يا عيدين جي خطبي کان اڳ باقاعده متعلقه ڪتابن کي ڏسندا هئا. عيدين ۾ سندن ڪيل خطبا يادگار هئا. مون ١٩٩٧ ۾ سندن عيدالفطر تي ڏنل خطبو، جيڪو پوءِ ”الراشد“ ۾ ”الدين النصيحة“ جي نالي سان شايع ٿيو، پڙهيو اڄان تائين ان جي سحر ۾ ورتل آهي. اهو ان ڪري جو اڪثر حضرت پيرسائين ڇٽ ڌڻي بادشاهه پڻ پنهنجي خطاب ۾ سائين جي خطبي جا ڪجهه حصا شامل ڪندا هئا. جماعت جي پروگرامن ۾ سندن پر اثر خطبا ، ڪوزي ۾ سمنڊ جيان هئا.

ان کان سواءِ ريڊيو پاڪستان خيرپور تي نشرياتي تقريرون ، جنهن پروگرام جو پروڊيوسر شوڪت خاصخيلي ۽ ميزبان محمد ملوڪ ڪوسو هوندا هئا. هڪ پروگرام تي هي راقم پڻ گڏ هو. ان ڏينهن پاڻ ٽي تقريرون ريڪارڊ ڪرايون. هڪ تقرير حضرت عبدالله بن مبارڪ ۽ ٻيڙي متعلق هئي، جيڪا هر سوال جو جواب قرآني آيت سان پئي ڏئي.

پاڪستان ٽيلي ويزن تي ”صراط مستقيم“ (اردو) پروگرام ۾ مفتي منيب الرحمان سان گڏ هوندا هئا. جنهن جو ميزبان حسنين ڪاظمي هوندو هو. ۽ ”صراط مستقيم“ (سنڌي پروگرام) ۾ ميزبان حافظ ارشد انيڙ ۽ پروڊيوسر اعجاز عليم عقيلي صاحب هوندو هو.

هوندن تہ پاڻ سچي زندگي قال الله و قال الرسول ﷺ جو درس ڏيندي گذاري، پر ستاويهہ رجب جي موقعي تي ملڪ جي ممتاز عالمن جي موجودگي ۾ فارغ التحصيل عالمن کي درس ڏيڻ مهل سندن انداز پر وقار، بارعب ۽ نرالو هوندو هو.

تصور ماضي بعيد ڏانهن هليو ويندو هو، جتي وقت جا وڏا محدث پنهنجي شاگردن کي حديث جو درس ڏيئي رهيا هجن. ساڳئي جهلڪ ساڳيو ئي نمونو. عام تہ عام، پر عالم سڳورا ”Pin drop silence“ همه تن ۽ همه گوش ٿي ڪري سندن درس کي ٻڌندا هئا. حضرت روضي ڌڻي جي چانو ۾ جامع مسجد جي مصلي تي ويهندڙ ان عظيم عالم جي چهري مبارڪ تي بہ وڏيون برڪتون ۽ رحمتون هونديون هيون. انهن ئي لمحن ۾ دستاربندي کان بعد ڪيترن ئي وڏن عالمن کان مون احقر ٻڌو جن چيو تہ هڪڙا اولياءَ الله جن جي ڇانو ۾ اسين گڏ ٿيا آهيون، روضي مبارڪ ۾ آرامي آهن ۽ ٻيو(سائين مفتي صاحب جن ڏانهن اشارو ڪندي) سندن فيض يافتہ ولي اسان جي وچ ۾ موجود آهي.

ڪيترن ئي شاگردن کي ان برڪت ڀرئي لمحي جيڪي دعائون بخشيائون، سي اڄ تائين وساري نہ سگهيا آهن.

**معمولات:** حضرت سائين مفتي صاحب جن تهجد جي نماز لاءِ اٿندا هئا، فجر جون سنتون گهر پڙهي پوءِ درگاهہ شريف جي مسجد ۾ وڃي امامت ڪرائيندا هئا. فجر بعد تلاوت، دلائل الخيرات ۽ معمول وارا وظيفا پڙهي، اشراق کان بعد مدرسي ۾ اچي درس حديث ڏيندا هئا. آخري سالن ۾ درس حديث درگاهہ مبارڪ تي ئي ڏيندا هئا. درس حديث پڙهائڻ مهل پاڻ وڏي وقار ۽ نهايت محبت ۽ عاجزي سان هوندا هئا. ان بعد مهمانن سان ملاقات، جامعہ ۽ برانچن جي ڪمن، چونڪي جي ڪمن ۾ مصروف رهندا هئا. منجهند جو قيلولو

ڪري، عصر کان بعد تلاوت قرآن سندن معمولات ۾ شامل هو. مغرب کان بعد جامعه ۾ ويهندا ۽ عشاءِ بعد ”جنگ“ اخبار ۽ ڪتابن جي مطالعي ۾ مصروف رهندا هئا .اڪثر اوقات مطالعو ڪندي ڪندي اک لڳي ويندي هئي، گهر وارا بعد ۾ اهو ڪتاب اتان کڻندا هئا. وري ٻئي ڏينهن ساڳي طرح سان معمول شروع ٿيندا هئا.

جامعه ۽ چوڪي جي ڪمن ۽ مختلف پروگرامن ۾ شرڪت لاءِ سفر جي باوجود پنهنجي عبادت ۽ وظائف واري معمولات کي جاري رکندا هئا. سفر ۾ اڪثر ڪري قرآن پاڪ جي تلاوت ۾ مشغول رهندا هئا. سندن سڄي زندگي قرآن ڪريم سان محبت ۽ نعت سان عشق ۾ گذري. هر سفر ۾ قرآن ڪريم ساڻ هوندو، ۽ نعت ٻڌڻ وقت سندن اکيون ڳوڙهن سان پرجي وينديون. دعا دوران اڪثر رقت آميزي ۽ گريو هوندو هو.

**عهدا ۽ اعزاز:** جامع مسجد درگاهه شريف جا پيش امام و خطيب، جامعه راشديه جا مهتمم، جمعيت علماءِ سڪندريه جا نگران اعليٰ، ماهوار الراشد جا چيف ايڊيٽر، تنظيم المدارس (اهلسنت) جا نائب ناظم، ميمبر روضي ڌڻي چيئر، ميمبر سينڊيڪيٽ شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور، حضرت پيرسائين پاڳارا جا خليفه ۽ چوڪي پار جا مُک.

**منفرد اعزاز:** سائين مفتي صاحب جن کي جيڪي انفرادي اعزاز نصيب ٿيا، تن ۾ قابل شمار هي آهن:

١. فقط ٢٧ ڏينهن ۾ قرآن پاڪ جو حفظ ڪرڻ ۽ تراويح ۾ ٻڌائڻ.
٢. پاڻ ٤٥ سال مسلسل ، درگاهه شريف جي جامع مسجد ۾ امامت ۽ خطابت سان گڏ جامعه راشديه ۾ مسندِ تدريس ۽ اهتمام تي فائز رهيا.
٣. حضرت پيرسائين پاڳارا جن جي مُک خليفن ۾ واحد سڪندري عالم ۽ مفتي هئا.
٤. وقت جي ٻن پير پاڳارن جو سڪندري عالم جو خليفو هئڻ.
٥. ٤٥ سالن تائين درگاهه مبارڪ تي عيدين جا خطبا ڏيڻ. جن ۾ حضرت پيرسائين ڇٽ ڌڻي ۽ پيرسائين پاڳارا دامت برڪاتہ موجود هجن.
٦. حضرت پيرسائين سيد شاهه مردان شاهه ڇٽ ڌڻي جو ٻيو نڪاح پڙهائڻ .

٧. انهن پير سائين پاڳاري جي دستار بندي وقت نظامت ۽ دستار جو پهريون ور ڏيڻ.

**همعصر عالم:** سائين مفتي صاحب جن ١٩٦١ ۾ جامعه راشديه مان فارغ ٿيا. وقت جي ڪيترن ئي وڏن عالمن ۽ بزرگن سان سندن رابطا ۽ ملاقاتون رهيون. جامعه جي اهتمام کان پوءِ ٢٧ رجب شريف جي حوالي سان ۽ درگاهه شريف جي نمائندگي طور مختلف عالمن سان خط و ڪتابت ۽ ملاقاتون رهيون. ظاهر آهي تہ اها مڪمل فهرست نٿي شامل ڪري سگهجي.

٢٧ رجب جي موقعي تي سنڌ، پنجاب ۽ بلوچستان کان ايندڙ، وڏا عالم پنهنجي خطاب ۾ سائين مفتي صاحب جن جي علمي قابليت، سهڻي اخلاق ، پرهيزگاري ۽ ديني خدمتن جي ساراهہ ڪندا هئا.

ديني ڪتابن ۽ درگاهه شريف جي لٽريچر جي تحقيق و اشاعت جن عالمن ۽ محققن سان اڪثر رابطو ۽ ملاقاتون رهيون. انهن ۾ تمام بزرگ ۽ نوجوان سڪندري عالم ۽ شاگرد اچي وڃن ٿا.

باقي ٻين ۾ سرفهرست، جناب ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ هو، جيڪو استاد سائين محمد صالح مهر جي وقت کان ئي درگاهه مبارڪ جي لٽريچر جي حوالي سان پنڌ ڪندو هو. پوءِ سائين مفتي صاحب سان بہ اهو ئي تعلق ۽ رابطو رهيو. سائين مفتي صاحب جن ڊاڪٽر صاحب کان گهڻو متاثر هئا، ڪين پنهنجو استاد ڪري ڪوٺيندا هئا، حيدرآباد يا ڪراچي ويندي "اولڊ ڪيمپس" ۾ ساڻس ملاقات ضرور ڪندا هئا. سائين مفتي صاحب، ڊاڪٽر صاحب جي استاد علامه عبدالعزيز ميمني کان بہ گهڻو متاثر هئا، جنهن کي سوين عربي قصيدا ۽ هزارين بيت ياد هوندا هئا.

درگاهه شريف جي علمي ڪم ۾ ڊاڪٽر صاحب جو مشورو ۽ ڪيترن ئي ڪتابن ۾ سندس جامع مقدما شامل آهن. موجوده لائبريري جي ڪيٽلاگ لاءِ پڻ ڊاڪٽر صاحب جون خدمتون آهن. مونکي انهن ڏينهن ۾ ١٩٩٨ ۾ بلوچ صاحب جي خدمت جو موقعو مليو. فارسي جي ابتدائي ڪتابن ۾ هوس، ڊاڪٽر صاحب "ڪريما" بيت پڙهائي ترجمو پڇيو. آخر ۾ چيائون. بلي! ننگرپارڪر جو ماڻهو ٿو فارسي پڙهي. ان بعد مون کي بهشتي ڪوهہ تان پاڻي

پيرڻ جي لاءِ موڪليائون.

ڊاڪٽر صاحب ڪي سنڌي، اردو، انگريزي سان گڏ فارسي ۽ عربي تي به مهارت حاصل هئي. گلاسڪو سٽي ۾ امام المحدثين امام بخاري ﷛ ڪانفرنس ٿي رهي هئي. سڄي دنيا جي چوٽيءَ جي عالمن ڪي ان ڪانفرنس ۾ مقالا پڙهڻ جي دعوت ڏني وئي. پاڪستان مان ڊاڪٽر بلوچ صاحب مدعو هئا. ڊاڪٽر صاحب پاڪستان ۾ پنهنجي واسطيدار سيني عالمن کي ” اطراف البخاري“ تي عربي ٻوليءَ ۾ مقالو لکڻ جي استدعا ڪئي. سائين مفتي صاحب جن به مقالو لکيو. بلوچ صاحب ڪي اهو ئي وٺيو ۽ ڪانفرنس ۾ پڙهيائين. ان عالمي ڪانفرنس ۾ بلوچ صاحب جو مقالو پهرين نمبر تي آيو، جنهن تي اعزاز ۽ شيلڊ ڏني وئي.

بلوچ صاحب واپس ايندي ئي سائين مفتي صاحب کي فون تي مبارڪ ڏني ته سائين اوهان کي مبارڪ هجي، اوهان دنيا ۾ پهريون نمبر آيا آهيو. سائين مفتي صاحب جي استفسار تي تفصيل ٻڌايائون ته توهان جي لکيل مقالي کي بغير ترميم و ترخيم جي پڙهيم ۽ سيني ۾ پهريون نمبر آيو، هي اعزاز ۽ شيلڊ اوهان جي آهي.

اهڙي ئي ڳالهه ، حافظ محمد مريد مڱريو لکي آهي ته اسلام آباد ۾ مقاله نويسي جي مقابلي ۾ مون سائين مفتي صاحب جن کان مقالو لکرايو ۽ سيني ۾ پهرين پوزيشن ان مقالي جي رهي.

ملفوظات، مڪتوبات ۽ جمع الجوامع جي قلمي مخطوطات جي حوالي سان ڊاڪٽر صاحب جي معاونت ۽ ڪردار ساراهه جوڳو رهيو آهي.

جمع الجوامع تي تحقيق ۽ تدوين لاءِ ڊاڪٽر خضر نوشاهي صاحب ، بلوچ صاحب جي سفارش تي آيو. بعد ۾ ان جي پي ايڇ ڊي ۾ سائين مفتي صاحب جو گهڻو حصو شامل رهيو.

بلوچ صاحب جي معرفت ئي ڊاڪٽر عبدالغفار سومرو صاحب سان فارسي ڪتابن جي حوالي سان سندن تعلق ۽ دوستانه لاڳاپا رهيا.

علامه عبدالحڪيم شرف قادري، علامه عبدالحق ظفر چشتي سان ڪنزالايمان ۽ ٻين ڪتابن جي حوالي سان سندن ويجهو تعلق رهيو.

فيصل آباد جي سعيد افضل سان بہ سندن علمي دوستي رهي.

حضرت پيرسائين روضي ڌڻي جي استاد حاجي فقير الله علوي، جي خاندان مان پروفيسر اسرار احمد علوي صاحب سان پراڻو تعلق هو. لائبريري ۾ ڪتابن جي ڪليڪشن ۾ علوي صاحب جي ترغيب گهڻي هئي. مون کي ياد آهي تہ علوي صاحب جڏهن حضرت مخدوم محمد هاشم ٺٽوي صاحب جو ڪتاب "بذل القوة في حوادث سني النبوة " تي "سيرت هاشمي" جي نالي سان تحقيق ڪري، مهراڻ اڪيڊمي شڪارپور مان ڇپرايو تہ سائين مفتي صاحب جن جي حڪم سان ان جا منتخب حصا ان وقت ماهوار الراشد ۾ شامل ڪيا ويا.

مفتي محمد شفيع جن پوري جي علمي لياقت کان متاثر ٿي، پنهنجن ڪيترن ئي شاگردن کي معقولات جي لاءِ پنجاب سندس مدرسي ۾ موڪليائون. پوءِ ١٩٩٩ ۾ ڪجھ وقت لاءِ سائين مفتي محمد شفيع جن پوري بہ جامعه راشديه ۾ مدرس طور رهيا. (ان وقت جامعه جو اهتمام حضرت سائين مفتي عبدالرحيم سڪندري وٽ هيو.)

اهڙي ريت تفسير لاءِ علامہ فيض احمد اويسي صاحب وٽ بهاولپور ۽ مناظري جي سکيا لاءِ علامہ مختار احمد دراني (جيڪي تازو وصال فرمائي ويا آهن.) وٽ شاگردن کي موڪليندا هئا.

**حج ،عمره ۽ غير ملڪي سفر :**

سائين مفتي صاحب جن ٩ حج ڪيا، پهريون حج ١٩٦٧ ۾ ، ان بعد ١٩٨٦، ١٩٩٥، ٢٠٠٤، ٢٠٠٥، ٢٠٠٦ ( هن سال بہ پيرا حج ڪيائون، سال جي شروعات ۽ آخر ۾) ۽ آخري حج ٢٠٠٨ آهي. پهرين حج ۾ رفيق خليفو سائين فقير عبدالحڪيم هنگورو رفيق هو، ان سال حضرت پيرسائين شاهه مردان شاهه ڇٽ ڌڻي بہ ان سال حج تي هئا، جتي سندن زيارتون ۽ رفاقتون نصيب ٿيون. ٢٠٠٨ واري آخري حج ۾ رفيق سندن فرزند خليفو حاجي محمد اڪرام ڪوسو هئا. ۽ پاڻ ٢٦ پيرا ، عمري جي سعادت لاءِ سفر ڪيو، آخري سفر ٢٠٢٣ ۾ سندن فرزند حافظ يحيٰ بختيار خدمت ۾ رهيو. ، باقي عمرن ۾ مختلف ماڻهن جي رفاقت رهي.

٢٠٠٢ ۾ پاڻ عراق جو سفر ڪيو، جتي بہ مهينا عربڪ ريفريش ڪورس

ڪيائون. اتي خواجه حبيب عجمي جي مزار تي حاضري جو واقعو ٻڌائيندا هئا. جيڪو (مولانا محمد آدم چاچڙ واري مضمون ۾ شامل آهي)

عراق وڃڻ مهل، جڏهن حضرت پيرسائين ڇٽ ڌڻي قدس سره کان اجازت لاءِ حاضر ٿيا تہ پاڻ کين امام موسيٰ ڪاظم رضي الله عنه جي زيارت ۽ پنهنجا سلام پيش ڪرڻ جو فرمايو.

پنهنجي فرزند محمد معراج جي دعوت تي ٻہ پيرا دبئي ويا. هڪ پيري اتي جماعت طرفان پير سائين شاهہ مردان شاهہ جن جي ياد ۾ رکيل پروگرام ۾ پڻ شريڪ پڻ ٿيا.

**غير مسلمن کي ڪلموپڙهائڻ :** اهو پهلورهجي وڃي ها،جيڪڏهن ڪنهن دوست طرفان اماڻيل اخباري ٽڪرو نہ ملي. ١٩٦٣ ۾ نوابشاهہ ۾ مقرري دوران پاڻ متعدد عيسائين کي ڪلمو پڙهائي اسلام ۾ داخل ڪيو. ان کان بعد درگاهہ شريف ۽ ٻين هنڌن تي ان خدمت کي سر انجام ڏيندا رهيا.

**شادي ۽ اولاد:** سائين مفتي صاحب جن جي شادي مولوي قادربخش ڪوسو جي نياڻي سان ١٩٦٤ ۾ ٿي، جنهن مان کين چار پٽ ۽ ڇهہ نياڻيون ٿيون.

وڏوفرزند خليفو حاجي محمد اڪرام، پيرسائين پاڳارا دامت برڪاتہ جو خليفو ۽ چونڪي پار جو مُک، ٻيو نمبر محمد ظفر نيب ۾ ڊپٽي ڊائريڪٽر، ٽيون نمبر محمد معراج ”ڊجيفورٽ مڊل ايسٽ“ (آءِ ٽي ڪمپني) دبئي ۾ ڊائريڪٽر ۽ چوٿون نمبر فرزند حافظ يحيٰ بخيتار ڪاروبار کي سنڀالي ٿو.

**جامعه جي اهتمام لاءِ انتخاب :** سائين مفتي صاحب جن پنهنجي اهتمام کان ڪجهہ سال اڳ، جامعه جي تدريسي ۽ انتظامي معاملن لاءِ پنهنجي انتهائي خليق ۽ شفيق،سنجيده ۽ لائق شاگرد،استاد سائين مفتي دوست علي سڪندري صاحب کي پنهنجو نائب بنايو.جامعه جي استادن کي گهرائي، تاڪيد ڪيائون تہ منهنجي غيرموجودگي ۾ مفتي دوست علي صاحب معاملات کي ڏسندو. پوءِ جڏهن پاڻ حضرت پيرسائين سردار کان جامعه جي خدمت کان اجازت طلبي تہ اعليٰ حضرت پيرسائين پاڳارا دامت برڪاتہ، جامعه جي خدمت لاءِ سائين مفتي صاحب جي انتخاب کي ئي ذميواري سونپي. سائين مفتي دوست علي صاحب، پنهنجي عظيم استاد کي زندگي ۾ خراج عقيدت پيش

ڪرڻ لاءِ ٢٠٢١ ۾ هڪ سهڻو پروگرام سجايو هو. پنهنجي استاد جي ڏسيل واٽ تي جامعه ۽ ان جي برانچن جي تعليمي ترقي لاءِ ڏينهن رات ڪوشان آهي. الله ڪريم سندس مدد فرمائي.

**وصال :** ٢٠ ربيع الآخر ١٤٤٧ھ مطابق ١٤ آڪٽوبر ٢٠٢٥ع تي، پاڻ ٨٤ سالن جي ڄمار ۾ پنهنجي رب سان ملاقات ڪئي. سندن وصال وقت قرآن ڪريم جي هي آيت مبارڪ سندن زبان تي هئي "واذا بطشتم بطشتم جبارين" ڪراچي ۾ سعدي ٽائون سندن گهر مولانا امام بخش راڄڙ سڪندري ۽ ٻين کين غسل ڏنو، نمازِ جنازه درگاهه راشديه پير جوڳوٺ ۾ ادا ڪئي وئي. روضي ڪريم جي اوڀر پاسي "عبدالله فقير ڪاتيار" جي قبرستان ۾ سندن آخري آرامگاهه آهي.

الله تعاليٰ حضرت مفتي محمد رحيم سِڪندَري عليہ الرحمه جي قبر کي نور سان معمور ڪري، سندن علمي فيض کي جاري و ساري رکي، ۽ اسان کي به سندن نقش قدم تي هلڻ جي توفيق عطا فرمائي.

آمين، بجاهِ النبي الامين ﷺ

(نوٽ: هن مضمون جي تياري ۾ مختلف عالمن سان گڏ، خليفي صاحب حاجي محمد اڪرام ڪوسو جي ڏنل معلومات جو گهڻو حصو آهي.)

# سنڌي مضمون

”مفتي صاحبَ، اڄ هڪ تقريب آهي جنهن جا مهمانِ خاص اوهان آهيو“ اهي مبارڪ لفظ هئا پيرسائين سردارَ چٽ ڏٽي رحمت الله عليہ جن جا جيڪي پاڻ استاد مفتي صاحب کي مخاطب ٿي تڏهن فرمايائون جڏهن سندن پيو نڪاح ٿي رهيو هو.“

# منهنجو استاد سائين

**مفتي دوست علي سڪندري**
**جامعہ راشديہ درگاهہ شريف**

بسم الله الرحمٰن الرحيم

خانقاه عاليه قادريه راشديه حضرت پيرسائين پاڳارا جون ملڪ ۽ ملت لاءِ هر قسم جون بي پناهہ خدمتون آهن.

خانقاه مبارڪ تي جامعه راشديه جي صورت ۾ جيڪو ادارو قائم آهي. ان هزارين گهور پيدا ڪيا آهن، تن مان منهنجو نهايت ئي شفيق استاد بلڪ هزارين عالمن جو استاد، فنا في الرسول، جامع المعقول والمنقول شيخ الحديث والتفسير مفتي محمد رحيم سڪندري رحمة الله عليه پهرين درجي تي آهي.

الله تعاليٰ جي مٿن خاص مهرباني هئي جو پاڻ ننڍپڻ کان ئي انتهائي محني ۽ ذهين هئا. قرآن پاڪ سان ننڍپڻ کان ئي جڙ تہ عشق هين. ايتري تلاوت ڪندا هيا جو درگاهہ مبارڪ تي تراويحون پڙهائيندڙ حافظ سڳوري کي لقمو ڏيندا هيا.

هڪ ڀيرو مون کي فرمايائون ننڍپڻ ۾ جڏهن آءُ ناظره قرآن پاڪ پڙهندو هيس ڏيئو وسائي ڇڏيندا هيا تہ بہ آءُ اونداهي ۾ قرآن پاڪ پڙهندو هيس،ساٿي چوندا هيا تہ تون حافظ آهين. حالانڪ آئون حافظ نہ هيس بس الله تعاليٰ جي خاص مهرباني هئي جو هڪ دفعو پڙهڻ سان سبق ياد ٿيندو هيم.

اهو ئي سبب آهي جو پاڻ جامع مسجد نوابشاه ۾ جڏهن خطيب مقرر ٿيا تہ ٢٧ ڏينهن ۾ قرآن شريف نہ فقط ياد ڪيائون بلڪ رات جو تراويحن ۾ بہ تلاوت ڪيائون. هن ۽ گذريل صدي ۾ شايد ئي ڪو اهڙو مثال هجي.

اهڙي طرح درس نظامي جي تعليم سندن استاد صاحبان پنهنجن سبقن ۾ مطالعو ۽ ترجمو گهڻو ڪري ڪانئن پڙهائيندا هيا.

سندن استاد مفتي اعظم پاڪستان مفتي محمد صاحبداد خان جمالي رحمة الله عليه تعليم دوران ڪانئن فتوائون لکرائيندا هيا.

الله تعاليٰ سندن ذات ۾ اهڙو ملڪو ۽ صلاحيت رکي هئي ويتر ڪامل استادن جي شفقت ۽ تربيت کين گوهرِ ناياب بڻائي ڇڏيو.

عالمن ۾ اهڙو عبادتگذار ۽ گريو ڪندڙ منهنجي اکين نہ ڏٺو آهي. جڏهن سندن گهر مدرسي سان متصل هيو تہ ان زماني ۾ پڙهندڙ عالم سڳورا ٻڌائيندا آهن تہ رات جي وقت سندن گريي جو آواز مدرسي ۾ ٻڌڻ ۾ ايندو هو.

فرض نماز جي قضا جو تہ تصور ئي نہ هو، بلڪ پاڻ تہ تهجد جا بہ پابند هوندا هئا. تهجد نماز ۾ تمام گهڻو قرآن پڙهندا هيا.

منهنجي طالبعلمي جي زماني ۾ اعليٰ حضرت پير سائين سردار چٽ ڏٽي قدس سره جي سڪندر آباد ۾ دعوت هجي.

آءُ بہ زيارت لاءِ دعوت تي ويس چاهيان پيو تہ جيڪر مفتي صاحب مون کي نہ ڏسي، پر سائين مفتي صاحب رحمة الله عليه پري کان مون کي ڏسي ورتو، فرمايائون تہ سردي آهي ٻاهر توکي تڪليف ٿيندي، منهنجي تنبو ۾ رات گذار. مون سائين مفتي صاحب رحمة الله عليه جن سان تنبو ۾ رات گذاري، رات جو آئون ننڊ ۾ هيس تہ سائين مفتي صاحب جي تلاوت جي آواز تي جاڳي پيس. مون ڏٺو تہ تهجد نماز پڙهي رهيا هئا ۽ ويهون پارو تلاوت ڪري رهيا هئا، هڪ رڪعت ۾ سوار پارو تلاوت ڪيائون پوءِ مون کي ننڊ وٺي وئي اها خبر نہ پئي تہ سائين مفتي صاحب جن تلاوت ڪٿان شروع ڪئي هئائون ۽ ڪٿي ختم ڪيائون.

صلواة شريف تمام گهڻي پڙهندا هئا، دلائـل الخيرات جا پابـنـد هوندا هيا، هن فقير تي خاص مهرباني فرمائي لکت سان دلائل الخيرات

شريف ۽ حزب البحر جي اجازت مرحمت فرمايائون.

نعت شريف ٻڌڻ ڪين تمام گھڻو پسند هيو، نعت دوران گريو ڪندا هيا. خاص ڪري جڏهن مدينہ طيبہ جو ذڪر ايندو هو تہ زارو قطار روئندا هيا ، دعا ۾ بہ اڪثر گريو ڪندا هئا.

سندن دل ايتري تہ پاڪ ۽ نرم هئي جو ٿوري بہ محبت رسول ﷺ، يا صحابہ ڪرام ۽ اهل بيت اطهار رضوان الله عليهم جي محبتن جو ذڪر ٻڌندا هيا تہ بي اختيار سندن اکين مان لڙڪ لڙي پوندا هيا.

هڪ دفعو مغرب نماز کان پوءِ مدرسي جي ميدان تي کٽ تي ويٺا هيا مون کين هڪ صحابيه حضرت بي بي عاتڪه رضي الله عنها جي محبت جو واقعو ٻڌايو تہ پاڻ ڏاڍو گريو فرمايائون ۽ وري ٻيو پيرو ٻڌائڻ لاءِ حڪم فرمايائون.

محنتي ۽ هوشيار شاگردن سان خاص شفقت فرمائيندا هيا. جڏهن ڊاڪٽر فاضل شيخ مرحوم، اصغر سائين رضي الله عنه جي ڪلام جي تحقيق پئي ڪئي. هڪ پيري جڏهن ڊاڪٽر فاضل مرحوم ، سائين مفتي صاحب جي آفيس ۾ ويٺو هو، ڪتاب ۽ ڪجھ ٻيا ورق سندس هٿ ۾ هئا. آئون ڪمري ۾ داخل ٿيس تہ ان وقت ڊاڪٽر مرحوم  سائين مفتي صاحب کي چيو تہ فارسي جو هڪ لفظ آهي "لب لاب"،ان جي  معنيٰ نٿي اچي . اها تہ مهرباني ڪريو. سائين مفتي صاحب جن مون کي فرمايو بابا! فارسي لغت جو ڪتاب استاد سائين مصري شاهؒ کان وٺي اچ، مون همت ڪري عرض ڪيم تہ سائين ان جي معنيٰ مون اچي ٿي. آءُ ننڍو طالبعلم هيس ، ٻنهي بزرگن مون کي حيرت مان ڏٺو ۽ چيائون تہ ڇا آهي ان جي معنيٰ؟ مون عرض ڪيو تہ سائين "لب لاب" ٻي پاڙي ول کي چوندا آهن. پڇيائون تہ اها معنيٰ ڪٿي لکيل آهي؟

مون عرض ڪيو "غياث اللغات" ۾ . مون کي اها عبارت، جيڪا هن لفظ جي تحت لکيل هئي سا ياد هئي:

”عشق ماخوذ است از عشقه آن نباتیست که آن رالب لاب گویند. چون در خت.بپیچد آن را خوشک وزد کنند. همین حالت عشق است که صاحبش راخوشک وزد کند.“

مون کي فرمايائون ڪتاب ڪٽي اچ، مون ڪتاب ڪٽي اچي ڏيکاريو، ڊاڪٽر فاضل مرحوم ڏاڍو متاثر ٿيو تہ هڪ ننڍي طالبعلم کي اها شيءِ ياد آهي.

سائين مفتي صاحب رحمة الله عليه ايترا تہ خوش ٿيا جنهن جي ڪائي حد نہ آهي ۽ ڏاڍي شفقت فرمائي دعائن سان نوازيائون.

امام الاسخياءِ اعليٰ حضرت پيرسائين ڇٽ ڌڻي رحمة الله عليه جن جو خاص قرب ۽ توجه حاصل هيو، جو ڪين ڪڏهن ”استاد صاحب“ ، ڪڏهن ”مفتي صاحب“ جي لفظ سان ياد فرمائيندا هئا، ڪڏهن تہ ”منهنجو مفتي صاحب“ جي محبت ڀري لفظن سان نوازيندا هئا.

هڪ ڀيري بغير اطلاع جي حضرت پيرسائين سردار رضي الله عنه مدرسو گهمڻ آيا، مدرسو گهمي واپس ٿيا تہ مفتي صاحب جي پيشاني تي چمي ڏنائون. ايڏي وڏي مهرباني، عنايت ۽ شفقت شايد ڪنهن مريد سان ٿي هجي. هي اعزاز ۽ هيءَ مهرباني بہ شايد ڪنهن سان ٿي هجي،جو اعليٰ حضرت پيرسائين سردار عيد جي موقعي تي لکين مريدن کي زيارت ڪرائڻ وقت فرمائين تہ ”منهنجي طرفان ۽ مفتي صاحب جي طرفان توهان کي عيد مبارڪ هجي.

مرشد ڪريم حضرت پيرسائين ڇٽ ڌڻي بادشاهہ رحمة الله عليه جون مٺس ايڏيون تہ محبتون ۽ شفقتون هيون جو مهردين فقير مهر ٻڌايو ، هڪ دفعي رمضان مبارڪ جي ٢٦ يا ٢٧ تاريخ تي ، حضرت پيرسائين جن جي آمد هئي، سائين مفتي صاحب مون کي فرمايو عصر نماز پڙهائي پوءِ پاڻ اندر هلنداسين، جڏهن تہ خلفاءِ ڪرام سڀ اندر موجود هئا، عصر نماز کان بعد جڏهن اندر وياسون، اچان اسان خلفاءِ ڪرام کان پرڀرو هياسين،

عين ان وقت پيرسائين سردار جي آمد ٿي تہ پير سائين جن گاڏي اسان وٽ جهلي، مفتي صاحب دست بوسي ڪئي، پاڻ خير و عافيت معلوم ڪرڻ کان بعد فرمايائون تہ مفتي صاحب اسان توهان جي ڪري هيڏي آياسين، متان توهان کي تڪليف اچي.

يقيناً اهي سڀ مهربانيون ۽ شفقتون علم ۽ ان سان گڏ روحانيت جي ڪري هيون.

استاد مفتي صاحب جون جامعہ راشديہ، درگاهہ شريف ۽ جماعت لاءِ خدمتون هميشہ ياد رکيون وينديون. پاڻ پنهنجي دور ۾ نہ فقط جامعہ جي علمي ۽ انتظامي معاملن کي عروج بخشيو، پر مُلڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ جامعہ جي برانچن جو نيٽ ورڪ وڌايو. انهن مدرسن جي تعليمي ترقي ۽ مالي معاملات جي حوالي سان متفڪر رهندا هئا ۽ انهن علائقن جي اهل ثروت ماڻهن سان رابطا ڪري ، مدرسن، مسجدن ۽ عالمن جي ضروريات جي پورائي لاءِ ڪوششون فرمائيندا هئا.

جامعہ راشديہ جي برانچن جي شاگردن کي دوره حديث لاءِ درگاهہ مبارڪ تي رهڻ جو اعزاز بخشڻ سان گڏ، امتحاني بورڊ جو قيام عمل ۾ آيو، پاڻ پنهنجي مصروفيات جي باوجود امتحان لاءِ ويجي، اتان جي معاملات کان واقفيت حاصل ڪندا هئا. انهن جي بهتري لاءِ پنهنجون سموريون ڪوششون صرف ڪندا هئا.

ان سان گڏ درگاهہ شريف تي پيران پاڳارا قدس سرهم جن جي علمي ذخيري کي منظر عام تي آڻڻ لاءِ همہ تن ڪوششون ڪيائون، نتيجي ۾ الحمدلله سمورا ڪتاب ڇپجي تيار ٿيا.

هن فقير جي مٿان خاص مهربان هئا، هر معاملي تي مشورو وٺندا هئا نہ فقط مشورو وٺندا هئا بلڪ ان کي مان ڏيئي قبول بہ ڪندا هئا. فتويٰ جو معاملو گهڻو ڪري هن فقير جي حوالي ڪندا هئا.

آخري ڏينهن ۾ جڏهن پاڻ ضعيف ٿيا تہ مدرسي جو انتظام ۽ سڀ معاملات هن فقير جي حوالي ڪيائون.

# جيئڻ ڏنو مون

**مفتي غلام شبير سڪندري**
**جامعہ راشديہ درگاهہ شريف**

بسم الله الرحمٰن الرحيم

الحمد لله رب العالمين والصلواة والسلام عليٰ سيد المرسلين

وعلي آله و صحبه اجمعين امابعد

اهي منهنجي ننڍپڻ ۽ حفظ پڙهڻ وارا ڏينهن هيا. جڏهن استاد سائين مفتي محمد رحيم سڪندري جامعہ راشديہ جا مهتمم مقرر ٿيا. توڙي جو سندن طبيعت انتهائي نرم ۽ پاجهہ پيري هئي، پر ان هوندي بہ سندن شخصيت مان رعب محسوس ٿيندو هو. ۽ هر ڪنهن کي عزت ڏيندا هئا ايستائين جو اسان ننڍڙن طالب علمن کي بہ حافظ ڪري سڏ ڪندا هئا ۽ اڪ نالو وٺڻ ڏاڍو معيوب سمجهندا هيا. مون کي اهو ياد نٿو پوي تہ ڪنهن جو نالو پيچي يا اڪ نالي سان ڪڏهن سڏيو هجي، سڪندري عالم جيڪي سندن شاگرد هيا انهن کي بہ روبرو يا پرپٺ مولانا ڪري سڏيندا هيا. بلڪ آخري ڪلاسن جي شاگردن کي بہ اڪثر مولانا ڪري پڪاريندا هيا. جامعہ راشديہ يا ان جي برانچن جي استادن کي استاد يا مولانا ڪري سڏيندا هيا. حالانڪ اهي سندن شاگرد ئي هوندا هيا. الا ماشاءَ الله بلڪ اسڪول ڪاليجن جا جيڪي استاد وٽن ايندا هيا جن جي استاد هجڻ جي خبر هوندي هين انهن سان بہ استاد چئي مخاطب ٿيندا هيا. ان شاگرد تي سخت ناراضگي جو اظهار فرمائيندا هيا جيڪو ڪنهن بہ استاد جي نالي وٺڻ مهل اڳيان استاد جو لفظ نہ چوندو هو. علم وارن ماڻهن جو وڏو احترام ڪندا هيا. اهو ڪهڙي بہ شعبي سان لاڳاپيل هجي، خاص ڪري ديني عالمن ۽ مدرسن جي استادن کي وڏو احترام ڏيندا هيا. اسان سندن شاگرد آهيون پر ڪڏهن بہ ويهي ملڻ پسند نہ ڪندا هيا.

پوئين عـــمر ۾ تہ اهو بہ ڏٺوسون جو ملـڻ مهل اسان پنهنجو بـــزرگ استاد سمجهي سندن هٿ چمندا هياسون تہ پاڻ اسان جا هٿ چمندا هئا. ڪنهن

شاگرد کي عالم هجڻ جي ڪري ۽ اداري ۾ استاد هجڻ جي ڪري ايتري عزت ڏيڻ وارو منظر ٻئي هنڌ مون ڪٿي بہ نہ ڏٺو آهي. مدرسي ۾ پڙهندڙ شاگردن تي انهن جي حرڪتن جي ڪري انتهائي غصي ۽ ڪاوڙ ڪرڻ وقت بہ نالائق، ڪوڙلا، الو جا پٺا اهي لفظ چوندا هيا وڏيڪ ڪو غلط لفظ ڪونہ چوندا هيا، هي سندن حسن اخلاق جي جهلڪ آهي، جيڪا قارئين جي آڏو پيش ڪيم.

هن فقير تي بالخصوص تمام وڏي شفقت هئي، طالبعلمي جي زماني ۾ شاگردن جي معاملات ۾ هن عاجز جي نہ صرف راءِ ٻڌندا هيا پر بسا اوقات ترجيح بہ ڏيندا هيا. دوره حديث ۾ پڙهڻ جي دوران سندن غير موجودگي ۽ درگاه شريف جي موذن استاد حافظ ثناءُ الله جي غير موجودگي ۾ درگاه شريف جي مصلي تي امامت ڪرائڻ جو اعزاز بہ هن فقير کي بخشيندا هئا. ۽ ڪڏهن ڪنهن استاد جي غير موجودگي ۾ ان جي ڪلاس سنڀالڻ ۽ سبق پڙهائڻ جو حڪم بہ هن عاجز کي نصيب ٿيو.

مون کي چڱي طرح ياد آهي تہ استاد سائين عبدالخالق رحمة الله عليه وٽ فارسي بوستان جو سبق پڙهي واندا ٿياسون ۽ هر ڪو شاگرد پنهنجي جاءِ تي وڃي ويٺو تہ استاد سائين عبدالخالق رحمة الله عليه مون اڪيلي کي سڏ ڪري فرمايو تہ پٽ محنت ڪر جو تون جامعہ راشديہ جو استاد ٿيندين. اها استاد سائين جي شفقت هئي يا ڪرامت، وري منهنجي فراغت واري سال جڏهن مدرسه صبغة العرفان ڳوٺ مولوي عبدالرحمان درس ۾ استاد ٿيڻ لاءِ منهنجي گهر ڪئي وئي، اڃان دستاربندي ۾ ٽي يا چار مهينا دير هئي تہ انهن کي سائين استاد مفتي محمد رحيم رحمة الله عليه فرمايو تہ غلام شبير کي جامعہ راشديہ ۾ رکڻ جو ارادو آهي، جي هتي نہ رکيوسون تہ پوءِ توهان کي ڏينداسون.

١٩٨٦ع ۾ دستاربندي کان پوءِ مونکي ڳوٺ مولوي عبدالرحمان درس واري مدرسي ۾ موڪليو ويو پر ١٩٩٨ع ۾ واپس گهرائي جامعہ راشديہ ۾ استاد مقرر ڪيو ويو. اهڙي طرح استاد سائين عبدالخالق رحمة الله عليه ۽ استاد سائين مفتي محمد رحيم رحمة الله عليه جي ڪرامت ظاهر ٿي جو ٻارهن يا ارڙهن سال اڳ ۾ پيشن گوئي فرمائي هيائون اها پوري ٿي وئي.

جامعہ راشديہ ۾ استاد ٿيڻ کان پوءِ استاد سائين مفتي صاحب رحمة الله عليه

طرفان جيڪا عزت ۽ شفقت ملي سا ڪڏهن بہ وساري نٿي سگهجي.

مدرسي جي نظام ۾ مثلا شاگردن جي داخلا، سبقن جي ورهاست، موڪل ۽ امتحانن جي ٽائيم ٽيبل طئي ڪرڻ ۾ سيني استادن سان مشاورت فرمائيندا هيا، هن عاجز جي راءِ کي بالخصوص اهميت ڏيندا هيا. ان ڪري ڪڏهن مان پنهنجي اوقات کان مٿي بہ حجت ڪري ويندو هيس تڏهن بہ درگذر فرمائي ڇڏيندا هيا.

سائين مفتي صاحب رحمۃ اللہ علیہ صبر جا پهاڙ هيا، مدرسي ۾ اهتمام جي دوران وڏا لاها چاڙها آيا پر وڏي صبر ۽ حوصلي سان منهن ڏيندا رهيا.

جامعہ راشديہ سان سندن عشق هو ، وصال کان ڪجھ مهينا اڳ ساڻن ملاقات جو شرف مليو، سندن طبيعت جي ڪيفيت اها هئي جو گهڻو وقت سوچي پوءِ ڪو لفظ ڳالهائي سگهن پيا ، اتي فرمايائون جامعہ راشديہ جي پارت هجي، جامعہ راشديہ اسان جي ماءُ آهي، اسان جيڪي ڪجھ آهيون سو جامعہ راشديہ جي ڪري آهيون.

پيو فرمايائون تہ صلواة شريف جو ورد ڪڏهن بہ نہ ڇڏجان. سبحان الله! اهو سندن رسول الله صلی اللہ علیہ وسلم جي ذات سان عشق هو جو صلواة شريف جو ورد حياتي جي آخري ڏينهن تائين جاري رکيائون، سندن فرزند محمد ظفر جيڪو آخري ڏينهن ۾ ڪراچي ۾ سندن خدمت ۾ موجود هو ، ان ٻڌايو تہ پاڻ آپريشن کان پوءِ بہ جيستائين هوش ۾ هئا تہ دلائل الخيرات شريف جو مقرر دور پڙهندا رهيا. قرآن شريف جي تلاوت سان بہ سندن محبت بي مثال هئي، مون کي ياد آهي هڪ دفعي ڪپري جي مدرسي صبغة النور ۾ دستاربندي جو پروگرام هيو مان بہ سائين مفتي صاحب رحمۃ اللہ علیہ سان گڏ هيس، درگاھ شريف کان ڪپري تائين ايندي ويندي ويھ سيپارا تلاوت ڪيائون. حالانڪ اهو سفر ايڏو تڪڙو ڪيوسون جو شام درگاھ شريف کان نڪتاسون ۽ فجر نماز وري واپس اچي درگاھ شريف تي ادا ڪئي سون يعني هڪڙي رات ۾ ويھ سيپارا تلاوت ڪيائون ، زندگيءَ جي گهڙي گهڙي جو قدر ڪرڻ اهڙن هستين جي ڪردار مان سکڻ کپي.

مدينة الرسول صلی اللہ علیہ وسلم سان عشق بہ بي انتــها هو، بيــماري جي حالت ۾

آخري ڏينهن تائين پنهنجي فرزندن کان مديني وڃي هلڻ جو مطالبو ڪندا رهيا، حالانڪ سندن طبيعت سفر لاءِ متحمل نہ هئي، سندن وصال کان ٻہ اڍائي مهينا اڳ آگسٽ ۾ مان جڏهن عمري تي وڃڻ لاءِ موڪلائڻ ويس تہ ان وقت بہ مون کي فرمايائون تہ روضي انور تي دعا گهرجانءِ تہ منهنجي بہ حاضري لڳي يعني زندگي جي آخري گهڙي تائين مدينہ منوره جي حاضري جي تمنا ۽ تڙپ دل ۾ موجود رهي.

گهوريان هيءَ جهان هو پڻ گهوري گهوريان
جي مون پرين ساڻ ، ساعت سري جيڏيون

ديني ڪتاب عالم دين جي مجبوري هوندو آهي، پر سائين مفتي صاحب ﷫ جو ڪتابن سان بہ عشق هو، هميشہ سهڻي کان سهڻو، عمدي کان عمدو ڪتاب حاصل ڪرڻ جي ڪوشش فرمائيندا هيا سندن رهائش وارو ڪمرو ڪتابن سان ئي سينگاريل هوندو هيو.

سندن زندگي مبارڪ اسان سڀني جي لاءِ بالخصوص علماءِ سڪندريہ لاءِ دليل راھ آهي.

الله تعاليٰ سندن مغفرت فرمائي، اسان کي سندن نقش قدم تي هلڻ جي توفيق عطا فرمائي.

آمين بجاه النبي الامين صلي الله عليه وآله وسلم

# منهنجو استاد منهنجو شفيق


**ففقير مفتي محمد اسماعيل سڪندري**

**مدرسہ قادريہ سڪندريہ نوشهروفيروز**


اے دور از نظر کہ شدی ہمنشین دل

می بینمت عیان و دعا می فرستمت

درگاهہ شريف تي بزرگ استادن جو آخري ڏيئو جيڪو آهستي آهستي ٽمڪي رهيو هو، اهو بہ خير سان اجل واري جهوٽي هٿان اجهامي ويو. درگاهہ مبارڪ تي جڏهن بہ حاضري ٿي، قبلہ مفتي صاحب جي ملاقات ميسر ٿيڻ روح کي راحت بخشڻ جو سهڻو لمحو هوندو هو. انتهائي معصومانہ نگاهون، ملڻ سان ايتري خوشي جڻ اڳ ئي انتظار ۾ هجن، ملي وري جلدي موڪلائڻ لاءِ عرض ڪرڻ تمام ڏکيو تہ لڳندو هو پر ان جي ڪري جو گهر ۾ ٻارڙن کي ڪا تڪليف نہ ٿئي. اتي ئي نہ ڇڏيندا هئا، مان ٻاهر هلندس ائين چئي ٻن ماڻهن جي ٽيڪ تي اٿي صفا ٻاهرين دروازي تائين مهرباني فرمائيندا هئا.اهي حسين، پيار ۽ شفقت واريون نگاهون ۽ اوجاڳيل، خماريل سهڻا نيڻ هميشہ لاءِ بند ٿي ويا.

نيڻ ننڊون نہ ڪن، پڳو آرس اکين

اجهاميو ٻرن ، توکي ساريو سپرين

هفتو ڏيڍ اڳ خواب ۾ ڏٺم تہ ڪو ويجهو عزيز جهان ڇڏي ويو آهي، ٻئي ڏينهن ڏٺم گهر جي ڇت ۽ اولو ڍهي پيو آهي. پريشاني تہ هئي تہ ڪا نعمت واري شيءِ موڪلائي ٿي، ڪو ڇپر ۽ ڇانو وري سر تان سرڪي ٿو، پر ايڏانهن سوچ نہ آئي، تان جو ان شام حافظ مريد جي فون آئي تہ قبلا مفتي صاحب جن جو هن وقت وصال ٿي ويو آهي، ڪراچيءَ جي ڪنهن اسپتال ۾ . رات درگاهہ شريف تي ڪٺي ايندا.

نوشهروفيروز ۾ روڊ تي ويٺا آهيون، دل چيو اڄ آخري پيرو تہ ڪا مهرباني ڪري وڃن مون وٽ عربي جا ابتدائي سبق پڙهندڙ سائين جن جي

صاحبزداي معراج احمد کي وائس ڪيم تہ ويجها ٿيو تہ ٻڌائجو هتان کان سائينءَ سان ڳڌ آخري سفر ۾ درگاھ شريف تي ڳڌجي هلنداسين. پر خبر پئي تہ هتان دير سان گذرندا. رابطي جي ڪا صورت نہ ٿي. اسر جي ٽائيم ٣ ٿيا هئا، گهر وارن اٿاريو تہ قبلا مفتي صاحب جن ايمبولينس تي مدرسي ۾ آيا آهن. هڪدم اٿي آيس وضو ڪري سندن آخري ديدار ڪيم ۽ الله سائين جل شانہ جو شڪر ڪيم جو پاڻ ئي ڪيئن دل جي آخري حسرت پوري ڪرڻ لاءِ پنهنجي وفائي ۽ شفقت وارو هٿ وري بہ مٿي تي اچي رکيائون.

آءُ ان ايڏي وڏي احسان تي ڇا خدمت ۾ پيش ڪريان بس خوشبو جا ميسر ٿي اها ڪين هنيم. ٻيو غلاف ڪعبہ شريف جو ٽڪرو محترم حاجي احمد شيخ کان مليو هو، اهو نذر ڪيم ۽ پوءِ پير ۾ ويهي رستي سان بہ حزب دلائل شريف ۽ مڪمل قصيده برده شريف ڪين ٻڌائيندو آيس. جو قصيده برده شريف ۽ دلائل الخيرات شريف سان سندن دل جڙيل هئي، حضرت ملا علي قاري جو شرح بنام ”زبدة“ پاڻ درگاھ شريف تان پنهنجي تعليقات سان ڳڌ ڇپرايو هئائون ۽ ساڳي مصنف ملاعلي قاري عليه الرحمة جو ”الحزب الاعظم“ ترجمو ڪري حاشيي تي دلائل الخيرات لڳرائي ڇپرايائون، ٻاهران ٽائيٽل تي دلائل الخيرات جو نالو نہ لکرايائون مون ان جو سبب پڇيو هو تہ فرمايائون: حرمين شريفين ڪٽي وڃڻ جو اتفاق ٿيندو اتي دلائل الخيرات جو نالو ڏسي کسي ويندا، تڏهن فقط الحزب الاعظم جي نالي سان ڇپرايو آهي.

مون اپي تڙ وٽ پرين پکّھ چوڙيا
آهي ڪا مون ۾ گهٽ، نہ تہ سڄڻ سباجها گهٽا.

تنظيم المدارس جي صوبائي صدر لاءِ منهنجو نالو ڏئي ڇڏيائون، ليٽر آيو حاضر ٿيس ڏسي خوش ٿي فرمايائون بابا اوهان کي مبارڪ هجي، عرض ڪيم هي وڏي ذميواري آهي. فرمايائون: اوهان کان وڌيڪ لائق ماڻهو مون وٽ ٻيو ڪونہ هو، تڏهن توهان جو نالو ڏنم. الله سائين ڪامياب ڪندو، اهل سنت جي خدمت آهي، حضرت روضي ڌڻي جي اسم جي برڪت اسان لاءِ ڪافي آهي.

جمعيت جي معاملي تي منهنجي متعلق ڪين ڪي غلط ۽ مفروضي

ڪهاڻيون ٻڌايو ويون، مون ڪي اطلاع مليو تہ قبلا مفتي صاحب اوهان تي ناراض آهن. تہ مون حاضر ٿي ان جي ڪائڻ حقيقت پڇي تہ پاڻ لاعلمي ڏيکاريائون بلڪ اجان وڌيڪ شفقت فرمائي ڪاغذ ۽ قلم گهرائي پنهنجي هٿن سان عربيءَ ۾ لکيائون تہ مان محمد رحيم بن محمد ڄام مولانا محمد اسماعيل ميمڻ ڪان اڄ بہ راضي آهيان ۽ قيامت تائين راضي آهيان ۽ ان ڪان بہ اهڙي راضي هئڻ جي اميد ڪريان ٿو.

آخر ۾ پنهنجي صحي ڪري ڪاغذ ڏنائون تہ هاڻي تہ بس نہ. اهو سندن هٿن سان لکيل مهرباني ۽ شفقت نامو فقير وٽ موجود آهي.

گهڻو تان گهٽيرائي ، پر تنهنجو ٿورو بہ ٿوري جهڙو

آءُ ڪا اهڙيائي، جو پنهنجي ٿوري ڪي ٿورو چوان.

فيبروري ۲۰۱۳ ۾ آچر ڏينهن هو، منهنجي امڙ رحمة الله عليها وفات ڪئي. مون سائين مفتي صاحب کي اطلاع عرض نہ ڪيو، ان ڪري تہ ان ڏينهن سندن فرزند محمد معراج جو وليمو هو.مون نہ ٿي چاهيو تہ سندن خوشيءَ ۾ ڪا ڏک جي خبر ڏيان، پر دعوت ۾ ڪنهن دوست کين اها خبر ڏني تہ پاڻ مون کي فون ڪيائون تہ مان اچان ٿو، جنازي نماز خود پڙهائيندس ، امڙ تہ وصيت ڪئي هئي تہ منهنجو ڪفن درگاهہ شريف کان گهرائجان. پر نماز جي خبر نہ هئي، اها سندس دل جي ڪا تمنا هئي جيڪا الله سائين کي معلوم هئي. مفتي صاحب جن شادي جو پروگرام اتي ڇڏي اسان جي ڳوٺ سومر چنڙ مهرباني فرمائي امڙ جي نماز پاڻ اچي پڙهايائون.

اڄ نہ پسان سي، آتڻ ڪتيم جن سين

هاڻي تنين کي ڪنڌيءَ ڪاڪ نهاريان.

هتي هڪ اهڙي ڳالهہ جنهن جي آءُ پنهنجي وجود ۽ ذات ۾ ڪابہ لياقت ۽ حيثيت ڪونہ ٿو سمجهان، فقط پنهنجي پياري استاد جي محبت ۽ قربداري جي ڳالهہ تي فخر ڪندي تحرير ۾ آڻيان ٿو. الله تعالىٰ سندن ايڏي شفقت جي ڪا ڇڳائي هن ڪمتر ۽ احقر جي نامه اعمال ۾ من لکي ڇڏي. سندن اهي الفاظ مبارڪ قبول فرمائيندي هن نااهل ۽ ڪميٽي تي ڪٽي قرب جوقلم وهائي تہ رحيم ۽ ڪريم ذات اقدس ڪان ڪو بعيد ناهي.

شنیدم که در روز امید و بیم
بدان را به نیکان ببخشد کریم

ڳالھ ھيئن آھي تہ ھڪ ڀيري سکر شھر جي بازار ۾ قبلہ مفتي صاحب سان ھي عاجز ۽ حافظ نور احمد ڪورائي گڏ ھئاسين، مفتي صاحب جن ھڪ ڪتب خاني ڏانھن ويا،ڪجھ ڪتاب ورتائون تہ مون بہ ھڪ ڪتاب ابن جماعہ جو ترجمو ڪيل ورتو.جڏھن ٻاھر نڪتاسين تہ منھنجو ڪتاب ڏسي ان ڪي پسند ڪيائون ۽ ھڪ جملو پڙھيائون مون ان جو صحيح املاءِ ڪين عرض ڪيم، جنھن تي خوش ٿي فرمايائون: اللہ سائين قيامت جي ڏينھن اگر پڇيو تہ اي محمد رحيم تون ڪھڙو عمل دنيا ۾ ڪري مون وٽ حاضر ٿيو آھين تہ مان عرض ڪندس خدايا مولوي محمد اسماعيل ۽ مولوي فيض محمد ڪي عالم ڪري تو وٽ حاضر ٿيو آھيان.

اللھم احسن عاقبتنا في الامور ڪلھا.

اھو وقت ڪافي اڳ جو ھو، جڏھن پاڻ ائين فرمايو ھئائون، جامعہ راشديہ ۾ آءُ استاد بہ اجان نہ ٿيو ھيس. پر ھاڻي جڏھن سندن وصال تي سڪندري دوست ڪراچيءَ ڪان، پنجاب ۽ بلوچستان تائين جا حاضر ٿيا ھئا، انھن ۾ ھڪ مولوي صاحب امام بخش راڄڙ ڪراچي ڪان بہ آيو ھو، آءُ ان ڪي نہ ڀيو سڃاڻان، ان مون سان ڳالھ ڪئي ۽ اتي ڪجھ ٻيا بہ سڪندري دوست ويٺل ھئا تہ ڪجھ وقت اڳ مفتي صاحب فقير عبدالباسط ھنگورو وٽ ڪراچي واري سندن جاءِ تي آيا ھئا اسان سڪندري بہ سندن خدمت ۾ موجود ھئاسين تہ اتي مفتي صاحب اھا ڳالھ پئي ڪئي. جيڪا ڳالھ ڪيئي سال اڳ ھن عاجز سان پاڻ ڪئي ھئائون. شرم ڪان ڪنڌ جھڪي پيو تہ ايڏو وڏو ڪرم ايڏو وڏو احسان . ھڪ خاڪ جي ذرڙي ڪي پاڻ پنھنجي ڪريمانہ نظر عنايت سان ايڏو وڏو مقام پيا ڏين. سبحان اللہ

ھڪ دفعي منھنجي پياري استاد سائين تاج الفقراءِ فقير عبدالخالق سڪندري عليہ الرحمة جن ڪان ڪنھن دوست پڇيو ھو آءٌ بہ اتي ويٺو ھئس تہ سائين مولوي غلام شبير سومروءِ مولوي محمد اسماعيل ميمڻ آھن تہ توھان

جا پيارا شاگرد پر انهن ۾ ڪو فرق آهي توهان وٽ يا نہ. تہ استاد سائين فرمايو تہ مولوي غلام شبير منهنجو منظور نظر آهي، مولوي محمد اسماعيل جو مان منظور نظر آهيان.

جمال همنشين در من اثر کرد
وگر نه من همان خاکم که هستم
نیاوردم ز خانه چیزی نخست
تو دادی همه چیز من چیز تست

قدرت واري سندن طبيعت ۾ نفاست، صفائي، سٿرائي ۽ عمدگيءَ جو تمام گهڻو حصو وديعت فرمايو هو. جيئن حديث پاڪ ۾ آهي ”ان الله جميل ويحب الجمال“ الله ڪريم سهڻو آهي ۽ سونهن کي پسند فرمائيندو آهي. ۽ اها شيءِ وري پاڻ حضرت پيرسائين ڇٽ ڏڻي کان بہ گهڻي سکي هئائون،مفتي صاحب ٻڌايو تہ هڪ ڀيري سنو لباس جو ان ۾ خوبصورت واسڪٽ بہ پاتي هيم جڏهن زيارت لاءِ سندن خدمت ۾ حاضرٿيس پاڻ پنهنجي گهڻو قريب ڪري فرمايائون مفتي صاحب! اڄ ڏاڍو سهڻو ٿو لڳين ائين هجڻ ڪپي. هونئن بہ قبلا حضرت پيرسائين ڇٽ ڏڻي قدس سره جن ڪانئن ڏاڍو راضي هوندا هئا. هڪ ڀيري جڏهن اسان پڙهندا هئاسين تہ ڪنهن راشدي سيد جي تعزيت تي پاڻ ڪوٽ ڏينل شاھ آيا هئا ۽ اتان پوءِ سڌو مدرسي ۾ تشريف آندائون، ڪلاس مان لنگهڻ وقت موجود استاد درويش رضا محمد کي فرمايائون: استاد صاحب! مون کي اجازت آهي؟ سڀ اٿي بيٺا پاڻ ڪلاس مان ٻئي طرف آيا سموري مدرسي جي وزٽ فرمايائون، موڪلائڻ وقت مفتي صاحب کي ياڪر ۾ وجهي سندس پيشانيءَ تي وڏي محبت ۽ پيار سان چمي ڏنائون.

هڪ ڀيري عيد تي جماعت سڳوريءَ کي ديدار بخشڻ جيئن مٿي بنگلي شريف تي جلوه افروز ٿيا تہ السلام عليڪم کان بعدسندن پهريان لفظ هئا: مفتي صاحب ۽ منهنجي طرفان توهان کي عيد مبارڪ. درگاھ شريف تي جڏهن بہ عيد جي موقعي تي يا ان کان سواءِ تشريف آڻين تہ خلفاء

حضرات سندن استقبال ۽ قدمبوسي لاءِ در قطار بيٺل هوندا هئا تہ ڊرائيور کي حڪم هوندو هو تہ جتي مفتي صاحب بيٺل آهي گاڏي اتي هلي بيهاري.

هڪ دفعي ڪراچي واري بنگلي تي ڪنگري هائوس مفتي صاحب زيارت لاءِ حاضر ٿيا پاڻ ريس ڪورس“ کان واپس جيئن آيا تہ مفتي صاحب کي عام گيٽ تي بيٺل ڏسي، پنهنجي خاص گيٽ کي ڇڏي گاڏي ان طرف موڙي جڏهن لهڻ فرمايائون تہ مفتي صاحب کي ڀاڪر پائي فرمايائون: اسان فقط توهان جي ڪري گاڏي هيڏانهن ڦيرائي آياسين.

هڪ دفعي سڪندرين کي زيارت جو شرف خاص بخشڻ لاءِ بنگلي شريف جي ڏاڪڻي پاسي واري ننڍي دروازي کان ٻاهر آيا،مفتي صاحب ان وقت حاضر نہ هئا، اچڻ شرط سلام کان پوءِ سيني کي ڏسي هڪ سوال ڪيائون. جواب لاءِمفتي عبدالرحيم صاحب کي دوستن اڳتي ڪيو تہ پاڻ فرمايائون: نہ، هو جيڪو مفتي گهٽ ڳڌندو آهي اهو ڪٿي آ؟

١٩٩٨ ۾ جامعہ راشديہ جي مهتمم اعليٰ جي عهدي تان کين معزول ڪيو ويو، سندن آفيس ۾ جڏهن اهڙو حڪم کين مليو تہ خاموشيءَ سان گهر وڃي ويهي رهيا. فقط بخاري شريف جي درس لاءِ صبح جو تشريف آڻيندا هئا.

جيڪي الزام هنيا ويا انهن جي انڪوائري ٿي، مٿن ڪابہ شيءِ ثابت نہ ٿي. مدرسي هلائڻ لاءِ ڪاميٽي مقرر ٿي جنهن جو چيئرمين فقيرن مان هڪ کي مقرر ڪيو ويوءِ ڪجهہ ٻيا فقير ميمبر طور مقرر ڪيا ويا. فيصلا ڪاميٽي ۾ پهرين ميٽنگ ٿي ، جامعہ راشديہ جا سڀ استاد گهرايا ويا، سائين مفتي صاحب بہ آيا هئا. کين جامعہ جو ڏک تہ تمام گهڻو هو پر خاموش هئا. هڪ خوف وارو ماحول هو، مفتي صاحب لاءِ ڳالهائڻ گرم لوهہ ۾ هٿ وجهڻ برابر هو. اتي جڏهن مون ڏٺو تہ سڀ استاد خاموش آهن. هر هڪ ٻاهريون ڳالهيون ۽ معمولي مسئلا ڪنيو ويٺو هو پوءِ جڏهن منهنجو وارو آيو تہ مون اتي ڪاميٽي کان سوال ڪيو. مفتي صاحب کان پوءِ هاڻيمهتممڪير ٿيو آهي؟ ڇو تہ ان ڳالهہ کي لڪايو ويو هو. ترجمان صاحب چيو مصري شاهہ مهتمم ٿيو آهي.

اهو ان ڪري غلط هو جو اهو مهتمم نہ هيو ۽ نہ ئي پوءِ ٿيو، مڙئي

اسان کي مطمئن ڪري رهيا هئا.

وري سوال ڪيم، مصري شاهه مفتي صاحب کان شايد وڏو عالم آهي، جو ان جي جاءِ تي مقرر ڪيو ويو آهي.جواب ڏنو ويو، ان لاءِ پير سائين سردار جو حڪم آهي.

مون عرض ڪيو پيرسائين سردار کي ڪنهن تہ رپورٽ ڪئي هوندي، تہ چيائون ڪنهن بہ رپورٽ نہ ڪئي آهي. مون عرض ڪيو شايد ملائڪن اهڙي رپورٽ ڪئي هوندي؟

چيائون اسان مريد آهيون ۽ اسان جو ايمان آهي تہ جنهن تي بہ نظر ٿي ويئي تہ بس اهو سڀ ڪجهہ ٿي ويندو.

مون عرض ڪيو تہ هي تعليمي ادارو آهي، هتي اهو ماڻهو کپي جنهن کي هر علم جي پوري پوري ڄاڻ هجي، جيئن هو ڏسي تہ ڪنهن ڇا پڙهايو، ڪنهن ڇا پڙهيو. جيڪا توهان ڳالهہ ٿا ڪريو تہ پوءِ ٨ سالن تائين شاگردن کي ڇو ٿا ويهاريو؟

ان تي ماحول گهڻو گرم ٿي ويو. ۽ اسان کي ٻاهر ڪڍي ڇڏيائون. بهر حال سائين مفتي صاحب کي معزول ڪرڻ کان بعد ڪوشش جي باوجود جامعہ جي بهتري جا ڪابہ صورت نظر نہ آئي آخر سلطان الواعظين مفتي عبدالرحيم سڪندري صاحب کي بہ مهتمم مقرر ڪيو ويو، پر اختيارات جي نہ ملڻ سبب دلگير ٿي جڏهن هليا ويا ۽ پيرسائين سردار جي خدمت ۾ اهڙو عرض رکيو ويو تہ پاڻ فرمايائون:منهنجي مفتي کي چئو تہ مدرسو وڃي سنڀالي.

پوءِ الحمد لله جيستائين پنهنجي علالت ۽ ضعيفي سبب خود سبڪدوش نہ ٿيا ۽ حضور ۾ عرض ڪري اجازت طلب نہ ٿيا، تيستائين مالڪن ڪريمن جي مٿن شفقت ۽ مهر قائم ۽ دائم رهي. ان عرصي ۾ رجبي شريف جو موقعو آيو تہ سڪندري عالمن ۽ حافظن کي زيارت ڪرائڻ لاءِ جيئن ٻاهر آيا تہ چيئرمين مدرسہ ڪميٽي، مفتي عبدالرحيم ۽ مفتي محمد رحيم ترتيب وار بيٺل هئا پاڻ ٻنهي مفتين ڏانهن نهاري فرمايائون: ٻنهي مفتين ۾ ڪهڙو فرق آهي؟

مفتي عبدالرحيم صاحب تہ خاموش رهيا، پر مفتي محمد رحيم پريشان ٿي ويا تہ خدا ڄاڻي ڪين وري ڪهڙي رپورٽ ڏني وئي آهي، مفتي صاحب اڳتي وڌي عرض گذاريو قبلا سائين پيو تہ ڪو فرق ناهي، نہ عقيدي ۾ نہ ڪنهن ٻي ڳالهہ ۾، فقط مان مفتي صاحب جي نسبت وڌيڪ پوڙهو آهيان، مفتي صاحب ماشاءَ الله جوان آهن.

پوءِ پين عالمن سان هٿ ملائڻ لاءِ اڳتي وڌي ويا.هٿ مبارڪ ملائي ۽ دعا گهري جڏهن واپس وڃڻ لڳا تہ مفتي عبدالرحيم صاحب جي سونهاري ڏاڙهي ، اشارو ڪري فرمايائون هي فرق ناهي؟ (جو ان وقت مفتي صاحب ميندي ڪندا هئا) ان ڪان پوءِ مفتي صاحب بہ ميندي ڪرڻ ڇڏي ڏني.

حضرت پيرسائين روضي ڌڻي رضي الله عنه جن جي عربي ۽ فارسي ۾ لکيل ڪتاب "شرح اسماء الله الحسنىٰ" جو سنڌي ۾ ترجمو ڪري پير سائين ڇٽ ڌڻي جن جي خدمت ۾ ڪجهہ ارشاد فرمائڻ لاءِ پيش ڪيم. پاڻ پنهنجي ارشاد تي مهر مبارڪ جي مهرباني فرمائي، ڇپائي جي اجازت ڏنائون. ڪتاب تيار ٿي آيو تہ آءُ زيارت لاءِ حضور ۾ حاضر ٿيس ۽ ڪتاب خدمت ۾ پيش ڪيم ، پاڻ ڪتاب ڏسي ڏاڍا خوش ٿيا، حال احوال ورتائون، بار بار دعا پئي ڪيائون. آخر ۾ سوال پڇيائون تہ تنهنجو گهڻو وقت ڪٿي گذريو آهي. مون ڪجهہ سوچ ڪان پوءِ عرض ڪيم تہ قبلا درگاهہ شريف تي ( جو پڙهڻ وري پڙهائڻ جو ڪافي عرصو گذاريو هو) ان تي مون ڏانهن ڪجهہ وقت نهاريندي فرمايائون:

"مفتي صاحب جي گلا ناهي ڪرڻي."

ائين فرمائي دعا لاءِ هٿ کنيائون.

قصو هيئن هو جو اڳين رات جو ٻن دوستن سان گڏ ڪراچي جي هڪ هوٽل ۾ بيٺڪ ٿي هئي، جنهن ۾ اتفاق سان مدرسي جي نظام ۽ تعليم بابت مفتي صاحب عليه الرحمة ڏانهن اسان ڪجهہ ڳالهيون منسوب ڪيون. پوءِ صبح جو اهي دوست تہ پهچي نہ سگهيا آءُ زيارت لاءِ حضور ۾ حاضر هيس، پاڻ هن عاجز تي پنهنجي روحاني نظر بہ فرمايائون ۽ اها تنبيہ بہ ڪيائون. ۽ پوءِ ان وقت ئي ٻاهر نڪري مفتي صاحب ڪان فون تي معافي ورتم.

۱۹۹۲_۹۱ جو زمانو هو، مون ڪي آرمي ۾ جي سي او خطيب جي نوڪري

ملي ته تمام گهڻو خوش ٿيا. آرمي ڪاليج ۾ پنهنجي وڏي صاحبزادي خليفي محمد اڪرام جي داخلا ۽ پاڻ وٽ رهائش لاءِ حڪم ڪيائون. الله سائين جي مهرباني سان اها خدمت نصيب ٿي.

انهن ڏينهن ۾ اسان جي يونٽ ›› فيلڊ شڪارپور ۾ لڳل هئي، مون کي فرمايائون حضرت پيرسائين روضي ڌڻي قدس سره العزيز جن جي پياري استاد حضرت حاجي فقير الله علوي قدس سره جن جي درگاهه جي حاضري ۽ پروفيسر سيد اسرار احمد علوي جيڪي بزرگن جي اولاد مان هڪ اهل علم ۽ سيرت پاڪ جي وڏا پارکو هئا. انهن سان صحبت لاءِ تلقين فرمايائون.

٦ مهينا اسان جي اتي ڪيمپ لڳل هئي، روزانه صبح کان شام تائين علمي صحبتون علوي صاحب عليه الرحمة سان رهيون ۽ گهڻو ڪجهه انهن صحبتن مان الحمدلله حاصل ٿيو.

علوي صاحب جهڙو نفيس طبع، باجماعت نماز جو پابند، سچو انسان، خوددار، وسيع دسترخوان رکڻ وارو، حرام جي شائبي کان به پري، تمام سهڻين عادتن جو جامع، عظيم انسان هو. هو چوندو هو پير اگر ڪو آهي ته اهو پيرسائين پاڳارو آهي، عالم اگر ڪو آهي ته مفتي محمد رحيم آهي.

مون ڏٺو ته ايترو وڏو عالم ، مفتي صاحب جو تمام گهڻو احترام ڪندڙ هو. ان کان پوءِ وري جڏهن جامعه ۾ استاد ٿيس ته سائين علوي صاحب درگاهه شريف تي تمام گهڻو ايندا هئا، سندن مهمانيءَ جي خدمت منهنجي حوالي هوندي هئي، عمدو طعام تيار ڪري پيش ڪندو هوس جنهن تي ٻئي بزرگ گهڻو خوش ٿيندا هئا ۽ پوءِ سائين مفتي صاحب جن جي ڪري علوي صاحب ﷫ آخري حياتي تائين مون تي تمام گهڻو مهربان رهيا. ڪراچيءَ جو آخري سفر جيڪو پنهنجي مغازي واري ڪتاب جي طباعت لاءِ ويا هئا، واپسيءَ تي مون کي ان ڪتاب جو ڪچي جلد وارو هڪ نسخو عنايت ڪيائون ته الائي وري ملاقات ٿئي يا نه، هي توهان لاءِ تحفو هجي. منهنجي استدعيٰ تي ڪتاب تي هڪ شعر لکي ڏنائون:

ماڻڪ مٺ سندوم، اونداهيءَ ۾ سوجهرو
حشر ويل حساب جي ڇڏي نه ويندوم،

ساري سڏ ڪندوم ، منهنجو ڪوهيارو ڪيچ ڏٽي.

بس اها آخري ملاقات هئي ۽ اسان وٽ سندن اچڻ بہ آخري ٿيو. سندن وصال رمضان شريف ۾ فجر جي سنت ۽ فرض جي وچ ۾ مسجد شريف ۾ ٿيو.

سائين مفتي صاحب جن کي اطلاع مليو تہ پاڻ پنهنجي علالت باوجود آخري ديدار لاءِ علوي صاحب وٽ آيا. سندس پيشانيءَ کي چمي ڏنائون. نماز لاءِ کين عرض ڪيو ويو پر گهڻو وقت ويهڻ ممڪن نہ هو. دعا گهري کين رخصت ڪيائون.

مون سي ڏنا ماءِ، جنين ڏٺو پرين کي
تنين سندي ڪاءِ ڪري نہ سگهان ڳالهڙي.

بخاري شريف سان جيڪو سندن عشق سو انهن کي معلوم هوندو جن کي وٽن پڙهڻ جي اها سعادت ميسر ٿي هوندي. سندن بخاري شريف جي درس جي بارگاهه رسالت مآب ﷺ ۾ قبوليت جو مشاهدو هن عاجز کي مديني شريف ۾ تڏهن ٿيو جڏهن حرم شريف ۾ اندر حديث پاڪ جي درسن ۾ ويهڻ جو ارادو ڪيو هيم تہ اها سعادت حاصل ڪريان. رات جو انهن عالمن جي تصوير ڪا ٻي نظر آئي ،پوءِ اتي ڏٺم تہ مفتي صاحب جن بخاري شريف جو درس پڙهائي رهيا آهن ، اهڙا نڪتا ۽ عجيب معنائون بيان پيا فرمائين چڻ هڪ درياءُ هجي جيڪو رڪجڻ يا بيهڻ جو نالو ئي نہ پيو وٺي تان تہ ان درس ۾ ويٺل سندن پراڻي شاگرد سندن عزيز مولوي غلام نبي ڪوسو صاحب کين عرض ڪيو تہ هاڻ دعا گهرو. پوءِ پاڻ دعا گهريائون ان ڪان پوءِ اهو خيال دل مان نڪري ويو.

هڪ ڀيري مفتي صاحب جن مديني شريف ۾ آيل هئا. اسان جي مديني شريف ۾ پهرين رات هئي خواب ۾ ڏٺم تہ سائين مفتي صاحب سان مسجد نبوي ۾ مليو آهيان پر پاڻ مون کي ڀاڪر ۾ وٺي سينو ملائي زور ڏنو اٿن. ٻئي ڏينهن عصر نماز تي اندرين چٽين وٽ ملاقات ٿي تہ مون خواب بيان ڪيم پاڻ اٿي ۽ زور سان ڀاڪر پائي وڏي شفقت سان فرمايائون تہ ان خواب جي اڄ ئي پورائي ڪري ٿا ڇڏيون.

سقاني الحب كاس بعد كاس

فما نفد الشراب و مارويت

باري تعاليٰ سندن هن علمي پورهئي جو بهتر صلو ڪين عطا فرمائي، سندن اولاد، ٻچن کي دنيا و آخرت جي عزت ۽ چڱائي عطا فرمائي. اسان جيڪي سندن روحاني اولاد آهيون سندن نقش قدم تي هلائي ۽ آخري دم تائين خدمت علم ديني ۾ قبول فرمائي.

آمين بجاه سيد الاولين والآخرين.

صلي الله علي سيدنا محمد و عليٰ آله و صحبه اجمعين.

# قبلہ استاد مفتي محمد رحيم سڪندري

مفتي فيض محمد سڪندري
سڪرنڊ

هڪ چوٽي آهي تہ مالايدرڪ ڪله لايترڪ ڪله يعني جنهن سڀ ڪي حاصل نٿو ڪري سگهجي اهو سڀ ترڪ بہ نہ ڪيو ويندو.

انهيءَ مطابق استاد مفتي صاحب جي زندگي جون ڪجهہ ڳالهيون قلمبند ڪجن ٿيون. تمام احوال جو احاطو يا احصاء مون لاءِ مشڪل آهي.

پاڻ حافظ بہ تہ عالم بہ، فقيہ بہ تہ محدث بہ، مفتي بہ تہ مفسر بہ، وٽن تقويٰ بہ تہ طهارت بہ ، اخلاق حسنہ بہ تہ احوال صادقه بہ ، علم بہ تہ عمل بہ، خوف بہ تہ خشيت بہ، اصول بہ تہ فروع بہ، معقول بہ تہ منقول بہ، خوبيون بہ تہ خدمتون بہ. عشق الٰهي بہ تہ محبت رسول بہ، الحب لله بہ تہ البغض لله بہ، اسلام بہ تہ ايمان بہ، ايقان بہ تہ عرفان بہ.

ڪتاب الله،صبغت الله جو رنگ بہ تہ سنت رسول الله جو سينگار بہ، مرشد ڪريم جي حضور ۾ ڪوڙ سارين برڪتون، رحمتون حصي ۾ آيون. سندن جلوتون بہ ڏٺيوسين تہ خلوتون بہ ڏٺيون.

تفسير پڙهائيندي ڪين ڏٺو تہ حديث پڙهائيندي بہ ڏٺو، ڪڏهن روزي واري جي حضور ۾ ڪائنہ حديث پڙهي تہ ڪڏهن حرم نبوي ۾ گنبذ خضريٰ جي سامهون حديث پڙهي. ڪڏهن ڪين قرآن ڪريم جي تلاوت ڪندي ڏٺو تہ ڪڏهن وڏي چاهہ سان قرآن ڪريم ٻڌندي ڏٺوسون.

نماز ۾ بہ ڏٺو تہ ذڪر و فڪر ۾ ڏٺو، درود سلام پڙهندي ڏٺو تہ ڪڏهن نعت ٻڌندي ڏٺو.

رات جي آخري حصي ۾ ذڪر بالجهر ڪندي بہ ٻڌو تہ پنهنجي ڪريم رب جي حضور ۾ روئندي ، گريو ڪندي بہ ٻڌو، خدمت خلق ۾ بہ ڏٺو تہ دعائن ۾ توجه الي الحق ۾ بہ ڏٺو.مرشدن جي خدمت ۾ ڏٺو تہ سندن محبت ۾ بہ ڏٺو.

عمر خدمت ۾ گذاريائون، قرآن پاڪ جي تعليم، حديث پاڪ جي تدريس ، دين اسلام جي ترويج ۽ نشر و اشاعت.

درگاهه شريف جي چانو ۾ ديني مدرسن جو قيام ، تعليمي نظام کي بهتر ڪرڻ. سندن شديد خواهش هئي تہ قديم ۽ جديد، ديني ۽ عصري علوم تي مشتمل هڪ عظيم يونيورسٽي جو قيام ٿئي.

جماعت ۽ عام اهل اسلام جا ٻچڙا اتي مطلوبہ علوم جي تڪميل ڪن، انهيءَ واسطي منهنجي علم مطابق هڪ سفر بہ ڪيائون. سڪرنڊ طرف آيا، سندن ارادو هيو هاڻ وي تي، پنج ايڪڙ جو انتظام ٿئي تہ انهيءَ اداري جو قيام عمل هيٺ اچي. نيشنل هاءِ وي کان سائيڊ تي زمين چند ايڪڙ ملي ٿي پر گهٽو سائيڊ تي هئي ۽ هاءِ وي صرف هڪ ايڪڙ ٿي مليو.
سندن ارادو هيو تہ انتظام ٿئي تہ حضرت پيرسائين چٽ ڏٽي قدس سره جن کان دعا ڪرائي ڪم شروع ڪرائجي،ليڪن هرشي مشيت الٰهي تي موقوف آهي.
الغرض دين اسلام جي خدمت جا اهي جذبہ وٽن هئا. ۽ ڪافي حد تائين ڪيائون. سندن زندگي جا بي شمار شعبہ ۽ گوشہ آهن. تن مان ڪي ٿورا هيٺ عرض ڪجن ٿا. پوءِ مرتب يا غير مرتب طور آهن، پر آهن سندن زندگي سان وابستہ !!

**بخاري شريف ۽ ڪتاب المغازي!**

سڪرنڊ ۾ دورهء حديث پڙهائي رهيو هئس. هڪ ڀيري فون ڪري فرمايائون تہ ڪورس ۾ تہ بخاري شريف جلد اول آهي اهو تہ پڙهائين پيا پر جلد ثاني مان ڪتاب المغازي بہ ضرور پڙهائجو.
غور ڪيم ان جو حڪم ڇو فرمايائون.

سچ اهو آهي تہ بخاري شريف کي امام بخاري رحمہ اللہ، حضور جن ﷺ جي عشق ۽ محبت ۾ سرشار ٿي تصنيف فرمايو.

پر ڪتاب المغازي ۾ محبت رسول جا لازوال نقوش بيان ٿيل آهن. امام بخاري رحمہ اللہ اجان صحيح بخاري تصنيف نہ ڪئي هئي پهريان جيڪو خواب ڏٺو ۽ ڪيس پاڻ ڪريمن جي زيارت نصيب ٿي ۽ اهو خواب ئي صحيح بخاري جي ٺاهڻ جو باعث ٿيو. اهي سڀ محبتن جا واقعات آهن.

ڪنهن بہ حديث جي لکڻ کان اڳ غسل ڪرڻ ۽ بہ رڪعتون نفل پڙهڻ ۽ پوءِ ڪتاب ۾ حديث کي درج ڪرڻ اهو سڀ ادب ۽ محبت ناهي تہ ٻيو ڇاهي.
انهيءَ انداز ۾ احاديث طيبہ کي جمع ڪرڻ جي ڳالهہ حافظ ابن حجر رحمہ اللہ

’هدي الساري مقدمه فتح الباري‘ ص ۹ تي لکي آهي.

ڪتاب المغازي ۾ پاڻ ڪريمن جي تصرف ۽ طاقت، علم ۽ فضل، معجزات و ڪمالات جو وڏو ذخيرو موجود آهي.

حضور جن جي عطائي علم غيب جون ڪيترين ئي حديثون موجود آهن. اهل سنت جي ڪيترن ئي عقيدن جو ثبوت موجود آهي.

۽ انهن جانثار ساٿين جي قربانين جو ذڪر موجود آهي جن هرشيءِ ڪان نبي ڪريم ﷺ جي حڪم کي مقدم رکيو. جان ۽ مال کي حضور جن جي مٿان قربان ڪيو. هربي ادب ۽ گستاخ کي انجام تائين پهچايو.

نہ گرمي ڏٺي ۽ نہ سردي ڏٺي، نہ رات کي ڏٺو ۽ نہ ئي ڏينهن ڏٺو. نہ طوفان ڏٺو ۽ نہ ئي برسات کي خاطر ۾ ڏٺو. جڏهن جنهن مهل حڪم ٿيو لبيڪ چوندا رهيا.حسن محمدي ۽ جمال مصطفيٰ ﷺ جا عاشق ۽ پروانہ قدمن ۾ ڪسندا رهيا.

حسن یوسف پہ کٹیں مصر میں انگشت زنان

سر کٹاتے ہیں تیرے نام پہ مردان عرب۔

ارض و فلڪ عشق و محبت جا اهي انداز بہ ڏٺا.

استاد مفتي صاحب رحمه الله جو بہ اهو ارادو هيو تہ حضور ڪريم ﷺ جي ذات سان محبت ڪندڙن جا داستان اهي بہ صحيح بخاري ۾ پڙهي ۽ پڙهائي اندر اجاريو وڃي ۽ محبت جي ميدان ۾ انهن عاشقن جي نقش قدم تي هلڻ کپي.تڏهن بہ ڪتاب المغازي پڙهائڻ جو حڪم ڏنائون.

حافظ ابن عساڪر، حديث شريف حاصل ڪرڻ لاءِ نيشاپور ۾ ابو عبدالله الفراوي وٽ ويو، ڪجھ وقت انهيءَ وٽ رهيو، انهي استاد خود بيان ڪيوتہ ابن عساڪر ٿي ڏينهن مون وٽ رهيو پڙهيو (پر) مون کي تڪليف ڏنائين. مون قسم ڪنيو تہ دروازو ئي (هن لاءِ) بند ٿو ڪيان.

صبح تي مون وٽ هڪ شخص آيو ۽ چيائين:

انا رسول رسول الله

مان رسول الله ﷺ جو قاصد آهيان.

مون ڪيس چيو مرحبا بڪ اوهان ڪي پليڪار.

ان چيو تہ مون ڪي خواب ۾ حضور جن فرمايو تہ فراوي ڏانهن وڃ ۽ ڪيس وڃي چئو تہ توهان جي شهر ۾ هڪ شامي شخص منهنجي حديث جي طلب ۾ آيو آهي، سو تون انهيءَ ڪان ملول نہ ٿي، تنگ نہ ٿي.

قزويني چيو: الله جو قسم (انهيءَ ڪان پوءِ) جيستائين حافظ (ابن عساڪر) نہ اٿندو هو تيستائين فراوي بہ (پڙهائڻ ڪان نہ اٿندو هو.

(تاريخ مدينہ دمشق ج١ ص ١٧)

اهو واقعو حافظ ذهبي رحمه الله 'تذڪرة الحفاظ' ۽ 'تاريخ اسلام' ۾ پڻ آندو آهي.

**ٻيو واقعو:** استاد مفتي صاحب جنهن ڳالهہ جي سبب 'تاريخ دمشق' خريد ڪئي، ان ۾ هڪ واقعو هي بہ آهي جيڪو خود حافظ ابن عساڪر رحمه الله نقل ڪيو آهي.اهو واقعو دنياءِ اسلام جي عظيم محدث يحيٰ بن معين رحمه الله بابت آهي.

مصر ڪان عراق، عراق ڪان مدينہ منوره آيو، سندن وصال ٢٣٣ هجري ۾ ، سرزمين مدينہ منوره ۾ ٿيو. حج جو ارادو هين، پر وقتِ وفات اچي ويو. پر ڪيس اها برڪت ملي جو جنهن تختي تي حضور نبي اڪرم ﷺ جن ڪي غسل ڏنو يو هيو انهيءَ تختي تي حضرت يحيٰ بن معين ڪي غسل ڏنو ويو.

(تاريخ مدينہ دمشق ج ٦٥ ص ٧)

**تاريخ مدينہ دمشق جي خريداري!**

اهو عظيم الشان ڪتاب، حافظ ابوالقاسم علي بن الحسن رحمه الله جو تصنيف ٿيل، جيڪو حافظ ابن عساڪر سان معروف مشهور آهي. (٤٩٩_٥٧١) ٨٠ جلدن ۾ تحقيق سان دارالفڪر بيروت مان شايع ٿيو.

١٩٩٥ع ۾ اهو ڪتاب آيو قيمت گهٽي هئي، پر استاد مفتي صاحب عليہ الرحمة وٽي آيا.

بعد ۾ هڪ ٻيري پاڻ ٻڌايائون تہ اهو ڪتاب ٥٠ هزار جي ڳري قيمت وارو وٽي آيس ، ان جي خريد ڪرڻ جو باعث چند شيون ٿيون.

**خود مصنف جو هڪ واقعو:** استاد مفتي صاحب رحمه الله جيڪو واقعو ٻڌايو هيو، اهو تازوهڪ جلسي ۾ جيڪو سندن ئي ياد ۾ جمعيت علماءِ

سڪندريہ تعلقه ڪنگري ۾ انجمن غلامانِ مصطفي طرفان پير جو ڳوٺ ۾ منعقد ڪيو ويو هو. انهيءَ پروگرام ۾ راقم اهو واقعو بيان ڪيو. ليڪن مختصرا عرض ڪيو.

پروگرام ۾ استاد مفتي صاحب جا صاحبزاده خليفہ حاجي محمد اڪرام جن بہ هئا. پروگرام ڪان بعد ۾ گاڏي تائين گڏجي آيا ۽ تفصيلي واقعو ٻڌايائون تہ مدينہ منوره ۾، حرم پاڪ اندر تاريخ دمشق جي خريداري ڪان بعد ۾ اهو واقعو بابا مون کي ٻڌايو ۽ ٻيو بہ واقعو مون کي اتي حرم پاڪ ۾ ٻڌايو.

راقم کي بہ سائين مفتي صاحب جن بہ واقعا ٻڌايا. مصنف رحمه الله وارو واقعو ساڳوئي آهي، باقي ٻيو واقعو الڳ آهي.

هت مصنف وارو واقعو ۽ ٻيو اهو واقعو لکجي ٿو. جيڪو خليفي محمد اڪرام ٻڌايو. باقي هڪ رهندو اهو ڪنهن ٻي ساعت. ان شاءَ الله

استاد مفتي صاحب فرمايو، انهن ڳالهين جي ڪري تاريخ دمشق خريد ڪيو.

يقينا اهي ٻئي واقعا محبت رسول ﷺ جو عظيم مثال آهن. ۽ انهيءَ محبت کين ڪتاب جي خريد ڪرڻ جو شوق ڏياريو. اول واقعي ۾ حديث جي طالب جي عظمت جو بيان آهي جو شاگرد واسطي استاد کي حڪم ٿو ڏنو وڃي تہ ان کي پڙهاءَ ۽ ان کان آزرده نہ ٿي. قسم ٽٽي ٿو تہ ڪفارو ادا ڪيو ويندو پر ابن عساڪر کي پڙهايائين.

۽ ٻي واقعي ۾ عظيم محدث، حديث جي راوي ۽ دنيا کي حديث جو فيض ۽ علم ڏيندڙ کي اها وڏي سعادت ملي جو سرڪار دو عالم ﷺ جي غسل واري تختي تي غسل نصيب ٿيو.

**بشارتون:**

ڪتاب و سنت جا خادم، درس و تدريس ۾ مشغول رهندڙ فقه ۽ فتويٰ جا صاحب ، پٺ تي ويهي حديث شريف پڙهائيندڙ، الله رسول کي پيارا آهن. سرڪار دو عالم ﷺ جون انهن کي ڪيئي دعائون آهن.

امت ۾ اهڙا بہ عالم گذريا جن کي عالم رؤيا ۾ بہ ۽ ڪن کي سجاڳي ۾ بہ ديدار جو شرف عطا ٿيو. ڪن لاءِ سفارشون آيون تہ ڪن واسطي سلام آيا.

حافظ ابن عساڪر جو واقعو اڳ ۾ بيان ٿي چڪو آهي.

مون کي ذاتي طرح اها خبر آهي تہ ڪنهن سعادتمند ذريعي حضور ڪريم ﷺ طرفان استاد مفتي صاحب رحمه الله جن ڏانهن هڪ نہ پر ڪيئي ڀيرا سلام پهچايا ويا.(۽ زيارت مصطفيٰ ﷺ جي حوالي سان ڪجهہ اشارا موجود آهن.)

اها خبر مون کي استاد مفتي صاحب تہ ڪڏهن بہ نہ ٻڌائي پر مون کي انهيءَ ٻڌائي جنهن کي سلام پهچائڻ جو حڪم مليو.

هڪ جو اهو بہ بيان هيو تہ مون مدينہ منوره ۾ خواب ۾ ڏٺو تہ حضرت سيدنا غوث الاعظم رضي الله عنه جن آهن پاڻ سائين مفتي صاحب سان مدينہ پاڪ ۾ ئي ياڪر پائي ملي رهيا آهن. اها ڳالهہ بہ خواب ڏسندڙ ڪان آئي هئي نہ استاد مفتي صاحب ڪان.

الله تعاليٰ مٿن رحمت جا مينهن وسائي. اسان ڏٺو پاڻ تعريف واري ڳالهہ جي اظهار ڪان بچڻ جي ڪوشش ڪندا هيا. ڪوڙي تعريف ڪان تہ سخت نفرت ڪندا هيا. منهن تي تعريف ڪي بہ پسند نہ ڪندا هئا. علم و عمل، ايقان ۽ عرفان جا مجمع هئا.

حضرت نبي ڪريم ﷺ جي عشق، محبت ۾ مستغرق هئا، ادب احترام سان سندن ذڪر ڪندا هئا. ذڪر وقت سندن اکيون آليون ٿي ويندڀون هيون. ڪڏهن تہ گريہ جو آواز بہ ٻڌڻ ۾ ايندو هو. اهي سڀ سندن محبت جون علامتون آهن.

**ڪتابن جو شوق:**

استاد مفتي صاحب رحمه الله جن کي ڪتابن جو وڏو اشتياق هوندو هيو. مارڪيٽ ۾ ڪو بہ اهڙو نئون ڪتاب جيڪو حديث يا سيرت پاڪ سان متعلق هجي طبع ٿيندو هيو تہ هر صورت ۾ اهو خريد ڪندا هئا.

درگاهہ مبارڪ تي حاضري وقت سڏي ڪتاب ڏيکاريندا هئا. ڪابہ نئين ڳالهہ ان ۾ ڏسندا هئا تہ بيان بہ ڪندا هئا. ۽ اگر مون کي ڪا اهڙي نئين ڳالهہ نظر اچي ويندي هئي سندن ئي ڪتاب ۾، عرض ڪرڻ بعد ٻڌندا يا خود ڏسي تحسين فرمائيندا. ماشاءَ الله بارڪ الله سان دعائون ڏيندا هئا.

سندن اها بہ عادت هئي تہ سامهون يا ڪڏهن فون تي پڇندا هئا. ڪهڙا

ڪتاب ورتا اٿؤ؟ يا هن وقت ڪهڙو ڪتاب مطالعي هيٺ آهي؟ ۽ ان ڪتاب ۾ ڪا خاص ڳالهه مطالعي ۾ آئي؟

ڪتابن جي سلسلي ۾ ڪهڙي ڪهڙي مڪتبہ تي ويا. حرمين شريفين هجون، فون تي رابطو ٿيندو هيو تہ ڪتابن جي ڳالهه ڪلندي هئي تہ معلوم ڪندا هئا. ڪهڙن مڪتبن تي ويا؟ ڪهڙا ڪتاب ڏٺا يا ورتا؟

بخاري شريف جو هڪ شرح وٺي آيا.اهو شرح ابن ملقن رحمه الله 'التوضيح' جي نالي سان لکيو هو.

درگاهہ پاڪ تي حاضري ٿي. جامعہ ۾ آيس. ڪمري ۾ اهو شرح گهران گهرائي ڏيکاريائون. جلد اول کي پڙهيم پي، ابن ملقن رحمه الله جي سوانح کي پڙهي رهيو هئس.

ابن ملقن جي وجه تسميہ پڙهيم، بهتر معلومات تي خوشي ٿي. اڳ اها خبر نہ هئي.

جڏهن اهو وجه استاد مفتي صاحب کي عرض ڪيم ، ڏاڍي خوش ٿيا ۽ فرمايائون تہ مون اڄان ان کي نہ ڏٺو آهي ابن ملقن سان شهرت جو وجہ!

موصوف جو والد گذاري ويو هيو، يتيم هيو، سندس والده جي ٻي شادي ٿي پر اها هڪ وڏي عالم سان ٿي.

ابن ملقن والده سان گڏ هيو، عالم وٽ پروش بہ ورتي تہ اهو ابن ملقن جو استاد بہ ٿيو.ملقن معنيٰ تلقين ڪندڙ، سيکاريندڙ، استاد. انهيءَ نسبت سان ابن ملقن مشهور ٿيو.

استاد مفتي صاحب سان شيئر ڪرڻ بعد پاڻ خوش ٿيا ۽ تحسين فرمائي.

**خلقِ خدا جا ڪم ڪرڻ:**

استاد مفتي صاحب ديني خدمات تہ بهتر انداز ۾ سرانجام ڏيندا هئا. انهيءَ سان گڏ خلقِ خدا ۽ بالخصوص جماعت جا ڪم، انهن جون حاجتون ، ضرورتون ، سوشل ۽ سماجي ڪم پڻ ڪندا هئا.

اگر فون تي ڪنهن جو ڪم ٿيندو هو تہ ان تي گذارو ڪندا هئا. پر اگر هلي وڃڻ سان ڪنهن جو ڪم ٿيندو هو تہ ان ۾ بہ ڪوشش ڪندا هئا. درحقيقت اهو منصب بہ قدرت طرفان هوندو آهي.

حديث پاڪ ۾ ايندو آهي تہ الله تعاليٰ جا ڪي ٻانها آهن جن کي ماڻهن جي حاجتن واسطي پيدا ڪيو اٿس.

انهن جي بابت الله قسم کنيو آهي تہ ڪين جهنم جو عذاب نہ ڏيندو. بروز قيامت انهن جي واسطي نور جا منبر رکرايا ويندا. باقي ماڻهو تہ حساب جي عمل ۾ هوندا پر هي ٻانها منبرن تي الله تعاليٰ سان هم ڪلامي واري شرف سان مصروف هوندا. (الابعون للنبهاني ص ۴۰۳)

هڪ ٻي حديث اندر آهي پاڻ فرمايائون: جنهن بہ شخص پنهنجي مسلمان ڀاءُ جي واسطي ڪنهن ضرورت ۾ ڪوشش ورتي پوءِ ان جو اهو ڪم ٿئي يا نہ ٿئي پر ڪوشش ڪندڙ جا اڳيان پويان سڀ گناهہ بخشيا ٿا وڃن ۽ ان جي لاءِ جهنم ۽ نفاق کان برات نجات لکي ويندي. (الاربعون للنبهاني ص ۴۰۳)

انهيءَ عنوان تي خود استاد مفتي صاحب هڪ حديث پاڪ ٻڌائيندا هئا جيڪا بخاري ۽ مسلم ۾ آهي. رسول الله ﷺ فرمايو:

اذا جاء ني طالب حاجة فاشفعوا له کي توجروا. (الابعون للنبهاني ص ۴۰۹)

جڏهن ڪو حاجتمند مون وٽ اچي تہ توهان ان جي لاءِ سفارش ڪريو. تہ جيئن توهان کي ان جو اجر ثواب ملي.

معنيٰ ضرورت وارن جي لاءِ سفارش ڪرڻ تي بہ اجر آهي.

استاد مفتي صاحب ماڻهن جي ڪيترو ڪم آيا، ان جا سوين نہ ، هزارين مثال آهن.

حديث پاڪ ۾ اهو بہ آيل آهي تہ خير الناس انفعهم للناس. ماڻهن کي نفع ڏيڻ وارو حديث پاڪ مطابق نہ صرف ماڻهن ۾ بهتر آهي پر ٻي حديث ۾ آهي تہ خلق مان خدا وٽ وڌيڪ محبوب اهو آهي، جيڪو ٻين کي وڌيڪ نفعو ڏي. (طبراني ڪبير رقم ۹۸۹۱)

۽ مقام محبوبيت وارا صاحب ولايت ٿين ٿا. استاد مفتي صاحب رحمه الله جن خلق کي ۽ خاص طرح جماعت کي ديني، دنياوي ،هر قسم جا نفعہ پهچايا انهن جي ضرورت ۾ ڪم آيا.

درگاھ مبارڪ جي بزرگن جي بہ اها تعليم رهندي آئي آهي ۽ سندن عمل بہ اهو رهيو آهي.

امام العارفين حضرت پيرسائين روزي ڌڻي رضي الله عنه جن پاڻ بہ بنفس نفيس خلق جي معاملات ۽ حوائج جي حل واسطي وقت جي حڪمرانن وٽ تشريف وٺي ويندا هئا. جيئن ملفوظات شريف مان ظاهر آهي.

الغرض استاد مفتي صاحب جن بخوشي خلق خدا جي خدمت ڪندا هئا.

ڪيئن نہ پاڻ اهي ڪم ڪن ها، جنهن بخاري شريف کي سالها سال پڙهائيندا رهيا. انهيءَ بخاري شريف جي حديث ٣ جي اندر خود حضور نبي ڪريم صلى الله عليه وسلم جن جو اهو عمل ٻڌايل آهي جو ام المومنين حضرت خديجہ رضي الله عنها عرض ڪيو ۽ پاڻ ڪريمن جي انهن عملن، ڪمن جو ذڪر ڪيو.

غريبن ، مسڪينن جي ڪم اچو ٿا، انهن جا بار کڻو ٿا، امداد ۽ اعانت فرمايو ٿا.

حديث پاڪ نہ فقط پڙهايائون پر حتي المقدور ان تي عمل بہ ڪندا رهيا. علم و عمل جا جامع ئي رباني عالم هوندا آهن.

**حرمين شريفين جي حاضري ۽ ڪجھ يادون:**

سن ١٩٩٧ع ۾ درگاھ شريف ، جامعہ راشديہ ۾ راقم بہ استاذ جي حيثيت ۾ رهيو. هڪ پيري عشاء جي نماز کان بعد درگاھ پاڪ ۾ ئي مون کي فرمايائون تہ ارادو اهو آهي تہ حرمين شريفين جو سفر ڪجي. تون بہ انهيءَ لاءِ تياري ڪر. مون سعادت سمجهي تياري ڪئي ليڪن قسمت نہ ٿي.

بعد ۾ سندن سات ۾ وڃڻ جي تياري ڪئي پر نصيب نہ ٿيو.

ڏهن سالن جي گذرڻ بعد ٢٠٠٧ع ۾ منهنجي تياري ٿي وئي . نصيب ٿيو. مڪي مڪرمہ مان فون تي عرض ڪيم.

حال احوال بعد فرمايائون: بيت الله شريف ۾ خاص ڪري رات جو اڌ رات گذرڻ کان بعد ويندا ڪريو، اهو وقت خصوصا اولياءِ ڪرام جي اچڻ جو بيت الله ۾ حاضري جو آهي. (الله بهتر ٿو ڄاڻي انهيءَ بات سندن معلومات جو ذريعو ڇا هيو يا اهو سندن مشاهدو هيو.)

"ولي را ولي مي شناسد" اهو بہ بزرگن جو فرمان آهي.

مڪي پاڪ کان پوءِ جڏهن مدينہ منوره ۾ حاضري ٿي. اتان فون تي

رابطو ڪيم ، احوال ورتائون. هرشيءِ متعلق پڇن پيا، وري ڪجھ هدايتون پڻ ڏين پيا. سوال ڪيائون حرم پاڪ ۾ ڪٿي ويهندا آهيو. ڪهڙي دروازي وٽ ويهندا آهيو، سلام عرض ڪرڻ مواجھ شريف ڪهڙي وقت وڃو ٿا. رياض الجنة، جنة البقيع، احد جي حاضري سيڻن بابت پڇا ڪن پيا.

باب جبريل ڪان قدمن مبارڪن ڪان دروازو ڪلندو آهي ۽ هيترو وقت ڪليل رهندو آهي انهن وقتن ۾ وڃو،پوءِ جيترو وقت ويهي سگھو وضوء جي لحاظ سان ويهندا ڪريو.

بعد ۾ متعدد ڀيرا عمري تي حاضري ٿي. ليڪن ٢٠١٩ ع ۾ اها سعادت نصيب ٿي جو ڪجھ ڏهاڙن جي رفاقت ۾ حرم مدينہ ۾ حاصل ٿي، بخاري شريف جي درس واري برڪت بہ ، انهيءَ سال حاصل ٿي. ۽ ڪيئي برڪتون رحمتون نصيب ٿيون.

**مدينہ منوره ۾ سندن استغراقي ڪيفيت:**

جنهن مبارڪ شهر ۾ حضور ڪريم ﷺ جلوه افروز آهن، اتان جي رهندڙن ، حاضري ڏيندڙن جون ڪيفيتون ۽ جذبات سندن حالات مطابق جدا جدا آهن. هت صرف استاد مفتي صاحب جن جي فقط هڪ ڳالھ جيڪا منهنجي سامهون ٿي اها عرض ٿو ڪريان.

٢٠١٩ ع ۾ مسجد نبوي ۾ هئاسون، استاد مفتي صاحب، خليفه حاجي محمد اڪرام ، صاحبزاده ظفر صاحب ۽ ٻيا ساٿي بہ گڏ هئا. اتي سائين مفتي صاحب پڇيو اڄ ڪهڙو ڏينهن آهي. ٻڌايو ويو فلاڻو ڏينهن آهي. ڏينهن جي حوالي سان ٻيون ڳالهيون تہ پنهنجي جاءِ تي پر پاڻ تہ روزانہ دلائل الخيرات پڙهڻ جا بہ پابند هئا. ۽ ان جي بہ اڳ ۾ تلاوت ڪري چڪا هئا.

انهيءَ مان اهو اندازو يقين سان لڳائي سگھجي ٿو تہ سندن توجھ مدينہ پاڪ ۾ ۽ بالخصوص حرم پاڪ ۾ اندر ڪنهن طرف رهندو هيو جو وار برابر بہ ٻي طرف نہ ويندو هيو.

انهيءَ جاءِ سندن صاحبزادي حاجي محمد اڪرام جن، استاد مفتي صاحب ڪي ڏينهن جي حوالي سان عرض ڪيو تہ اوهان مديني پاڪ روزاني ڏينهن جي حساب ڪان سواءِ سڀي دلائل الخيرات پڙهندا آهيو.

ان تي سائين مفتي صاحب فرمايو تہ، الحمدلله روزاني حرم پاڪ ۾ جيترا ڪلاڪ هوندو آهيان، ۽ هميشہ اهو معمول آهي تہ بجاءِ اڪثر دلائل الخيرات شريف پڙهندو آهي ۽ هر روز ڪيئي ختم مڪمل ٿيندا آهن. ۽ زندگي ۾ درود و سلام جون بي حد برڪتون مليون آهن . ڪجھ جو تذڪرو بہ فرمايو. انهيءَ مان بہ شيون ظاهر ٿين ٿيو. هڪ سندن قلبي ڪيفيت ۽ توجہ ! ۽ ٻيو تہ حرم پاڪ ۾ دلائل الخيرات جي ڪثرت سان تلاوت.

سندن بيان بعد سوچيم پئي تہ اڳتي مديني پاڪ ۾ اسين بہ دلائل شريف جي اهڙي طرح تلاوت ڪريون. ان شاءَ الله ان تي عمل ڪبو.

**پيرسائين ڇٽ ڌڻي جي چانوَ ۾:**

حضرت پيرسائين ڇٽ ڌڻي جي ڇانو ۾ لکين پلجندا رهيا. هزارين عالم، حافظ بہ سندن مبارڪ ڇانوَ ۾ رهيا ۽ آهن.تن ۾ استاد مفتي صاحب بہ خاص ڇانوَ ۾ رهيا.

عارفن جي امام،طالبن کي پنهنجي مطالب تائين پهچائيندڙ ، وقت جي مجدد حضرت پير سائين روزي ڌڻي رضي الله عنه جن جي نظر مبار ڪ تہ مٿس بلاشبہ هئي،خانقاه جي تمام بزرگن مشائخن جي رحم جي نگاھ سندن مٿان هئي.

جمع الجوامع جي اشاعت، خزانة المعرفت ۽ ديوان مسڪين جو ترجمو، ان جو ظاهر ظهور ثبوت آهي.

موجوده پيرسائين سردار جن بہ ڪمال مهربان رهيا جو خلافت بہ سندن کي ۽ پوءِ سندن صاحبزادي کي عطا فرمائي.

حضرت پيرسائين ڇٽ ڌڻي بادشاھ قدس سره جن تہ ايترا مهربان رهيا جو ڪڏهن تہ عيد جي خطبي ۾ استاد مفتي صاحب جا ڪي ڇيل جملا، لفظ، پنهنجي خطاب مبارڪ ۾ استعمال فرمائيندا ۽ عيد مبارڪ چوڻ ۾ بہ شريڪ فرمائيندا هئا.ان مان بہ شيون ظاهر ٿين ٿيون.

١. استاد مفتي صاحب جي ڏنل خطبي جي تائيد ۽ توثيق

٢. استاد مفتي صاحب جي حوصله افزائي بہ ۽ عزت ملڻ واري بہ

**شاگردن تي شفقت:**

تمام شاگردن، حديث جي طالبن سان مهربانيون ڪندا رهيا. ان جا

واضح مثال موجود آهن.

راقم فقير تي گھڻو مهربان بہ رهيا. شفقتون بہ فرمايائون.

فراغت کان بعد معقولات جي تعليم لاءِ سنڌ کان ٻاهر موڪلڻ جو پروگرام مرتب ڪيائون ، مختلف عالمن جا نالا ورتائون.

پشاور ۾ حضرت مولانا پير محمد وڏو منطقي عالم ٿي گذريو آهي. ان جو نالو بہ هيو. خان ٻيلي جي حضرت مولانا مفتي محمد حسين جو نالو بہ زير غور رهيو.

پر بالآخر استاد مولانا محمد شفيع سعيدي جن تي ڪٽو بيٺو. اڳ ۾ حضرت مولانا مفتي غلام قادر ٻوهيو بہ اتان پڙهي آيا هئا. لهذا جن پور رحيم يار خان ۾ استاد سائين ڏانهن موڪليائون. اتان کان فارغ ٿيڻ بعد جامعہ راشديہ ۾ مدرس ڪري رکيائون.

فتويٰ جا جيڪي بہ اکر لکون ٿا اهي سڀ سندن مرهون منت آهن.

**دستار وقت دعا:**

دعائون تہ پاڻ کوڙ ڏنائون، هميشہ ڏنائون، درگاهہ پاڪ کان حرمين تائين هرجاءِ ڏنائون ، وصال مبارڪ کان بہ ڏينهن اڳ ۾ ڪراچي اسپتال ۾ گهرائي بہ ڏنائون.

پر هڪ دعا ۱۹۹۳ع ۾ منهنجي دستار وقت بہ ڏنائون. اهو آواز اڄ ڪنن ۾ گونجي ٿو. انهيءَ سال جامعہ راشديہ مان دستار ڪندڙ اڪيلو مان هيس. دستار وقت اعلان ڪندي پاڻ منهنجو نالو ڪنيائون ۽ فرمايائون:

”هن سال جامعہ راشديہ مان دستار جي لاءِ آهي هڪ، پر گهڻن جون سڪون لاهيندو.“

هي بہ سندن شفقت هوندي هئي جو درگاهہ مبارڪ کان ڪراچي تائين جتي بہ وڃن وڃڻ ٿيندو هو اڳ ۾ ننگر جي پچا ۽ اصرار سان ڪارائيندا بہ هئا.

جامعہ راشديہ ۾ طالب علمي جي زماني ۾ موقوف عليہ ۽ دوره حديث واري سال روزاني صبح جي چانهہ ۽ ڪيڪ ضرور عنايت ڪندا هئا. اگر ڪنهن ڏينهن سبق نہ ٿي سگهيو تڏهن بہ چانهہ ۽ ڪيڪ جي قضا نہ ٿيندي هئي. ڪنزالايمان ترجمي جي تصحيح آخري مرحلي ۾ هئي، تصحيح ڪندڙ ٽيم ۾

ڪنهن وقت راقم کي بہ شامل ڪندا هئا. فقير آخري سالن ۾ هيو. ننگر وقت ٽيم ۾ نہ هوندو هيس تہ گهرائي ونندا هئا. فرمائيندا هئا تہ تصحيحي عمل ۾ شريڪ آهين تہ ننگر ۾ بہ شريڪ رهندين. اهڙين ڪوڙ ساريون سندن مهربانيون رهيون.

**عقيده اهلسنت تي استقامت:**

استاد مفتي صاحب رحمه الله درس، تحرير ۽ تقرير اندر مسلڪ اهلسنت تي مضبوط رهيا.

اهل نجد بابت هڪ جيد عالم سان گفتگو هلي رهي هئي، راقم بہ ان محفل ۾ موجود هيو. انهيءَ عالم جو خيال هيو تہ نجدي بدعتي آهن. ليڪن استاد مفتي صاحب جن جي راءِ انهن جي متعلق اجان سخت هئي. ان تي اهل نجد جي چند عقيدن کي بيان ڪيائون تہ اهڙن عقيدن وارن واسطي نرم راءِ ڪيئن رکبي.

طالب علمي جي زماني ۾ پير ڳوٺ جو هڪ شخص آيو، اهو مون کي سندن جنازي ۾ بہ نظر آيو.انهيءَ شخص کي اهل ديوبند جي طرفان ڪتابن ۾ ڪيل گستاخانہ عبارتن تي شايد شڪ هو.

استاد مفتي صاحب ڪيس فرمايو اگر توکي انهن ڪتابن ۽ عبارتن تي ڪو شڪ آهي تہ توکي اهي عبارتون ڏيکاري سگهجن ٿيون. اڪين سان ڏس تہ اهي عبارتون آهن يانہ ؟

هو تہ ان لاءِ تيار نہ ٿيو، البتہ پاڻ حق ادائگي ڪري چڪا. سندن اها شدت ۽ حق گوئي محبت رسول ﷺ جو نتيجو هيو. اهڙي طرح پاڻ ڪريمن جي هر نسبت جو وڏ ۾ وڏ خيال ڪرڻ وارا هئا. صحابہ ڪرام ۽ اهل بيت عظام بابت پنهنجي مشائخ عظام جي تشريح مطابق ادب ۽ احترام جو تعلق رکندڙ هئا.

حضرت سيدنا غوث الاعظم رضي الله عنه جو ذڪر انهن لفظ سان جيڪي ذڪر ڪيم وڏي احترام وچان ڪندا هئا.

پوري زندگي درگاهہ پاڪ جي فڪر جي ئي پرچار ڪندا رهيا. درگاهہ مبارڪ جي طور طريقي کي ڇڏي ڪڏهن بہ ٻئي طرف نہ واجهايائون. انهيءَ حوالي سان اسان شاگردن واسطي بهتر طريقو ڇڏيائون جن جي حضور ۾ زندگي ۾ رهيا دعا آهي بعد وصال انهن جي ئي حضور ۾ هوندا.

# استادن جو عڪس

فقير خليفہ احمد صالح مهر
مُک چونڪي گمھ

سائين مفتي محمد رحيم صاحب تي لکڻ منهنجي لاءِ ائين آهي جيئن سج کي ڏيئو ڏيکارجي پر ان پيڙڙي وانگر جيڪا حضرت يوسف عليہ السلام جي خريداري وقت سُٽَ جو هڪ فورو ڪٽي آيل هئي. تہ صرف حضرت يوسف عليہ السلام جي خريدارن ۾ نالو اچي. ان جي پيروي ڪندي آءُ بہ هڪ واقعو مفتي صاحب جي ساروڻين ۾ رقم ڪيان ٿو.

غالبن مارچ ٢٠١٣ جو واقعو آهي هڪ نئون جماعتي دوست جنهن اصرار ڪيو تہ منهنجو نڪاح درگاهہ شريف جو مفتي صاحب سائين محمد رحيم صاحب جن پڙهائين. جڏهن تہ جتان سندس شادي ٿئي پئي اهو گهر مخالف مسلڪ جي مدرس ۽ تنظيمي صدر جو هيو. جڏهن مفتي صاحب کي سموري ڳالھ ٻڌائي وئي. مفتي صاحب ڳالھ ٻڌڻ ڪانپوءِ فرمايو تہ گهوٽ تہ اسان جو جماعتي فقير آهي جنهن لاءِ آءُ هلندس نڪاح پڙهائيندس. پوءِ راقم ۽ مفتي صاحب جن گڏ وياسون نڪاح ڪانپوءِ واپس درگاهہ شريف آياسون.

هن لکڻ جو مقصد صرف اهو آهي تہ منجهن علم، عمل سان گڏ تواضع ۽ ذهني وسعت، الله تعاليٰ تمام وڏي رکي هئي جيڪا مفتي صاحب ۾ اسان ڏٺي سون.

سائين جي استادن مولانا مفتي صاحبداد خان رحمہ الله، استاد حسين امام اختر رحمہ الله، مولانا تقدس علي خان رحمہ الله ۽ مولانا فقير محمد صالح رحمہ الله جن جي باري ۾ ڪافي ٻڌو آهي پر سمورن استادن جو نمونو سائين مفتي صاحب رحمہ الله جي صورت ۾ اسان ڏٺوسين.

سندس تصانيف ۽ علمي پورهيو تہ سيني جي آڏوئي آهي پر سندس شاگردن سان شفقت وارو ورتاءُ نہ وسرڻ جهڙو آهي، ڪجھ عرصو راقم بہ سندس ئي مهتممي دوران جامعہ راشديہ ۾ پڙهيو ۽ ان سموري احوال جو اکين ڏٺو شاهد آهي.سندس علمي لحاظ سان قد تمام مٿانهون هيو. پر ايتري تہ طبيعت ۾ سادگي ۽ چهري تي اڪثر مسڪراهٽ هوندي هئي جو مدرسي جو ڪو بہ شاگرد سائين کي پنهنجي شڪايت يا مسئلو آساني سان بيان ڪري سگهندو هو، ۽ پاڻ وڏي خنده پيشاني سان ٻڌندا هئا ۽ ان کي حل ڪندا هئا. سندن جو ٻيو وڏو پورهيو هي آهي تہ پاڻ جامعہ راشديہ جون شاخون ڪولي جهر جهنگ قال الله وقال الرسول ﷺ جي پرچار ڪي عام ڪيو. جنهن جو سمورو سهرو اعليٰ حضرت پير سائين پاڳاره جن کي آهي پر جنهن هٿان ٿيو سو مفتي صاحب جن آهن.

دعا آهي تہ الله پاڪ سندن درجات بلند فرمائي آمين. ۽ سندن شاگردن کي سائين جي نقش قدم تي گامزن رکي، جيئن جامعہ راشديہ اڃان وڌي ۽ ترقي ڪري. آمين

# مربي ۽ محسن والد گرامي

## خليفو حاجي محمد اڪرام ڪوسو

### مُڪ چونڪي پار

يَاَيَّتُهَا النَّفۡسُ الۡمُطۡمَئِنَّةُ ارۡجِعِيۡۤ اِلٰى رَبِّكِ رَاضِيَةً مَّرۡضِيَّةً ۚ

فَادۡخُلِىۡ فِىۡ عِبٰدِىۡ ۙ وَادۡخُلِىۡ جَنَّتِىۡ ۚ

منهنجي زندگيءَ جي پهرين تحرير جيڪا قلمبند ڪريان ٿو. اها خبر نہ هئي تہ اها تحرير والد گرامي ولي نعمت جي باري ۾ لکندس، جيڪڏهن ڪمي ڪوتاهي لفظن جي چونڊ ۾ هجي تہ ان ڪان صرفِ نظر جي مهرباني ضرور ڪندا.

مولوي محمد آدم چاچڙ جي بيحد اصرار ڪان پوءِ قلم کڻي لکڻ جي جسارت ڪئي اٿم.

والد گرامي مفتي محمد رحيم سڪندري جي شخصيت تي سندس شاگرد يا روحاني اولاد بهتر لکي سگهي ٿو.

بابا سائين جن پيدائش جي باري ۾ اسان جي ڏاڏيءَ مرحومه جي ڏسيل نشانين ۾ اهو اندازو ٿيو تہ مفتي صاحب جي ولادت ١٩٤١ جي سياري ۾ سکر شهر جي پرسان قادرپور ٻيلو ۾ ٿي، جيڪو هن وقت بہ دريائي علائقو آهي. دريا جي ٻوڏ سبب سندن خاندان وارا هجرت ڪري (١٩٤٥_١٩٤٦) ڳوٺ ولي محمد ڪوسو نزد ڳڙهي حسن تعلقو ٺل ضلع جيڪب آباد ويا. جتي نناڍپڻ ۾ ئي سندن والد وصال ڪري ويو.

بابا سائين کي چار ڀائر ۽ ٽي ڀينرون هيون. جن جي ترتيب هن ريت آهي:

ڀاءُ محمد وزير، ڀيڻ ناران بي بي، ڀاءُ محمد شريف، ڀيڻ بي بي موتي ، حضرت مفتي صاحب جن، فقير عبدالغني، حاجي محمد صلاح (سابق مؤذن جامع مسجد سانگهڙ) ۽ آخر ۾( ڏاڏي سائين محمد چام جي وصال جي وقت سندن ڀيڻ بي بي تاجل ، جيڪا سندن والده جي بطن ۾ هئي) اها پيدا ٿي. ڪجھ عرصي بعد سندن والده ڏياڻي بي بي فقير نورمحمد سان نڪاح ڪيو، جنهن مان ڪو اولاد نہ ٿيو.

حضرت مفتي صاحب رحمة الله عليه ملتاني قاعدو ۽ ناظره پنهنجي سڳي مامي فقير محمد رحمة الله عليه وٽ پڙهيو، جنهن کان پوءِ تقريبا ١٩٥٥ ڌاري فقير نـــورمحـــمد جڏهن شعبان المعظم ۾ چونڪي تي درگاهه شريف آيو تہ مفتي صاحب جن کي وٽي آيو ۽ استاد مولوي محمد صالح رحمة الله عليه کي مدرسي ۾ داخلا لاءِ عرض رکيو، تہ سائين جن فرمايو مدرسو ١٥ شعبان تي بند ٿيندو، اوهان ٻار کي شوال ۾ مدرسو کلي تہ وٺي اچجو، تنهن تي ڏاڏا سائين چيو تہ سائين يتيم ٻار آهي، مهرباني فرمائي ان کي درگاهه شريف تي ئي رکو، شوال ۾ اچڻ مشڪل ٿيندو.

ان ڳالهه تي استاد سائين جن ڪمال شفقت فرمائي پاڻ وٽ رکيائون ۽ پڙهائي جو سلسلو شروع ٿيو. والد گرامي جي سڄي تعليم ڪمال درجي جي استادن جي زيرنگراني تڪميل کي پهتي.

استادن ۾ نمايان استاد مولوي محمد صالح رحمة الله عليه ، استاد مولانا مفتي صاحبداد جمالي رحمة الله عليه ، استاد مولانا تقدس علي خان رحمة الله عليه ، استاد حسين امام اختر رحمة الله عليه.

والد گرامي وصال کان ٣٩ ڏينهن اڳ مون کي فرمايو تہ مون کي حڪم مليو آهي تہ استاد مفتي صاحب رحمة الله عليه ۽ والد محترم ڏانهن وڃڻو آهي. مون عرض ڪيو تہ سپاڻي هلون، فرمايائون بلڪل. شايد مان نہ سمجهي سگهيس، مون سمجهيو تہ مزار تي حاضري ٿيندي پر سائين جن تہ مستقل طور تي پنهنجي استاد ۽ والد سان ملڻ ويا.

سندن شادي ويجهن عزيزن ۾ ٿي، سندن سهري مولوي قادربخش ڪوسو، تعليمي قابليت کان متاثر ٿي پنهنجي نياڻي جو رشتو ڏيڻ جو فيصلو ڪيو. جنهن جي مخالفت سندس پٽن ڪئي تہ ناني سائين فرمايو مون پنهنجي نياڻي علم کي ڏني آهي.

**ناني سائين سان ملاقات:**

سکر ۾ مفتي صاحب جو چاچو غلام محمد رهندو هو، ان وٽ نانو سائين مولوي قادر بخش آيل هو ۽ والد گرامي اتفاقا پنهنجي چاچي وٽ گهمڻ ويو هو ، اتي ملاقات ٿي، سندن ناني سائين سان عربي ٻوليءَ ۾ گفتگو ٿي، ان کان متاثر ٿيندي نانا سائين هي فيصلو ڪيو.

مفتي صاحب جن جي اولاد ۾ چار پٽ ۽ ڇهه نياڻيون. ترتيبو ار هن ريت آهن: بي بي اسماء. بي بي افضال النساءِ،بي بي وقار النساءِ، (خليفو) محمد اڪرام، طلعت بي بي،محمد ظفر،بشريٰ بي بي، محمد معراج، شگفته بي بي ۽ يحيٰ بختيار.

الحمدﷲ مفتي صاحب جن پنهنجي سڀني ٻارن نياڻين توڙي فرزندن سڀني کي تعليم جي زيور سان آراسته ڪيو، ٻارن کي تعليم ڏيارڻ جي سلسلي ۾ قرض کڻڻ جي ضرورت پئي ته ان کان به پوئتي نه رهيا. تعيلم جي باري ۾ پاڻ حساس هئا. جيڪي به غريب عزيز هجن يا جماعت سان تعلق رکندڙ هجن ، پوئتي نه رهندا هئا.

سائين علي رضا شاهه هڪ واقعو ٻڌايو ته ڪنهن فقير جي ٻار کي وٺي مون وٽ گمبٽ آيا ۽ چيائون ٻار جو شوق آهي ته مان مظهر اسڪول راڻي پور ۾ پڙهان،پر فيس وغيره جي طاقت نه آهي، مهرباني ڪري ٻار جي تعليم جي شوق و ذوق کي پورو ڪرڻ لاءِ اوهان وٽ هلي آيو آهيان، هن جي تعليم جو بندوبست ڪرائي ڏيو.سائين علي رضا شاهه فرمايو ته مون سعادت سمجهي مظهر اسڪول ۾ ان ٻار کي داخلا وٺرائي ڏني ۽ ان جي فيس وغيره جو پڻ انتظام ڪرايو.

مرشد ڪريم سان محبت ۽ سندن ڪمال شفقت جي ڳالهه سندس ننڍپڻ کان هئي، مفتي صاحب جي والده ماجده هڪ دفعي فقير کي ٻڌايو ته حضرت قبله پير سائين شاهه مردان شاهه درگاهه مبارڪ بحال ٿيڻ کان پوءِ اسان وٽ جماعتي سفر تي آيل هيا. پير سائين جن جڏهن اسريا ته مفتي صاحب ننڍڙو هيو، رستي ۾ بيٺو هيو، پاڻ گاڏي بيهاري شفقت فرمائي ، مفتي صاحب جن دعا ۽ تعليم جي برڪت لاءِ عرض رکيو . پاڻ فرمايائون باري تعاليٰ مهرباني فرمائيندو تون وڏو عالم ٿيندين.

در اصل مرشد ڪريم جي نگاه ڪرم ۽ استادن جي محنت هئي جو والد گرامي کي اهو مقام حاصل ٿيو. جيڪو ڪنهن ڪنهن جي حصي ۾ ايندو آهي. قرآن پاڪ سان ان قدر محبت هئي جو وصال کان اڳ ۾ ميمڻ هاسپيٽل ڪراچي ۾(۱۲ آڪٽوبر تي) سندن آپريشن ٿي،ان وقت به مسلسل تلاوت جاري هئي. قدري

بيهوشي جي حالت ۾ به سندن زبان تي قرآن پاڪ جي تلاوت هئي، مون غور ڪري ٻڌو ته هي آيت سندن زبان تي جاري هئي.

واذا بطشتم بطشتم جبارين.

جنهن ۾ دنيا جي بي ثباتي ۽ فنائيت جو مفهوم موجود آهي. ان مان پنهنجي موڪلاڻي جو اشارو فرمايائون.

۽ صلوات شريف جو ڪتاب دلائل الخيرات هميشه سندن ورد ۾ رهيو، آپريشن جي ڪري به ٽي ڏينهن پڙهي نه سگهيا ته آچر ڏينهن جيئن ئي دوائن جو اثر گهٽ ٿيو ته غصي جي انداز ۾ فرمايائون: ”مون کي دلائل الخيرات شريف ڇو نٿا ڏيو؟“. پوءِ گهران دلائل الخيرات شريف گهرائي ڏني سون ۽ پاڻ سومر رات ورد ڪيو ۽ اڳاري ڏينهن خالق حقيقي سان ملاقي ٿيا.

انالله وانا اليه راجعون.. لله ما اخذ وله ما اعطى.

# ماهر ۽ قابل استاد

**مفتي عبدالرحمٰن ٺٽوي**
مهتمم دارالعلوم مجدديه عثمانيه
مڪلي ٺٽو سنڌ

حریفان باده‌ها خوردند و رفتند
تهی خمخانه‌ها کردند و رفتند

واضح باد تہ حضرت شيخ التفسير والحديث علامۃ العصر فهامۃ الدهر فضائل مآب مولانا مولوي و مفتي محمد رحيم سڪندري صاحب نوراللّٰه مرقده جن جي ٢٠ ربيع الثاني ١۴۴٧ ھ مطابق ۴ آڪٽوبر ٢٠٢٥ تي رحلت حسرت آيات جي دل تان نہ مٽجندڙ دردناڪ ڏک جهڙي خبر ٻڌي دل کي وڏو صدمو پهتو.

ان لله ما اخذ و له ما اعطي و كل عنده باجل مسمي فالصبر جميل

او كمال قال النبي ﷺ

اللّٰه تبارڪ و تعاليٰ و جل و علي جي ذات والاصفات کان پنهنجي حبيب لبيب مصطفيٰ ڪريم مدني تاجدار صاحب لولاڪ امام الانبياءِ والرسل صلي الله تعاليٰ عليه و آله الطيبين و صحبہ الطاهرين و ازواجه الطيبات امهات المومنين وسلم تسليما ڪثيرا ڪان دعا آهي تہ رب العزت جل و علا مرحوم و مغفور کي جنت الفردوس ۾ اعلي مقام عطا فرمائي ۽ پسماندگان کي صبر جميل ۽ اجر جزيل عطا فرمائي. آمين بجاه النبي الامين صلي اللّٰه تعاليٰ عليه و آله و صحبہ وازواجه الطيبات وسلم.

يا اللّٰه اين دعائي از من است تو مرا بہ او رسان

حضرت شيخ التفسير والحديث جامعہ راشديہ پير جو ڳوٺ جا ماهر ۽ قابل قديم استاد هئا ۽ مع هذا مهتمم و مفتي بي بدل هئا، دور حاضر ۾ سندن ڪو هم پلہ نہ هو ۽ سندن ڪافي تعداد ۾ قابل شاگرد آهن ۽ اعليٰ حضرت مجدد وقت نوراللّٰه مرقده جي ترجمي قرآن، ڪنزالايمان جا

سنڌيڪار آهن.

حضرت قبلہ سيدي و سندي واستادي واستاد العلماءِ والفضلاء فقيه العصر وحيد الدهر قبلا استاد عبدالصمد صاحب قدس الله سره الاقدس لاڙڪاڻي وارا جيڪي پنهنجي وقت جا ماهر، محقق ۽ عالم ڪامل ۽ بي مثال هئا. جامعہ راشديہ جي قديم اساتذه ڪرام مان هئا ۽ وڏن وڏن مشهور و معروف علماءِ عظام ۽ اساتذه ڪرام جا استاذ ڪامل هئا.

مثلا هي فقير اعني راقم السطور ( حضرت شيخ التفسير والحديث مخدوم سابع قبلاه سائين مفتي عبدالرحمان صاحب غفرله المنان التتوي دامت برڪاتهم مهتمم و مفتي دارالعلوم مجدديه عثمانيه فضائل مآب فيض انتساب حضرت علامہ مولانا مفتي عبدالرحيم صاحب سڪندري نور الله مرقده شاهپورچاڪر

حضرت عزت مآب مولانا مولوي عزيز الرحمان صاحب رحمه الله بدين.

انهن علماءِ و فضلاءِ حضرات کان علاوه ٻيا بہ ڪافي تعداد ۾ علماءِ ڪرام آهن جيڪي استادي و استاد العلماءِ قبلہ استادي عبدالصمد صاحب کان فيضياب ٿيا آهن ۽ سيدي قبلہ استاذ عبدالصمد جا شاگرد رشيد آهن.

انهن حضرات ڪرام مذڪورِ بالا ۾ حضرت شيخ التفسير والحديث مولانا مفتي محمد رحيم صاحب سڪندري عليه رحمة ربہ الباري مهتمم و مفتي جامعہ راشديہ پير جو ڳوٺ ڪنگري ضلعو خيرپور ميرس بہ قبلہ سيدي استادي عبدالصمد صاحب رحمه الله تعاليٰ عليه رحمة واسعة جن جي سلڪ تلميذ ۾ شامل آهن.

# اخلاص ۽ اخلاق جا پيڪر

**پير ڪرم الله مدني**

**فضل آباد شريف ، ماتلي**

**اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِي اَكْرَمَ الْعُلَمَاءَ بِنُورِ الْعِلْمِ وَالْفَهْمِ، وَشَرَّفَ مَقَامَهُمْ فِي الدُّنْيَا بِالْعِزِّ وَالْعِلْمِ، وَفِي الْآخِرَةِ بِالرِّفْعَةِ وَالنِّعَمِ. وَالصَّلَاةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ خَيْرِ مَنْ عَلَّمَ وَفَهَّمَ، الَّذِي قَالَ: «الْعُلَمَاءُ وَرَثَةُ الْأَنْبِيَاءِ» فَطُوبٰى لِمَنْ تَعَلَّمَ وَحَكَمَ، وَعَمِلَ بِعِلْمٍ يُؤْجَرُ وَيُكْرَمُ. أَمَّا بَعْدُ:**

استاد العلماء، شيخ الحديث والتفسير حضرت علامہ مفتي محمد رحيم سڪندري رحمة الله عليه علم ۽ عمل جا، اخلاق ۽ اخلاص جا اهڙا پاڪيزه پيڪر هئا، جن جي علمي سُگنڌ ۽ سُرهاڻ ڪي سنڌ صدين تائين ياد رکندي. پاڻ بَقِيَّةُ السلف هئا. سندن وُجُود بَاجُود مان ماضي جي عالمن ۽ اوليائن جي خوشبوءِ پئي بَهڪندي هئي. سندن وڇوڙي سان سنڌ جي علمي آسمان تان، ڄڻڪ هڪ تابان ۽ درخشان علمي ۽ روحاني ستارو غروب ٿي ويو آهي.

اِنَّا لِلّٰهِ وَاِنَّا اِلَيْهِ رَاجِعُونَ.

سندن گفتار مان علم جو نور ۽ عمل جو سُرور ملندو هيو. سندن هر لفظ مان اخلاص جو عطر، هر ڳالهه مان معرفت جو مُشڪ حاصل ٿيندو هيو. جڏهن درس ڏيندا هئا تہ تفسيري نڪتا ۽ حديث جا موتي طالبن جي دلين تي ورڪا پيا ڪندا هئا. پاڻ قرآن ۽ حديث جا پارکو هئا. علم ۽ حلم جا جامع هئا. زهد ۽ تقويٰ جا پيڪر هئا. علم جي ميدان جا اعليٰ مينار هئا. فڪر جي دنيا جا سينگار هئا. تصوف جي روشنيءَ جا سرچشما هئا. پاڻ نہ فقط عالم هئا، پر علم مثان عامل بہ هئا، صوفيءِ صادق بہ هئا.

سندن زندگيءَ ۾ علمي نظم هيو. روحاني ذوق هيو. دين جي فقاهت، انسانيت جي خدمت سندن ڪردار مان واضح نظر ايندي هئي. هن فقير کي ساڻن ڪيترين ئي قرب ڪچهريون نصيب ٿيون. هر ڀيري سندن زبان ۽ دهان مان علمي هيرا ۽ عرفاني جواهر ورهائبي ڏٺم. سندن مثال پڪل ميون واري

وڻ وانگر هيو، جنهن مان هر موسم ۾ علم جا تازا ميوا پيا ملندا هئا. پاڻ ڇڻڪ وهندڙ ندي وانگر لڳندا هئا، جنهن جو پاڻي هميشه صاف، ٿڌو، زندگي بخش ۽ علم جي اڃايل دلين کي سيراب ڪرڻ وارو هيو. مون کي پاڻ خوشبودار گلن جي باغ وانگر لڳندا هئا،جنهن مان هر طرف خوشبوءِ پئي پکڙندي هجي.سندن صحبت مان علم، عمل ۽ اخلاق جي سرهاڻ پئي پکڙندي هئي. پاڻ علم جي روشني ڏيندڙ قنديل وانگر هيا. خود به روشن هئا ته ٻين کي به منور ڪندا هئا.

هڪ ڀيري مجلس ۾ گڏ هئاسين جڏهن نبي ڪريم صَلَّي اللّٰهُ عَلَيۡہِ وَسَلَّمَ جي نعت پڙهي پئي وئي ته سندن اکين مان لڙڪ موتين مثل ٿمي رهيا هئا. ڇڻڪ پاڻ فنا في الرسول جي مقام تي فائز لڳي رهيا هئا. رسولِ رحمت صَلَّي اللّٰهُ عَلَيۡہِ وَسَلَّمَ جي حديث سيرت پڙهائيندي، سندن لفظن ۽ لهجن مان عشقِ رسول پيو ظاهر ٿيندو هيو.

سندن علمي گهرائي جو اندازو ان مان لڳائي سگهجي ٿو ته پاڻ عميق ۽ دقيق مسائل کي هڪ پل ۾ حل ڪري ڏيندا هئا. تفسير ۽ حديث، فقه ۽ اصول جي ميدانن ۾ پاڻ وڏي مهارت رکندا هئا. سندن علمي ورثو سندن هزارين لائق ۽ فائق شاگرد آهن.جن کي پاڻ عالم، مفتي ۽ مبلغ بڻايائون.جيڪي هن وقت سڪندري سُرهاڻ کي جڳ ۾ پکيڙي رهيا آهن.

پاڻ جتي ويا، اتي علم جا گل پوکيائون ۽ عمل جي خوشبوءِ پکيڙيائون. سندن وجود ئي ڇڻڪ چمنِ عمل جو جمال هيو. سندن قلم جي لکت علمي بصيرت جو عڪس هئي، جنهن سان ڪيترين دلين ۾ فڪر جا ڏيئا روشن ٿيا. سندن زبان مان نڪتل لفظ نه رڳو ٻڌندڙ جي ڪنن ۾ پر دل جي هر ڪنڊ ۾ سرايت ڪري ويندا هئا. سندن زندگي خوشبودار گلن جي مالها هئي، جنهن جو هر گل علم ۽ حلم، اخلاص ۽ عمل سان سينگاريل هيو.

هڪ ڀيري نوشهري فيروز جي قريب دستارِ فضيلت جي هڪ روح پرور ۽ علم آميز محفل ۾ گڏ هئاسين. سندن آمد سبب فضا معرفت جي خوشبوءِ سان ڀرجي وئي. اهلِ علم جا چهرا ڇڻڪ روشنيءَ سان چمڪي پيا. پاڻ جڏهن علم ۽ عالمن جي شان بابت گفتگو فرمايائون ته هر لفظ ۾ دليل جي طاقت ۽ دلائل جي روشني هئي. سندن تقرير جو رنگ ايترو ته دلڪش هيو جو

ائين پئي لڳو ڄڻ امام غزالي ۽ امام رازي پاڻ علمي نڪات بيان پيا ڪن ۽ فلسفي جا اسرار پيا اوتن. سندن آواز ۾ وقار هيو. لفظن ۾ اثر هيو. انداز ۾ رواني هئي، جيڪا دلين کي قائل ۽ دماغن کي منور ڪري رهي هئي. علم جي ڳالهه ڪندي سندن لهجي مان علم جي تقديس ۽ فڪر جي عظمت محسوس پئي ٿي.

هڪ جلسي ۾ جڏهن سندن گفتگو جو رخ محبتِ رسول ﷺ ڏانهن ٿيو، تڏهن محفل جو ماحول ئي بدلجي ويو. سندن دلبرانہ لهجي ۾ اهڙو سوز ۽ سرور هيو ڄڻ مولانا روميءَ جي مثنويءَ جا بيت زنده ٿي ويا هجن، يا جاميءَ جي نعتن مان عشقِ مصطفيٰ جو سرور ڦُٽي رهيو هجي. سندن زبان مان نڪرندڙ هر لفظ دلين کي نرم، اکين کي آلو ۽ روحن کي روشن ڪري رهيو هيو. ان لمحي لڳو ڄڻ علم ۽ عشق گڏجي هڪ نئون نغمو ڳائي رهيا هجن، جنهن ۾ عقل کي روشني ۽ محبت کي معراج ملي رهيو هجي. اها محفل اڄ بہ ياد اچي ٿي تہ دل خوشبوءِ ۾ سرشار ٿي وڃي ٿي. روح تي فيض جي ڇانو محسوس ٿئي ٿي.

پاڻ ملفوظاتِ پاڪ جا تہ ڄڻ حافظ ۽ محافظ هئا. نہ رڳو لفظن کي ورجائيندا هئا پر انهن جي روح کي بہ دلين ۾ محسوس ڪرائيندا هئا. جڏهن ملفوظات مان بيان ڪندا هئا تہ سندن لهجي ۾ ادب ۽ محبت جي چاشني محسوس ٿيندي هئي. هر جملو ڄڻ دل جي گهرائيءَ مان نڪتل، فيض سان ڀريل ۽ نور سان منور لڳندو هيو. سندن انداز ۾ ايتري مٺاس ۽ معنوي حلاوت هوندي هئي، جو هر ٻڌندڙ جي دل نرم ۽ اک آلي ٿي ويندي هئي. روح وجد ۾ اچي ويندو هيو. سندن لهجي مان لڳندو هيو ڄڻ محبت، معرفت ۽ حضور صَلَّي اللهُ عَلَيۡهِ وَسَلَّمَ جي قرب جا رنگ گڏ ٿي هڪ نئون نغمو ٻڌجي رهيا آهن. سندن گفتگو ۾ علم جو نور، عشق جو سرور ۽ روحانيت جي حلاوت گڏجي هڪ عجيب جمال پيدا ڪندي هئي.

هڪ ڀيري رات جي ڪاڌي جي دسترخوان تي گڏ هئاسين. تَرِيل ڦڪل مڇي موجود هئي. پاڻ ان کي هٿ نہ لاتائون. سبب پڇيم تہ فرمايائون: ”مڇي ڏينهن جو پلي ڪائجي رات جو ڪائڻ سان حافظي جي قوت ڪمزور ٿئي ٿي.“

# سائيدار وڻ

## حافظ غلام محمد محمودي قادري

ستاٽيون شريف

الحمدلله الذي خلق االانسان و علمه البيان والصلواة والسلام علي رسوله محمد

الذي انزل عليه القرآن وعلي آله و اصحابه الذين وصلوا الي الجنان

امابعد: الله جي نيڪ ٻانهن تي فناء ناهي ايندو ، صرف كل نفس ذائقة الموت جو حڪم جاري ٿيندو آهي.

گرهوڙي صاحب رحمة الله عليه فرمايو تہ،

”مرد مرندا ڪينڪي ، مرن مردودا“

اهي پاڪيزه جسم فقط هڪ گهر کان ٻئي گهر ڏانهن لڏي ويندا آهن.

ولين جو فيض سندن وصال کان پوءِ گهٽبو ڪونهي، بلڪ پهرين کان بہ وڌيڪ هوندو آهي، پوءِ اهل دل انهن کان استفادو ڪندا آهن جڏهن تہ بدنصيب محروم رهجي ويندا آهن.

حضرت قبلا سائين شيخ الحديث والتفسير علامہ مفتي محمد رحيم سڪندري نورالله مرقده انهن رباني عالمن منجهان هئا. جن جي حلقه درس ۾ امام ابو حنيفه جي حلقه درس جو عڪس نظر ايندو هو، جن جي ملفوظات ۾ امام غزالي جو لهجو پيو محسوس ٿيندو هو، جن جي قلم جي رواني امام سيوطي جي لکيل سٽن ڏانهن مائل ٿيڻ تي مجبور ڪندي هئي جن جو شريعت پاڪ تي عمل ڪرڻ اسلاف جي ياد تازه ڪندو هو، مون ڪيس سدائين نبي ڪريم صلى الله عليه وسلم جي محبت ۾ لبريز محسوس ڪيو، سيدي غوث اعظم رضي الله عنه جي عقيدت ۾ مستغرق لڌو ۽ پيرسائين سيد محمد راشد روزي ڌڻي رضي الله عنه جي عشق ۾ فنا ڏٺو سندن وجود اهلسنت جي مٿان هڪ سائيدار ڪکر جيان هو، سندن وڇوڙو هڪ اهڙو خال آهي جيڪو شايد پرجي سگهي. الله پاڪ سندن درجات ڪي بلند فرمائي. آمين بجاه النبي الامين

# حضرت مهتمم صاحب

**مولانا غلام حسين نقشبندي**

**مدرس جامعہ راشديہ**

اڄ نہ اوطاقن ۾ ، طالب تنوارين
آديسي اٿي ويا مڙهيون مون مارين
جيڪي جيءَ ڪي جيارين ، سي لاهوتي لڏي ويا.

آه. حضرت مخدوم ملت مفتي اعظم استاد العلماءِ و الفضلاءِ، حضرت عالي جناب سائين مفتي محمد رحيم صاحب سڪندري جو جيءَ ڪي جهورينڌڙ وڇوڙو نہ صرف اسان لاءِ پر پوري دنيا لاءِ موت العالم موت العالم (الحديث).

**سندن مخدومانہ زندگيءَ تي هڪ طائرانہ نظر:**

اڄ جامعہ راشديہ جي مهتمم جناب سائين مولانا مفتي دوست علي صاحب سڪندريءَ جي وائيس ڪال موصول ٿي، پاڻ مدرسي جي اساتذہ ڪرام کي فرمائي رهيا هئا تہ جلد از جلد جمعيت علماءِ سڪندريہ ۽ جملي جماعت طرفان پنهنجي استاد محترم مفتي اعظم سائين مفتي محمد رحيم صاحب سڪندري رحمۃ اللہ علیہ جي سوانح حيات تي مشتمل هڪ ڪتاب شايع ٿي رهيو آهي. اوهان کي التماس آهي تہ پنهنجي استاد محسن مربي لاءِ جيڪي ڪجھ اوهان کي معلومات آهي اها لکت ۾ اداري جي انتظاميہ کي پيش ڪيو تہ جيئن ان جي اشاعت سهڻي نموني ٿي سگهي.

حڪم ملڻ شرط سوچڻ لڳم تہ مان جامعہ راشديہ جو فارغ التحصيل نہ آهيان نہ وري سائين جن کان شرف تلمذ حاصل ڪري سگهيو آهيان. ليڪن سندن تدريسي مهارت، مختلف علوم و فنون تي قابليت ، درس حديث پڙهائڻ جي انداز حضور اڪرم ﷺ جي عشق ۽ محبت سان ڀريل طرز بيان سندن شاگردن جي زبان کان مسلسل ٻڌندو رهندو آهيان. پوءِ حضرت قبلا مفتي صاحب جن جي انهيءَ مذڪوره ساروڻين کي لکڻ ائين هوندو جيئن ڪا شيءِ ٻڌي پوءِ لکجي.

'شنيده ڪے بود ديده'

ٻڌڻ ۽ ڏسڻ ۾ وڏو فرق آهي، دل ۾ خيال اڀريو تہ لکڻ لاءِ معذرت ڪريان. پر يڪدم هڪ حديث شريف جي نورانيت ۽ چمڪ دل و دماغ تي اڀري آئي.

حضور اڪرم ﷺ جن فرمائين ٿا:

من لم يشكر الناس لم يشكر الله عزوجل

يعني جيڪو انسان جو شڪرانو ادا نٿو ڪري سگهي تہ اهو الله تعاليٰ جو شاڪر ڀانهو نٿو ٿي سگهي.

پوءِ جڏهن تہ مون کي سندن رهبريءَ ۾ سندن برڪت ڀري قيادت ۾ سندن ئي سرپرستيءَ ۾ هن عظيم الشان ديني درسگاه جامعہ راشديہ ۾ تدريسي فرائض سرانجام ڏيڻ جو الله تعاليٰ سنهري موقعو نصيب فرمايو تہ مونکي حضرت قبلہ مفتي صاحب رحمة الله عليه کي ان برڪتن ڀريل زندگي جو ، ان جي مدرسي کي سنڀالڻ جي انتظامي صلاحيتن جو ، ان جي شاگردن مٿان شفقت ، پيار ۽ پاڀوهہ جو ۽ ان جي استادن سان همدردي ۽ بردباريءَ جو نهايت ويجهڙائي سان ڏسڻ جو موقعو عطا ٿيو. هر موڙ ۽ هر محلي ۾ مون کي پاڻ بي عيب ۽ بي مثل نظر آيا.

پاڻ جماعت سان، استادن سان ۽ شاگردن سان ڪهڙي طرح هليا، سندن پنهنجي مرشد مربي سان ڪيترو عشق ۽ محبت هئي، اهي حقائق ذڪر ۾ آندا ويندا تہ مضمون طويل ٿي ويندو. اختصار کان ڪم وٺندي عاجز صرف اهي واقعا ۽ حقيقتون پيش ڪرڻ جي اجازت طلب ڪندو جيڪي بالخصوص مون فقير مٿان شخصي طرح واسطو رکن ٿيون.

اندازا ٢٠١٧ جو سال آهي، جامعہ راشديہ جي موجوده مهتمم ۽ منتظم اعليٰ حضرت قبلا مولانا مفتي دوست علي صاحب سڪندري مدظله العالي جن سان ديرينہ مراسم هئا ، انهن جي نيڪ مشوري ۽ صلاح سان حضرت قبلہ مفتي اعظم سائين جناب مفتي محمد رحيم سڪندري رحمة الله عليه جن جي حڪم سان جامعہ راشديہ ۾ تدريس لاءِ تعين ۽ تقرر ٿيو. حڪم بجا آڻيندي عاجز جامعہ راشديہ ۾ آيو. حضرت قبلہ مفتي صاحب رحمة الله عليه سان جنهن وقت ملاقات ٿي، قدم بوسيءَ جو شرف حاصل ٿيو، ان وقت منهنجي دل ۾ هڪ خيال اڀري آيو تہ هن

مدرسہ عاليہ ۾ پڙهائڻ وارا سڀئي اساتذه سڪندري علماءَ و فضلاءِ آهن مان هن مدرسي جو فارغ التحصيل بہ نہ آهيان ۽ جماعت سان بہ ايترو گهرو رابطو نہ رهيو آهي، وسوسا ذهن ۾ جنم وٺڻ لڳا تہ هن اداري ۾ پڙهائڻ خبر نہ آهي تہ منهنجي لاءِ ڪيترو صحيح آهي، مان زبان سان پنهنجي ان ڳالھ جو اظهار نہ ڪري سگهيس، ليڪن ڪمال آهي مرد مومن جي عظيم الشان قلبي فراست جو، بمطابق اتقوا فراسة المومن فانه ينظر بنور الله يڪدم حضرت قبلہ مفتي صاحب جن مون ڏانهن نهاري فرمائڻ لڳا تہ توهان ڪڏهن بہ اهو نہ سوچجو تہ مان هن مدرسي جو فارغ تحصيل نہ آهيان نہ وري هن جماعت سان واسطو رهيو آهي، اوهان کي معلوم هئڻ گهرجي تہ اسان جو استاد مرحوم حضرت مولانا ڪريم بخش دايو جن لاڙڪاڻي واري بزرگ پير منا سائين جا دست بيعت هئا، اهي هن مدرسي ۾ پڙهائيندا رهيا، اسان بہ انهن وٽ تعليم حاصل ڪئي، اڄ انهن بزرگن جي مزار شريف بہ پيرڳوٺ جي مقام ۾ آهي، اسان کي اوهان تدريسي فرائض ادا ڪرڻ سان سروڪار آهي، جيڪي اوهان کي مختلف فنون جا ڪتاب تدريس لاءِ ملن ٿا تہ انهن کي دل جمعي سان اطمينان سان شاگردن کي پڙهايو ۽ محنت ڪريو، اسان جو اوهان ۾ صرف اهوئي مقصد آهي. انهن سونهري لفظن منهنجي ذهن جي ڪايا تبديل ڪري ڇڏي، مان پنهنجي تدريسي عمل ۾ دل و جان سان مشغول ٿي ويس.

جامعہ راشديہ، اهل سنت والجماعت جو هڪ عظيم الشان مرڪزي ادارو آهي، جنهن مان هزارن جي تعداد ۾ علماء، فضلا، فارغ ٿي ملڪ جي چئني طرفن ۾ پکڙجي ، دين اسلام جي سربلندي لاءِ پوءِ اهو تحرير جو ميدان هجي يا تبليغ جو،تدريس هجي يا تقرير، هر شعبي ۾ انهن جو ڪردار تاريخي رهيو آهي. اهڙي هڪ عظيم الشان اداري جو اهتمام ۽ انتظام سنڀالڻ نهايت مشڪل ترين هوندو آهي. شاگردن کي منظم رکڻ، اساتذه کي تدريس لاءِ پابند بنائڻ، عملي تي نظر رکڻ، دارالعلوم جي اميج کي درخشان بنائڻ، مدرسي جي ساليانہ، شش ماهي،سہ ماهي امتحانات جو انعقاد، رزلٽ جو شفاف هجڻ ، ساڳئي وقت برانچن جي تعليمي ۽ تدريسي عمل کي مرڪزي اداري سان مربوط رکڻ، انهي عمل ۾ سختيءَ سان گڏ پيار ، محبت ، شفقت، حلم ۽

بردباري جو لحاظ ڪٿو پوندو آهي.

هن عاجز حضرت قبلہ مفتي اعظم ﷫ ۾ اهي مذڪوره تنظيمي حقائق بطريق ڪمال جي نہ صرف محسوس ڪيا، بلڪ يقين سان معلوم ڪيا ۽ پنهنجي مشاهدي ۾ آيا.

سندن جو شاگردن سان پيار، استادن تي شفقت، طبيعت ۾ حلم ۽ بردباري اهي سڀ منهجس خداداد صلاحيتون سندن مزاج ۽ فطرت ۾ سمايل هيون.

اهڙي قسم جو هڪڙو مثال جيڪو مان اڄ تائين وساري نہ سگهيو آهيان، جڏهن بہ سندن نالو مبارڪ تصور ۾ ايندو آهي تہ اهو واقعو مجسم شڪل وٺي پنهنجي خوبصورت منظر سان ان ماضي کي حال جي صورت ۾ اکين اڳيان پيش ڪندو آهي.

حضرت قبلہ مفتي صاحب ﷫ ڪان مدرسي ۾ پڙهائڻ دوارن ٻن ڏينهن جي اجازت گهريم، پاڻ اجازت ڏنائون پر ڪنهن مجبوريءَ تحت ٻن ڏينهن کان ڪجھ ڏينهن گهڻا ٿي ويا، سائين محترم جناب مفتي دوست علي صاحب سڪندريءَ سندن چوڻ تي مون ڏانهن ٽيلفون ڪري حضرت قبلہ مفتي صاحب جن جي غصي جو اظهار فرمايو، عاجز محسوس ڪرڻ لڳو تہ سائين جن کي مان ناراض ڪيو آهي، مون کي مدرسي ۾ رهڻ جو حق ناهي عاجز ٽيليفون تي ئي سائين مفتي دوست علي صاحب جن کي چيو تہ سائين جن کي عرض ڪيو تہ ڪنهن ٻئي استاد جو انتظام ڪن، ناراض نہ ٿين يا تہ مان ڏينهن ٻن ۾ پهچي ويندس. آخر عاجز مدرسي پهتو، پنهنجي رهائش واري ڪمري ۾ سائين سان ملڻ ۽ قدم بوسيءَ لاءِ سوچي رهيو هو تہ سائين جن کي ڪيئن مطمئن ڪجي، منهنجو ڪنڌ هيٺ هو ۽ سوچڻ ۾ غلطان هئس تہ اچانڪ دروازي ڪان السلام عليڪم جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو، مٿي نهاريم تہ قبلہ مفتي اعظم سائين جناب اعليٰ پنهنجو پاڻ بنفس نفيس سلام چئي رهيا آهن، مان اٿي وعليڪم السلام چئي ساڻن مصافحو ڪيو. پاڻ فرمايائون تہ مولانا صاحب ناراض ٿي ويا هئا ڇا؟ مان عرض ڪيو تہ سائين مان ٻانهيءَ جو ٻار ۽ ناراضپو. قطعا ممڪن نہ آهي، اوهان جو راضپو اسان لاءِ باعث سعادت ۽ باعث

نجات آهي، حڪم مليو تہ اسان راضي آهيون اوهان پڙهايو ۽ پڙهائيندا رهو. بردباري ۽ حليم الطبع جو ڪمال نظر آيو جيڪو اڄ تائين وسريو نہ آهي.

ڪجھ وقت مدرسي ڪان فارغ رهڻ کان بعد اسان جي محترم جناب مولانا مولوي محمد سڪندري جن جي ٽيليفون آئي تہ اوهان ”مدرسة البنات“ جيڪا جامعه جي برانچ آهي، ان ۾ پنهنجا تدريسي فرائض انجام ڏيو. ان وقت اهو مدرسو سندن اهتمام ۾ هلي رهيو هو.

منهنجي ناقص ذهن ۾ حضرت قبلہ مفتي اعظم رحمۃ اللہ علیہ جا چيل لفظ پنهنجا عڪس ثاهڻ لڳا. جو پاڻ چيو هئائون تہ ”اوهان پڙهايو ۽ پڙهائيندا رهو“ . هڪ ولي ڪامل جا چيل لفظ دربار ايزديءَ ۾ اجابت جو درجو رکندا آهن. اها اجابت نظر آئي جو وري بيهر اندازا ٢٠١٧ ۾ جامعہ راشديہ ۾ سندن حڪم مطابق واپس اچڻ ٿيو. پاڻ حڪم ڏنائون تہ صبح جو جامعہ راشديہ ۾ اسباق پڙهايو ۽ شام جو مدرسة البنات ۾ پنهنجي تدريس جاري رکو. سندن حڪم جي تعميل ڪندي اڄ ڏينهن تائين ٻنهي ادارن ۾ خدا تعاليٰ جي فضل و ڪرم سان تدريسي فرائض انجام ڏيئي رهيو آهيان.

دعا آهي تہ الله تعاليٰ پنهنجي پياري حبيب جي صدقي اسان جي پڙهڻ، پڙهائڻ کي پنهنجي بارگاهہ ۾ قبول فرمائي.

حضرت قبلہ استاد العلماءِ مفتي اعظم رحمۃ اللہ علیہ جي جيڪا پنهنجي شاگردن ۽ اداري ۾ پڙهائيندڙ استادن سان شفقت ۽ پيار هو. اهو ناقابل فراموش هو. پاڻ پنهنجي ضعيف العمري ۾ ويل چيئر تي اچي مدرسي جي شاگردن ۽ استادن سان ملندا هئا. آڻ وارا چوندا هئا تہ اسان سائين جن کي عرض ڪيو تہ توهان آرام ڪريو. پر پاڻ چيائون تہ مون کي مدرسي وٺي هلو جو مدرسي جي شاگردن ۽ استادن کي ڏسان ٿو تہ منهنجي روح کي راحت نصيب ٿئي ٿي.

هڪ دفعي پاڻ مدرسي ۾ تشريف فرما ٿيا. استاد ۽ شاگرد سندن زيارت لاءِ گڏ ٿين لڳا. مدرسي جي صحن ۾ ڪجھ ڪٽون رکيون ويون پاڻ کٽ تي ويٺا. عاجز بہ غنيمت جو موقعو سمجهي سندن پرسان پيل کٽ تي ويهي، سندن نوراني چهري جي زيات جو شرف حاصل ڪرڻ لڳو. مون ڏانهن نهاري فرمائڻ لڳا اوهان جي فرزندن کي سرڪاري ملازمتون آهن. مان عرض ڪيو

تہ سائين هڪڙي وڏي پٽ کي تعليم ڪاتي ۾ سروس آهي، پاڻ جواب ٻڌي خاموش ٿي ويا ، مون کي ايئن محسوس ٿيو تہ پاڻ ڪنهن گهري سوچ ۾ آهن. عاجز پنهنجي خيال ۾ سوچڻ لڳس تہ ائين پڇڻ ها تہ توهان خوش آهيو، فرزندن جي نوڪري بابت پڇڻ مونکي سندن ڳالھ سمجھ ۾ گهٽ آئي، پوءِ جڏهن مون کي سندن شاگردن وٽان ۽ انهن وٽان جيڪي ساڻن نهايت قريب رهيا ، معلوم ٿيو تہ شاگرد مدرسي جي تعليم حاصل ڪري فارغ ٿيندا هئا تہ انهن کي ڪنهن روزگار سان مشغول رکڻ، ڪنهن کي مدرس، ڪنهن کي خطيب، ڪنهن کي مبلغ ۽ ڪنهن کي چئي ڪري ڪابہ سرڪاري ملازمت وٺي ڏيڻ لاءِ تمام گهڻو فڪرمند رهندا هئا.

پوءِ مون کي ڳالھ سمجھ ۾ آئي تہ سندن جو مون کان منهنجي فرزندن جي سروس بابت معلومات وٺڻ اها ان شفقت، پيار جي عڪاسي هئي، جيڪا ڪين پنهنجي شاگردن ۽ اداري جي استادن لاءِ الله تعاليٰ جي ذات سندن طبيعت ۽ فطرت ۾ پوري طرح محفوظ رکي هئي.

بهر ڪيف سندن وجود مسعود حضور اڪرم ﷺ جي اسوه حسنہ جو بهترين عملي نمونو هو. سندن پوري زندگي شاگردن لاءِ، اداري ۾ پڙهائيندڙ اساتذه لاءِ ۽ پوري جماعت لاءِ مشعل راھ هئي ۽ هميشہ رهندي.

دعا آهي تہ الله تعاليٰ سندن مزار اقدس تي هميشہ برڪتون ۽ رحمتون نازل فرمائي. آمين

تغمده الله بعفرانه واسكنه بحبوبة جنانه

# هڪ رباني عالم

## مفتي عنايت الله سڪندري

مهتمم مدرسه صبغة الاسلام سانگھڙ

هڪ رباني عالم، قرآن ۽ حديث جي روشنيءَ ۾ رهبري ڪندڙ هڪ چوٽيءَ جو مدبر، دنيا مان رخصت ٿئي ٿو ته چڻ ڪو علمي مينار ڍهي پيو هجي، جنهن سان نه رڳو زماني جي سونهن ۽ سينگار متاثر ٿئي پر دلين تي هڪ غم جو پاڇو ڇائنجي وڃي ٿو، علم جي محفلن ۾ هڪ نه پرجي سگهندڙ خال رهجي وڃي ٿو.

خصوصا شيخ الحديث حضرت مفتي صاحب جو وڇوڙو فقط ڪنهن عام شخصيت جو وڇوڙو ناهي پر هڪ محسن مربي، علم و ادب جي شهسوار ان برک عالم دين جو وڇوڙو آهي جنهن جي زندگيءَ جو وڏو حصو حديث شريف جي خدمت ۽ سنت جي ترجمانيءِ ۾ گذريو، جيڪو برصغير جي هڪ عظيم خانقاه مبارڪ جي علم و عرفان جي ميراث جو نه رڳو محافظ رهيو پر پاڻ انهيءَ گلستان جي آبياري سان هزارين مرجهايل دلين سڪايل اکڙين کي حضرت روضي ڌڻيءَ جي فيض ۽ برڪتن سان منور ڪيائون.

پاڻ فرمائيندا هئا استاد سائين حضرت محمد صالح عليہ الرحمه جي وصال کان بعد جيئن ئي خدمت لاءِ گهرايو ويو ته حضرت ڇٽ ڌڻي قدس سره بالمشافه حڪم فرمايو ته مفتي صاحب! درگاه مبارڪ جي روايتن ۽ امانتن ۾ ڪڏهن به تر جيترو فرق نه اچي. ۽ پوءِ اڌ صديءَ کان ڪم و بيش جو عرصو نهايت ئي شان و شوڪت، جاه و جلال سان ڪما حقہ نڀائي انهن روايتن کي به عروج بخشيو جيڪي انگريز سامراج جي بربريت سان جماعت ۾ ضعيفي نهج تي پهچي چڪيون هيون.

پاڻ فرمائيندا هئا ابتداءَ علمي ميدان ۾ دين جي اشاعت لاءِ، ذڪر و فڪر جي ترويج لاءِ ڪيترين ڏکياين کي منهن ڏيڻو پوندو هو، ڪيترائي مٽي ڦريا ماڻهو ڪنهن چڱائيءِ کي رائج ڪرڻ تي ايترو ڳالهائيندا هئا جو دل برداشته ٿي پوندو هئس پر حضرت ڇٽ ڌڻي جي ڪرمنوازيءِ واري نظر هر وقت ڇپر ۽

چانو ٿي گذ رهي، ان محبوب مرشد مربي جي اڪرام جا انداز نرالا هئا ڪنهن عيد تي چوغو ڪلنگي پائي، جماعت کي زيارت ڪرائڻ وقت فرمائين، ”منهنجي طرفان ۽ مفتي صاحب جي طرفان اوهان کي عيد مبارڪ هجي“ ته نه رڳو انهن ماڻهن کي جواب ملي وڃي پر سالن جا ڏک لحظي ۾ لهي وڃن.

سچڻ سار لهيج، جو آهيان تنهنجي آسري، سپئي پاڙون سورن جون لحظي منجهه لٿيج، هڪ تون نه منهن مٿيج، جڳ مٿيو تان گهوريو. سندن زندگيءَ جا ڏينهن درس و تدريس، تحقيق و تاليف، استادن ۽ شاگردن جي تربيت ۾ گذرندا هئا.

درگاهه مبارڪ تي ايندڙ زائرين جون خدمتون ڪرڻ ۽ تعارف ڪرائڻ ۾ ايڏي قدرآور علمي شخصيت سامهون هجي ته يقينا خانقاه جي حسناڪين سان گڏ اها سهڻائي به زمانه ياد رهڻ جهڙي هئي،

سندن باڪمال شخصيت جا سوين پهلو آهن جن ۾ تعلم، تدريس، اهتمام، تقوي، خوف خدا، عشق مصطفي، خانقاه مبارڪ جا مسائل، جماعت جا معاملات، فتوي نويسي، تصنيف و تاليف، خلق جي خدمت، شاگردن کي ديني دنياوي بهتر مقام ڏيارڻ سان گڏ ڪيترائي اهم مشاغل هئا.

**ابتدائي تعليم:**

قرآن ڪريم پنهنجي ڳوٺ ناظره پڙهيائون بلوچستان جو تعليم کان وانجهيل علائقو هوڻئن ئي اسان وٽ عام طرح ٻهراڙيءِ جي تعليم براء نام هوندي آهي پر اها سندن ڪرامت چئجي جو فرمائيندا هئا ته پڙهان ته اکيون بند ڪري به پڙهي وڃان انهيءَ محبت شوق ۽ رب جي خاص فضل سان رمضان جي ٢٧ ڏينهن ۾ مڪمل حفظ ان طرح ڪري ورتائون جو سوا سيپارو ڏينهن جو ياد ڪري رات جو تراويح ۾ پڙهائيندا هئا.

قرآن ڪريم سان محبت حد درجي جي هئي ۽ ناظره جي دور جي پاڻ جيڪا ڳالهه ڪندا هئا ته سمجهه ۾ اچي ٿو ٻارائپ کان اهو ذوق هو. تلاوت ايتري جو هڪ سفر ۾ ١٥_٢٠ سيپاره تلاوت جا ڪري وڃن. پاڻ گهڻو ڪري تلاوت ڏسي ڪندا هئا مگر جڏهن قرآن ڪريم ميسر نه هجي ته ياد پڙهندا هئا پر ڪو حافظ هجي ته ان جو توجهه پنهنجي طرف رکندا هئا.

هڪ ڀيري فقير سائين عبدالحڪيم عليہ الرحمه جي ماهوار ستينءَ جي رات محفل شبينہ تي آيا مون کي فرمايائون جيستائين مان وينو آهيان تون پڙهہ. پوءِ ان تلاوت تي ايترو رنا جو بيان نٿو ڪري سگهجي، پوءِ هن فقير کي چميون ڏيئي دعائن سان نوازيائون.

هڪ ڀيري رمضان شريف ۾ درگاهہ مبارڪ تي حاضر ٿيس، سچ لٿي کان پوءِ لنگر ڪري ويناسون فرمايائون تہ اڄ تراويح تون پڙهائجان، عرض ڪيم آءَ درگاهہ شريف تي شوق سان تراويح پڙهڻ آيو آهيان، فرمايائون پڙهائيندو تہ توهانجون بہ پڙهجي وينديون.

پوءِ ويهين سيپاري ۾ آخري ترويحہ پڙهايم پر ان ۾ پنيان ايترو تہ گريو فرمايائون جنهن جي ڪا حد ڪانهي، آخر ۾ دعائون ۽ بيحد پيار ڏنائون.

ضعيف العمري تائين پڇڻ تي ٻڌائيندا هئا الحمد لله تلاوت ۽ دلائل الخيرات جو ورد اڃان ڪري سگهان ٿو _ پاڻ تعليم قرآن لاءِ فڪرمند رهندا هئا. هن فقير کي آخري ملاقات ۾ فرمايائون مولانا ڪوشش ڪريو تہ نياڻيون قرآن ڪريم سهڻو پڙهن.

عشق رسول مؤمن لاءِ روح جي راحت ۽ ايمان جو سرچشمو ۽ دارين جي سعادت آهي پر جڏهن ڪو عالم سندن جي سيرت طيبہ پڙهي پڙهائي انجي عشق جا انداز ئي نرالا آهن. حضرت مفتي صاحب عليہ الرحمه محبوب جي ڪا ڳالهہ ٻڌن يا پاڻ پڙهي ٻڌائن، نعت مصطفي ٻڌن تہ جڻ دل جا بند ڀڄي پورا ٿي پوندا هئا زاروقطار روئڻ آخر اوچنگارن تائين پهچي ويندا هئا پاڻ گهٽي قدر ڪيترائي سال پنهنجي فيملي سان حرمين شريف ضرور حاضري ڏيندا هئا پر ان باوجود ڪنهن پلي پار ويندڙ يا ايندڙ سان ملاقات ٿئي تہ سڪايل شخص وانگر ان کان مديني جون ڳالهيون پڇن. هن فقير جي حاضريءَ وقت جڏهن استاد سائين کان موڪلائڻ آيس تہ پاڻ زبردستي گهران نڪري ٻاهر روڊ تائين ڇڏڻ آيا، ٻنهي هٿن سان وٺي ٻنهي اکين تي چميون ڏئي روئي ڏنائون.

جڏهن بہ طبيعت تي گراني هجي تہ مون کي گهرائي نعت ٻڌن خصوصا هن شعر تي روئي روئي بيحال ٿي وڃن:

پڪاريان ٿو پنهل تو کي ڪٺي هٿڙا مديني ڏي

ٻڌي ٻانهون ڪريان دانهون تنهنجي در يا رسول الله

نعت جي شوق ۾ ڪافي سفرن ۾ گڏ ڪٽندا هئا.

هڪ پيري سڪر جي هڪ پروگرام ۾ مولانا عبداللطيف عباسي سڪندري پنهنجي ٺاهيل نعت " ايڏي خوشبو گلن ۾ ڇاجي آ" ڳائي ته فرمايائونس ته مولانا اها نعت ٺاهي بيشڪ تو آ پر انڪي ڳائي اسانجو مولانا عنايت الله ئي سگهي ٿو.

**شفقت :**

پاڻ انتهائي سڀاجها بيحد مهربان هئا خاص طرح شاگردن جي معاملي ۾ انتهائي حساس هئا. شاگردن جي مقابلي ۾ ڪنهن ٻاهرئين، ڪنهن ملازم ڪي ذرو به اهميت نه ڏيندا هئا.

مدرسي جو ڪو به فيصلو اساتذه جي مشوري ڪانسواءِ نه ڪندا هئا. اهڙا معاملات جن ۾ استادن جو واسطو به نه هجي تاهم اساتذه ڪي گهرائي انهن ڪي آگاهي ڏيئي، فيصلي ۾ شريڪ ڪندا هئا.

اساتذه جي مالي حالات تي به هميشه فڪرمند رهندا هئا.

ايستائين جو ماهوار وظيفي ڪي انهن لاءِ ناڪافي سمجهندي ڪڏهن ڪن دوستن ڪان معاونت ڪرائي پنهنجي طرفان مدد ڪرائيندا هئا.

استادن جي علمي لياقت ڪي مدنظر رکي انهن جي همت افزائي ۾ اهڙا جملا ڳالهائيندا هئا جو ڪمال جو حوصلو پيدا ٿي پوندو هو.

پڙهائيءَ جي دوران پاڻ اسيمبليءَ ۾ شوق سان ايندا هئا ۽ هن فقير ڪي حڪم هوندو هو ته اسيمبلي ۾ قصيدو برده شريف آءُ پڙهايان سهڻي آواز ۾ ڪير به تلاوت ڪري يا نعت شريف پڙهي ته پاڻ انتي جي پوندا هئا.

پاڻ به سهڻي انداز سان تلاوت ڪندا هئا خصوصا فجر جي نماز ۾ سوره يوسف جا ابتدائي يا آخري ڪيترائي رڪوع تلاوت ڪندا هئا.

جمعي جي خطبي ۾ محبت رسول صلي الله عليه وآله وسلم جا عجيب واقعا بيان ڪري زاروقطار روئندا هئا.

حديث ۽ شروح حديث سان بيحد چاهه هو، بخاري شريف جي ڳالهه ڪندي ٿڪندا نه هئا. مطالعه ايترو هو جو ڪا به ڳالهه ڪري ڇڏين انجي مقابلي ۾ اسان

ڪجهه چئون ته فرمائيندا هئا ته حديث ۾ ايئن ناهي.

هڪ ڀيرو تعظيم لاءِ اٿڻ تي بحث ٿيو، منهنجو خيال هو ته حديث ۾ اهڙو ذڪر ملي ٿو فرمايائون نه هوندو، مون عرض ڪيو ڏيکاريندس، وجي ڳولا ڪيم پوءِ جتي پڙهيل هئي ، ڏنم ته اها حديث جي نه پر شرح جي ڳالهه آهي.

جيڪڏهن ڪو شاگرد اهڙي ڳالهه ٻڌائي جنهن مان انجي مطالعي جي ذوق جي خبر پوي ڏاڍا خوش ٿيندا هئا.

قراة خلف الامام تي بحث ٿيو مون دليل ڏنا ته تمام گهڻا خوش ٿيا.

ثويبه ٻانهيءَ جي آزادي ۽ ابو لهب جي عذاب جي تخفيف جو ذڪر پاڻ زرقاني ۽ المواهب جي حوالي سان ٻڌايائون مون عرض ڪيو ته بخاري شريف ۾ به آهي پاڻ فرمايائون ته ڏيکار- ڪتاب ڪٽي آيس ٻن جاين تي حديث ڏيکاريم بيحد خوش ٿيا، هڪ ڀيري فرمايائون مولانا! الله ڪريم مون کان پڇا ڪئي ته ڇا ڪري آيو آهين؟ ته چوندس مولانا عنايت الله کي پڙهائي آيو آهيان اهڙي ڳالهه مفتي فيض محمد سڪندري لاءِ به ٻڌي آهي.

هن مسڪين مٿان سندن قرب عنايتون اڻ ڳڻيون آهن ۽ سندن هر شاگرد سندن انفرادي پيار ۾ گرويده آهي.

لاهور ۽ اسلام آباد ۾ هفتو ڪن خدمت ۾ رهڻ جو موقعو مليو هڪ ڀيءُ واري شفقت ۾ سالن جا سال گذريا پر وڇڻ ڪان پوءِ ڇڻ ته ويرم ئي نه گذري.

بس اهڙي مهربان استاد لاءِ هي لفظ ئي چئي سگهجن ٿا

*حال ما در ہجر رہبر کمتر از یعقوب نیست*

*او پسر گم کردہ بود و ما پدر گم کردہ ایم*

# سنڌ جو برک عالم دين

علامہ ڊاڪٽر غلام عباس قادري

سرپرست اداره علوم اسلامي شانتي نگر

”هن هيري ۽ موتي جي ڪي سالڪ لهندا سار“

باغ ۾ ڪيترائي گل ڦل پنهنجي سونهن ۽ سرهاڻ سان ٽڙيل ڪڙيل ۽ نروار هوندا آهن ۽ چوندا آهن تہ

”هر گل را رنگ و بوئے دیگر ست“.

هر هڪ گل جو رنگ و خوشبو جدا جدا ۽ نرالي هوندي آهي ليڪن انهن سڀني گلن ۾ گلابي گل پنهنجي خاص رنگ ۽ خوشبوء سان سڀني گلن جو مک ۽ سردار نظر ايندو آهي.

انسان ذات ڪي بہ الله تعالىٰ بي شمار خوبين سان نوازيو آهي ۽ ڪيس ” وَلَقَدۡ كَرَّمۡنَا بَنِيۤ اٰدَمَ “ سان انسان ذات ڪي عزت ۽ ڪرامت عطا فرمائي آهي. اهو ئي ڪائنات جو سرسبز گل آهي ۽ انهي پنهنجي صلاحيتن ڪي استعمال ڪندي هر دور ۾ نہ صرف پنهنجي وجود لاءِ بلڪ سموري مخلوقات لاءِ سُک ڀريون شيون ڏاهي انهن ڪي دنيا ۾ سڪون سان رهڻ جا موقعا فراهم ڪيا آهن.

اهڙن امر بڻجي ويندڙ انسانن مان هن دور جو برک عالم دين، حافظ، قاري، شيخ الحديث، مفسر، محدث، مفتي محمد رحيم سڪندري رحمہ الله، خداوند ڪريم جي عطا ڪيل نعمت ۽ خوبين جو مالڪ هو.

**مفتي صاحب جو ننڍپڻ:**

مفتي صاحب ڪي الله تعالىٰ ننڍپڻ ۾ ئي سنجيده ۽ سهڻي اخلاق سان نوازيو هو. ڳوٺاڻي ماحول ۾ اُتان جي استاد ڪان ناظره قرآن پاڪ پڙهي مڪمل ڪيو. ننڍڙي عمر ۾ ئي سندس دل قرآن پاڪ سان ڳنڍجي وئي ۽ چڻ تہ قرآن پاڪ سندس روحاني غذا جو وڏو ذريعو بڻجي ويو.

**بر صغير جي مشهور تعليمي تربيتي خانقاه ۾ داخلا:**

چوندا آهن تہ ”كل شيء يرجع إلى أصله“ (هر شيء پنهنجي اصل ڏانهن

موتي ايندي آهي) جي مطابق مفتي صاحب پنهنجي وڏڙن جي عقيدت ۽ ارادت مطابق درگاھ شريف حضرت پيران پاڳاره جي مدرسي ۾ داخلا ورتي. سندس خاندان اڳ ۾ ئي هن عظيم درگاھ سان لاڳاپيل هو. انھيءَ نسبت ڪيس اهڙي هنڌ پهچايو جتي سندس علمي، عملي، اخلاقي ۽ روحاني صلاحيتون نکري نروار ٿيون.

**جامعہ راشديہ جو علمي رتبو:**

مفتي صاحب جنهن دور ۾ جامعہ راشديہ ۾ داخلا ورتي، جامعه جو اهو دور علمي اعتبار کان برصغير جي وڏن ادارن جي صف ۾ شامل هو. تفسير، حديث، فقہ، معقول و منطق جي ماهر استادن جو هڪ سَٽُ موجود هو. پنهنجي پنهنجي فن ۾ مهارت رکندڙ استادن جي سرپرستيءَ ۾ مفتي صاحب جو علمي ۽ روحاني جوهر اپرڻ لڳو.

**مفتي صاحب جي سٺي ۽ سهڻي تحرير:**

مفتي صاحب جا هٿ اکر "و القلم و ما يسطرون" جي نعمت سان نوازيل هئا.سندس تحرير مان هڪ ماهر ڪاتب جي قلم جو نمونو ڪاغذ کي خوبصورت بنائيندو هو.راقم الحروف جڏهن صبغة الاسلام سانگھڙ ۾ پڙهندو هو، ان وقت مفتي صاحب جون فتوائون تحرير جي شڪل ۾ اسان جي مهربان استاد فخر المدرسين مفتي در محمد سڪندري وٽ تصديق لاءِ ايندڙيون هيون.

پاڻ بہ عربي، فارسي، سنڌي ۽ اردوءَ جي تحرير جو ماهر هو. اهو مفتي محمد رحيم صاحب جي تحرير کي نہ صرف پسند ڪندو هو بلڪ سندس تحرير جي شاگردن جي سامهون واکاڻ بہ ڪندو هو.

**قرآن پاڪ جو معجزو ۽ مفتي صاحب جي ڪرامت:**

مفتي صاحب کي نواب شاھ جي شهرين جي درخواست تي استاد محمد صالح نواب شاھ جي جامع مسجد جي امامت و خطابت لاءِ مقرر فرمايو. مفتي صاحب نوجواني ۾ ئي انھيءَ وڏي منصب کي سنڀالڻ جي شروعات ڪئي.

انھيءَ دوران رمضان شريف جي اچڻ ۾ هڪڙو مهينو رهجي ويو هو. جڏهن کيس خبر پئي تہ ڪو ٻيو حافظ ٻاهران اچي تراويحون پڙهائيندو آهي تہ مفتي صاحب ڪميٽي وارن کي چيو تہ هن سال مان پاڻ تراويحون پڙهائيندس.

ڪميٽيءَ وارن چيس تہ توهان حافظ قرآن نہ آهيو، رمضان مبارڪ ۾ هڪڙو مهينو رهجي ويو آهي، اوهان ڪيئن تراويحون پڙهائيندو؟

آخر ڪار مفتي صاحب اصرار ڪندي هڪ نابينو حافظ شهر مان ڳولهي لڌو جنهن جو قرآن پاڪ پڪو هو. ان سان ڳالهہ ٻولهہ تي تہ اهو روزانو مفتي صاحب سان قرآن مجيد پڙهندو ۽ سندس قرآن ٻڌندو.

مفتي صاحب الله تعالىٰ جي ذات تي ڀروسو ڪندي روزانو هڪ سيپارو ياد ڪندا هئا ۽ شام جو انهيءَ حافظ صاحب کي ٻڌائي رات جو تراويح ۾ ان جي تلاوت ڪندا هئا.

دنيا ۾ اسان ڪتابن ۾ پڙهيو هيو ۽ زباني ڳالهيون ٻڌيون تہ فلاڻي شهر جي عالم يا حافظ تمام گهٽ عرصي ۾ قرآن پاڪ ياد ڪري ماڻهن کي ٻڌايو. ليڪن مفتي محمد رحيم سڪندري روزانو هڪ سيپارو ياد ڪري وري تراويحن ۾ ٻڌائي ماڻهن کي حيرت ۾ وجهي ڇڏيو. قرآن پاڪ جي انهيءَ معجزي ۽ سندس ڪرامت ۽ همت کي ڪجهہ ماڻهن نہ پر هزارين ماڻهن سندس پويان نمازون پڙهي قرآن جي اعجاز جو مشاهدو ڪيو. اها سندن ڪرامت هميشہ ياد رهندي ۽ قرآن پاڪ سان محبت ڪرڻ وارن لاءِ هڪ نصيحت ڀريو پيغام ثابت ٿيندي.

**سومر فقير هنگورو واري مدرسي "صبغت الفيض" ۾ آمد:**

فقير عبدالحڪيم هنگورو هڪ نيڪ دل، علم ۽ عالمن سان محبت ۽ سندن علمي عزت افزائي ڪرڻ وارو انسان هو. جنهن جامعہ راشديہ جي شاخ پنهنجي ڳوٺ ۾ کولي. سهڻي استاد جي ڳولا ڪندي مفتي محمد رحيم جهڙي علمي، عملي، قرآن و حديث سان عشق جي حد تائين لاڳاپيل عالم جو انتخاب ڪيو. استاد محمد صالح ڪان حڪم وٺي مفتي صاحب کي پنهنجي مدرسي ۾ بحيثيت مدرس ۽ مفتي جي منصب تي ويهاريو. فقير صاحب مفتي صاحب جي تمام گهڻي عزت و احترام ڪندو هو.

انهن ڏينهن ۾ ملڪي سياست جو هڪ پاسو بدليو ۽ راقم مجاهد اهلسنت سيد غوث محمد شاهہ جيلاني جي ميرپور خاص واري تڪ جي اليڪشن مهم ۾ هليو ويو. انهيءَ وقت ڪان پوءِ مان ڪراچي هليو آيس ۽ مفتي صاحب منهنجي

خالي جاءِ تي جامع مسجد لوهار گهٽي جي خطابت و امامت بہ فرمائي.

**درگاهہ شريف پيران پاڳاره جي مسجد جي امامت و خطابت:**

اعليٰ حضرت قبلہ سيد شاهمردان شاهہ ثانيءَ جي حڪم مطابق مفتي محمد رحيم بحيثيت امام و خطيب درگاهہ شريف مقرر ٿي ويو. اهو هڪ وڏو اعزاز ۽ منصب سندس حوالي ٿيو. ان سان گڏ برصغير جي نامياري مدرسي جامعہ راشديہ جو شيخ الحديث وارو منصب بہ سندس حوالي ڪيو ويو. مفتي صاحب پنهنجي صلاحيتن مطابق انهن ٻنهي منصبن جي ذميوارين کي تمام سهڻي نموني نڀايو.

**جامعہ راشديہ جي شاخن جي شروعات:**

جامعہ راشديہ جي اولين شاخ مدرسہ صبغة الاسلام سانگهڙ جو بنياد استاد محمد صالح رکيو هو. ۽ سندس پختو ارادو هو تہ هيءَ شاخ جامعہ جي ٻين شاخن لاءِ روشني جو رستو هموار ڪندي. سندس انهي ارادي کي مفتي محمد رحيم سڪندري عملي شڪل ڏني. پنجاب، بلوچستان، سنڌ جي اُتر کان وٺي ٿر پارڪر جي آخري شهرن ۽ ڳوٺن ۾ جامعہ راشديہ جون شاخون قائم ڪري پاڻ انهن جي نگراني بہ فرمائيندا هئا. الحمد لله! اڄ ڏينهن تائين نہ صرف اهي شاخون قائم دائم آهن بلڪ انهن ۾ واڌارو ٿي رهيو آهي.

**ڪنز الايمان جو سنڌي ترجمو:**

برصغير جي محدث، فقيہ اعليٰ حضرت مولانا احمد رضا بريلوي جي جڳ مشهور اردو ترجمي ”ڪنز الايمان“ جو سنڌي ترجمو ڪري مفتي صاحب نہ صرف سنڌي ٻولي بلڪ سنڌي عوام لاءِ قرآن سمجهڻ آسان بڻائي ڇڏيو. جيڪو هزارن جي تعداد ۾ ڇپجي عوام لاءِ روشني جو سج ثابت ٿيو آهي.

الحمد لله! مفتي صاحب جون صلاحيتون ۽ خوبيون تمام گهڻيون آهن جن کي ٻين تائين پهچائڻ لاءِ هڪ وڏي ڪتاب ۽ دفتر جي ضرورت آهي جيئن ايندڙ نسل سندن ڪارنامن کي پڙهي پنهنجي ديني و دنياوي ترقيءَ جون منزلون ماڻي سگهي.

خدا رحمت کند ایں عاشقانِ پاک طنیت را.

# فقيد المثال دوستي

## فقيرانجنيئر عبدالباسط هنگورو سڪندري

### پرنسپال اورنٽيل ڪاليج ۽
### صبغة الفيض سومر فقير هنگورو

(حضرت شيخ الحديث و التفسير مفتي محمد رحيم سڪندري رحمة الله عليه ۽ عارف بالله حضرت خليفہ فقير سائين عبدالحڪيم هنگورو رحمة الله عليه جن جي فقيد المثال محبت دوستيءَ جو تاريخي تذڪرو)

استاذ العلماءِ، شيخ الحديث و التفسير سابق مهتمم جامعہ راشديہ درگاهہ شريف، سابق خليفہ مفتي محمد رحيم سڪندري رحمة الله عليه پنهنجي پوري زندگي دين اسلام جي خدمت تعليم ، تدريس و تربيت ڪندي گذاري ، هزارن جي تعداد ۾ سڪندري علماءِ، حفاظ ۽ قرّاء حضرات سندن دست شفقت هيٺ رهي علم جي زينت سان سرفراز ٿيا. رب العالمين مفتي صاحب ۾ بي انتها خوبيون سمائي ڇڏيون هيون،شهرن ڳوٺن جهرن جهنگن پنهنجي ديني خدمتن ۽ صلاحيتن جو خوب اظهار فرمايو مرشدن ڪريمن جي فيض نظر سان سون جي تعداد ۾ مدرسا ۽ مسجدون قائم ڪيون ۽ انهن جي نگراني ڪرڻ فرمائي . هن وقت هر طرف کان سندن لاءِ دعائون ، تلاوت ڪلام پاڪ ، درود شريف جا تحفا پهچي رهيا آهن. پاڻ پوري زندگي اخلاص سان سان عوام الناس کي خوب فائدو ڏنائون.

اسان جي نظر ۾ ڪامياب زندگي جو نالو مفتي محمد رحيم سڪندري رحمة الله عليه آهي.

حضور اڪرم رؤف صلى الله عليه وسلم جن جو فرمان عاليشان آهي تہ دنيا ۽ آخرت جو مثال هن طرح آهي تہ توهان درياءَ جي ڪناري تي وڃي پنهنجي آڱر پاڻي ۾ وجهو، پوءِ جيترو پاڻي توهان جي آڱر ڪٽي اها دنيا آهي باقي درياءَ ۾ پاڻي آخرت جي مثل آهي.

اها مختصر زندگي الله تعاليٰ جي وڏي نعمت آهي، جيڪا مفتي صاحب جن تعليمي ميدان ۾ صرف ڪئي، نهايت ئي سادگي، نوڙت ، خلوص

۾ جدوجهد سان ٻين لاءِ آسانيون پيدا ڪيون. پنهنجي آخرت جيڪا هڪ سمنڊ مثل لامحدود زندگي آهي، انکي منور ۽ معطر ڪري پنهنجي خالق حقيقي سان ملاقي ٿيا.

حضرت خليفه مفتي محمد رحيم سڪندري رحمة الله عليه جو گهڻو حصو امام العارفين حضرت پير سائين سيد محمد راشد روضي ڌڻي قدس سره العزيز جي فيضان جي سايي هيٺ ، محبت، علم و عرفان جي مرڪز جامعه راشديه جي اهتمام ۾ جامع مسجد درگاه شريف جي امامت ۾ خطابت ڪندي گذاريو. اُهي ڪيڏا نه خوشنصيب استاد، والدين ۽ شاگرد آهن جن کي رب العالمين پنهنجي نهايت ئي پسنديده ڪم لاءِ منتخب فرمايو، اهو ڪم جنهن لاءِ سوا لک انبياءِ ڪرام سلام الله عليهم مبعوث فرمايا. ان رُشد و هدايت جي نورانيت کي قيامت تائين جاري رکڻ لاء عالمن کي ظاهري شريعت جي علم کي جهانن وارن تائين پهچائڻ ۽ اولياءَ الله ، ڪاملين، عارفن کي باطني فيضان جي نورانيت ۽ روحانيت جو درس ڏيڻ لاءِ منتخب فرمايو. اها نهايت ئي عظمت واري شخصيت امام العارفين پير سائين روضي ڌڻي قدس سره العزيز جن کي رب العالمين ٻئي بحر عطا فرمايا. پاڻ قرآن، حديث، فقه، لغت،تاريخ، نحو، ادب، تصوف ، فصاحت ، بلاغت جا جيد عالم دين شمس العلماءُ هجڻ سان گڏ ولايت، سلوڪ، قرب الاهي، معرفت، طريقت ۽ حقيقت جي تمام راهن کان لکين عاشقن کي سيراب ڪري ڪين رب العزت جي قرب واري لڙهي ۾ ڳنڍي واصل بالله بناياڻون. ، هتان لکين دليون علم و عرفان جي نورانيت سان منور ٿي نڪتيون آهن، انهن علم جي گوهرن مان عظيم شخصيت استاذ العلماء مفتي محمد رحيم سڪندري رحمة الله عليه جن آهن، جن هن عظيم اداري جامعه راشديه مان فيض حاصل ڪرڻ جيجي سعادت ماڻي. سندن استاد حضرت سائين مفتي محمد صالح مهر رحمة الله عليه جن حڪم مطابق اورينٽل ڪاليج حيدرآباد ۾ خدمتون سرانجام ڏنيون، اتان ڪان جامع مسجد نواب شاه ۾ ڪجھ وقت خطيب و پيش امام جون خدمتون سرانجام ڏنائون

خليفه الحاج عارف بالله فقير سائين عبدالحڪيم هنگورو رحمة الله عليه جن جي مفتي محمد رحيم سڪندري رحمة الله عليه سان تمام گهڻي ويجهڙائپ رهي سندن

قرب، محبت، خلوص، دينداري، مرشد ڪريم سان محبت، رسول ڪريم ﷺ سان عشق ۽ صرف رضا الهي لاءِ سڀ ڪجهه ڪرڻ ، رب ڪريم جل شانہ جي احڪامن جي تابعداري سان گڏ عوام الناس سان نوڙت، پيار ۽ پاٻوهه سان پيش اچڻ اها ٻنهي عظيم شخصيتن ۾ برابر هئي.

حرمين شريفين زاد هما الله شرفاً و تعظيماً جا روحاني اسفار هجن يا حضرت پير سائين سيد شاه مردان شاه ثاني ڇٽ ڌڻي قدس سره العزيز جن جو روحاني سفر هجي، توهانکي هميشہ فقير سائين ۽ مفتي صاحب رحمت الله عليهما گڏ نظر ايندا هئا. اها سندن قلبي هم آهنگي، روحاني وابستگي، هڪ ٻئي سان بي انتها محبت ۽ ادب جيڪو پنهنجي حلقہ احباب ۾ بي مثال هئو .

تقريبا سال ۱۹۶۵ عيسوي ڌاري حضرت مفتي محمد رحيم سڪندري ؒ جڏهن جامع مسجد نوابشاه ۾ خطيب و پيش امام جا فرائض سر انجام ڏئي رهيا هئا، فقير سائين عبدالحڪيم ؒ ڪين اتان ڪان پنهنجي ديني اداري مدرسہ صبغة الفيض حضرت سومر فقير هنگورو جي درس و تدريس لاءِ وٺي آيا ۽ صدرمدرس طور منتخب ڪيائون. مفتي صاحب جن پنهنجي ڪٽنب سميت مدرسہ ۾ سڪونت اختيار ڪيائون. الحمدلله ! پنهنجي خداداد صلاحيتن جو ڀرپور اظهار ڪندي شاگردن سان شفقت ۽ پيار، ڀين دوستن، واسطيدارن، جماعت جي هر فرد جي خلوص دل سان هر ممڪن مدد ڪيائون، پنهنجي گهر جي هر فرد لاءِ تعليم سان گڏ تربيت، پنهنجن ويجهن رشتيدارن مائٽن توڙي پري وارن ڪي تعليم جي ميدان ۾ ڪمال حد تائين پنهنجي هڙان وڙان ڏئي بلند درجن تائين پهچائڻ ۾ ڪا بہ ڪسر باقي نہ ڇڏيائون. بلڪ پوري قوم سنڌ، پنجاب ۽ بلوچستان جي ڪنڊ ڪڙڇ مان توهان ڪي سندن شاگرد هڪ شمع وانگر چمڪندي نظر ايندا.

حضرت مفتي محمد رحيم سڪندري ؒ جن فرمايو تہ مدرسہ صبغة الفيض ۾ تدريس دوران هڪ ڏينهن فقير سائين عبدالحڪيم هنگورو ؒ جن مونکي فرمايو تہ مفتي صاحب! توهان پريشان پيا لڳو، مون وراڻيو تہ سائين اهڙي ڪابہ ڳالهہ نہ آهي، فقير سائين جن جي زياده اصرار تي مون ڪين ٻڌايو تہ سائين! مون تي ڳوٺاڻن جو ڪجهہ قرض ٿي ويو آهي جنهن جي ڪري

پريشان آهيان. فقير سائين جن فرمايو تہ مفتي صاحب پريشان ٿيڻ جي ڪا بہ ضرورت نہ آهي، ٿن سالن جي اندر قرض خود بہ خود ادا ٿي ويندو. آئون خاموش رهيس، الله سائين جي اهڙي ڪرم نوازي ٿي جو قرض بہ ادا ٿي ويو بلڪ ان سال فقير سائين جن سان گڏ حج جي سعادت پڻ حاصل ٿي. مفتي صاحب جن فرمايو تہ ڪافي عرصي گذرڻ ڪان پوءِ مون ڪتب احاديث مبارڪ جي مطالعي دوران منهنجي نظر مان حديث مبارڪ گذري جنهن جو مفهوم اهڙي طرح هيو تہ جيڪڏهن قرض ادا ڪرڻ جو ارادو آهي تہ ٽن سالن جي عرصي ۾ قرض الله تعالىٰ جي مهرباني سان لهي ويندو آهي. ان وقت فقير سائين جي حڪمت ۽ بصيرت تي دلي سڪون حاصل ٿيو.

مفتي صاحب جن فرمايو تہ جڏهن اسان حج جي سعادت لاءِ حرمين شريفين پهتاسون تہ ان سال حضرت پير سائين شاه مردان شاه (ثاني) ڇٽ ڌڻي قدس سره العزيز پڻ حج جي سعادت لاءِ پهتل هئا، اسانکي زيارت جو شرف بخشيائون ۽ فرمايائون تہ هتي هر هڪ پنهنجي ڪم (نيڪ مقصد) لاءِ آيل آهي، حج جي نيڪ مقصد جي حصول ڪانپوءِ جڏهن اسان مدينہ منوره پهتاسون تہ پاڻ پاڪستاني سفارتخانہ ۾ رهائش اختيار ڪيائون، جتي پاڻ مٿين منزل جي بجاءِ هيٺين منزل تي رهڻ پسند ڪيائون.

فقير سائين رحمة الله عليه جن فرمايو تہ جڏهن اسان پير سائين جن سان گڏ حضور اڪرم ﷺ جن جي دربار عاليہ ۾ مواجہ شريف سامهون حاضر ٿياسون تہ پير سائين ڇٽ ڌڻي قدس سره العزيز جن هڪ طويل دعا گهري، هرطرف خاموشي ۽ سڪون طاري ٿي ويو. سندن نگاهون جهڪيل هيون ۽ نهايت ئي ادب واري انداز ۾ هٿ ڪنيائون. اسان ۽ ٻي جماعت پڻ سندن پويان دل ۾ آمين چئي رهيا هئاسون. هڪ شخص دعا جي لاءِ عرض ڪيو، پاڻ ان شخص لاءِ پڻ دعا گهريائون ، اهي لمحا هميشہ اکين اڳيان رهندا آهن .

فقير سائين جن فرمايو تہ حرمين شريفين جي سفر دوران مفتي صاحب جن جي جڏهن حضور اڪرم ﷺ جن جي دربارِ عاليہ ۾ حاضري ٿيندي هئي تہ مفتي صاحب زاروقطار روئندا هئا. سندن اکين مان مينهن وانگر پاڻي جاري هوندو هو، سندن چهرو ۽ سونهاري مبارڪ آلي ٿي ويندي هئي. عشق

جي لاٽ سندن دل کي روشن ڪري ڇڏيو هو ، جنهن ۾ هر وقت مستغرق هوندا هئا. خاص ڪري قيام الليل (تهجد جي نماز) ۾ اکيون عشق جو اثر ڏيکاريندڙيون هيون. روزانہ دلائل خيرات جو ختم شريف پورو ڪندا هئا .

حضرت مفتي محمد رحيم سڪندري رحمة الله عليه جن مدرسہ صبغت الفيض ۾ ۱۹٦۵ کان ۱۹۷۴ع تائين ديني تعليم ۽ سهڻي تربيت سان ڪافي عالمِ دين پيدا ڪيا . جن ۾ مولوي فضل محمد رڏ ، مولوي عطا حسين منگي، مولوي غلام قادر عمراڻي، مولوي غلام نبي ڪوسو ، مولوي عبدالحفيظ ڪوسو ، مولوي عبدالنبي ڪوسو، مولوي الٰهي بخش ڪوسو، مولوي محمد شعبان ڪوسو، مولوي علي محمد سميجو، مولوي محمد حسين، مولوي محمد هارون ۽ مولوي نور محمد ڪوسو شامل آهن، جن پنهنجن علائقن ۾ دين اسلام جي شمع روشن ڪئي، مدرسن ۽ مسجدن سان گڏ تعليمي ادارن ۾ خدمتون سرانجام ڏئي رهيا آهن .

حضرت مفتي محمد رحيم سڪندري رحمة الله عليه جن جي شخصيت هڪ اداري جي مثل هئي، جنهن مان هر طبقي جي ماڻهن کي فائدو پهتو. نيڪ مشورو ڏيڻ ، هرهڪ درخواست گذار جي اخلاقي ۽ قانوني مدد ڪرڻ، آيل مهمان جي خوشي سان پنهنجي حال مطابق خدمت ڪرڻ سندن معمولات ۾ شامل هو.

هر سال عيد ميلادالنبي صلى الله عليه وسلم جو پروگرام ڪندا هئا، جنهن ۾ خاص ڪري فقير سائين عبدالحڪيم رحمة الله عليه ، استاد ، شاگرد ۽ ڪجھ ڳوٺاڻن کي مدعو ڪندا هئا، پنهنجي هٿن سان خدمت ڪندا هئا، عرس مبارڪ جو طعام پنهنجي گهر ۾ تيار ڪرائيندا هئا، اهو سندن عشق رسول صلى الله عليه وسلم جو اظهار هئو .

مفتي صاحب رحمة الله عليه جن کي اڳ ۾ نرينہ اولاد ڪونہ هو، صرف چار نياڻيون هيون. ۱۹۷۳ع ۾ الله سائين هڪ نيڪ صالح فرزند خليفہ محمد اڪرام دامت برڪاتہ العاليہ جي صورت ۾ عطا ڪيو. اها گهڙي جيڪا مفتي صاحب جي گهر ۾ خوشيون ۽ شادمانيون کڻي آئي، گڏوگڏ پوري مدرسي جي شاگردن ۽ ڳوٺاڻن ۾ خوشي جي لهر ڇائنجي وئي. الله سائين ڪيس مفتي محمد رحيم سڪندري رحمة الله عليه جي نقشِ قدم تي هلڻ جي توفيق عطا فرمائي ، دنيا ۽ آخرت

جون ڪاميابيون نصيب فرمائي .

استاذ العلماء مفتي محمد صالح مهر ﷫ پنهنجي زندگي جي آخري ايام ۾ حضرت پير سائين شاهه مردان شاهه ( ثاني ) قدس سره العزيز کي عرض ڪيو تہ قبلا سائين! مونکان پوءِ مفتي محمد رحيم سڪندري کي جامعه راشديہ ۾ خدمت لاءِ رکڻ پسند ڪيو تہ مناسب رهندو. جڏهن استاذ العلماء مفتي محمد صالح مهر ﷫ جو وصال ٿيو تہ پير سائين ڇٽ ڌڻي قدس سره العزيز جن مفتي محمد رحيم سڪندري ﷫ کي جامعه راشديہ جو مهتمم مقرر ڪرڻ فرمايائون ۽ هميشہ پاڻ مفتي صاحب جي مٿان مهربان رهيا . خطيب، پيش امام جامع مسجد درگاه شريف مهتمم جامعہ راشديہ سان گڏ ڪين چونڪي پار جو مُک مقرر ڪيائون. پاڻ درگاهہ شريف تي عيدن جي خطاب دوران پنهنجي طرفان ۽ مفتي صاحب جي طرفان جماعت کي عيد مبارڪ ڏيڻ فرمائيندا هئا. انهي مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ مفتي صاحب جو مقام ڪيترو بلند هئو . مرشد ڪريم جن جي شفقت ۽ مهرباني ڪيتري هئي. پير سائين ڇٽ ڌڻي قدس سره العزيز جن جو ڪنگري هائوس تي ڪافي دفعا مشاهدو ڪيم جو مفتي صاحب لاءِ ملاقات جو عرض رکندو هئس تہ پاڻ پنهنجي ڪرسي تان بيهي ملندا هئا۽ بيٺي مفتي صاحب سان گفتگو فرمائيندا هئا، پاڻ ديني ، تعليمي، اصلاحي، جماعت جي تربيت ۽ تبليغي معاملا مفتي صاحب ﷫ جي حوالي ڪرڻ فرمائيندا هئا .

حضرت مفتي محمد رحيم سڪندري ﷫ جن جمعيت علماءِ سڪندريہ جي بهترين طريقي سان نگراني ڪرڻ فرمائي، خلوص ۽ محبت سان تنظيم کي عروج بخشيو, سندن ڪاوشن جو نتيجو آهي جو اڄ توهان کي هر شهر هر ڳوٺ ۾ سڪندري عالم ۽ حافظ دين اسلام جي خدمت ۾ پيش پيش نظر ايندا. اعليٰ حضرت پير سائين پاڳاره سيد صبغت الله شاه دامت برڪاتهم العاليه جن جي نظر عنايت هيٺ جماعت، مدرسا ۽ جمعيت علماء سڪندريہ هلي رهي آهي. حضرت مفتي صاحب جن پنهنجي طبيعت جي ناسازي جي زماني ۾ پنهنجي جاءِ تي سائين مفتي دوست علي سڪندري صاحب کي مقرر فرمايو،جامعه جي اساتذه کي گهرائي، پنهنجا اختيارات سندس حوالي ڪئي.

اعليٰ حضرت پيرسائين سردار دامت برڪاتهم العاليه ، مفتي صاحب جي فيصلي جي توثيق فرمائي مفتي دوست علي کي جامعه راشديه جو مهتمم ۽ جامع مسجد درگاهه شريف جو پيش امام مقرر فرمايائون. الحمدللّٰه مفتي دوست علي صاحب پنهنجي شفيق استاد وانگي جامعه راشديه ۽ برانچن جا معاملا نهايت خوش اصلوبي سان هلائي رهيو آهي.

الحمدللّٰه! هن وقت بئي ادارا جامعه راشديه درگاه شريف ۽ جمعيت علماء سڪندريه درگاه شريف بلند مقام عروج ۽ هڪ روشن مينار وانگر هر طرف دين اسلام جي روشني پکيڙي رهيا آهن .

حضرت مفتي محمد رحيم سڪندري ﷫ جن جو وصال ۱۴ آڪٽوبر ۲۰۲۵ ٿيو. پاڻ وصال کان ڏهه ڏينهن اڳ ۾ مورخه ۴.۱۰.۲۰۲۵ تي فقير سائين جي گهر ڪراچي ۾ تشريف فرما ٿيا جتي جمعيت علماء سڪندريه ڪراچي جي اجلاس ۾ شرڪت ڪيائون. تمام سڪندري عالمن سان ملاقات ڪيائون بعد ۾ ميلاد النبي ﷺ ۽ يارهين شريف ۾ شرڪت ڪيائون.

اسان کي حضرت مفتي محمد رحيم سڪندري ﷫ جن جي نقش قدم تي هلڻ گهرجي جيئن پاڻ سموري زندگي سنت رسول ڪريم ﷺ مطابق بسر ڪيائون.

# استاد المحترم شيخ الحديث والتفسير

مولوي محمد حسن سڪندري

مهتمم مدرسة البنات خديجة الکبري فهميديہ

درگاهہ شريف پير جو ڳوٺ

جامعہ راشديہ درگاهہ شريف پير جو ڳوٺ هڪ اهڙو علمي، اصلاحي ۽ تربيتي مرڪز آهي جنهن مان علم جي روشني حاصل ڪندڙ هزارين عالم، حافظ ۽ قاري سڳورا آهن جيڪي سنڌ، پنجاب، بلوچستان ۽ انڊيا جي علائقي راجستان ۾ دين متين جي خدمت ۾ مصروف عمل آهن تن مان آڪاش جي افق تي چانيل هڪ درخشان ستارو بلڪ روشن سج استاذي المحترم بقية السلف، قدوة الخلف، شيخ الحديث والتفسير حضرت علامہ مفتي محمد رحيم سڪندري رحمۃ اللہ علیہ جن آهن.

**ولادت با سعادت**

استاذي المحترم حضرت علامہ مفتي محمد رحيم سڪندري رحمۃ اللہ علیہ جن جي ولادت باسعادت ۱۹۴۱ع ۾ سکر لڳ ڳوٺ قادر پور ٻيلو ۾ ٿي درياء جي پاڻ سبب اتان هجرت ڪري تعلقي ٺل ڳوٺ ولي محمد ڪوسو لڳ ڳڙهي حسن ۾ اچي ويٺا.

۱۹۵۲ع ۾ پير سائين سردار سيد شاهہ مردان شاهہ ڇٽ ڌڻي رحمۃ اللہ علیہ جلاوطني جا ڏينهن گهاري ولايت کان وطن واپس موٽي آيا گادي بحال ٿي ۽ پهريون حڪم مدرسي جي از سرنو اجراء جو فرمايو تہ مدرسي جي پهرين شاگردن ۾ استاذي المحترم شامل ٿيا.

انتهائي ذهين محنتي جاکوڙيندڙ شاگرد هئا اهو ئي سبب هيو جو ٿوري ئي وقت ۾سيني استادن جي اکين جو ٺار بڻجي ويا ۱۹۶۰ع ۾ سنڌ يونيورسٽي کان فاضل عربي جو امتحان فرسٽ ڪلاس فرسٽ پوزيشن ۾ پاس ڪيائون يعني سموري سنڌ ۾ پهريون نمبر حاصل ڪيائون.

۱۹۶۱ع ۾ جامعہ راشديہ مان درس نظامي مڪمل ڪيائون فراغت کان

بعد مختلف جاين تي فرائض سر انجام ڏيندا رهيا جهڙوڪ دارالعلوم قادريہ شهدادپور، مدرسہ صبغت الفيض سومر فقير ۾ شيخ الحديث جي حيثيت ۾ خدمت سرانجام ڏنائون ۽ جامع مسجد نواب شاهہ ۾ خطيب پڻ مقرر ٿيا هئا اتي ئي ستاويهن ڏينهن ۾ قرآن شريف ياد ڪيائون فخرالصلحاء استاد سائين محمد صالح رحمة الله عليه جن جي وصال کان پوءِ ١٩٧٦ع ۾ حضرت پير سائين چٽ ڌڻي رحمة الله عليه جن جي حڪم سان جامعہ راشديہ درگاهہ شريف جي مهتمم جي حيثيت سان سندن تقرر ٿيو ٤٥ سالن تائين جامعہ جي خدمت ڪيائون ۽ جامعہ کي عروج تائين پهچاياءُون.

فراغت کان بعد بہ استادن سان رابطو ۽ استفادو بدستور جاري رهندو هيو هڪ دفعو فرمايائون تہ هڪڙو وقت اهڙو آيو جو تمام گهڻيون پريشانيون اچي گڏ ٿيون ڪا دلجاءِ نہ پئي ٿئي بي حال ٿي استاد سائين مفتي محمد صاحبداد رحمة الله عليه جن سان بيان ڪيم تہ پاڻ فرمايائون:

”باباہرچہ برسر آید بگذرد“

جيڪي بہ مٿي تي پونديون گذري وينديون. سندن اهي مبارڪ لفظ ٻڌڻ سان دل کي تمام گهڻي آٿت ٿي ۽ بار هلڪو ٿي ويو.

**استاذي المحترم جا مون تي اڻ ڳڻيا احسان**

دوران تعليم جڏهن مشڪواة شريف جو سبق سائين مفتي صاحب عليہ الرحمہ جن وٽ پڙهڻ لڳا سين تہ سندن شفقتن ۽ عنايتن جو سلسلو وڌي ويو علمي وجاهت ۽ رعبدار شخصيت اسان کي گهڻو ڪجھ سيکاريو تعليم سان گڏ تربيت بہ ٿي استادن جو ادب ، محفل جا آداب ،عشق مصطفي عليہ التحية والثناء،درگاهہ شريف جا فيوض و برڪات ۽ اخلاص سان خدمت کان علاوه گهڻو ڪجھ پرايو سون.

١٩٨٨ع ۾ فراغت کان بعد جيڪب آباد ضلعي جي هڪ ڳوٺ اوستو پليڏنو آباد ۾ محترم مولانا الاهي بخش مير بحر سڪندري جي مدرسي ۾ پڙهائڻ لاءِ موڪليائون جڏهن بہ موڪلن تي اچڻ ٿئي تہ سائين جن جي خدمت ۾ تقريبا روزانو حاضري ٿيندي هئي. ١٩٩٠ع ۾ هڪ ڀيرو موڪلن تي آيل هيس

موڪلون پوري ٿيڻ تي واپس وڃڻ لاءِ تيار ٿي بيگ ڪپڙن جي هٿ ۾ ڪري موڪلائڻ لاءِ مدرسي حاضر ٿيس جامعہ جي ڏڪڻين طرف پنهنجي ڪمري ۾ سبق پڙهائي رهيا هئا هڪ طرف ويهي رهيس فارغ ٿيا تہ عرض ڪيم سائين موڪلون پوريون ٿي ويون آهن دعا فرمايو خير سان وڃان دعا سان گڏ مولوي صاحب لاءِ سلام چيائون وڃڻ لاءِ جڏهن درتي پهتس تہ هي لفظ چوندي سڏ ڪيائون "هيڏي اچ تو ڪهڙو ڏوهہ ڪيو" سندن انهن لفظن جو مطلب ان وقت سمجهي نہ سگهيس واپس اچي ويهي رهيس ، خبر تڏهن پئي جڏهن پاڻ فون تي عربي ٽيچر لاءِ منهنجو نالو لکرايو بعد ۾ فرمايائون پيو ڪير رهيل آهي اصل ۾ پهرين بيچ ۾ مولانا مراد علي سڪندري مرحوم ، ۽ مولانا اياز حسين چنہ جن ڪي آرڊر ملي چڪا هئا غور فڪر ڪندي معلومات وٺندي خيرپور ضلعي جي ڪجهہ سڪندري دوستن جا نالا سامهون آيا انهن سان رابطو ڪري بايو ڊيٽا گهرائي سون. پاڻ فرمايائون سڪندري عالم پورا ٿي ويا آهن تہ پيا سني عالم ڳوليو رابطو تيز ڪندي شام تائين ڏهہ ٻارهن نالا گڏ ٿي ويا پاڻ فون تي اهي نالا بہ لکرايا ٻئي ڏينهن ڏهہ ساڍا ڏهہ جو ٽائيم هيو پاڻ اها نالن جي لسٽ مون کان گهري ۽ لکي دروازي کان اندر بنگلي شريف ڏانهن ويا موٽيا تہ تيرهن عربي ٽيچرن جا آرڊر سندن هٿ ۾ هئا ، خيرپور کان اوڀر طرف مولوي شهاب الدين ڪٿوهر جي ڳوٺ مڊل اسڪول ۾ آرڊر ٿيو ڇهن مهينن کان بعد پير جو ڳوٺ هاءِ اسڪول ۾ بدلي ڪرايائون .

**تحريري تربيت جو دور**

ان کان بعد اسان جي تعليم ۽ تربيت جو ٻيو دور شروع ٿيو تن ڏينهن ۾ خزانة المعرفت ملفوظات شريف پير سائين صبغت الله شاهہ اول (تجر ڏٽي رحمة الله عليه) جو مفتي صاحب جن فارسي مان سنڌي ترجمو ڪيو هو. سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي مان ڪمپوزنگ جو ڪم هلي رهيو هو مولانا مراد علي مرحوم ۽ مونکي پروف ريڊنگ ۾شامل ڪيائون پوءِ روزانو سانجهيءَ کان بعد اچڻ ٿيندو هو ۽ رات جو دير تائين ڪم ڪندا هئاسون. پروف ريڊنگ جي حوالي سان تمام گهڻي سکيا حاصل ٿي جنهن ڏينهن ڪراچي مان ملفوظات شريف ڇپائي ڪٽي آيس تہ تمام گهڻو خوش ٿيا ۽ دعائن سان نوازيائون .

**ڪنزالايمان مع خزائن العرفان**

خزانة المعرفت جي ڇپجي اچڻ کان پوءِ سنڌي ٻولي ۾ سڀ کان وڏيڪ ڇپجندڙ قرآن ڪريم جي ترجمي ڪنزالايمان جو ڪم شروع ٿيو ان جي ترجمي ۽ ڪتابت جو ڪم اڳم ٿي چڪو هو ١٩٩٢ع ۾ ان وقت قرآن ڪريم جي متن هيٺان ترجمي ۽ حاشيي ۾ خزائن العرفان جي پيسٽنگ ٿي هئي ان ڪي هڪ پيرو نظر مان ڪڍڻو هيو. ان لاءِ مفتي صاحب عليہ الرحمہ جن جي معيت ۾ حاجي احمد موروجو مرحوم ، برادر محمد نسيم ۽ هن عاجز جو لاهور جو سفر ٿيو. روهڙي کان شاليمار ايڪسپريس ذريعي لاهور پهتا سون چمبا هائوس ۾ سانگڙي صاحب جن بڪنگ ڪرائي ڇڏي هئي رات جو آرام ڪري صبح سان ڪم جي شروعات ڪئي سون پيسٽنگ لاءِ ڪٽنگ جي ڪري ڪافي لفظ ۽ ڪن لفظن جا نقطا ڪٽجي ويا هئا ۽ ڪٿي هيٺين سٽ جو ترجمو مٿئين سٽ ۾ پيسٽ ٿيل هو ڏينهن رات ڪري هڪ هفتي ۾ مشڪل سان هڪ پارو مڪمل ڪري سگهيا سون. عرض ڪيم، قبلا! غلطيون گهٽيون آهن ڪافي ڏينهن لڳندا درگاهہ شريف تي پروف ڪٽي هلجي پاڻ اتفاق ڪيائون. لاهور قيام جي دوران علامہ عبدالحق ظفر چشتي صاحب روزانو رات جي ماني ڪٽي ايندا هئا ڪجهہ دير تائين مفتي صاحب جن سان علمي گفتگو هلندي هئي صاحبزاده حفيظ البرڪات شاهہ صاحب جن ـ ملاقات لاءِ آيا هئا درگاهہ شريف اچڻ کان پوءِ مولانا شرف الدين خاصخيلي سڪندري (جيڪو سٺو ڪاتب هيو هڪ مهيني جي موڪل وٺي آيو) جيڪو نشاندهي ٿيل غلطين جي درستگي ڪندو وڃي پيو هڪ مهيني ۾ ڪم مڪمل نہ ٿي سگهيو مفتي صاحب جن ڊي . اي . او صاحب سان ڳالهائي موڪلون وڌرايون تقريبا چار مهينا لڳي ويا ۽ ڪم مڪمل ٿيو پوءِ جلدئي قرآن پاڪ ڇپجي ويو ۽ اهل سنت خصوصًا جماعت جي عقيدن جي اصلاح جو ذريعو بنيو لکين مسلمان پڙهي مستفيض ٿيا ۽ ٿيندا رهندا . هي حضرت مفتي صاحب جن جو هڪ عظيم ڪارنامو آهي .

ان کان بعد ملفوظات شريف جي ڪمپيوٽرائيز ڪتابت، ”جامعہ راشديہ جا پنجاه سال“ الراشد جي ٻيهر اشاعت، پير سائين ڇٽ ڌڻي ﷫ جي خطابن تي مشتمل ڪتاب ”رحمت ۽ برڪت جو پيغام“ ، استاد سائين مولانا

محمد صالح ﷫ جي سوانح حيات ” مرد مجاهد مرد صالح“ ، امام العارفين سيد محمد راشد روزي ڌڻي قدس سره جي فارسي لغت ”جمع الجوامع“ وغيره ڪتابن جي پروف ريڊنگ ،سهيڙڻ ۽ طباعت جي خدمت ۾ هن عاجز کي شامل ڪري وڏو احسان فرمايو.

**نياڻين جي مدرسي ۾ تقرري**

درگاهه شريف پير جو ڳوٺ شهر ۾ اهلسنت جو ڪو به درس نظامي عالمه ڪورس جو مدرسو نه هيو.دوستن جي مشوري سان گهر ۾ پڙهائڻ شروع ڪيم ٻه سال پڙهايم ان وچ ۾ مولانا محمد موروجو صاحب ، سانگھڙي صاحب جن جي مدرسي ۾ به عالمه ڪورس جي شروعات ڪرائي. استاد سائين غلام شبير ۽ استاد غلام حسين پيٽي صاحب جن پڙهائيندا رهيا. مگر جامعه راشديه جي ذميدارين ۽ شهر وارن سان گهڻو رابطو نه هجڻ سبب ڪم مستحڪم نه پيو ٿئي ته مفتي صاحب عليه الرحمه جن سانگھڙي صاحب جن جي مدرسي ۾ پڙهائڻ جوحڪم فرمايو. گهر ڏي هلندڙ مدرسي جي ڳالهه ڪيم ته فرمايائون پنهنجي مدرسي سميت اچو.٢٠١٠ع کان سانگھڙي صاحب جن جي مدرسي ۾ خدمت شروع ٿي.مفتي صاحب عليه الرحمه جن جي رهنمائي هر وقت شامل حال رهي.

الحمد الله ٢٠١٦ع ۾ ٿي عالمياڻيون پهريون پيرو درگاهه شريف پير جو ڳوٺ شهر جون فارغ ٿيون.

آئون ٿورائتو آهيان فخرالمدرسين مفتي دوست علي سڪندري زيد مجده جن جو جيڪي مدرسة البنات جي هر مسئلي کي حل ڪرڻ لاءِ پنهنجي ذاتي دلچسپي وٺن ٿا ۽ رهنمائي فرمائين ٿا. سندن تعاون ۽ رهنمائي جي ڪري گذريل سال ١٤ عالمياڻيون فارغ ٿيون ۽ درگاهه شريف پير جو ڳوٺ شهر ۽ پس گردائي ۾ تقريباً ڏهه برانچون قائم ٿي چڪيون آهن الله تعالي ڪين جامعه راشديه ۽ مدارس البنات جي خدمت جو موقعو عطا فرمايو . سائين جن جامعه جي انتظام امتحاني نظام ۽ نظم و نسق کي نئين جهت ڏئي تمام بهترين عمل ڪيو آهي . الله تعالي ڪين توفيق فرمائي.

**حبيبن ڪريمن عليه الصلوات والسلام سان محبت**

حبيبن ڪريمن عليہ الصلوات والسلام جي ذڪر سان ۽ ملڪ سان انتها در جي جي محبت هئي. اڪثر طلباء کان نعت شريف ٻڌندا هئا پروگرامن ۾ يا نجي محفل ۾ اعليٰ حضرت جو ڪلام خاص فرمائش ڪري چورائيندا هئا استاد عنايت الله يا مولانا فدا حسين ملاقات جو شرف حاصل ڪرڻ لاءِ حاضر ٿيندا هئا تہ ضرور مولود شريف ٻڌي محظوظ ٿيندا هئا ۽ اڪثر اکين مان نير وهندا هئا. حبيبن ڪريمن عليہ الصلوات والسلام سان محبت ڪري سندن شهر مبارڪ مديني شريف سان بہ بي انتها محبت هين. سندن نياٽو برادر محمد نسيم ٻڏايو تہ سن ٢٠٠٢ع ۾ مفتي صاحب عليہ الرحمہ جن سان حج تي وڃڻ جي سعادت نصيب ٿي مڪه مڪرمه قيام جي دوران سندن روزانو معمول هيو صبح تهجد جي وقت حرم شريف ويندا هئا نماز ۽ تلاوت ۾ مصروف رهندا هئا اشراق ۽ چاشت کان بعد طواف ڪري پوءِ هوٽل تي ايندا هئا وري يارهين ساڍي يارهين حرم شريف پهچي ويندا هئا پوءِ عشاء نماز تائين تلاوت قرآن ڪريم،وظائف، الحزب الاعظم ۽ دلائل الخيرات ۾ مشغول رهندا هئا. سومهڻي نماز کان بعد طواف ڪري هوٽل تي ايندا هئا. مديني شريف قيام دوران بہ اهو ئي معمول هوندو هين هتي روضه سيد الابرار عليٰ صاحبها الصلوات والسلام تي سلام پيش ڪري پوء واپسي ٿيندي هئي. برادرم محمد نسيم ٻڌايو تہ آخري ڏينهن جڏهن مديني شريف کان واپسي هئي رات جو تهجد وقت حرم شريف ويا اشراق ۽ سلامن کان بعد مون کي فرمايائون توهان هوٽل وڃو تہ پلي وڃو هڪ ريال ۾ جيڪو ڪيڪ ملندو آهي اهو وٺي مونکي ڏئي وڃو! مون ڪيڪ آڻي ڏنو ۽ پاڻ عشاء کان بعد سلام پيش ڪري پوء آيا ۽ اسان جي واپسي ٿي پاڻ ٻوڙها ڳاڙيندا بس ۾ سوار ٿيا.

**عبادت و رياضت**

استاذي المحترم نهايت عبادت گذار ، صوم و صلوات جا پابند قرآن ڪريم جي تلاوت ۽ دلائل الخيرات شريف جا عامل هئا تهجد کان بعد ۽ نماز فجر کان بعد اشراق تائين ۽ ٽيپهري کان بعد سانجهي نماز تائين درگاهہ شريف جي صحن ۾ قرآن ڪريم جي تلاوت ۽ صلوات شريف جي ورد ۾ مصروف رهندا هئا فخرالمدرسين حضرت علامہ مفتي دوست علي صاحب زيد

مجده تعلقہ ڪنگري جي سڪندري دوستن طرفان مفتي صاحب عليہ الرحمہ جي ياد ۾ رکيل پروگرام ۾ بيان ڪيو:

طالب علمي جي دور ۾ اعليٰ حضرت پير سائين ڇٽ ڌڻي قدس سره جن جي دعوتن جي سلسلي ۾ سڪندرآباد ناري ۾ حاضري ٿي مفتي صاحب جن جي مون تي نظر پئجي وئي سڏ ڪرايائون آءٌ ويس تہ پاڻ نهايت شفقت سان فرمايو : سخت سردي آهي ڪٿي رهندين؟ آءُ خاموش رهيس ۽ پوء فرمايائون: تہ مون سان رهجان پوءِ آءٌ سندن خيمي ۾ سمهي پيس ، رات جو جاڳ ٿي ڏٺم تہ پاڻ تهجد نماز پڙهي رهيا هئا . هڪ ئي رڪعت ۾ ٻڏم تہ سوا پارو پڙهي ويا پوء مون کي وري ننڊ وٺي وئي اڳتي وڌيڪ ڪيتري تلاوت ڪيائون خبر ناهي.

مفتي صاحب عليہ الرحمہ جي ٻئي نمبر فرزند محترم محمد ظفر ٻڌايو ٢٠١٩ ۾ مفتي صاحب جن سان عمري تي وڃڻ جي سعادت حاصل ٿي سندن طبيعت عليل هئي پوءِ بہ آرام لاءِ تمام گهٽ وقت ڪڍندا هئا مونکي خوف ٿئي پيو مڪمل آرام نہ ڪرڻ ڪري سندن طبيعت ناساز نہ ٿي پوي تنهن ڪري آرام جو خيال رکڻ لاءِ عرض ڪندو رهندو هيس هڪ رات تقريبا ٻارهين بجي ستا ۽ اڍائي بجي سجاڳ ٿيا ۽ تهجد لاءِ حرم شريف هلڻ جو چيو مون قدري سختي سان آرام لاءِ عرض ڪيو ۽ طبيعت ناساز ٿيڻ جي انديشي جو اظهار ڪيم تہ پاڻ فرمايو پٽ! اسان کي تهجد لاءِ اٿاريو ويندو آهي اڄ کان بعد اسان کان وري نہ چورائجان .

ان ڏينهن کان بعد مون وري ڪڏهن نہ چيو جنهن وقت چوندا هئا حرم شريف وٺي ويندو هيس.

# وسري سارو لوڪ شال مَ وسرين تون...

## مولانا محمد آدم چاچڙ سڪندري

**مهتمم مدرسه حزب الاسلام قادريه**

**خطيب جامع غوثيه مسجد پنو عاقل**

الله ربُّ العِزّت خالقِ ڪائنات آهي. هن فاني دنيا ۾ خالقِ حقيقي هڪ اهڙو نظام مقرر فرمايو آهي جو "كُلُّ نَفْسٍ ذَائِقَةُ الْمَوْتِ"(آلِ عمران: ١٨٥) يعني هر ساهه واري شيءِ کي موت جو ذائقو چکڻو آهي.

هن دنيا جي تختي تي کي اهڙا ماڻهو بہ هوندا آهن، جن جي حياتيءَ ۾ انهن جي شهرت دور دور تائين پکڙيل هوندي آهي، دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ تائين انهن جو نالو گونجندو آهي؛ پر جڏهن اهي هن فاني جهان مان رخصت ٿين ٿا تہ چند ئي ڏينهن ۾ سندن نالو ۽ نشان مِٽجي وڃي ٿو، ڄڻ هو ڪڏهن موجود ئي نہ هئا.

پر ٻئي پاسي الله تعاليٰ جا ڪي برگزيده ٻانها هوندا آهن، جيڪي پنهنجي ذات ۾ علم، عمل، اخلاق، هدايت ۽ نورانيت جي هڪ مڪمل دنيا اڏي رکندا آهن. اهڙن مقرب ۽ محبوب ماڻهن جي وصال سان فقط هڪ فرد جو نہ، پر هڪ عهد، هڪ دور، هڪ قرن جو خاتمو ٿيندو آهي. انهن جو وڃڻ سوين، هزارين نہ پر لکين ماڻهن جي موت کان بہ وڌيڪ وڏو نقصان هوندو آهي.

جڏهن اهڙا رباني ٻانها هن دنيا مان جدا ٿين ٿا تہ بي اختيار چوڻو پوي ٿو: "موتُ العالِمِ موتُ العالَمِ" يعني عالم جو موت، سڄي عالم جو موت آهي.

ڇو تہ الله تعاليٰ طرفان علم جو انتزاع ۽ ختم ٿيڻ، ڪتابن جي ختم ٿيڻ سان نہ پر علماء جي اُٿڻ ۽ وڃڻ سان ٿئي ٿو.

جيئن حضور نبي ڪريم ﷺ فرمايو:

حضرت عبدالله بن عمرو رضي الله عنهما روايت ڪن ٿا تہ مون الله جي محبوب نبي ﷺ کان ٻڌو، پاڻ فرمايائون: "الله تعاليٰ پنهنجي ٻندن کان علم کي ائين نہ کسيندو جو انهن جي دلين مان علم ڪڍي ڇڏي؛ پر هو علم کي عالمن جي موت سان کسيندو. پوءِ جڏهن ڪو عالم باقي نہ رهندو تہ ماڻهو جاهلن کي

پنهنجو اڳواڻ بڻائيندا. پوءِ اهي جاهل بغير علم جي فتوٰا ڏيندا، پاڻ بہ گمراھ ٿيندا ۽ ٻين کي بہ گمراھ ڪندا."

"لَمَوْتُ عَالِمٍ أَحَبُّ إِلَىٰ إِبْلِيسَ مِنْ مَوْتِ سَبْعِينَ عَابِدًا"

هڪڙي عالم جو موت شيطان کي ستر عابدن جي موت کان وڌيڪ پيارو هوندو آهي، ڇوتہ عالم جي زندگيءَ جو هر لمحو الله تعاليٰ جي طلب، محبت ۽ معرفت ۾ گذرندو آهي. اهي الله جي قرب، عبوديت ۽ خشيت ۾ اهڙو رنگ اختيار ڪري وٺن ٿا، جو ربُ العالمين کين مقامِ محبوبيت عطا فرمائي ڇڏيندو آهي.

اهي الله جا محبوب ٻانها جڏهن دنيا مان رخصت بہ ٿين ٿا تہ دنيا ۽ اهلِ دنيا سندن محبت مان خالي نٿا ٿين، بلڪ سندن محبت، سندن فيض جا نشان، سندن يادون ۽ سندن نوراني اثرات ماڻهن جي دلين ۾ وڌيڪ پختا ۽ روشن ٿيندا وڃن ٿا.

اهو وعدو الله تعاليٰ جو ۽ صحيح حديثن ۾ بيان ٿيل آهي، جيئن رسول الله ﷺ جن فرمايو:

عن أبي هريرة رضي الله ، قال: قال رسول الله ﷺ:

"إِذَا أَحَبَّ اللَّهُ عَبْدًا دَعَا جِبْرِيلَ: فَقَالَ إِنِّيْ اُحِبُّ فُلَانًا فَأَحِبَّهُ، فَيُحِبُّهُ جِبْرِيلُ، فَيُنَادِي فِي السَّمَاءِ: إِنَّ اللَّهَ يُحِبُّ فُلَانًا فَأَحِبُّوهُ، فَيُحِبُّهُ أَهْلُ السَّمَاءِ، ثُمَّ يُوضَعُ لَهُ الْقَبُولُ فِي الْأَرْضِ."

"جڏهن الله تعاليٰ ڪنهن ٻانهي سان محبت ڪندو آهي تہ جبريل عليہ السلام کي حڪم فرمائيندو آهي تہ مان فلاڻي ٻانهي سان محبت ڪريان ٿو، تون بہ ان سان محبت ڪر. پوءِ جبريل بہ ان سان محبت ڪري ٿو ۽ آسمانن ۾ اعلان ڪري ٿو تہ الله فلاڻي بندي سان محبت ڪري ٿو، اوهين بہ ان سان محبت ڪريو. پوءِ آسمان وارا هن سان محبت ڪرڻ لڳن ٿا، ۽ پوءِ الله تعاليٰ زمين تي بہ ان لاءِ مقبوليت پيدا ڪري ڇڏيندو آهي، يعني زمين وارا بہ ان سان محبت ڪرڻ لڳن ٿا."

انهن ناياب، نوراني ۽ قيمتي موتين جهڙين شخصيتن مان هڪ اميرِ

اهلِ سنت، قاطعِ شرڪ و بدعت، شيخُ الحديث والتفسير، استاذُ العلماءِ، قبلہ سائين مفتي محمد رحيم سِڪندري نور الله مرقده جي ذاتِ گرامي بہ آهي.
پاڻ پنهنجي وقت جا شمسُ الائمه هئا،جنهن پنهنجي عمرِ عزيز جو هر لمحو عبادت، رياضت، قرآن ۽ حديث جي خدمت تي قربان ڪري ڇڏيو. سندن زندگي باطل فرقن جي رد ۽ حق جي اظهار ۾ هڪ مضبوط سينو، احناف جي فقهي روايات ۾ هڪ روشن دليل ۽ سڪندري استقامت جي هڪ زنده مثال هئي.
قبلہ مفتي صاحب رحمة الله عليه، ايشيا جي عظيم ديني درسگاهہ جامعہ راشديہ خانقاه عاليه پير جو ڳوٺ ۾ جيڪو علم، عمل، زهد، ورع، تقويٰ، تدوين، فضل، ڪمال، اخلاص ۽ اتباع جو قافلو تيار ڪيو،هن فقير کي بہ سعادت حاصل آهي تہ مان بہ انهيءَ قافلي جو هڪ حقير پانڌي رهيو آهيان.

هن عاجز جا قبلہ مفتي صاحب سان تعلقات لڳ ڀڳ اڌ صدي تي پکڙيل آهن. بيشمار يادون، گڏيل لمحات ۽ روحاني اثرات آهن، جيڪي هن دل ۾ هميشہ زنده رهندا.
پر بہ رشتا سڀ کان نمايان ۽ سڀ کان قيمتي آهن:
جامعہ راشديہ مان معرفت ۽ اڪتساب فيض— جيڪو حضرت پير سائين روزي ڌڻي رضي الله عنه جي درياءِ فيض جو حصو هو.
سندن پاڪيزه صحبت ۽ معيت— جيڪا هن فقير لاءِ دنيا ومافيها کان وڌيڪ محبوب، بابرڪت ۽ سرمايہءِ حيات آهي.
تازو سندن وصال کان پوءِ، سندن شخصيت ۽ يادن کي سهيڙڻ لاءِ مختلف دوستن کي حڪم ڪيو ويو تہ هر هڪ پنهنجي حصي جو دردِ دل ۽ يادگار لمحا لکي پيش ڪري. انهيءَ سلسلي ۾ هن عاجز فقير کي بہ ياد ڪيو ويو.

جيئن تہ حضرت مفتي صاحب رحمة الله جي شخصيت تي لکڻ لاءِ کيترائي حوالا، واقعا ۽ علمي پهلو موجود آهن، پر دل چاهيو تہ سندن صحبت ۾ ماٺيل اهي قيمتي موتي، جيڪي مون اُن وقت پنهنجي ڊائري ۾ نوٽ ڪري رکيا هئا، انهن مان ڪجهہ چونڊيل ورق هن موقعي تي پڙهندڙن جي خدمت ۾ پيش ڪيان. اها ڊائري ٢٠١١ع جي آهي، ۽ انهن لفظن ۾ سندن صحبت جو نور، سندن آواز جي مٺاس ۽ سندن حڪمت جو اثر اڄ تائين تازي هوا وانگر محسوس

ٿئي ٿو. الله تعاليٰ سندن درجات بلند فرمائي .

**سائين مفتي صاحب رحمة الله عليه جا چند يادگار ارشاد:**

سائين مفتي صاحب فرمايو:

”مولانا! مخلوق جي محتاجي بدترين ذلت آهي. الله تعاليٰ معاف فرمائي...“

هن موقعي تي پاڻ هڪ فقير جو حوالو ڏنو. جنهن جڏهن ڪنهن طاقتور ماڻهو بابت شڪايت پيش ڪئي ته سائين هي شعر پڻ پڙهيو:

ہے جرمِ ضعیفی کی سزا مرگِ مفاجات

❋ ❋ ❋

هڪ ڀيري سائين مفتي صاحب رحمة الله عليه فرمايو:

”الله تعاليٰ جا نبي سڀورا مال چاريندا هئا يا واپار ڪندا هئا. سواءِ حضرت آدم عليه السلام جي. جنهن پوک ڪئي.“

پوءِ هڪ اهم ڳالهه چئي:

”جنهن گهر ۾ لوهه جا ٿهيل اوزار گهڻا هوندا آهن. اتي برڪت گهٽ ٿي ويندي آهي.“

❋ ❋ ❋

هڪ يادگار مجلس ۾ سائين مفتي صاحب فرمايو:

”فيصلي ڪرڻ ۾ انصاف ڪريو. چاهي اڳيان ڪيترو به طاقتور ڇو نه هجي.“

پوءِ پاڻ حضرت ابو عبيده بن الجراح رضي الله عنه جو واقعو بيان ڪيو— جنهن کي رسول الله صلي الله عليه وسلم ”امينُ الامة“ جو لقب عطا فرمايو.

جڏهن هو خيبر ۾ ڍل وٺڻ ويو ته يهودين عرض ڪيو ته زمين جي ماپ ۾ رعايت ڪريو. منٿون ڪيون ۽ رشوت جو اشارو به ڏنو.

حضرت ابو عبيده رضي الله عنه جواب ڏنو:

”الله جو قسم! منهنجي لاءِ الله جي مخلوق مان سڀ کان محبوب ذات رسول الله صلي الله عليه وسلم جي آهي. ۽ مخلوق مان مون لاءِ بدترين اوهان يهودي آهيو. پر نه حضور صلي الله عليه وسلم سان محبت. ۽ نه ئي اوهان سان عداوت مون کي انصاف کان روڪيندي. مان اوهان سان پورو انصاف ڪندس.“

پوءِ سائين مون کي خاص هدايت ڪندي فرمايو:

”جڏهن بہ ڪو معاملو فيصلي لاءِ اچي، تہ پاڻ يا عزيز مقدم نہ هجي——پر انصاف جي تقاضا پوري ڪئي وڃي.“

۽ قرآن ڪريم جي آيت تلاوت فرمائي:

يَاۤيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا كُوْنُوْا قَوّٰمِيْنَ الخ—.

نوٽ: هيءُ فقير بہ برادري ۽ پين جي فيصلن ۾ امين يا مشير طور خدمت ڪندو آهي، جنهن جو علم سائين جن کي هو.

❋❋❋

۳۱ مارچ ۲۰۱۱ع تي سائين مفتي صاحب رحمة الله عليه جي معيت ۾ ڏهرڪي، ساڏورجا مَهرن فقيرن جي دعوت تي وڃڻ ٿيو. جتي وڏي تعداد ۾ جماعت سڳوري آيل هئي. اڳوڻو چيف خليفو فقير قادر بخش مگريو سميت ڪيترن ئي معززن پڻ شرڪت ڪئي. محفل ۾ سائين مفتي صاحب رحمة الله عليه خطاب فرمائيندي جماعت کي هدايت ڪيائون تہ غيرن سان ڪو بہ تعلق ۽ دوستي نہ رکن؛ غير مسلم، جهڙوڪ يهودين ۽ عيسائين جي صحبت کان پري رهن. فرمايائون تہ نشي، شراب ۽ بيهودگيءَ کان پاڻ کي بچايو، ۽ سلسلي جو ذڪر پابندي سان جاري رکو. جماعت کي نشي، شراب ۽ غيرن جي صحبت کان سختيءَ سان روڪيو.

واپسيءَ تي سائين مفتي صاحب رحمة الله عليه ، مفتي عنايت الله سڪندري کي فرمايو: ”اوهان شِڪوه ۽ جوابِ شِڪوه (علامہ اقبال) پڙهيو آهي؟“

سائين عنايت الله ۽ مون عرض ڪيو: ”ها سائين، پڙهيل آهي.“

فرمايائون: ”تہ تيرا وجود الكتاب وارو غزل ٻڌاءِ.“

سائين عنايت الله پنهنجي منٺڙي آواز ۾ اهو غزل پڙهيو، جنهن کان پوءِ سائين عليه الرحمة فرمايو تہ استاد مفتي صاحبداد خان رحمة الله عليه وٽ جڏهن بہ ڪو عربي يا فارسي بيت ايندو هو تہ مون کي گهرائي ٻڌائيندا هئا. هڪ ڀيري فارسيءَ جو هڪ بيت پڙهي ٻڌايائون، جنهن جي معنيٰ پڇائي صاحب رحمة الله عليه هن ريت بيان ڪئي آهي:

”اکين ۾ ٿي ويهہ تہ واري ڇپر ڍڪيان
توکي نہ ڏسي ڏيهہ، آءٌ نہ ڏسان ڪو پيو.“

سفر سڄو استادن، مربين ۽ سندن محبت ڀريءَ صحبت بابت ڳالهين سان سرشار رهيو. پاڻ جميعت کي وڏيڪ فعال بڻائڻ بابت بہ صالح تجويزون ڏنيون. جامع غوثيہ مسجد ۽ مدرسہ حزب الاسلام قادريہ ۾ پڙهائيءَ کي بهتر بڻائڻ لاءِ خاص تاڪيد فرمايائون:

”اسان جڏهن حديث شريف پڙهائيندا آهيون تہ ائين محسوس ڪندا آهيون ڄڻ آقا ﷺ سان گڏ ويٺا آهيون ڄڻ بدر، احد، خيبر، مديني ۽ مڪي ۾ پاڻ ڪريم ﷺ، اصحابن ۽ تابعين سان گڏ آهيون. ۽ يقيناً حديث شريف پڙهائڻ دوران حضور ﷺ روحاني طور موجود هوندا آهن.“

✻ ✻ ✻

سائين مفتي صاحب رحمة الله عليه اهلِ بيتِ اطهار جو نهايت احترام ڪندا هئا. خيرپور ناٿن شاهہ ۾ جامعہ راشديہ جي هڪ پراڻي شاخ هئي، جتي مولوي محمد يوسف لغاري سڪندري پڙهائيندو هو. جماعتِ اهلِ سنت ۽ مدرسي مسجد جا خدمتگار درگاهہ شريف تي شڪايت ڪٽي آيا تہ مولوي صاحب مدرسي جا دڪان پنهنجي پٽن ۾ ورهائي ڇڏيا آهن ۽ انهن جي مسواڙ پاڻ گڏ ڪري رهيا آهن.

سائين فرمايو:

”خيرپور ناٿن شاهہ هلنداسين، جماعت ۽ مولوي صاحب ٻنهي جون ڳالهيون پاڻ ٻڌنداسين.“

۲۵ اپريل ۲۰۱۱ع تي مولوي مراد علي مرحوم، سائين سيد غلام مجتبيٰ عرف مصري شاهہ رحمة الله عليه ۽ هيءُ فقير سائين مفتي صاحب رحمة الله عليه سان گڏ درگاهہ کان روانا ٿياسين. فريد آباد ۾ هڪ فقير مرحوم جي تعزيت تي دعا گهريائون، پوءِ مَڏ باهو ۾ حافظ محمد اسماعيل چانڊيو جي سوٽ جي وفات تي دعا ڪئي. اتان مولوي محمد عظيم مهيسر وٽ پهتاسين؛ لنگر ۽ دعا کان پوءِ خيرپور ناٿن شاهہ، مولوي محمد يوسف وٽ حاضر ٿياسين.

جماعت ۽ مولوي صاحب جي آمهون سامهون ڳالهيون ٿيون. مولوي صاحب جو لهجو ڪجهہ سخت هو. سائين مفتي صاحب رحمة الله عليه فرمايو:

”جيڪڏهن سموري جماعت امام جي خلاف آهي، تہ پوءِ اهڙي امام جي پٺيان

نماز پڙهڻ جائز نہ آهي.“

مولوي صاحب جواب ڏنو: ”سائين، آئون ڪورٽ ويو آهيان، فيصلو ڪورٽ ڪندي.“

سائين فرمايو: ”اوهان جي مرضي.“

پوءِ جماعتي فقير بخشل پنهور وٽ دعا لاءِ وياسون، جتي ڪافي جماعت گڏ هئي، ۽ ٻہ سيد سڳورا بہ موجود هئا. اتي مهل سائين مفتي صاحب رحمة الله عليه فرمايو:

”اوهين اڳ ۾ هلو.“

سيد سڳورا ادب مان بيهي رهيا ۽ عرض ڪيائون:

”سائين، اوهان اڳيان هلو.“

سائين فرمايو:

”اوهان ٻہ سيد سڳورا پٺيان هلو ۽ ڪوسو اڳيان هلندو؟ ائين هرگز نہ ٿيندو.“

پوءِ جيئن پاڻ فرمايائون، تيئن ئي ٿيو—سيد سڳورا اڳ ۾ هليا ۽ سائين سندن پٺيان گاڏي تائين تشريف وٺي آيا. پوءِ موڪلائي واپس ٿيا ۽ رات دير سان درگاهہ شريف پهتاسين.

✲ ✲ ✲

جڏهن جڳ مشهور ليکڪ ۽ محقق، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ رحمة الله عليه جو وصال ٿيو، تہ سندس ياد ۾ سنڌ جي مختلف علائقن ۾ تعزيتي تقريبون ٿيون. اهڙي هڪ تقريب ڪوٽڙي ڪبير لڳ سيدن سڳورن ڪوٺائي، جيڪا سيد ضياءُ الدين شاهہ جي دعوت تي منعقد هئي.

ان تقريب ۾ سائين مفتي صاحب رحمة الله عليه ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي علم ۽ ادب تي ڳالهايو. سائين فرمايو:

”ڊاڪٽر بلوچ صاحب منهنجو استاد هو ۽ جڳ جهان جو استاد هو.“

سائين فرمايو تہ هڪ ڀيري پيرسائين سيد شاهہ مردان شاهہ ڇٽ ڌڻي رحمة الله عليه جن جماعتي سفر دوران ڊاڪٽر صاحب جي مانجهاندي جي دعوت ۾ تشريف فرما ٿيا. پاڻ معمول جي خلاف، دعوت ۾ بيٺا رهيا، ويٺا نہ. حالانڪ مانجهاندي ۾ حضرت پيرسائين ٿوري دير ڪٽ تي ويهندا هئا. ڊاڪٽر صاحب

تشريف رکڻ لاءِ ڪيترائي عرض ۽ منٿون ڪيون، پر پاڻ نہ ويٺا. پيرسائين چٽ ڏٺي فرمايو تہ ڊاڪٽر صاحب جتي علم جي مينار جو نور هجي اتي ويهڻ جائز ڪونهي.. پيرسائين چٽ ڏٺي رحمة الله عليه جي زيارت لاءِ جڏهن بہ ڊاڪٽر صاحب حاضر ٿيندو هو تہ بيٺو هوندو هو، پاڻ ويهڻ جي اجازت ڏيندا هئا، پر ڊاڪٽر صاحب ادب ۾ اڀو هوندو هو.

**استاد محمد صالح رحمة الله عليه جي ڪرامت:**

تقرير دوران سائين مفتي صاحب رحمة الله عليه فرمايو:

”ڊاڪٽر بلوچ صاحب مون کي هڪ واقعو ٻڌايو تہ مفتي صاحب، اوهان جي تقرري کان اڳ درگاهہ شريف تي حاضري نصيب ٿي.“

استاذ العلماء مولوي محمد صالح مهر رحمة الله عليه سان ملاقات دوران، مولوي صاحب وٽ خزانة المعرفت جو قلمي نسخو موجود هو. ڊاڪٽر صاحب عرض ڪيو تہ ڪتاب مون کي ڏيو، مان واپس ڪندس، ۽ جيڪڏهن مان مري ويس تہ پويان پڻ واپس ڪندا. استاد سائين فرمايو:

”ڊاڪٽر صاحب، اوهان واپس نہ ڪندا، ۽ مان ان کان اڳ وصال ڪريويندس.“

استاد سائين ڪتاب جي واپسي کان اڳ وصال ڪري ويا. پوءِ ڊاڪٽر صاحب پاڻ درگاهہ شريف تي تشريف آندي ۽ ڪتاب جو قلمي نسخو سائين مفتي صاحب کي ڏنو، جنهن جو ترجمو سائين مفتي صاحب، سندس مدد سان، مڪمل ڪيو. پوءِ ڊاڪٽر صاحب مقدمو لکيو ۽ ڪتاب منظر عام تي آيو.

ڊاڪٽر صاحب وڏا عالم هئا، عربي ۽ فارسي ۾ مهارت رکندا هئا. پير سائين چٽ ڏٺي رحمة الله عليه جي خدمت ۾ هر وقت ڊاڪٽر صاحب، سائين مفتي صاحب جي علم جي واکاڻ ڪندا هئا.

**حفظ قرآن شريف:**

سائين مفتي صاحب رحمة الله عليه تقرير دوران شاهہ صاحب سان مخاطب ٿيندي فرمايو:

”شاهہ صاحب! مان ٢٧ ڏينهن ۾ قرآن شريف ياد ڪيو آهي، ۽ اهو قرآن شريف جو معجزو آهي.“

سائين وضاحت ڪندي فرمايو:

”سوا سيپارو ياد ڪري تراويحن ۾ پڙهندو هوس. ياد ڪرڻ لاءِ هڪ يا ٻه پيرا ڏئي ڇڏيندو هوس، اگر چاهيان ها تہ اڌائي سيپارا بہ ياد ڪري پڙهايان ها . اهو ان ڪري ٿيو تہ تراويحون پڙهائڻ لاءِ وهابي حافظ ايندو هو، ۽ مون جماعت کي چيو تہ مان حافظ آهيان، تراويح مان پاڻ پڙهائيندس.“

سائين مفتي صاحب عليه الرحمة منهنجو تعارف ڪرائيندي فرمايو:

”هي مولوي محمد آدم چاچڙ، پنهنجي قوم جو چڱو مڙس ۽ جمعيت علماءِ سڪندريہ جو ناظم اعليٰ ۽ فضيلت وارو آهي.“

تقرير دوران سائين مفتي صاحب رحمۃ اللہ علیہ پيرسائين پٽ ڌڻي رحمۃ اللہ علیہ جي ڏندڻ واري روايت سميت پيرسائين تجر ڌڻي، تخت ڌڻي، محافي ڌڻي ۽ سمورن پاڳارا بزرگن جو ذڪر ڪيو.

تقريب ختم ٿيڻ ڪان پوءِ، لنگر ۽ دعا ڪانپوءِ واپسي دوران گاڏي ۾ تقريب جي يادگيرين تي ڳالهيون ٿيون. مون عرض ڪيو:

”سائين، توهان ڏٺو تہ بقا شاهہ نالي وارو سيد سڳورو اوهان کي ڀاڪر پائي چميون ڏيئي روئي رهيو هو.

هي ٻڌي سائين مفتي صاحب رحمۃ اللہ علیہ ڏاڍو خوش ٿيا ۽ فرط محبت مان سندن اکيون مبارڪ بہ آليون ٿي ويون.

ان ننڍڙي تقريب ۾ سائين مفتي صاحب تمام ڊگهي تقرير فرمائي.

❋ ❋ ❋

سائين مفتي صاحب رحمۃ اللہ علیہ جن پنهنجي علم حاصل ڪرڻ ۽ ڪاميابي جي ڳالهہ ڪندي فرمايو:

”جڏهن مان درگاهہ شريف تي جامعہ راشديہ ۾ پڙهندو هوس، تڏهن پيرسائين ڇٽ ڌڻي رحمۃ اللہ علیہ جن جو اسان جي طرف روحاني سفر مبارڪ ٿيو، رات جو پڪي دعوت ۾ شرڪت ڪئي، ۽ صبح جو ديدار عام ٿيو.“

زيارت ڪانپوءِ جلدي اڳتي وڌي، سندن گذرڻ واري رستي تي اڪيلو بيٺو هوس. جڏهن سندن گاڏي مبارڪ سامهون آئي، تہ پاڻ ڪريمن گاڏي روڪي. مدرسي جو طالب هجڻ ناتي، مون کي زيارت جو شرف بخشيو ۽ پڇيو ”ڪيئن بيٺو آهين؟“

مون عرض ڪيو:

”قبلا! اوهان جي مدرسي جو طالب آهيان، دعا فرمايو تہ علم نصيب ٿئي.“

حضرت پيرسائين جن دعا لاءِ پنهنجا مبارڪ هٿ ڪٽي منهنجي لاءِ دعا فرمايائون، پوءِ تشريف وٺي ويا. گاڏي ۾ پيرسائين جن سان گڏ استاذي المحترم سائين مفتي تقدس علي خان موجود هئا. سائين فرمايو:

”اڄ جيڪو ڪجھ آهيان، اهو ان دعا جو نتيجو آهي.“

❋ ❋ ❋

ڊاڪٽر عبدالڪريم مهر جي والد جي وفات تي تعزيت لاءِ ايندي، پنو عاقل کان نور مسجد گهوٽڪي جي طالبن کان امتحان وٺڻ بعد، ڊاڪٽر مرحوم جي بنگلي تي پهتاسين. جتي دعا ۽ لنگر کائڻ واپسي دوران سائين مفتي صاحب رحمة الله عليه فرمايو:

”بغداد شريف ۾ تمام گهڻا اولياءِ ڪرام آهن. ڪافي ولين سڳورن جي مزارن تي حاضري نصيب ٿي.“

ان دوران حضرت حبيب عجمي رحمة الله عليه جي دربار تي حاضري نصيب ٿي. اتي لڳل بورڊ تي لکيل تحرير پڙهي، ڏاڍو رُنس ، مون سان گڏ پيا بہ هئا، اهي بہ رُنا. عبارت هي هئي:

”حضرت حبيب عجمي رحمة الله عليه مسجد شريف ۾ عبادت ڪري صبح جو دير سان گهر ويو. سندس گهر واريءَ پڇيو: اسان لاءِ ڇا آندو اٿئي، تون عبادت ۽ نفلن کان واندو نہ ٿو ٿئين، وڃ مزدوري ڪري اچ، اسان ڇا کائينداسون، ٻچڙا بک تي آهن. حضرت حبيب عجمي رحمة الله عليه فرمايو: مزدوري تہ ڪري آيو آهيان، پر جنهن وٽ مزدوري ڪئي آهي، اهو ڏاڍو ڪريم آهي، ان کان مزدوري گهرندي شرم ٿو اچي.“

ٻئي ڏينهن، جڏهن حضرت حبيب عجمي رحمة الله عليه گهر واريءَ جي حڪم تي مزدوري ڪرڻ ويا ، پاڻ مسجد شريف ۾ عبادت لاءِ ويٺا رهيا. دير سان گهر موٽڻ تي، گهر ۾ الله تعاليٰ جو ڪو نيڪ صالح ٻانهو چانور، گيهہ ۽ ٻيو سامان پهچائي ويو هو. سائين مفتي صاحب رحمة الله عليه فرمايو:

”الله تعاليٰ پنهنجي صالح ٻانهي جو بندوبست فرمائي ڇڏيو.“

سائين مفتي صاحب رحمة الله عليه فرمايو بغداد ۾ رهڻ دوران حضرت معروف ڪرخي رحمة الله عليه جي مزار تي حاضري نصيب ٿي. اتي پهچڻ لاءِ سٺ ستر ڏاڪا مٿي چڙهڻا پيا ۽ سٺو ستر ڏاڪا هيٺ لهڻا پيا. زيارت ڪانپوءِ ٻڌايو ويو: ”جيڪو اتان پاڻي ڪڍي پيئندو، ان کي حج نصيب ٿيندو.“

سائين فرمايو:

”مان پاڻي پيتو، ۽ ان سال حج جي سعادت حاصل ڪئي. باقي دوستن بابت خبر ناهي، اها حضرت معروف ڪرخي رحمة الله عليه جي ڪرامت آهي.“

انهيءَ سفر دوران سائين فرمايو ته جڏهن مان شهدادپور پڙهائيندو هوس، فقير صاحب (فقير عبدالحڪيم هنگورو رحمة الله عليه) مدرسي لاءِ زبردست عمارت ٺهرائي، جنهن تي مان ڏاڍو خوش ٿيس. جڏهن استاذ العلماء مولوي محمد صالح مهر رحمة الله عليه تشريف وٺي آيا، عمارت ڏسي فرمايائون:

”مان عمارت ڏسي ايترو خوش نه ٿيو آهيان، جيترو سٺي پڙهائي ڏسي خوش ٿيندس.“

ڳالهيون ڪندي ڇيچڙي جي مقام تي پهتاسين. مون عرض ڪيو:

”سائين، منهنجي والده سڳوري هن قبرستان ۾ دفن آهي، قل شريف پڙهڻ جي مهرباني ٿئي.“

سائين گاڏي روڪائي فرمايو:

”هن قبرستان ۾ استاد مولوي محمد صالح مهر رحمة الله عليه جو والد ماجد ميان جي مصري ۽ استاد سائين رحمة الله عليه جي گهر واري مدفون آهن.“

سائين رحمة الله عليه سيني لاءِ دعاءِ مغفرت فرمائي.

✲ ✲ ✲

## ديدار مصطفيٰ صلي الله عليه وسلم:

سائين مفتي صاحب رحمة الله عليه جن ڪڏهن ڪڏهن اشارتاً ۽ ڪنايتاً زيارت رسول صلي الله عليه وسلم جو ذڪر فرمائيندا هئا، فرمايائون ته اهو شرف مون کي نصيب ٿيو آهي.

هڪ ڀيري مون کي فرمايائون:

”استاد مفتي صاحبداد خان عليه الرحمة جن کي ديدار مصطفيٰ صلي الله عليه وسلم

ٿيندو رهندو هو. ڪڏهن ڪڏهن سندن ڪمرو مڪمل خوشبودار بڻجي ويندو هو. خوشبو اهڙي جو دنيا ۾ موجود ئي نہ آهي.“

استاد مفتي صاحبداد خان رحمۃ اللہ علیہ ڪنهن ڪتاب جي حاشيي تي زيارت متعلق لکيو، جيڪو مون (سائين مفتي صاحب رحمۃ اللہ علیہ) پڙهيو هو. سائين مفتي صاحب ڪافي پيرا اهڙو ذڪر فرمائيندا هئا ۽ ان دوران فرمايائون:

”مون سان بہ اها مهرباني ٿي آهي.“

۲۲ آڪٽوبر ۲۰۱۱ تي، درگاهہ شريف تي جامعہ راشديہ جي دفتر ۾ سائين مفتي صاحب سان گڏ ويٺا هئاسين. تڏهن پاڻ ڪنهن شاگرد کي سڏيو ۽ فرمايو:

”مولوي دوست علي کي سڏيو.“

ٿوري دير بعد سائين مفتي دوست علي صاحب خدمت ۾ حاضر ٿيو. سائين مفتي صاحب رحمۃ اللہ علیہ ڪمال شفقت ۽ محبت سان فرمايو:

”مولانا! رات بيت پڙهيم، چيم ڪنهن کي ٻڌايان، اڳي تہ استاد مفتي صاحبداد خان جي خدمت ۾ عرض رکندو هوس، اڄ چيم تہ اوهان کي ٻڌايان. هي بيت:

*تلخ گفتی و خورسندم، عفاک اللہ نکو گفتی*

*جواب تلخ می زیبد لب لعلِ شکرخارا....*

پڙهي پوءِ ڏاڍو رنم، جيئن مان گهڻو رنم، تيئن گهڻي مهرباني ٿي.“

”مولانا! رَأَيْتُ مَا رَأَيْتُ، ائين جيئن محبوب ڪريم صلی اللہ علیہ وسلم فرمايو:

رَأَيْتُ رَبِّيْ فِيْ اَحْسَنِ صُوْرَةٍ.“

پوءِ سائين مفتي صاحب فرمايو:

”مان الله تعاليٰ کي تہ ڪونہ ڏٺو آهي، پر جنهن کي ڏٺو، ان گهڻي مهرباني فرمائي.“

اسان محسوس ڪيو تہ سائين مفتي صاحب رحمۃ اللہ علیہ حضور نبي ڪريم صلی اللہ علیہ وسلم جي زيارت مبارڪ لاءِ اهڙي جذبي سان فرمائين پيا. جو ان وقت سائين جي اکين مان ڳوڙها وهي رهيا هئا. مون عرض ڪيو قبلا! اهو حافظ شيرازي جو شعر آهي.

سائين خوش ٿيندي فرمايو:

”الله تعاليٰ جو شڪر آهي جو منهنجي ڪنهن هڪ شاگرد کي بيت ياد آهي.“

**صاحب بصيرت :** حضرت قبلہ مفتي صاحب رحمۃ اللہ علیہ جن صاحب بصيرت مردم شناس ۽ الله تعالي جا ڪامل ولي هئا. سندن جو ڪردار، گفتار، اٿڻ، ويهڻ ۽ هر معمول سنت رسول صلي الله عليہ وسلم مطابق هيو ڪڏهن بہ سنت جي خلاف عمل نظر نہ آيو. پاڻ انتهائي دوانديش ڏگهي نظر وارا هئا. جڏهن پاڻ ضعيف العمري ۾ آيا تہ جامعہ راشديہ ۽ سڪندري شاگردن جي سنڀال جو ڏاڍو خيال رهندو هو پوءِ گهڻي سوچ ويچار ۽ پرک ۽ پروڙ کانپوءِ جامعہ راشديہ جي انتظام کي بهتر نموني هلائڻ لاءِ اعلي حضرت پير سائين سردار جن جي حڪم کان اڳ ۾ مفتي دوست علي سڪندري کي مقرر فرمايو جامعہ راشديہ جي اساتذہ ڪرام کي گهرائي هدايت فرمايائون تہ منهنجا سڀ اختيار مفتي دوست علي صاحب جي حوالي آهن اهوئي مدرسو سنڀاليندو لهذا ان کي منهنجي جاءِ تي سمجهي ان جي مشورن تي عمل ڪيو مفتي دوست علي سڪندري صاحب پنهنجي مشفق ۽ مهربان ۽ ڪامل استاد جي اعتماد تي پورو لهندي جامعہ راشديہ سڪندري عالمن ۽ حافظن ۽ جماعت سڳوريءَ جي جهد مسلسل سان خدمت ڪري رهيا آهن درگاهہ شريف جي قائم ڪيل اصولن ۽ قائدن تي عمل پيرا آهن اهل سنت جي عالمن ۽ پيرن خانقاهن جي سجاده نشينن سان سائين رحمۃ اللہ علیہ وانگر هلي رهيا آهن. سائين مفتي صاحب رحمۃ اللہ علیہ وانگر سڪندرين جي پرگهور لهڻ خدمت ڪرڻ ۽ انهن جي وس آهر دنيوي معاملن ۾ مدد ڪرڻ ۽ جامعہ راشديہ جي مزيد تعليمي ۽ انتظامي معاملات کي بهتر بنائڻ لاءِ مصروف عمل آهن. ڪامل استاد جو ڪامل شاگرد سندس نقشي قدم تي هلي رهيو آهي استاد العلماء مولوي محمد صالح رحمۃ اللہ علیہ جن سائين مفتي محمد رحيم سڪندري رحمۃ اللہ علیہ جن جو انتخاب ڪيو جيڪو بلڪل تير بهدف نڪتو اهڙي طرح سان سائين مفتي محمد رحيم سڪندري رحمۃ اللہ علیہ جو انتخاب بہ استاد سائين محمد صالح رحمۃ اللہ علیہ جن جي انتخاب وانگر بلڪل صحيح ثابت ٿيو آهي جو اهڙي طرح سائين مفتي صاحب رحمۃ اللہ علیہ جن سائين مفتي دوست علي سڪندري صاحب کي منتخب فرمايو جيڪو انتهائي محنت سان ڪاميابيءَ جون منزلون ماڻي رهيو آهي.

# اعليٰ ڳڻن وارو عالم

مفتي حافظ عبدالرزاق مهر سڪندري
مڪتبه حزب الاحناف ، سانگهڙ

جهڃان پسيو جهوڪ، آيل سنگهارن جي
جن ٿي پهي پيارئا، منجهان مٿن موڪ
لڌي وڃان لوڪ، وٽي وئڙا اُڪري

سنڌ جي ڀلاري ڀونءِ صدين کان جهڙي طرح زرخيز رهي آهي، اهڙي طرح انهي کان به اڳري مردم خيز پڻ رهي آهي. هن مردم خيز زمين پنهنجي ڪک ۾ ڪيترن ئي عارفن، عالمن ۽ زاهدن کي پاليو، جن الله تعاليٰ ۽ سندس رسول صلي الله عليه وسلم جن جي دين جي تبليغ، ترويج ۽ اشاعت ۾ پاڻ ملهايو، انهن الله تعاليٰ جي نيڪ ٻانهن مان حضرت پير سيد محمد راشد روضي ڌڻي رحمة الله عليه گلستان سنڌ جو هڪ اهڙو ته بي مثال گلابي گل آهي جنهن جي سونهن ۽ سرهاڻ سنڌ، ڪڇ، ڪاٺياواڙ، جودپور ۽ جيسلمير جا ڪيئي پرانها پٽ، پڌر، پونا، پهاڙ ۽ ٿر بر واسي ڇڏيا آهن. جنهن جي سڳنڌ ۽ مهڪ اڄ سوا ٻه صديون گذريچڪيون آهن ليڪن سندن فيض ۽ سخا اڳ کان اڳيرو نظر اچي ٿو ۽ الله ڪري قيامت تائين سندن فيض ۽ سخا جو سلسلو جاري ساري رهندو (آمين).

حضرت پير سائين محمد راشد روضي ڌڻي رضي الله عنه جي درگاهه جي سجاده نشينن مان هر هڪ بزرگ، انهي فيض، سخا، ذڪر، فڪر، علم ۽ عمل ۽ جهاد في سبيل الله جي سلسلي کي وقت جي تقاضا پٽاندر جاري رکندو آيو آهي، ليڪن هن خانقاه جي ستين سجاده نشين حضرت پير سائين سيد شاهه مردان شاهه ثاني رضي الله عنه جن جو سجادگي وارو دؤر ٻين پاڳارن جي ڀيٽ ۾ طويل ۽ ڊگهو دور رهيو آهي، دؤر همايوني ۾ جماعت جي بهبودي ۽ ڀلائي، درگاهه شريف جي تعمير ۽ ترقي، علم ۽ عرفان جي فيض کي عام ڪرڻ واسطي جامعه راشديه جو نئين سر اجراء ۽ انهيءَ سان متصل شاندار لائبريري قائم ڪري هر هڪ خاص ۽ عام جي لاءِ دروازا کولي ڇڏيا آهن علم جا اجارا اچي

پنهنجي اڄ اڄهائين.

نہ ڪا جهل نہ پل، نہ ڪو رائر ڏيهہ ۾
آٽيو وجهن آهرين، روڙيو رتا گل
مارو پاڻ اَمل، مليرون مرڪٽو.

حضرت پير سائين سيد شاهہ مردان شاهہ ثاني رحمة الله عليه جن جي سجاده نشيني چار فيبروري ۱۹۵۲ع ۾ ٿي، پاڻ سجاده نشيني ڪانپوءِ ٿوري عرصي ۾ چوويهہ مئي ۱۹۵۲ع تي جامعہ راشديہ جو نئين سر اجراء فرمايو ۽ مدرسي جي اهتمام ۽ انتظام لاءِ استاذ العلماء مولوي محمد صالح مهر رحمة الله عليه خطيب و امام مسجد درگاهہ شريف کي مقرر فرمايو.

پاڻ پنهنجي ايامڪاري ۾ جامعہ راشديہ جي ترقي لاءِ ملڪي ليول جا بهترين استاد مقررۃ منتخب ڪيا، مثلاً مفتي اعظم پاڪستان حضرت علامہ مفتي صاحبداد خان جمالي، نبيره اعليٰ حضرت علامہ مفتي تقدس علي خان رضوِي بريلوي، حضرت علامہ حسين امام اختر، حضرت علامہ محمد علي ازهري، حضرت علامہ مولانا ڪريم بخش دايو، حضرت علامہ عبدالصمد ميتلو.

استاذ العلماء سائين مفتي محمد رحيم سڪندري رحمة الله عليه جامعہ راشديہ مان فارغ ٿيندڙ عالمن مان ٽين دستي جو عالم ۽ ساڻس گڏ فارغ ٿيندڙ ٻيا فاضل عالم سائين استاذ العلماء مفتي ڊاڪٽر محمد سڪندري رحمة الله عليه ۽ مولوي مير محمد موروجہ سڪندري هنن ٽنهي بزرگن فراغت کان بعد درس و تدريس جي سلسلي کي شروع ڪيو، ليڪن مؤخر الذڪر فاضل ٿورو عرصو جامعہ راشديہ ۾ استاد رهيو بعد ۾ ڇڏي ڏنائين.

پر پهريان ٻئي فاضل عالم انهن دلجعمي ۽ مستقل مزاجي سان تاحيات درس و تدريس جي سلسلي کي ڪماحقہ نڀايو.

سائين مفتي محمد رحيم سڪندري رحمة الله عليه فراغت کان بعد سند استاد سائين مولوي محمد صالح رحمة الله عليه جن جي حڪم سان اورنٽيل ڪاليج حيدرآباد ۾ تدريس سان وابستہ رهيا. بعد ۾ ڪجهہ عرصو جامع مسجد نواب شاهہ ۾ امامت ۽ خطابت جي ڊيوٽي سرانجام ڏنائون. انڪان بعد فقير سائين حاجي

عبدالحڪيم هنگورو رحمة الله عليه جن جي اصرار تي سومر فقير هنگورو ڳوٺ صبغة الفيض ۾ ڏهه سال سانده درس نظامي سان واڳيل رهيا جتي سڪندري عالم فاضل تيار ڪيائون، ۽ انهي دوران ١٩٦٨ع ڌاري پاڻ فقير سائين حاجي عبدالحڪيم هنگورو رحمة الله عليه جن جي رفاقت ۾ حج جو فريضو ادا ڪيائون.

انڪان بعد ڪجھ عرصو جامع مسجد شھدادپور ۾ امامت ۽ خطابت جي ڊيوٽي سرانجام ڏنائون. ١٩٧٦ع ۾ استاد سائين مولوي محمد صالح رحمة الله جن جي وصال ڪانپوءِ حضرت پير سائين سيد شاھ مردان شاھ ثاني رحمة الله عليه جي حڪم تي جامعہ راشديہ جا مھتمم بڻيا. پاڻ تقريباً ٤٥ سال جامعہ راشديہ جا مھتمم ۽ صدر المدرسين رهيا. پاڻ جامعہ راشديہ جي انتظام و انصرام کي احسن طريقي سان هلايو. ستاويھين رجب شريف جي موقعي تي عالمن مھمانن جي پنجاب، بلوچستان ۽ سنڌ مان گھرائڻ. انھن ۾ ملڪ جا جيد ۽ چوٽيءَ عالم هوندا هئا . خاص ڪري قائد ملت اسلاميہ حضرت مولانا شاھ احمد نوراني، حضرت علامہ مولانا محمد فيض احمد اويسي، مولانا عبدالحڪيم شرف قادري، حضرت مولانا حامد سعيد ڪاظمي وغيره.هوندا هئا . سائين مفتي محمد رحيم سڪندري حضرت مولانا شاھ احمد نوراني رحمة الله عليه سان عربي ۾ گفتگو ڪندا هئا . ٻئي بزرگ پاڻ ۾ جڏھن عربي ۾ ڪلام ڪندا هئا تہ ائين محسوس ٿيندو هو ڄڻ عرب جا عالم پاڻ ۾ محو گفتگو آهن.

**بخاري شريف سان مفتي صاحب جي محبت :-**

درگاھ شريف تي سنڌن درس و تدريس وارو دؤر ١٩٨٥ع کان بعد وارو مون کي چڱي طرح ياد آهي، پاڻ زياده تر مشڪواة شريف ۽ بخاري شريف شاگردن کي پڙهائيندا هئا . دوران سبق شاگردن کان نحو و صرف جا سوال بہ ڪندا هئا . بخاري شريف جي سبق دوران اڪثر ڪري ذڪر رسول صلي الله عليہ وسلم ڪندي مٿن گريو طاري ٿي ويندو هو، اکين مان آب جاري ٿي ويندو هو. پاڻ هوشيار ۽ قابل شاگردن جي قدرداني ڪندا هئا . ٢٧ رجب شريف جي موقعي تي صبح جي وقت فجر نماز کان بعد درس بخاري پڙهائڻ هوندو هو، پوءِ ڪتاب الوحي مان بہ ٽي حديثون پڙهائيندا هئا انھن حديثن تي سنڌن جامع گفتگو هوندي هئي، مٿن حديث جو ترجمو، حل لغات،

صرفي و نحوي بحث ۽ اسماء الرجال تي تمام جامع گفتگو هوندي هئي. مون کي پنهنجي دوست مولوي عبدالحميد مهر سڪندري مرحوم ٻڌايو ته مون حرم نبوي شريف ۾ سائين مفتي محمد رحيم سڪندري رحمة الله عليه جن کي بخاري شريف پڙهائيندي ڏٺو.

**اوراد و وظائف جي پابندي ڪرڻ:-**

سائين مفتي محمد رحيم سڪندري رحمة الله عليه جن اوراد و وظائف جي پابندي ڪندا هئا، خاص ڪري دلائل الخيرات، الحزب الاعظم ۽ قصيده برده شريف. قصيده برده شريف ته غالباً ياد هوندو هو، شام جو عصر نماز کان بعد درگاهه جي مسجد شريف ۾ مصلي تي ويهي تلاوت قرآن ڪندا هئا، سفر جي دوران قرآن ڪريم ۽ دلائل الخيرات گڏ هوندو هو هر وقت قرآن جي تلاوت، درود شريف ۽ ذڪر و اذڪار ۾ مصروف نظر ايندا هئا، اجائي گفتگو کان ڪوهين ڏور هئا، سندن زبان تي هر وقت درود شريف، قرآن ڪريم جي تلاوت ۽ ادعيه ماثوره جاري ساري رهنديون هيون.

**مرشد ڪريم سان محبت :-**

حضرت مفتي سائين عليه الرحمة جي مرشد ڪريم سان ظاهري محبت کان وڌيڪ قلبي محبت هوندي هئي.

پاڻ ”من احب شيئاً اکثر ذکره“ واري حديث جا صحيح مصداق هئا، اوترو ئي مرشد ڪريم جن جي سندن سان محبت هوندي هئي جو اڪثر موقعن تي حضرت پير سائين ڇٽ ڌڻي بادشاهه قدس سره جن سائين مفتي صاحب جن جي باري ۾ فرمائيندا هئا ته مان جو مفتي صاحب انهي باري ۾ ڇا ٿو چوي؟ هڪ دفعي جامعه راشديه ۾ غالباً ٢٧ رجب شريف جي موقعي تي سائين مفتي صاحب جن وٽ سندن ڪمري ۾ ويٺا هئاسون ايتري ۾ هڪ ٻيڙڙي فقيرياڻي ڪمري جي ٻاهريان اچي بيٺي، ڪانئس پڇيوسون ته وراڻيائين: آئون روضي ڪريم تي ٻه ٽي راتيون جاڳي آهيان مون کي اتان کان مفتي محمد رحيم سڪندري جو نالي حڪم مليو آهي“.

پوءِ سائين مفتي صاحب جن پوڙهي کي  ڪا دعا لکي ڏنائين، مون کي هن وقت اهي دعا جا لفظ ياد نه آهن.

### غريبن ۽ مسڪينن سان همدردي:-

مولوي محبت علي چارو سڪندري صاحب ڳالهه ڪئي تہ سان درگاهہ شريف تہ دوره حديث پڙهندا هئاسون (انهي سال ٿر ۾ غذا جي قلت ۽ قحط سالي سبب معصوم ٻارڙن جي شرح اموات تمام گهڻي وڌي وئي هئي). سائين مفتي صاحب اخبار ۾ اها رپورٽ پڙهي پوءِ سي اين جي مينيجر کي فون ڪري چيو تہ ادا هڪ لک روپيا موڪل! انهي پئسا موڪليا مفتي صاحب جن اهي شاگردن جي معرفت خليفي حاجي محمد سلطان راڄڙ صاحب ڏانهن موڪليا تہ هي غريب مسڪين مستحق ماڻهن کي ڏجو. مولوي صاحب ٻڌايو تہ ڪنهن شاگرد مفتي صاحب جن کي پنهنجي داد رسي جي لاءِ ٻي ڌُر فون ڪرڻ جي لاءِ چيو انهي تي سائين مفتي صاحب جن شاگرد تي وقتي طور ناراض ٿيا شاگرد ڪمري مان نڪرندي قرآن ڪريم جي هي آيت پڙهي تہ ”آئون پنهنجي سخت پريشاني ۽ غم جي شڪايت الله تعاليٰ کي ڪريان ٿو“. اها آيت جيئن ئي سائين مفتي صاحب جن ٻڌي تہ زار و قطار روئڻ لڳا ۽ چوڻ لڳا تہ ادا! منهنجي شڪايت الله جي واسطي الله تعاليٰ کي نہ ڪر! آئون توهان جي سامهين ڌر کيو فون ڪيان ٿو.

خي ئون خشيت خوف ۾ ، ڪيائون ڪيني کي قتلام
ٻڌن ٻراءِ الله جي ، ڪهن ڪونہ ڪلام
آئي ان جي باب ۾ ، آيت هي انعام
ان الذين يخشون ربهم بالغيب اي پروڙج پيغام،
خطرو لاهي خام، گُر کي گڏيا ڪاپڙي.

### ذهين ۽ قابل شاگردن جي قدرداني ڪرڻ:-

قدر زر زرگر بشناسد قدر جوهر جوهري جي مصداق، علم جو قدر عالمن کي ئي هوندو آهي، علم وارن کي اهل علم ئي سڃاڻي سگهن ٿا ۽ علم جو قدر بہ اهي ئي ڪندا آهن جيڪي قدردان هوندا آهن. ناقدرن کي ڪهڙي خبر، استاد سائين مفتي محمد رحيم رحمۃ اللہ علیہ ذهين ۽ لائق شاگردن جي تمام گهڻي قدرداني ڪندا هئا، جامعہ راشديہ مان فارغ ٿيڻ کان بعد باصلاحيت ۽

باذوق شاگردن کي پين وڏن ادارن ڏانهن موڪلي سندن مزيد تعليم جي لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪندا هئا ۽ انهن جي مالي مدد به ڪندا هئا. سڪندري ڪافي اڪثر فاضل آهن جيڪي هن وقت جامعہ راشديہ يا پين اعليٰ ادارن ۾ منصب تدريس تي فائز ۽ براجمان آهن انهن ڪي اعليٰ منصب تي پهچائڻ جو سهرو سائين مفتي صاحب جن جي ئي سر تي سونهي ٿو. پاڻ انهي معاملي ۾ بغير ڪنهن رنگ و نسل ۽ بغير ڪنهن ذات پات جي جنهن به طالب علم ۾ علمي لياقت ڏسندا هئا انهي جي همت افزائي ڪندا هئا ڪيس علمي ميدان ۾ اڳتي آڻڻ جي لاءِ سندس مالي سهڪار به ڪندا هئا، سائين مفتي صاحب عليہ الرحمة جو دؤر جامعہ راشديہ ۽ سندس برانچن جي لاءِ سنهري دؤر چئجي تہ منهنجي خيال ۾ اهو وڌاءُ نہ ٿيندو.

سائين مفتي صاحب عليہ الرحمة نصف صدي ڪان وڌيڪ عرصو درس و تدريس، تصنيف و تاليف ۾ قال الله ۽ قال الرسول صلي الله عليہ وسلم جون صدائون لڳائيندي بسر ڪئي. هزارين علم جي اجارن جي آبياري ڪندي عمر عزيز جو اڪثر حصو حضرت پير سائين محمد راشد روضي ڌڻي رحمة الله عليه جن جي قرب ۽ جوار ۾ گذاريو ۽ سندن آخري خواهش مطابق ڪين ابدي آرامگاه روضي ڪريم جي پاڇانو ۾ نصيب ٿي. زهي نصيب

ڪاڇي پيئي ڪوڪ، سچ ڪ سنگهارن لڏيو
مادر اوءِ ملوڪ، اوني وٽڙا اُڪري.

# مهربان استاد سائين

**حافظ محمد يونس مهرسڪندري**

**سابق مرڪزي صدر جمعيت علماءِ سڪندريه**

استاد العلماءِ و استادي فقيه العصر شيخ الحديث و التفسير حضرت علامه مفتي محمد رحيم سڪندري صاحب نور الله مرقده جي وڇوڙي جو ٻڌي دل غمزده ٿي پئي.

پڙهڻ ڪان وٺي اڄ تائين مجموعي طرح پيءُ جيتري شفقت عطا ڪئي. انهي شخصيت عالم، باعمل اخلاص سان تعليم جي زيور سان آراسته ڪندڙ انتهائي شفيق پنهنجي زندگي دين سان گڏ حضرت روزي ڌڻي رحمۃ اللہ علیہ جي طريقي تي وقف ڪندڙ شخصيت جي لاءِ لکڻ ڪان زبان ۽ هٿ قاصر ٿين پيا. پوءِ به حضرت امير خسرو جي هن بيت کي ياد ڪندي:

دست بکشا جانب زنبیل ما

آفرین بر ہمت بازوے تو

پنهنجي همت سان هٿ اڳتي وڌائي لکڻ شروع ڪيو.

مون ١٩٨٦ع جي آخر ۾ جامعه راشديه ۾ داخلا وٺي ته قدوري ڪان پڙهڻ جي شروعات ڪئي. (جڏهن ته فارسي ۽ ابتدائي عربي جا ڪتاب ۽ حفظ القرآن مدرسه حنفيه جنگ استاد سائين حضرت عبدالستار رحمۃ اللہ علیہ پڙهيا هئا)

استاد سائين مصري شاه رحمۃ اللہ علیہ جي ڪلاس ۾ ابتدائي ڏينهن ۾ وينس، تن ڏينهن ۾ استاد مفتي صاحب صبح جو پهريون سبق قرآن شريف ڪنزالايمان ترجمو پڙهائيندا هئا. اسان جي استاد جي نه هئڻ سبب پهريون پيرو قدوري جو سبق، سائين مفتي صاحب جن ترجمه ڪنزالايمان ڪان پوءِ پڙهايو. پين ساٿين سان گڏ واري تي مون عبارت جون ٻه ٽي سٽون پڙهيون ته پاڻ ماشاءَ الله جي دعا سان نوازيائون.

جامعه راشديه مان دستاربندي ڪان اڳ عربي ٽيچري جي نوڪري لاءِ فقير عبدالله رحمۃ اللہ علیہ ۽ الياس فقير ، سائين مفتي صاحب ڪان نالا وٺڻ آيا ته مولوي

مولابخش مهر سان گڏ هن فقير جي گذارش تي منهنجو نالو بہ ڏنائون. ائين دستاربندي ڪان اڳ نوڪري جو آرڊر درگاهہ شريف تي ڏنائون.

هر وقت سندن مهرباني، احسان ۽ دعائون ديني توڙي دنيوي ڪاميابي لاءِ ڏيندا هئا.

سندن عبادت ۽ رياضت جي ڪهڙي ڳالهہ ڪجي. هيڊ فريد (پنجاب) واري پاسي ڄام فقير مهر جي پٽن جي نڪاح لاءِ هليا. رات حاجي حمير مهر جي اوطاق تي رهڻ ٿيو. رات جو ١٢ بجي اندر اي سي روم ۾ آرامي ٿيا ۽ صبح جو ٣ بجي سندن تلاوت جو آواز ڪنن تي پيو، پاڻ تهجد پڙهي رهيا هئا.

ڪچي ڪاچوٽي نانگن ٻڌي نيهن جي
سک نہ ستا ڪڏهن لاهي لانگوٽي
جهڙا آيا جڳ ۾ تهڙا ويا موٽي
تنين جي چوٽي، پورب ٿيندي پڌري.

هڪ ڀيري لاهور کان ٧ بجي نڪتاسين، فرمايائون تہ ماني بهاولپور هلي ڪائينداسين. اهو سفر عام طرح ٨ ڪلاڪن ۾ طئي ٿيندو هو. روڊ سنگل ۽ ٽريفڪ جي آمد و رفت اڃان اضافي ، پاڻ دعا فرمايائون : يا الله ! اسان جي سفر جي بُعد کي قريب فرماءِ.“

پوءِ خبر ئي نہ پئي ١١ بجي بهاولپور پهچي ننگر ڪري رات جو ٢ بجي خليفي غلام حسين پنيري جي اوطاق تي اچي آرامي ٿياسين. خليفي غلام حسين کي اڳ ۾ اطلاع هو، هو انتظار ۾ هو. سائين مفتي صاحب جن ڪجھ دير آرام ڪري وري تهجد جي نفلن ۽ تلاوت ۾ مشغول ٿي ويا.

خليفي غلام حسين ٻاهر سرديءَ ۾ مچ تي ويٺي دل ۾ سوچيو پئي تہ سائين مفتي صاحب جن اسان غريبن تي مهرباني ڪئي، جو خدمت جو موقعو ڏنو. ايتري ۾ پاڻ فقير کي اندر گهرائي فرمايائون ”ڪير اچي يا نہ اچي، اهي خيال دل ۾ نہ رکندا ڪريو، اها سڀ مٿان ڪان مهرباني ٿيندي آهي. “

عبادت و رياضت ۽ قيام الليل جي سلسلي ۾ پاڻ پنهنجي متعلقين سان رابطي ۾ رهندا هئا. جيئن پاڻ مون کي تهجد جي ترغيب ڏيندي، ان وقت ڪال ڪرڻ جو حڪم فرمايائون. آئون بلاناغه ڪين تهجد جي وقت ڪال ڪندو

هوس، اگر ڪنهن ڏينهن رهجي ويندي تہ پاڻ ڪال ڪندا هئا ۽ فرمائيندا هئا:

تسحروا فان في السحرة برکة

سائين جي شاگردن مان قالو کوهہ (رحيم يار خان) سخيجا مهرن جي ڳوٺ ۾ مولانا ڪليم الله چانگ سڪندري پڙهائيندو هو. جنهن وٽ اڪثر اڃ وڃ رهندي آهي، ان ٻڌايو تہ منهنجي عادت هئي تہ وتر ، تهجد کان اڳ پڙهندو هوس، هڪ ٻہ راتيون جاڳ نہ ٿي، تهجد سان گڏ وتر بہ رهجي ويا.

پوءِ مفتي صاحب جن ڪي خواب ۾ ڏٺم ڪي فقير ۽ عالم ساڻن گڏ وينا هئا. سائين جن ڪچهري ۾ مون ڏانهن اشارو ڪندي فرمايو هي ڪليم الله اسان جو شاگرد آهي، ٣ رڪعتون وتر عشاءِ جي نماز سان گڏ نہ پڙهندو آهي، جنهن ڪري هن کان وتر قضا ٿي وڃن ٿا. پوءِ فرمايائون تہ وتر پڙهي سمهندا ڪريو.“

شير مصطفيٰ سائين مفتي عبدالرحيم سڪندري جي وصال وقت جنازي ۾ شرڪت لاءِ ڏهرڪي کان مولوي مولابخش، مولوي شير محمد ۽ پنو عاقل کان مولوي محمد آدم سان گڏ روانو ٿيس.

جنازي کان واپسي تي مٺي ۾ سور جي شدت سبب جلدي نڪتاسين، نوابشاهہ لڳ مولوي رمضان جمالي ۽ محمد موسيٰ جمالي وٽ ننگر ڪري ، چانهہ سان گڏ سور جي ٽيبليٽ ڪائي اڳتي وڌياسين، رات جو ١٠ وڳي دوڙ پهتس تہ سور جي شدت سبب مون گاڏي جي ڊرائيوري کان لاچاري ڏيکاري، دوستن مشورو ڏنو تہ شهر هلي ڪنهن ڊاڪٽر کي ڏيکاريو. ايتري دير ۾ سائين مفتي صاحب جن جي ڪال آئي، فرمايائون موڪلايو بہ ڪونہ اٿين نڪري ويا. مون سور جي شدت سبب عرض ڪيو ، سائين آئون ڳالهائي نٿو سگهان ۽ مون مولوي محمد آدم کي فون ڏني، پاڻ پڇيائون مولوي صاحب منهنجي تڪليف جو ٻڌايو پاڻ دوڙ اسٽيشن ويجهو بيهڻ جو فرمائي جلدي ۾ ڊاڪٽر موڪليو. جيڪو ڊاڪٽر کي وٺي آيو، اهو ڊاڪٽر کي آٽيندڙ پنهنجي اوطاق تي اسان کي وٺي هليو ۽ آرام جو موقعو مليو.

سندن علمي ڪمال جي کهڙي ڳالهہ ڪجي. هڪ ڀيري فيصل آباد ۾ ڪنهن پروگرام لاءِ ساڻن گڏ وڃڻ ٿيو. جتي درس حديث لاءِ مديني شريف مان

هڪ سيد سڳورو آيل هو، جتي درس ٻڌڻ لاءِ سڀ عالم سڳورا مدعو هئا. صبح جو ان سيد سڳوري کان اڳ درس حديث لاءِ سائين مفتي صاحب کي سڏيو ويو. پاڻ عربي ۾ درس ڏنو. هڪ اردو مترجم ان جي ترجماني ڪئي.

سندن ادائگي، فصاحت ۽ بلاغت ڪمال جي هئي. اڌ ڪلاڪ جي درس ۾ پاڻ روانگي سان ڳالهائيندا رهيا.

درسِ حديث بعد مديني شريف جي ان محدث سيد سڳوري وڏي انڪساري سان ، حضرت روضي ڌڻي جي درگاهه جي خطيب کي گاڏي ۾ اڳيان ويهاريو ۽ پاڻ پويان ويٺو.

جامعہ راشديہ ۾ درس حديث وقت ائين محسوس ٿيندو هو تہ ڄڻ اسان حضرت رسول اڪرم ﷺ جي ڪچهري يا حلقي ۾ ويٺا آهيون. سندن اکيون تہ اشڪبار هونديون ئي هيون، پر شاگرد بہ پنل اکڙين سان هوندا هئا.

طبيعت ۾ استغناء جوا هو عالم جو، لاهور ۾ ”عزت رسول ڪانفرنس“ ۾ شرڪت لاءِ سائين سان گڏ آئون ۽ حافظ يارمحمد مهر سفر ۾ هئاسين. ڪانفرنس ۾ شرڪت بعد رهائش واري جڳهه تي اچي آرام ڪيوسين، صبح جو ڪانفرنس جي انتظاميہ کين فون ڪيو تہ ”رات موڪلائڻ وقت نذرانو پيش نہ ڪري سگهياسين، وڃڻ وقت فلاڻي جڳهه تان لفافو ڪنيو وڃجو“.

ڪال ڪان بعد پاڻ فرمايو اسان لفافن لاءِ پنڌ ڪونہ پيا آهيون، اسان تہ عزت رسول ۽ ناموس رسالت لاءِ حاضري ڏني، سا قبول ٿئي. ائين چئي پاڻ واپسي جو سفر اختيار ڪيو.

سفر دوران جڏهن مديني شريف جي بار بار حاضري جي ڳالهه هلي تہ مون عرض ڪيو سائين عمرو بيشڪ ڪريو، مديني طيبہ جي حاضري ڏيو، پر عيدن جي موقعي تي درگاهه شريف تي رهڻ فرمايو، جو حضرت پيرسائين چٽ ڌڻي بادشاهه جن توهان کي پاڻ کان ڌار نہ ڪندا آهن.

اهو ٻڌي روئڻ هارڪي انداز ۾ فرمايائون پين پنو ڏي. پوءِ مولانا جامي رحمۃ اللہ علیہ جا هي بيت پڙهي ۽ لکي ڏنائون:

تنم فرسوده جان پاران ز هجران يا رسول الله

دل پزمرده آواره ، زعصيان يا رسول الله

چون سوئي من گذر آري من مسڪين ز ناداري
فدائي نقش نعلينت ڪنم جان يارسول الله

فرمايائون: اسان ڪٿي ويندا آهيون، محبوب جي طرف کان سڏيو ويندو آهي. پوءِ دل پاڪيزه ٿي پوندي آهي.

۽ وري حال اوريندي فرمايائون ته پيرسائين شاهه مردان شاهه رحمة الله عليه جن کي مدرسي ۽ انتظاميه متعلق ڪي ڳالهيون عرض ڪيم ته قبلا! اوهان پاڻ ئي شفقت فرمايو ته پاڻ فرمايائون:

”مِني به ماٺ، مُني به ماٺ“

وري پاڻ فرمايائون مفتي صاحب اها چوٽي هيئن هئي:

”مفتي به ماٺ، مان به ماٺ“

مون عرض ڪيو، قبلا سائين جو جيڪو حڪم.

حضرت پير سائين شاهه مردان شاهه رحمة الله عليه جي فيض ۽ دعا جي برڪت اهڙي هئي، جو سال ١٩٩٨ع مارچ ڏاري سندن روحاني سفر ٿيو، جنهن ۾ اسان جي دعوت (ساڏورجا مهر ) تي جمعي ڏينهن يارهين وڳي منزل گاهه تي تشريف فرما ٿيا. سردي جي موسم ۽ وري مٿان بارش به ٿي رهي هئي. جنهن ڪري جماعت کي تڪليف پيش اچي رهي هئي.

حضرت پيرسائين قدس سره جن سائين مفتي صاحب کي اندر بنگلي شريف ۾ گهرايو. قرآن ڪريم جي ڪا آيت ڏسيائون (جيڪا هن وقت مون کي ياد ناهي.) ۽ فرمايائون هي آيت پڙهو، جماعت تڪليف ۾ آهي. برسات پئي ته تنهنجو خير ناهي.

هڪ مرشد ڪريم جو ڏس ٻيو مفتي صاحب جو قرآن شريف تي عمل ايترو مضبوط ۽ مستحڪم جو بارش جلدئي بند ٿي وئي.

هڪ ڀيري عشاءِ جي وقت ٽول پلازه اوٻاوڙي کان ايندي ڪال ڪيائون: ”حافظ صاحب! اسان توهان وٽان ٿيندي درگاهه شريف وينداسين.“ مون لنگر جو عرض ڪيو، پاڻ فرمايو دير ٿيندي. عرض ڪيم توهان جي پهچڻ کان اڳ تيار هوندو. پوءِ اجازت ڏنائون.

جڏهن جامع مسجد ڏهرڪي پهتا ته ننگر دوران مون عرض ڪيو ته

”حافظ يار محمد جي گاڏي هتان چوري ٿي وئي آهي. فرمايائون ته باوضو ٿي سمهڻ کان پهريان ٻه رڪعتون نفل پڙهي سوره لقمان جي ٻئي رڪوع جي ١٢ هين آيت هڪ سؤ هڪ ڀيرا پڙهي، قبلي رو ٿي سمهي پئو، ان شاءَ الله ٽن ڏينهن کان پهرين توهان وٽ هتي ئي ڏس پتو ڏيڻ وارو ماڻهو اچي ويندو.“

حافظ يار محمد، جامع مسجد ۾ ئي رهي پيو، ٻه راتيون عمل ڪيائين، ٽين رات کان اڳ ڏس پتي وارو ماڻهو اچي ويو. جلد ئي گاڏي به ملي وئي.

هن فقير تي انتهائي شفقت ۽ مهرباني سبب منهنجي سڀني ٻارڙن حافظ محمد اسلم، محمد سعيد، حافظ محمد توصيف ۽ محمد مجيب کي گهر اچي دعا ڏيئي ويندا هئا.

جڏهن به گهر ۾ ڪا تڪليف ٿيندي هئي ته فون تي دعا لاءِ عرض ڪندو هوس. پاڻ فرمائيندا هئا اجهو ٿا حضرت روزي ڌڻي ﷻ جي دربار ۾ پنهنجي رب کان دعا ڪيون ٿا، جلد تڪليف دور ٿي ويندي.

سندن محبت ۽ ڪشف ۽ پراثر دعائن جون ڪي ئي ڳالهيون آهن. طوالت کان بچندي هڪ ٻن واقعن تي اڪتفا ڪيان ٿو.

پوئين سال ١٤٤٦ ھ رجب مهيني ۾ جڏهن پنهنجي گهر جي اڏاوت جو ارادو ڪيم ته دل ۾ خيال ٿيو سائين مفتي صاحب جن عليل آهن، سفر جي تڪليف نه ڏجي، جامعه راشديه جا هاڻوڪا مهتمم، جامع مسجد درگاهه شريف جا پيش امام سائين مفتي دوست علي سڪندري صاحب به رجب شريف جي آخري ڏينهن ڪري انتهائي مصروف هئا. افتتاحي دعا لاءِ ڪيس به عرض نه ڪري سگهيم.

اهو سوچي ته في الحال ڪم جي شروعات ڪيون ٿا، بعد ۾ بزرگن کان دعا وٺبي. انهن ئي ڏينهن ۾ حافظ يحيٰ بختيار فون ڪيو ته سائين مفتي صاحب جن اوهان ڏانهن اچڻ جو ارادو ڪيو اٿن. فرمائن ٿا ڏهرڪي ۾ ئي لنگر به ڪنداسين.

مون ته اهي پنڌ پڇايا پئي. آخر آچر جي ڏينهن ٢٠ رجب تي منهنجي اڱڻ اچي، گهر جي افتتاحي دعا گهري ويا.

سندن دعا سان گهر مڪمل ٿي ويو. پر پاڻ اسان کي الوداع چئي

حضرت روضي ڌڻي ﷫ جي سنهري گنبذ ۽ حضرت پيرسائين ڇٽ ڌڻي ﷫ جي ڇانوَ ۾ وڃي ابدي آرامي ٿيا.
سندن اها خواهش هئي تہ حضرت روضي ڌڻي ﷫ جو پاڙي ۾ جاءِ ملي.

واجهائي وطن کي ، آءُ جي هت مياس
تہ گور منهنجي سومرا، ڪج پنهوارن پاس
ڏج ڏاڏڻي ڏيهہ کي منجهان ولين واس
ميائي جياس، جي وڃي مڙهہ ملير ڏي.

خليفي حاجي محمد اڪرام صاحب ، حضرت پيرسائين سردار جن جي حضور،حضرت مفتي صاحب ﷫ جي آخري آرامگاهہ لاءِ عرض ڪيو. قبلا سائين جن حضرت عبدالله فقير ڪاتيار ﷫ جي مقام لاءِ اجازت فرمايائون.

ملڪ الموت ميهار کي منهنجي خاص ڪج خبر
نہ ڪندين قلعن وچ تي منهنجو گهوٽ ڪٽائج گهر
ڪرڙا ڏيئي قبر کي اپيون ڏيئي اوگر
تہ ميار توتان ميهر، لهي وڃي لطيف چئي.

# علم ۽ اخلاق جو خزانو

منهنجو استاد شيخ الحديث مفتي محمد رحيم سڪندري رحمة الله عليه

**ڊاڪٽر حافظ محمد مريد سڪندري**

**خطيب جامع مسجد لنڊن ٽائون، حيدرآباد**

امام العارفين حضرت پير سائين سيد محمد راشد روضي ڌڻي رضي الله عنه جن جي فيض واري جماعت مان لکين اهل دل، عارف ،ڪامل اڪمل ٻانها فيض حاصل ڪري وڏي مقام ۽ مرتبي تي پهتا. جيڪي الله سائين جي دربار ۾ جيڪا بہ دعا گهرندا هئا سا قبول پوندي هئي اهڙن نيڪ صفت ٻانهن منجهان حضرت سائين مفتي صاحب عليہ الرحمة جن بہ هڪ هئا، درگاهہ شريف جي جامع مسجد جا پيش امام، جامعہ راشديہ جا مهتمم و شيخ الحديث ۽ حضرت پير سائين سردار جن جا خليفا پڻ هئا.ايترن سارين ذميوارين ڪي سنڀالڻ ڪا معمولي ڳالهہ ڪانهي يقيناً اهو استاد سائين جن جو ڪمال هيو. مرشد مربي جي دعائن جو اثر هو.

حضرت سائين مفتي صاحب رحمة الله عليه عليہ سان ويجهڙائي جو تعلق سن ١٩٩٩ع ۾ جيئن طالبعلم جي حيثيت سان پنهنجي ڳوٺ کان پنهنجي استاد مانجهي فقير پنهيرو سان گڏجي داخلا جي لاءِ حاضر ٿيس، ان وقت سائين عَمَّ پاري مان هڪ سورت ٻڌائڻ لاءِ چيو جڏهن مون اها سورت پڙهي ٻڌائي سائين جن تمام خوش ٿيا ان وقت داخلا ڏني پاڻ فرمايائون انشاءَ الله سنو قاري ۽ عالم ٿيندو ان ڪانپوءِ سائين جن جي خدمت ۾ حاضري ٿيندي رهندي هئي هميشہ دعائن سان نوازيندا رهندا هئا الله سائين ڪروڙين رحمتون نازل فرمائي آمين.

سندن زندگي ۾ اسان گهڻو ڪجهہ حاصل ڪيو سندن رفاقت ۾ گهڻو وقت گذاريو ڪيترائي اهڙا واقعا آهن جيڪڏهن قلم بند ڪجن تہ ڪتاب ٺهي وڃن جيڪي انشاءَ الله ضرور قلمبند ڪبا استاد سائين مفتي صاحب جي شخصيت تي لکڻ ڪا معمولي ڳالهہ ناهي ڪٿان شروع ڪجي ڪٿي ختم ڪجي. پاڻ تہ هر جِهت شخصيت هئا پر هتي ڳالهہ ادب کان شروع ٿا ڪيون پاڻ ٻڌايائون تہ جامعہ ۾ فارسي پڙهندڙ شاگردن ۾ بيت بازي جا مقابلا ٿيندا هئا.

استاد بہ ويهندا هئا پوءِ ان ۾ ڪٿڻ واري شاگرد کي انعام ۽ شاباس سان نوازيندا هئا. اهڙو ئي هڪ واقعو مون سان بہ ٿيو جنهن ۾ ڪافي ذهين شاگرد سان منهنجو مقابلو هو آخر وڏي مقابلي کان پوءِ مان ان کان کٽي ويس بظاهر منهنجي استاد حضرت مفتي اعظم پاڪستان مفتي محمد صاحبدادخان جمالي رحمة الله عليه مون کي شاباس ۽ انعام سان نوازيو پر سندن طبيعت مبارڪ تي ڪجھ گراني ڏٺم ان ڪري جو سندن چاهت ۽ دلي راز منهنجي حريف (مد مقابل) شاگرد لاءِ هو تہ اهو کٽي شروع ۾ نہ انجو احساس ٿيو پر پوءِ سڄي زندگي ان جو افسوس ڪندو رهيس تہ مون کان اها بي ادبي ڇو ٿي جو پنهنجي استاد محترم جي چاهت ۽ راز کي پاڻ تي مقدم نہ رکي سگهيم راقم عرض ڪيو قبلا! ان ۾ بي ادبي ڪهڙي هئي فرمايائون جڏهن استاد جو خيال معلوم ٿي ويو تہ منهنجو حريف کٽي تہ مون کي هارائڻو ئي هو، اڄ زندگي ۾ ڪا تڪليف پهچي ٿي تہ سمجهندو آهيان اها ان جي ڪري پهچي ٿي. ڪير ٿو ايتري سوچ رکي. يقيناً اها انهيءَ ادب جي برڪت هئي جو پاڻ ان ڪمال تي پهتا.

درگاھ شريف سان محبت ۽ عقيدت، پنهنجو تعارف يا سياٽپ درگاھ شريف ئي ڪرائيندا هئا جڏهن بہ ڪنهن مدرسي / مسجد لاءِ عرض ڪندا هئاسون تہ سائين جن فرمائيندا هئا ان کي درگاھ شريف جي نالي رجسٽر ڪرايو جڏهن بہ پاڻ فون تي ڪنهن سان ڳالهائيندا هئا تہ فرمائيندا هئا تہ درگاھ جو مفتي ٿو ڳالهايان يا پير صاحب پاڳاري جو مفتي/ خليفو ٿو ڳالهايان.

مرحوم حاجي محمد الياس راڄڙ (ڊورونارو) جن جڏهن پنهنجي مدرسي صبغة الاسلام جي پراپرٽي (ملڪيت) جامعہ راشديہ کي وقف ڪري اسٽامپ پيپر لکي موڪليو مون عرض ڪيو تہ قبلا جامعہ راشديہ جي برانچن مان هي اها واحد برانچ آهي جيڪا جامعہ راشديہ جي نالي وقف ڪيل آهي. ان تي سائين مفتي صاحب تمام گهڻو خوش ٿيا ۽ حاجي صاحب کي دعائون ڏنائون فرمايائون اها ئي اصل مريدي آهي.

سنڌ يونيورسٽي ۾ ايم فل جي داخلا ٿي پوءِ جڏهن مقالي جي ٽاپڪ لاءِ عرض ڪيم تہ ڪهڙو ٽاپڪ کڻان مشورو ڏيو ورتم پاڻ فرمايائون تہ درگاھ شريف جي متعلق يا پيران پاڳارا جي حوالي سان هجڻ کپي.

ٽنڊي الهيار جي ويجهو ڳوٺ فقير عبدالواحد هنگورو ۾ جڏهن مسجد شريف جي سنگ بنياد لاءِ حاضر ٿيا سون مسجد شريف جو سنگ بنياد رکيو ويو ان ڪانپوءِ فقيرن عرض ڪيو ته سائين مسجد شريف جو نالو ڪهڙو رکون پاڻ فرمايائون پير سائين شاهه مردان شاهه ﷫ جون مهربانيون ايتريون آهن جيڪي ڪڏهن وسري نٿيون سگهن ۽ سندن دين لاءِ ڪيل خدمتون علم وارن سان محبت عالمن جو قدر تمام گهڻو هيؤ تنهن جي ڪري منهنجي دلي خواهش آهي ته هن مسجد شريف جو نالو جامع مسجد شاهه مردان شاهه ٿا رکون.

مفتي صاحب عليه الرحمة هڪ دفعي حضرت پير سائين شاهه مردان شاهه ڇٽ ڌڻي عليه الرحمة جي حوالي سان ٻڌايو ته پير سائين سردار جن جي مدينه طيبه ۾ حاضري جي حوالي سان ڪوثر نيازي صاحب" شهاب" رسالي غالباً اپريل يا مئي ٦٨ جي شماري ۾ لکي ٿو ته پير سائين سردار جن جي رهائش باب جبرئيل جي سامهون غلام محمد هائوس ۾ ٿي پاڻ اڪيلائي ۾ هائوس جي دروازي وٽ ويٺي صلوات شريف پڙهندي نظر ايندا هئا ،سندن نظر گنبذ خضريٰ تي هٿ ۾ تسبيح ۽ اکين مان ڳوڙها ڳلن تان جاري رهندا هئا.

ڪوثر نيازي مرحوم شهاب رسالي جي حوالي سان اها ڳالهه به ياد اچي ٿي ته حضرت پير سائين پاڳاري سان شريڪ محفل ڪنهن ساٿي ٻڌايو ته پير صاحب ديول شريف واري چيو ته چئن لکن حجاج مان فقط ٻن ٽن ماڻهن جو حج قبول پيو آهي جن ۾ هڪ پير صاحب پاڳارو. پيو پير صاحب اچ وارو ۽ ٽيون خود انڪشاف فرمائيندو هو. پير صاحب اهو ٻڌي ڪمال انڪساري مان فرمايو اسان ته فقير ماڻهو آهيون اهڙي دعويٰ سوچي به نٿا سگهون باري تعاليٰ حج قبول فرمائي ته سندس رحمت ۽ ڪرم ڪان پري به ته ڪونهي سبحان الله.

ايماني غيرت ڪمال جي هئي . هڪ پيري سنڌ جي ڪنهن پير وٽ تعزيت لاءِ ڪن دوستن زور پريو ته توهان وڃو توهان جو وڃڻ ضروري آهي اهلسنت جو آهي پاڻ انڪار ڪندا رهيا ان جي ڪري ته ان پير ، پير سائين سردار جي سفر متعلق ڪجھ اڻ وڻندڙ ڳالهايو آهي. ليڪن مفتي صاحب عليه الرحمة جي علم ۾ اها ڳالهه آئي پاڻ انڪار ڪيائون پر ڪجھ دوستن مجبور ڪيو پاڻ ويا ان پير جي تڏي تي پهتا ٽنڊِي غلام علي مان مولوي عبدالله ڪوري

سڪندري ۽ هي راقم ٻـ گڏ سندن خدمت ۾ هو فاتحہ ڪيائون ان ڪانپوءِ ان پير ماني جي لاءِ چيو ، انڪار ڪيائين نہ پاڻي نہ چانھ وغيره پيتائون ٿوري دير ڪانپوءِ موڪلائي اٿياسون گاڏي ۾ ويهندي فرمايائون جيڪو ”پير“ پير سائين بادشاھ جي سفر تي طعن ڪري ان پير جو پاڻي پيئڻ حرام آهي اها سندن غيرت هئي. اللہ سائين اهڙي غيرت اسان سڀني کي عطا فرمائي.

مفتي صاحب عليہ الرحمۃ جي ذهانت ڪمال جي هئي پاڻ ٢٧ ڏينهن ۾ قرآن ڪريم حفظ ڪيائون پر ان سان گڏ قصيدي بردي شريف جا بہ حافظ هئا. هڪ دفعي درگاھ شريف کان ڪنهن پروگرام لاءِ نڪتاسون .ان وقت مون عرض ڪيو تہ قبلا مون قصيدي شريف جا پنج فصل ياد ڪيا آهن پاڻ ڏاڍا خوش ٿيا دعائون ڏنائون ان ڪانپوءِ پاڻ قصيدو شريف پڙهڻ شروع ڪيائون ابتدا کان تقريباً اٺ فصل پڙهي ويا پاڻ فرمايائون تہ قصيدو شريف مڪمل ياد آهي هاڻي دلائل الخيرات جي ياد ڪرڻ جي ڪوشش ۾ آهيان.

فراخ دليءَ ڪمال جي هئي ڪير بہ سندن خدمت ۾ ڪنهن ڪم جي لاءِ حاضر ٿيندو هو تہ ان جي جائز مدد ڪندا هئا.ايئن نہ ڏسندا هئا تہ هي شخص منهنجي سنگت جو آهي يا ڪنهن ٻئي چونڪي جو آ. پر ان جي مدد ڪندا هئا.

هڪ ڀيري حافظ محمد يوسف ڀنڀرو سڪندري شام جي وقت هن فقير کي فون ڪئي تہ ڪجھ ڏينهن ۾ منهنجو انٽرويو آهي ان لاءِ مفتي صاحب عليہ الرحمۃ کي عرض ڪيو ۽ فون ڪرايو ڊاڪٽر محترم نبي بخش بلوچ مرحوم کي تہ منهنجو ڪم ٿي ويندو انهيءَ وقت پنهنجي مصروفيات ڇڏي مغرب کان پهريان ، درگاھ شريف جي مسجد شريف ۾ مفتي صاحب تلاوت ڪري رهيا هئا مون حافظ صاحب لاءِ عرض ڪيو پاڻ فرمايائون تہ مغرب کان پوءِ. جڏهن مغرب جي نماز ڪانپوءِ پنهنجي آفيس ۾ آيا في الفور ڊاڪٽر صاحب کي فون ڪيائون ڊاڪٽر صاحب جي نياڻي فون ڪنيو چيائين تہ بابا واڪ پيو ڪري مفتي صاحب فرمايو تہ منهنجو ميسيج ڏجو تہ درگاھ جي مفتي صاحب ڪال ڪئي هئي ڳالهائڻ چاهي ٿو،ٿوري دير ۾ ڊاڪٽر صاحب بيڪ رنگ ڪئي.

مفتي صاحب عليہ الرحمۃ فرمايو تہ حافظ محمد يوسف ڀنڀرو فقير قادر بخش جي سنگت جو آهي جماعتي ٻار آهي هن جي لاءِ مهرباني ڪيو هن جي

سليڪشن ٿيڻ ڪپي ڊاڪٽر صاحب فرمايو ٺيڪ آ. ان ڪانپوءِ ٻئي ڏينهن اتفاقاً مفتي صاحب عليہ الرحمة جو ڪراچي وڃڻ ٿيو اچانڪ ١٢ بجي ڪنگري هائوس پهچڻو هو صبح جو ائين بجي ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي گهر قاسم آباد ۾ ناشتو ڪيائين وري ڊاڪٽر صاحب ڪي روبرو چيائين حافظ صاحب لاءِ اتي ئي ڊاڪٽر صاحب جي سامهون مون کي يعني راقم کي فون ڪري فرمايائون تہ ڊاڪٽر صاحب سامهون ويٺو آهي ان صدوري لاءِ مون چئي ڇڏيو آهي انشاءَ الله ڪم ٿي ويندو چند ڏينهن ڪانپوءِ ليڪچراري جو آرڊر ڪيس مليو ويو.

هڪ دفعي استاد سائين مفتي دوست علي سڪندري جو عزيز پنهنجي ڪنهن ڪم جي لاءِ درگاهہ شريف تي آيو هو استاد صاحب جن فرمايو تہ مفتي صاحب عليہ الرحمہ ڪان خط وٺي ڏيو نوابشاهہ يونيورسٽيءَ ۾ ڪنهن سٺي پوسٹ تي ڪو آفيسر هيو درگاهہ شريف جو جماعتي نہ هو پر صحبتي هو مون مفتي صاحب جي خدمت عرض ڪيو تہ قبلا فلاڻي شخص ڏي خط لکي ڏيو هن غريب جو مسئلو حل ٿي ويندو مفتي صاحب عليہ الرحمہ فرمايو بابا مان ان ڪي سڃاڻان ئي نٿو خط ڪيئن ڏيان مون عرض ڪيو قبلا اوهان بہ اکر لکي ڏيو هن غريب جو ڪم ٿي ويندو مفتي صاحب عليہ الرحمہ عرض قبول ڪيو پنهنجي پيڊ تي بہ اکر لکي ڏنائين اهو خط ٻئي ڏينهن نوابشاهہ يونيورسٽيءَ ۾ ان صاحب کي پيش ڪيو ان صاحب جيئن جو خط کوليو جامعہ راشديہ جو نالو ڏسندي فورا پنهنجي ڪرسي تان اٿي خط کي اکين تي رکي چمي ڏنائين ان ڪانپوءِ وڏي عزت ڏنائين چيائين تہ توهان جو ڪم جلدي ٿي ويندو انشاءَ الله ٻئي ڏينهن ان فون ڪري ٻڌايو تہ ڪم منهنجو ٿئي يا نہ ٿئي نصيب جي ڳالهہ آهي باقي خط ڪمال جو هيو .

حضرت پير سائين سردار موجوده بادشاهہ دامت برڪاتہ جن جي شفقت.

هڪ دفعي جماعتي ڪو مسئلو هيو مفتي صاحب عليہ الرحمة جي سنگت جي ماڻهن ڪو مسئلو ڪيو هو پوءِ انهن ماڻهن مفتي صاحب کي تمام گهڻو پريشان ڪيو هو آخر ڪار انهن ماڻهن کي وٺي پيرسائين سردار جن جي خدمت ۾ پيش ٿياسون مفتي صاحب روئي ڏنو پاڻ فرمايائون توهان ڇو تڪليف ڪئي آهي پاڻ ڪليم الله وساڻ کي فرمايائون انهن کي چئو تہ درگاهہ شريف جي

ڪميٽي ۾ پاڻ پيش ٿين مفتي صاحب کي تنگ نہ ڪن.

درگاهہ شريف تي بخاري شريف جو سبق پڙهائي ڪڏهن ڪڏهن پنهنجن استادن جي مزارن تي حاضري لاءِ ويندا هئا هڪ پيري سندن جي خدمت ۾ هيس پنهنجي استادن جي حاضري ڪانپوءِ فرمايائون اسان پنهنجي استادن کي ياد ڪيون ٿا توهان بہ اسان تي حاضري ڏجو وسارجو نہ جڏهن بہ پنهنجي استادن جو ذڪر ڪندا هئا روئي پوندا هئا مفتي اعظم پاڪستان مفتي محمد صاحبداد جمالي عليہ الرحمة جو ڪتاب "البلاغ المبين" نئين ترتيب ۾ ڇپجي آيو سائين جن جي خدمت ۾ پيش ڪيو ڏاڍا خوش ٿيا ۽ دعائون ڏنائون رات جو پر تڪلف عشائيہ جو انتظام ڪيائون فرمايائون تہ اهو ڪم اسان کي ڪرڻو هو اسان نہ ڪيو توهان اسان جا شاگرد آهيو نوجوان آهيو همت ڪيو انهيءَ ڪم کي تيز ڪيو مفتي اعظم عليہ الرحمة جا جيڪي بہ ڪتاب يا رسالا آهن انهن کي نئين ترتيب سان پرنٽ ڪرايو.

قرآن ڪريم سان محبت قرآن ڪريم جي تلاوت تمام گهڻي ڪندا هئا مديني شريف حاضري ٿي اتي هڪ ڏينهن ڏاڍو بخار اچي ويو مسجد نبوي صلي الله عليہ وآلہ وسلم ۾ وينو هيس اٿي نہ پيو سگهان ايتري دير ۾ شبينو شروع ٿي ويو شروعات ۾ قاري عبدالودود صاحب جن تلاوت شروع ڪئي ڏاڍو لطف آيو وينو رهيس تلاوت اهڙي سهڻي پئي لڳي جو تلاوت ٻڌندي ٻڌندي بخار ختم ٿي ويو پاڻ فرمايائون اهڙي ڪمال جي تلاوت سهڻي تلفظ ۽ مٺي آواز ۾ ڪڏهن نہ ٻڌي هئي سبحان الله قرآن ڪريم جي تلاوت سهڻي ڪنهن ڪان ٻڌندا هئا تہ بار بار فرمائيندا هئا تہ اهڙي تلاوت ڪندا ڪيو درگاهہ شريف تي عشاءَ جي نماز ڪانپوءِ مون سوره ملڪ تلاوت ڪئي پاڻ ڏاڍو خوش ٿيا ۽ انهن ڏينهن ۾ تازو قاري فيض رسول سعيدي جي تقرري ٿي هئي جامعہ راشديہ ۾ پاڻ قاري فيض رسول سعيدي کي گهرائي فرمايائون ههڙا قاري تيار ڪري ڏيو مون کي حڪم ڪيائون تہ وڃ قاري صاحب جيڪو نئون استاد مقرر ٿيو آهي ان کي وڃي ڪلاس ۾ تلاوت ٻڌائي اچ ۽ پاڻ عليہ الرحمہ مديني شريف مان منهنجي لاءِ قاري عبدالودود حنيف جي تلاوت مڪمل ختم شريف جو سيٽ ڪيسٽن جي صورت ۾ وٺي آيا هئا اها سندن قرآن ڪريم سان محبت هئي ۽ هن ناچيز تي

شفقت هئي جيڪا ڪڏهن به وساري نٿي سگهجي اهڙا سندن شفقت جا ڪيترائي مثال آهن هڪ دفعي اسلام آباد جي ڪنهن اداري جي طرفان ليٽر آيو.آل پاڪستان عربي تقارير مقابلہ هڪ شاگرد هر اداري مان حصو وٺي سگهي پيو جيئن جو ليٽر پڙهيو سائين جن مون کي گهرائي فرمايائون تہ عربي ۾ تقرير جو مقابلو آهي ان لاءِ مان توهان جو انتخاب ڪيو آهي تياريءَ ڪر عنوان هيو" *عصر حاضر میں امن کس صورت میں حاصل ہوگا*" ان عنوان تي تقرير ڪرڻي هئي مون عرض ڪيو قبلا تقرير توهان لکي ڏيو پاڻ فرمايائون ٺيڪ آهي. ٻہ ٽي ڏينهن گذري ويا وقت نہ مليو مفتي صاحب عليہ الرحمہ جي مصروفيات گهڻي هئي تقرير نہ لکيائون عصر جي نماز کانپوءِ مون عرض ڪيو تہ باقي چار ڏينهن بچا آهن اجا تقرير نہ لکي آهي ياد ڪيئن ڪندس مهرباني ڪيو پاڻ فرمايائون تہ سڀاڻي ٻئي ڏينهن جيئن جو آفيس ۾ آيا مون ڪاغذ ۽ قلم پيش ڪيم تہ تقريبا ويهن منٽن ۾ ڇهہ صفحا لکي ڏنائون . مون اها تقرير ياد ڪئي وري ٻڌايم پاڻ خوش ٿيا دعائن سان نوازيائون خط لکي ڏنائون اداري جي سربراهہ ڏانهن مقابلي ۾ پوزيشن حاصل ڪئي انعام ۾ ڪجهہ ڪتاب مليا اهي ڪتاب مون سائين جن جي خدمت ۾ پيش ڪيا ڏاڍا خوش ٿيا منهنجي لاءِ شيلڊ ٺهرايائون پنهنجي نالي سان ستاويهہ رجب المرجب جي موقعي تي صبح جو دستاربندي دوران مون کي ڏنائون الله سائين ڪروڙين رحمتون نازل فرمائي جوار رحمت ۾ جڳهہ عطا فرمائي.

# شيخ الحديث سائين جو آخري سفر

**مولانا الله ورايو سهتو سڪندري**

**شهدادپور**

استاذ الاساتذه رئيس العلماء والصلحاء شيخ الحديث و التفسير مفتي محمد رحيم سڪندري سابق خليفہ پار چونڪي ، مهتمم جامعہ راشديہ و سابق خطيب پيش امام جامع مسجد درگاه شريف پير ڳوٺ شريف خيرپور ميرس سنڌ جي جنازه نماز درگاھ شريف پيرسائين روزي ڌڻي بادشاھ قدس سره العزيز جي احاطي ۾ ادا ڪئي وئي

هزارن جي تعداد ۾ سندن شاگردن سڪندري عالمن حافظن سڳورن ۽ اهل سنت و جماعت درود وسلام پڙهڻ وارن مفتين عالمن حر جماعت جي معزز خليفن سڳورن زندگي جي مختلف طبقن سان تعلق رکندڙن آفيسرن دوستن عزيزن قريبن مٽن مائٽن دوستن محبت ڪندڙن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي

جنازو نماز حضرت علامہ مفتي دوست علي سڪندري صاحب جن پڙهائي علامہ عبدالباسط سڪندري هنگورو مرڪزي صدر جمعيت علماءِ سڪندريہ پاڪستان و سابق صدر جمعيت علماءِ سڪندريہ پاڪستان، استاذ العلماءُ علامہ سائين فقير مفتي محمد اسماعيل سڪندري ميمڻ صاحب، علامہ محمد يونس سڪندري مهر علامہ محمد آدم چاچڙ سڪندري صاحب، عالمي اسڪالر محققِ اسلام مبلغِ اسلام علامہ ڊاڪٽر مفتي حق النبي سڪندري ازهري صاحب علامہ مفتي نور نبي سڪندري، علامہ فيض محمد سڪندري علامہ مفتي شفيق احمد قادري علامہ مفتي محمد ابراهيم قادري سڪر.. خليفو استاد سائين فقير احمد صالح مهر صاحب علامہ مفتي سائين عنايت الله سڪندري ڪيريو صاحب،شارح بخاري علامہ مفتي عبدالرزاق سڪندري حافظ عبدالفتاح سڪندري پرهيار صاحب علامہ عقيل احمد سڪندري صاحب، استاد سائين مفتي غلام شبير سڪندري صاحب علامہ سائين فقير محمد حسن سڪندري مرڪزي ناظم اعليٰ جمعيت علماءِ سڪندريہ پاڪستان، علامہ پروفيسر احمد رضا سڪندري چانڊيو علامہ بزرگ سائين

محمد اعظم سڪندري چانڊيو صاحب علامہ عبدالرسول سڪندري سهتو علامہ عبدالجبار سڪندري سهتو،خليفہ فقير سالڪ سنجراڻي صاحب فقير خادم حسين آرادين صاحب ، علامہ علي نواز سڪندري فقير الله ورايو سڪندري شهدادپور ، علامہ فدا حسين سڪندري علامہ محمد مريد سڪندري علامہ عبدالقيوم مهر سڪندري صاحب(مرڪزي ناظم نشرو اشاعت)، علامہ سائين فقير محمد ايوب سڪندري منگريو صاحب علامہ عبدالله سڪندري صاحب علامہ سائين علي اڪبر سڪندري گجو صاحب،،فقير سائين حاجي عبدالرحيم هنگورو فقير سائين انجنيئر فيروز احمد هنگورو فقير سائين محمد صادق هنگورو فقير عبدالوحيد جوڻو صاحب، علامہ عبدالسبحان سڪندري علامہ علي اڪبر سڪندري يمني علامہ معراج احمد سڪندري صاحب و ديگر جامعہ راشديہ درگاه شريف جا گرامي قدر استاد علماءِ ڪرام، علامہ احمد علي سڪندري صاحب علامہ اميد علي سڪندري راڄڙ صاحب پروفيسر سائين علامہ محمد صاحبداد سڪندري پروفيسر غلام مرتضي سڪندري صاحب علامہ سائين محمد امير اعظم سڪندري مولوي فقير سائين بخش راڄڙ صاحب علامہ سائين سيد محفوظ علي نعيمي صاحب علامہ سائين فقير عرفان علي سڪندري راڄپر صاحب علامہ عبداللطيف سڪندري ڪوسو صاحب حضرت حافظ در محمد سهڙو حر صاحب علامہ مفتي سائين فقير سيد فرحان علي سڪندري صاحب علامہ سائين مفتي امداد علي سڪندري ٻگهيو صاحب علامہ بشير احمد لاشاري صاحب علامہ فقير مولا بخش سڪندري مهر علامہ سائين غلام مجتبي سڪندري شاه صاحب قمبر، علامہ عبد الوهاب سڪندري شر علامہ عبدالنبي سڪندري شر ٽري ميرواه..حافظ علامہ عبدالرزاق سڪندري راهمون صاحب ، علامہ سائين فقير محمد حنيف سڪندري صاحب رحيم يار خان ٺڪو موري پنجاب ۽ جمعيت علماءِ سڪندريہ پنجاب ۽ بلوچستان..علامہ فياض احمد سڪندري مهر صاحب ڏهرڪي فقير سائين سيباڻو صاحب سڪندر آباد..فقير سائين محمد اشرف ڏاهري صاحب فقير سائين عبدالڪريم شر صاحب،،علامہ هدايت الله سڪندري صاحب،.. علامہ امام بخش سڪندري ڪراچي، علامہ ياسر گل

سڪندري ڪراچي علامہ عبدالعزيز سڪندري مهر صاحبۍ سون جي تعداد... عالمن حافظن سڀورن شرڪت ڪئي سائين.. مفتي صاحب رحمة الله عليه جن کي فقير سائين عبدالله ڪاتيار رحمة الله عليه جن جي مزار شريف سان متصل جاءِ تي جتي روزانو حضرت پيرسائين روزي ڌڻي بادشاهہ قدس سره العزيز جن جي روضي جي ڇانو پهچي ٿي اتي آرامي ڪيو ويو...

*خدا رحمت کند بر ایں عاشقانِ پاک طینت را.*

تدفين کان پوءِجناب محترم سائين خليفہ محمد اڪرام ڪوسو صاحب فقير محمد ظفر ڪوسو صاحب فقير محمد معراج ، فقير يحي سڪندري ڪوسو صاحب جن سان جامعہ راشديہ درگاه شريف جي هال ۾ فاتحہ خواني ڪئي وئي ۽ اجتماعي گڏجي دعائون گهريون ويون .

علامہ مفتي دوست علي سڪندري صاحب مهتمم جامعہ راشديہ درگاهہ شريف و خطيب و پيش امام جامع مسجد درگاه شريف و نگرانِ اعلي جمعيت علماء سڪندريہ پاڪستان جن جن دعا فرمائي...بعد ۾ تعزيت جو سلسلو جاري رهيو.

ڏڪويل خاندان سان دلي همدردي غمگساري ۽ تعزيت لاءِ سندن تڏي تي پهچي....جناب محترم و مڪرم چيف خليفو سائين فقيرڪليم الله وساڻ صاحب جن جي ساٿ سان گڏ ۾ وڏي تعداد ۾ حر جماعت ۽ خلفاءِ ڪرام خليفن مکن صاحبن ۽چيئرمين فيصلہ شرعي ڪاميٽي درگاهہ شريف جناب محترم فقيرسعيدخان نظاماڻي صاحب ۽ خليفہ فقير سائين محمد هاشم خاصخيلي صاحب خليفہ فقير سائين محمد قاسم مهر صاحب خليفہ فقير سائين محمد رمضان راهمون ۽خليفہ فقير سائين محمد سلطان راڄڙ خليفہ فقير سائين غلام حيدر دودوانڙ ۽ خليفہ فقير سائين لال بخش احمداڻي ۽ خليفہ فقير سائين ولي محمد پهوڙ۽خليفہ فقير سائين محمد يعقوب راڄڙ ۽ خليفہ فقير سائين محمدرحيم هنگورو فقير سائين محمد خضرحيات منگريو ۽ فقيرقلندربخش درس، جمعيت علماءِ سڪندريہ ٿرپارڪر جو سرواڻ علامہ فقيرولي محمدسڪندري حاجي عمرنهڙي فقير محمدعثمان سميجو فقيرعرفان علي

ڪٺياڻ فقير سائين شفيع محمد لغاري صاحب فقيرمحمدخان وساڻ حاجي مرادعلي نظاماڻي فقيرسائين بخش وساڻ فقير منل پرهياڙ فقير نظام الدين راڄڙ فقيرسارنگ وساڻ ، فقير علي اڪبر صحافي صاحب جن ڪان علاوه حر جماعت جي معززين وڏي تعداد ۾ درگاه شريف مفتي صاحب جن جي تڏي تي پهچي فاتحه خواني ۽ ايصال ثواب لاءِ دعائون گهريون ويون..

ان موقعي تي اعليٰ حضرت پيرسائين عظيم البرڪت بحر سخاوت پيرسائين پاڳارو دامت برڪاتهم العاليہ جن جو دعائيه تعزيتي خط مبارڪ خانقاه شريف جي منشي عبدالرزاق صاحب جن پيش ڪيو جيڪو محترم چيف خليفو فقير سائين ڪليم الله وساڻ صاحب جن پڙهي ٻڌايو.

مفتي دوست علي سڪندري خطيب و پيش امام جامع مسجد درگاه شريف مهتمم جامعہ راشديہ درگاه شريف.ونگرانِ اعلي جمعيت علماءِ سڪندريہ پاڪستان جن خصوصي صاحب دعا گهري...... آخر اعلي حضرت پيرسائين پاڳارو دامت برڪاتهم العاليہ حر جماعت وطن پاڪستان افواج پاڪستان عالم اسلام جي لاء پڻ دعائون گهريون.

# ڏکوئيندڙ سانحو

**مولوي محمد فقير موروجو**

**خادم لائبريري درگاھ شريف پيرسائين پاڳارا**

استاد العلماءِ شيخ الحديث و التفسير جامعہ راشديہ جي مهتمم، جامع مسجد درگاھ شريف جي خطيب، حضرت علامہ مفتي محمد رحيم سڪندري ﷫ جن جو وصال اهلسنت خصوصا سڪندرين ۽ حر جماعت لاءِ انتهائي ڏکوئيندڙ سانحو آهي.

رب ڪريم کين غريق رحمت فرمائي. آمين.

سائين مفتي صاحب ﷫ جن سان ايڪونجاھ سال جامعہ راشديہ درگاھ شريف جي خدمت ۾ گڏ رهڻ جو موقعو مليو. سندن علمي ديني ۽ روحاني خدمتون وسارڻ جوڳيون ناهن. زماني جي گردش بارها سندن رستو روڪڻ جي ڪوشش ڪئي، مگر صبر و استقلال نهايت اخلاص ۽ للاهيت سان قال الله و قال الرسول جي عظيم فريضي جي ادائيگي ۾ مصروف رهيو. جامعه جي تعليم و توسيع ۾ هميشہ مشاورت ڪندا هئا. سندن بي لوث خدمت ۽ اڻ ٿڪ ڪوشش ذريعي جامعہ راشديہ ڏينهون ڏينهن ترقي جون منزلون ماڻيندي وڌي وڻ ٿيو.

الله تعاليٰ کين جامعہ راشديہ درگاھ شريف ۽ جماعت لاءِ ڪيل خدمتن تي جزاءِ خير عطا فرمائي، جنت ۾ اعليٰ مقام عطا فرمائي.

# فخرُ مفتيانِ سنڌ

# حضرت علامہ مفتي محمد رحيم سِڪندَري

علي اڪبر راهمون سڪندري

صدر مدرس جامعة المجدد ، عمرڪوٽ

سلطانُ العلماء،زبدةُ الفضلاء،صدرُ المدرسين، شيخُ الحديث والتفسير علامہ مفتي محمد رحيم سِڪندَري رحمہُ الله تعالي ورفع درجاتہ سندن شخصيت سنڌ جي اهلِ سنت جي عالمن ۽ مفتين جي صفِ اول ۾ چوڏهين جي چنڊ وانگر درخشنده ۽ تابنده نظر اچي ٿي.

پاڻ هڪ ئي وقت ۾ جيد عالم، فاضل، خطيب، اديب، اعليٰ درجي جا مصنف، محقق، مؤلف، مقاله نويس، فقيہ، مدرسِ اعلي، حافظُ القرآن، منتظم، ۽ مُهتممي جي اعليٰ صلاحيتن جا جامع هئا. علم، حلم، ۽ عمل جي جهلڪ سندن گفتار ۽ رفتار ٻنهي ۾ نمايان هئي.

بيشڪ، اسلام سان سندن محبت حدِ عشق تائين پهتل هئي، ۽ عشقِ رسول ﷺ ۾ اهڙي سرشاريءَ تائين فاني ٿي ويا هئا جو سندن هر ساهہ، سنتِ مصطفيٰ ﷺ جي خوشبوءِ سان معطر لڳندو هو. پاڻ پنهنجي مرشدِ ڪامل جي هدايتن تي عاملِ ڪامل هئا، ۽ سندن حڪم تي قربان ٿيڻ لاءِ هر لحظي تيار رهندا هئا. انهيءَ خلوص ۽ وفاداريءَ جي ڪري سندن مرشدِ گراميءَ جو ڪين خاص قرب ۽ راز نصيب ٿيو.

درگاهہ جي ديني درسگاهہ جامعہ راشديہ جي سنڀال، جامع مسجد جي امامت ۽ خطابت، پنهنجي مرشدِ پاڳاري جي خلافتِ عاليه جو شرف ڪين پڻ عطا ٿيو. پاڻ علمي تدريس سان گڏ، مريدن، فقيرن ۽ طالبن جي روحاني تربيت ۽ ديني رهنمائيءَ جو فريضو بہ نهايت خلوص ۽ ڪمال سان نڀايو.

جڏهن بہ سنڌ جي ديني، علمي ۽ فقهي تاريخ لکي ويندي، تڏهن اها تاريخ مفتي محمد رحيم سِڪندَري رحمہُ الله جي علمي، فقهي ۽ روحاني خدمتن جي ذڪر بغير نامڪمل ۽ نامڪمل رهندي. اهڙي همه گير ۽ جامع شخصيت، جن جا شاگرد هزارن جي تعداد ۾ آهن، ۽ جن جون علمي خدمتون نصف صديءَ ڪان

وڏيڪ عرصي تي مشتمل آهن. سندن ذڪر کان خالي تاريخ گويا روح کان خالي جسم جهڙي هوندي.

جيڪو مؤرخ اهڙي شخصيت جي خدمتن جو اعتراف نہ ڪري، سو دراصل پنهنجي ئي قلم سان تاريخي بدديانتيءَ جو ارتڪاب ڪري ٿو.پر استاد سائين مفتي محمد رحيم سِڪندَري رحمہُ اللّٰہ جي علمي خوشبوءِ ايتري تہ مهڪندڙ آهي، جو اها وقت جي هوائن سان بہ نہ مٽجي سگهندي. بلڪ هر نئين نسل جي دلين ۾ علم، اخلاص۽ عشقِ رسول ﷺ جو شعلو پڙڪائيندي رهندي.

قبلہ سائين مفتي محمد رحيم ، سنڌ جي عالمن ۽ مفتين جي صفِ اول ۾ هڪ جيد، عالم،فاضل۽ ممتاز حيثيت رکندڙ شخصيت هئا. سندن علمي، ديني ۽ روحاني وابستگي مڪمل طور تي درگاهہ عاليہ حضرت روضي ڌڻي رحمہُ اللّٰہ عليہ سان منسلڪ رهي. پاڻ تقريباً نصف صدي تائين ان درگاهہ جي سايي هيٺ ”قالَ اللّٰہُ وقالَ الرسول ﷺ“ جي تعليم ۽ تبليغ جو فريضو سرانجام ڏيندا رهيا ، ۽ هزارين طالب علمن، مريدن ۽ فقيرن کي ديني ۽ روحاني تربيت عطا فرمائيندا رهيا.

**علمي ۽ تربيتي سفر:** پاڻ جامعہ راشديہ مان ئي ابتدائي ۽ اعليٰ ديني تعليم حاصل ڪري، دستارِ فضيلت سان نوازيا ويا ، ۽ پوءِ انهيءَ ئي جامعہ ۾ منتظمِ اعليٰ، مُهتمم ۽ صدر المدرسين طور خدمتون سرانجام ڏنيون. ان سان گڏ، سڄي سنڌ ۾ ديني علم جي واڌاري ۽ تبليغ لاءِ پاڻ ساري حياتي سرگرم ۽ وقفِ علم و عمل رهيا.

استادِ نظاماڻي جي ورتل هڪ انٽرويو ۾ قبلہ سائين مرحوم پنهنجي زندگيءَ جي علمي سفر بابت فرمايو:

”الحمدُ للّٰہ، زندگيءَ جو شعور ۽ سمجهہ وارو هر دور حضرت روضي ڌڻي رحمہُ اللّٰہ عليہ جي ڇانوَ ۾ گذريو. لڳ ڀڳ سٺ سال پير سائين ڇٽ ڌڻي رحمہُ اللّٰہ جي شفقت ۽ رهنمائي هيٺ رهيس، جن مان ست سال (١٩٥٤ع کان ١٩٦١ع تائين) درگاهہ شريف جي مدرسي ۾ شاگرد طور پڙهيس. ١٩٦٢ع جي شروعات (۴ جنوري) تي دستار بندي ٿي، ۽ ان کان پوءِ شروعاتي ديني خدمتون نوابشاهہ جي جامع مسجد ۾ سرانجام ڏنم، جتي تقريباً چار پنج سال رهي امامت،

خطابت ۽ تدريس جا ڪم سنڀاليم. پوءِ منهنجي بدلي شهدادپور لڳ مدرسي صبغت الفيض سومر فقير ۾ ٿي، جتي تدريس سان گڏ خطابت ۽ امامت جو فريضو بہ ادا ڪيم. جڏهن استاذِ محترم مولوي محمد صالح مَهر رحمہُ اللہ جو وصال ٿيو، تڏهن پير سائين سردار جي حڪم سان درگاهہ شريف جي جامع مسجد جي امامت ۽ خطابت سان گڏ جامعہ راشديہ جي نظامت ۽ مهتممي جون ذميواريون منهنجي حوالي ڪيون ويون.“

**قبلا سائين مفتي صاحب مرحوم جا استاذ، مربي ۽ پهريان شيخ ا لجامعہ:** جامعہ راشديہ جا پهريان مهتمم ۽ ناظم استاذ العلماء و خادم الفقراء مولوي محمد صالح مَهر رحمہُ اللہ عليہ هئا، جيڪي تقريباً چوويهہ سال تائين جامعہ جو نظام سنڀاليندا رهيا ۽ درگاهہ شريف جي جامع مسجد جا پيش امام پڻ رهيا. پاڻ ديني تدريس سان بہ وابستہ رهيا ۽ قبلہ سائين مفتي محمد رحيم صاحب جا استاد، مربي ۽ رهنما هئا، تنهنڪري قبلہ سائين مرحوم جي دل ۾ سندن لاءِ بيحد ادب ۽ احترام موجود هو.

بيشڪ ڪامل ۽ اڪمل بزرگن جي بصيرت صرف عقل تي نہ، پر وجدان تي بہ ٻڌل هوندي آهي، تنهنڪري سندن ارشاد ڪڏهن خطا نٿو وڃي. استاذ العلماء مولوي محمد صالح مَهر رحمہُ اللہ ۾ اهي وجداني ۽ بصيرتي خوبيون بدرجہ اتم موجود هيون.

قبلہ سائين مفتي صاحب مرحوم پنهنجي هڪ مقالي ۾ انهيءَ حقيقت جو ذڪر ڪندي لکن ٿا:

”هڪ ڀيري پير سائين سردار، استاذنا مولوي محمد صالح رحمہُ اللہ کان پڇيو تہ: مولوي صاحب! پنهنجي پويان جامعہ جو نظام سنڀالڻ لاءِ ڪنهن کي تيار ڪيو اٿئي؟ پاڻ عرض ڪيو: قبلہ! فقير محمد رحيم کي تيار ڪيو اٿم.“

بيشڪ، انهيءَ روحاني سلسلي ۽ علمي ميراث جو تسلسل اڄ بہ جامعہ راشديہ جي علمي فضائن ۾ محسوس ٿئي ٿو. قبلہ سائين مفتي محمد رحيم سِڪندَري رحمہُ اللہ جي شخصيت علم، حلم، ۽ عشقِ رسول ﷺ جي اهڙي جوت هئي، جنهن مان ڪيترائي دلين جا چراغ روشن ٿيا ۽ ٿيندا رهندا.

**جامعہ راشديہ جو تعليمي اُڀار ۽ نظامت جو سنهري دور:** جامعہ راشديہ جي تاريخ

جو هڪ درخشنده باب استاذُالاساتذه، خادمُ الفقراءِ حضرت مولوي محمد صالح مَهر عليہِ الرحمة جي نظامت ۽ مهتمميءَ جي دور سان جُڙيل آهي. هن دور جو صحيح جائزو وٺڻ لاءِ ان وقت جي سماجي، تعليمي ۽ ديني حالتن جو پس منظر ڏسڻ ضروري آهي، جيڪو جامعہ راشديه جي تاريخ ( جامعہ راشديہ جا پنجاهہ سال) الراشد رسالي ۽ مختلف مقالن مان معلوم ڪري سگهجي ٿو.

مختصر طور ڏنو وڃي تہ قبلہ سائين مولوي محمد صالح رحمہُ اللّٰہ عليہ جي انقلابي جدوجهد ۽ خلوصِ دل سان ڪيل محنت جي نتيجي ۾ درگاهہ شريف جو مدرسو هڪ مقامي درسگاهہ مان ترقي ڪري سنڌ جي عظيم جامعات ۽ ديني ادارن مان هڪ نمايان جامعه بڻجي ويو.

سندن حسنِ انتظام، اخلاص ۽ عزم جي برڪت سان نہ فقط تعليمي ۽ تدريسي ميدان ۾ واڌارو ٿيو، پر تعميرات، نظامت ۽ تنظيم جا نوان باب بہ کوليا ويا. سنڌ ۽ پاڪستان جي ڪنڊ ڪڙڇ مان ماهرِ تعليم، فاضل مدرس ۽ اهلِ علم شخصيتون جامعہ سان وابستہ ٿيون، جن جي محنت ۽ علمي ذوق سان تدريس ۽ تحقيق جو معيار بلند تر ٿي ويو.

**علمي روايت ۽ تدريسي روح:** جامعہ راشديہ ۾ سنڌ جي قديم علمي روايت موجب حديث، تفسير ۽ فقه کي مرڪزي حيثيت حاصل رهي. درسِ نظامي جي بين علوم صرف، نحو، ادب، بلاغت، منطق ۽ فلسفي کي بہ نصاب جو جزو بڻايو ويو.

انهيءَ دور ۾ سنڌ جي نامور فاضل، مفتي صاحبداد خان جمالي عليہِ الرحمة (جن کي مفتيِ اعظم سنڌ جو لقب حاصل هو) کي ڪراچي جي تاريخي درسگاهہ سنڌ مدرسہ الاسلام مان خصوصي طور جامعہ راشديه ۾ صدر المدرس مقرر ڪيو ويو. سندن علمي تجربي ۽ تدريسي قابليت جي نتيجي ۾ جامعہ راشديه مان جيد علما، فاضل محقق ۽ مستند ناليوارا مفتيانِ ڪرام پيدا ٿيا، جن ۾ خاص طور تي:

مفتي محمد رحيم سِڪندَري رحمہُ اللّٰہ،

مفتي عبد الرحيم سِڪندَري رحمہُ اللّٰہ،

مفتي در محمد سِڪندَري رحمہُ اللّٰہ،

۽ ٻيا ڪيترائي علم و فضل جا آفتاب شامل آهن.

جن تي سنڌ جي علمي تاريخ صدين تائين فخر ڪندي رهندي.

**علمي تربيت جا سرچشما:** قبلہ سائين مفتي محمد رحيم سِڪندَري رحمہُ اللہ ڪي پنهنجي علمي زندگيءَ ۾ ڪيترن ئي جليل القدر استادن جي صحبت ۽ تربيت حاصل ڪرڻ جو شرف حاصل ٿيو. پاڻ مفتيِ اعظم سنڌ جهڙي مدبرِ ملت جي صحبت مان فيض ياب ٿيا۽ سنڌ جي معروف استاذ مخدوم امير احمد پرنسيپال سنڌ اورينٽل ڪاليج حيدراباد جي شفقت ۽ رهنمائيءَ مان بہ گهرو اثر ورتائون، جنهن سان فتويٰ نويسي، تحقيق، مضمون نويسي ۽ تصنيف نگاريءَ ۾ مهارت حاصل ڪيائون.

**حديثِ نبوي جي خدمت جو سنهري سلسلو:** حديثِ نبوي جي تدريس ۾ قبلہ سائين مرحوم جا استاد شيخُ الحديث حضرت تقدس علي خان رحمہُ اللہ عليہ هئا، جيڪي اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان بريلوي رحمہُ اللہ عليہ جا نيڪ بخت نواسہ هئا. حضرت تقدس علي خان رحمہُ اللہ عليہ، بريلوي شريف جي مدرسہ مان تعليم مڪمل ڪري، تقسيمِ هند و پاڪ دوران هجرت ڪري پاڪستان ۾ مستقل طور سڪونت اختيار ڪئي. جامعہ راشديہ جي مهتمم حضرت مولوي محمد صالح رحمہُ اللہ کين ڪراچي مان سڏي، شيخُ الحديث مقرر فرمايو، جتي پاڻ تا حيات حديث جي خدمت لاءِ وقفِ علم و عمل رهيا.

**قبلا سائين مرحوم جي ٻين فاضل استادن جي ياد:** قبلہ سائين مفتي محمد رحيم سِڪندَري جا ٻيا نامور استاد پڻ علم و فضل جا روشن مينار هئا، جن ۾:

علامہ سيد امام اختر عليہِ الرحمة (امامُ المعقول والمنقول)،

مولانا ڪريم بخش دايو عليہِ الرحمة،

مولانا عبدالصمد ميتلو عليہِ الرحمة شامل آهن.

اهي سڀ اعليٰ درجي جا فاضل، مدرّس ۽ محقق هئا، جن جي تربيت سان قبلہ سائين جو علمي ذوق ۽ فڪري عمق نروار ٿيو.

بيشڪ، استاذُالاساتذہ مولوي محمد صالح مَهر رحمہُ اللہ عليہ جو دور جامعہ راشديہ جي تاريخ ۾ ديني علمي تحريڪ جي نئين سر تعمير ۽ فڪري تجديد جو دور هو. انهن جي محنت ۽ شاگردن جي لگن سان اها درسگاهہ، جيڪا ڪڏهن

درگاهه شريف جي هڪ مدرسي جي صورت ۾ هئي، هزارين عالمن، فاضلن ۽ مفتين جي علمي تربيت گاهه بڻجي وئي.

هن روايت کي قبلا سائين مفتي صاحب مرحوم پنهنجي مهتممي جي دور ۾ اوج تي پهچائي ڇڏيو

اڄ بہ ان روايت کي جامعہ راشديہ جا موجوده مهتمم اعليٰ جناب مولانا دوست علي سڪندري مدظلہ ساڳئي علمي ذوق شوق سان جاري رکيو اچن، قبلا سائين مفتي صاحب مرحوم پنهنجي استاذ مرحوم جي روايت کي قائم رکندي سندن لائق فائق تلميذ رشيد مولانا دوست علي سڪندري جو نالو جامعہ جي مهتمم اعليٰ طور پاڻ تجويز ڪري پير سائين سردار کي موڪليو، پير سائين سردار فوري حڪمنامو جاري ڪري مولانا دوست علي کي جامعہ جو مهتمم اعليٰ ۽ جامع مسجد جو امام ۽ خطيب مقرر فرمايو، دعا آهي تہ الله تعالي کيس استاذنا مولوي محمد صالح مرحوم ۽ قبلا سائين مفتي صاحب مرحوم جي علمي ۽ روحاني ورثي جو امين بڻائي، ۽ جامعہ کي سندس نظامت جي دوران اڳ کان وڌيڪ رونق ۽ برڪت عطا فرمائي.

**جامعہ راشديہ ۾ مهتمم طور تقرري:** جامعہ راشديہ جي مهتمِم اوّل جي وصال کان پوءِ، قبلا سائين مفتي صاحب مرحوم کي سڏايو ويو ۽ سندن سپرد جامعه جي نظام جون ذميداريون ڪيون ويون. ان بابت پاڻ سائين پنهنجي قلم سان نهايت اخلاص سان هيءُ احوال قلمبند ڪيو:

”استاذِ محترم، مرحوم محمد صالح عليه الرحمه جو وصال سن ١٩٧٦ع ۾ ٿيو. ان موقعي تي مون کي پير سائين ڇٽ ڌڻي عليه الرحمه جي خدمت ۾ فوري طور حاضري جو حڪم مليو. پير سائين سردار جن نهايت شفقت سان فرمايو:

”مفتي صاحب! مولوي محمد صالح مرحوم جن صدقِ دل ۽ خلوصِ نيت سان خدمتون سرانجام ڏيندي رباني راهه اختيار ڪئي آهي، تنهنڪري اسان کي توهان کان اميد آهي تہ توهان نہ فقط جامعه جو نظام بهترين نموني سان سنڀاليندؤ پر تعليم جي معيار کي بہ نون اوچائن تائين پهچائيندؤ.“

ان ملاقات ۾ پير سائين سردار جن مفتي صاحب کي درگاهه شريف جي جامع مسجد جي امامت ۽ درسگاهه جي نظامت سان گڏ جماعت جي لنگرخاني

جي انتظامي ڪميٽي سان معاونت جو بہ حڪم فرمايو. جنهن اڳتي هلي جماعتي خدمت جي مسلسل ۽ مستقل شڪل اختيار ڪئي، درگاھ شريف جي هڪڙي چوڪي جي خلافت عاليه جو بار بہ سندن ڪلهن تي رکيو ويو، جيڪو پاڻ آخر تائين خير خوبيءَ سان نڀايو، هن وقت قبلا سائين مرحوم جي جاءِ تي سندن فرزند ارجمند محترم محمد اڪرم خليفو صاحب باحسن طريقي جماعت جون خدمتون سر انجام ڏيئي رهيو آهي.

پهرين ملاقات جي وقت، پير سائين جن هڪ پيو روحاني اشارو بہ ڏنو تہ خانقاهي مشائخن جي تعليمات ۽ تصنيفات ڪي ڇپائيءَ ذريعي عام ڪيو وڃي، جيئن علم ۽ فڪر جو نور دور دور تائين ڦهلجي.

قبلا سائين مفتي صاحب مرحوم لکن ٿا تہ:

"پير سائين سردار جو ڌيان هميشہ تعليم جي معيار تي مرڪوز هوندو هو. پاڻ بار بار فرمائيندا هئا تہ تعليمي معيار جي معاملي ۾ مصلحت ۽ نرمي سان ڪم وٺڻ ڪنهن بہ قيمت تي قبول نہ ٿيندو؛ ڇو تہ علم جي ميدان ۾ غفلت حقيقت ۾ علم سان عداوت آهي."

مفتي صاحب مرحوم پنهنجي هڪ مقالي ۾ وڌيڪ لکن ٿا:

"پير سائين ڇٽ ڌڻي عليه الرحمه ۽ مرحوم ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، ٻنهي بزرگن جو زور سدائين معيارِ تعليم ۽ ميرٽ جي حوالي سان غير معمولي هوندو هو. ڊاڪٽر صاحب مرحوم سان منهنجي وقت بوقت مشاورت جاري رهندي هئي، جنهن ۾ درسگاھ جي علمي ڪارڪردگي، اشاعتي ڪم جي رفتار ۽ علمي نظام کي وڌيڪ موثر بڻائڻ تي ڳالهيون ٿينديون هيون. بيشڪ علم تڏهن ئي بارآور ٿئي ٿو جڏهن اهو عالمن ۽ دانشورن جي رهنمائيءَ هيٺ ڦلي ڦولي ٿو."

اهڙيءَ ريت، قبلا سائين مفتي صاحب مرحوم نہ فقط هڪ منتظم ۽ مربي طور پنهنجا فرائض سرانجام ڏنا، پر علم، اخلاص ۽ روحانيت کي گڏ ڪري جامعہ راشديہ کي فڪر ۽ عمل جو هڪ روشن مثال بڻائي ڇڏيو.

**تعليمي معيار وڌائڻ جون ڪوششون:** جڏهن مرحوم قبلہ سائين مفتي صاحب جامعہ راشديہ جون انتظامي واڳون سنڀاليون، تڏهن ادارو ڪيترن ئي حوالن سان

هڪ نئين دور ۾ داخل ٿي رهيو هو. جامعه جا بزرگ استاد يا تہ رُوحاني سفر اختيار ڪري چڪا هئا يا جسماني ڪمزورين سبب اڳئين وانگر تدريس نٿي ڪري سگهيا. اهڙي حالت ۾ جامعہ جي انتظام، تدريس ۽ تعليمي معيار کي بهتر بنائڻ، هڪ وڏي ۽ نازڪ ذميواري مرحوم سائين جي سامهون هئي.

قبلہ سائين علمي بصيرت ۽ انتظامي تدبر سان محسوس ڪيو تہ وقت جو تقاضو آهي تہ هڪ نئين، علم دوست ۽ فعال استادن جي ٽيم تيار ڪئي وڃي. ان مقصد لاءِ پاڻ فڪر ۽ عمل ٻنهي ۾ سرگردان رهيا. باوجود پنهنجي گوناگون مصروفيتن تصنيف و تاليف، اشاعتي ڪم، دارالافتاء جي خدمتن ۽ جماعت جي لنگرخاني جي نگرانيءَ جي پاڻ درس نظامي جي ڪتابن جي تدريس لاءِ بہ وقت ڪڍندا رهيا. علم سان وابستگي ۽ تدريس سان شغف، سندن شخصيت جو لازمي حصو هو.

سن ١٩٨٣ع ۾ قبلہ سائين مفتي صاحب جي دعوت تي، معقولات ۽ منقولات جي تدريس لاءِ مولانا منظور احمد سعيدي مد ظله العالي کي ظاهر پير (رحيم يار خان، پنجاب) مان سڏايو ويو. ۽ سندن تقرري جامعہ راشديہ جي علمي تاريخ ۾ هڪ نئون باب بڻجي وئي.

اُن ئي سال هيءُ عاجز بہ، ادنيٰ طالب علم جي حيثيت سان، صبغت الاسلام سانگهڙ کان آخري سال جا باقي ڪتاب مڪمل ڪرڻ لاءِ جامعہ ۾ داخل ٿيو.

”حديث شريف جا جليل القدر ڪتاب مون پنهنجي مهربان استادن مان، قبلہ سائين شيخُ الجامعه دامت برڪاتہُ جي باڪمال رفاقت ۽ روحاني فيض جي ماحول ۾ پڙهيا، جڏهن تہ معقولات جا علمي ڪتاب مون قبلہ سائين منظور احمد سعيدي مد ظلّه العالي جي زير تربيت پڙهڻ جو شرف حاصل ڪيو.“

قبلہ استاذِمحترم مفتي صاحب مرحوم، باوجود پنهنجي بيپناه مصروفيتن جي، علم سان وابستگيءَ جو ايترو ذوق رکندا هئا جو روزانو وقت ڪڍي، گهٽ ۾ گهٽ هڪ سبق ضرور پڙهائيندا هئا. سندن هيءَ پابندي، اخلاص ۽ علمي شوق اسان شاگردن لاءِ نہ فقط علمي استقامت جو نمونو بڻجي ويو، پر زندگيءَ جو سرمايو بہ ثابت ٿيو.

جامعہ ۾ صرف ۽ نحو جا ابتدائي ڪتاب هڪ مشاق ۽ قابل استاد، مولانا

عبد الخالق عليه الرحمة پڙهائيندا هئا؛ جڏهن تہ حفظ ۽ قراءت جو شعبو قاري القراء محمد حنيف عليه الرحمة جي محنت ۽ لگن سان اوج تي پهتل هو. ناظره قرآن مجيد محترم حافظ ثناءُ الله مد ظله العالي جي نگرانيءَ هيٺ پڙهايو ويندو هو.

تعليمي نظام جو ضابطو نهايت منظم هو: ٽہ ماهي ۽ شش ماهي امتحان باقاعدگيءَ سان ورتا ويندا هئا، ۽ هر شعبو پنهنجي پنهنجي معيار مطابق ڪاميابيءَ لاءِ ڪوشان هوندو هو. اعليٰ نمبرن ۾ ڪامياب ٿيندڙ شاگردن کي انعامن سان نوازيو ويندو هو، تہ جيئن انهن جي حوصلا افزائي ٿئي.

ان ئي سال هن ادنيٰ طالب علم کي پڻ اوّل انعام سان نوازيو ويو. انعام طور ”ملفوظات شريف روضي ڌڻي ﷫ “ جو ڪتاب قبلہ سائين شيخُ الحديث استاذ الاساتذه و العلماءُ تقدس علي خان بريلوي مرحوم جي هٿان عطا ٿيو. ان ڪتاب جي سرورق تي قبلہ سائين مولانا منظور احمد سعيدي مد ظله جا يادگار دستخط اڄ بہ منهنجي ننڍڙي لائبريري جي زينت بڻيل آهن.

ٻئي سال جي شروعات ۾، مهربان استادن، خاص طور قبلہ سائين مفتي صاحب عليه الرحمة ۽ قبلہ سائين شيخ الحديث جي مشاورت سان، هن عاجز تي ڪمال شفقت فرمائي تدريسِ درسِ نظاميءَ جي مسند تي ويهاريو ويو. جامعہ جي استادن جي صف ۾ شموليت هڪ سال تائين حاصل رهي، جيڪا منهنجي زندگيءَ جي سڀ کان قيمتي سعادت آهي.

هيءَ سعادت نہ فقط منهنجي لاءِ اعزاز آهي، پر اها حقيقت ۾ ان روحاني تسلسل جو حصو آهي، جنهن ۾ علم، اخلاص ۽ خدمت جو ناتو هڪ ئي رڳ مان وهي ٿو.

قبلا سائين مفتي صاحب مرحوم جي دورِ تدريس ۽ اهتمام ۾ جامعہ راشديہ علم، عمل ۽ تربيت جو اهڙو گلستان بڻجي ويو، جتي علم جي خوشبو هر ڪنڊ ڪڙڇ ۾ محسوس ٿي. سندن حسنِ انتظام، تعليمي حڪمت عملي ۽ اصلاحي جدوجهد جا نتيجا هئا جو سوين هزارين حافظ، قاري، امام، معلم، مدرس، مفتي، خطيب ۽ محقق پيدا ٿيا، جن سنڌ جي هرهر شهر ۽ ڳوٺ ۾ علم جا چراغ روشن ڪيا، ۽ اڄ بہ دينِ اسلام جي خدمت ۾ مصروفِ عمل آهن.

**علمي، ادبي ۽ اشاعتي خدمتون:** قبلا مفتي صاحب مرحوم کي پنهنجي مرشد سان تعظيم، عقيدت ۽ فدائيت جو اهڙو روحاني لاڳاپو حاصل هو، جيڪو اخلاص ۽ خدمت جي اعليٰ مثال بڻجي ويو. تقرري جي پهرين ڏينهن کان وٺي پاڻ پنهنجي مرشد جي ڏنل ذميواري ـ خانقاه عاليہ جي مشائخن جي تعليمات ۽ تصنيفات جي اشاعت ـ کي نہ صرف ايمانداريءَ سان نڀايو، پر ان ڪم ۾ عمر جا قيمتي لمحات بہ وقف ڪيا.

ساڳئي وقت، پاڻ قلمي ذوق ۽ فڪري استعداد رکندڙ شاگردن جي تربيت بہ جاري رکي، جنهن جي نتيجي ۾ ڪيترائي اهلِ علم ۽ اهلِ قلم عالم پيدا ٿيا، جيڪي ادارت، صحافت، تصنيف، تحقيق، مضمون نگاري ۽ مقالي نويسيءَ جي ميدان ۾ پنهنجي علمي بصيرت جا نقش ڇڏي ويا.

**تصنيفي خدمتون ۽ علمي ورثو:** قبلا سائين مرحوم جون علمي، ادبي ۽ اشاعتي خدمتون ڪتابن، رسالن ۽ مقالن جي صورت ۾ هڪ روشن ورثو آهن. انهن ۾ نمايان هي آهن:

١. **ڪنز الايمان جو سنڌي ترجمو** ـ اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان بريلوي اردو ترجمي قرآنِ مجيد کي سنڌي ٻوليءَ ۾ منتقل ڪري، سنڌي مسلمانن لاءِ فهمِ قرآن جا نوان در کولڻ.

٢. خزانة المعرفة ـ پير سائين تجر ڌڻي جي ملفوظات جو نفيس مجموعو.

٣. **اصغر سائين جو ڪلام** ـ پير سائين بنگلي ڌڻي جي شاعريءَ جو مرتب ڪيل ديوان.

٤. **ديوانِ مسڪين** ـ پير سائين تخت ڌڻي جي روحانيت سان ڀرپور شاعريءَ جو مجموعو.

٥. **الحزب الاعظم** ـ حضرت ملا علي قاري رضي الله عنه جي دعائن جو سنڌي ترجمو، دلائل خيرات سان گڏ.

٦. **الزبدة شرح قصيده برده** ـ عشقِ رسول ﷺ جي فني ۽ علمي تشريح سان ڀرپور شرح.

٧. **رحمت ۽ برڪت جو پيغام** ـ پير سائين ڇٽ ڌڻي جي خطابن جو علمي ۽ روحاني خلاصو.

**٨. جمع الجوامع** – پير سائين سيد محمد راشد (روضي ڌڻي) جي لکيل فارسي لغت.

**٩. جامعہ راشديہ جا پنجاهہ سال** – ادارتي تاريخ، تعليمي ارتقا ۽ خدمتِ دين جو جامع احوال.

انهن تصنيفات کان علاوه قبلا سائين مرحوم جا ڪيترائي مقالا، تحريرون، مهاڳ ۽ تقريظون مختلف رسالن ۽ اخبارن ۾ ڇپجي چڪيون آهن، جيڪي علمي دنيا ۾ سندن فڪري بصيرت ۽ ادبي ذوق جا شاهد آهن.

**حاصلِ ڪلام:** قبلا سائين مفتي صاحب مرحوم علم، عمل، ۽ اخلاص جو نادر مجموعو هئا، جنهن پنهنجي تدريس، انتظام، ۽ تصنيفي ڪوششن سان سنڌ جي علمي ۽ روحاني فضا کي اجاريو. سندن شخصيت نہ رڳو هڪ عالمِ رباني، پر هڪ مربي، مدبر، ۽ فڪرِ اسلامي جي خادم طور ياد رهندي.

سندن ڪوششن جو ميوو اڄ بہ انهن شاگردن، مؤلفن، ۽ مبلّغن جي صورت ۾ زنده آهي، جيڪي سنڌ جي ڪند ڪڙڇ ۾ دين جا چراغ روشن پيا ڪن.

قبلا سائين مفتي صاحب مرحوم نہ فقط عالمِ باعمل، پر اڪابرِ ۽ رباني عالمن جي آخري نشاني هئا. سندن علم، حلم، اخلاص، تدبر ۽ انتظامي بصيرت هڪ مڪمل عالمِ ربانيءَ جو مرقع هئي. اهڙا اڪابر ماڻهو تاريخ ۾ ڪڏهن ڪڏهن پيدا ٿيندا آهن، جيڪي پنهنجي علم، عمل ۽ اخلاص سان نسلن جي فڪر کي روشن ڪري ويندا آهن.

سندن زندگي علم جي خدمت، روحانيت جي اشاعت ۽ انسان جي اصلاح لاءِ وقف هئي، ۽ اها ئي سندن زندگيءَ جي اصل ڪاميابي آهي. بيشڪ، قبلا سائين مفتي صاحب مرحوم جا علمي آثار ۽ روحاني يادون هميشہ سنڌ جي علمي فضا کي معطر رکنديون.

# عباتگذار عالم

**مولانا مولابخش مهر سڪندري**

**صبغة العرفان ، دولو فقير، ڏهرڪي**

الله تعاليٰ جي پاڪ نالي سان. جنهن ڪُل ڪائنات کي ڪُن سان پيدا ڪري وُجود ۾ آندو. صلوٰتون ۽ سلام ان محبوب آخري نبي تي جنهن کان بعد ڪو به نبي اچڻو ڪونهي. آخري نبي جي امت جا اخيار ٻانها جنهن جو سلسلو امام مهدي تائين جاري ساري رهندو انهن چونڊيل ٻانهن مان اِنَّمَا يَخْشَى اللهَ مِنْ عِبَادِهِ الْعُلَمَاءُ. الله ان سندس ٻانهن مان اهي ئي ڊڄندا آهن جيڪي علم وارا آهن.

اها ئي جماعت آهي جنهن کي سڀ کان زياده خدا جو خوف آهي. هن مان منهنجي مراد استاذ العلماء شيخ الحديث والتفسير حضرت علامہ مفتي محمد رحيم سڪندري نَوَّرَاللهُ مرقدَہ جن آهن جيڪي درگاهہ شريف حضرت پير سائين پاڳاره دامت فيوضهم جي مدرسي جامعہ راشديه جا مهتمم ۽ جامع مسجد جا خطيب پڻ هئا. جنهن جي متعلق مضمون لکڻ لاءِ محترم جناب علامہ مفتي دوست علي سڪندري صاحب هن ناچيز ڪم علم ٻهراڙيءَ جي زندگي گذارڻ وارو جنهن وٽ نہ ادب، نہ الفاظ، فقط حڪم جي تعميل ڪندي لکڻ شروع ڪيم. شال هي اکر سائين مفتي صاحب نَوَّرَاللهُ مَرقدَہ جي شان ۾ لکندي مون سان ڀلائي ٿي پوي.

حضرت سائين مفتي صاحب عليہ الرحمة ڪامل ولي امام العارفين حضرت سيد محمد راشد روزي ڌڻي قدس سره العزيز جي نسبت سان مربوط آهن، جن فرمايو تہ جيڪو نئون مريد ٿيڻ جي ارادي سان اسانجي حضور ۾ اچي ٿو تہ اسان پهريان درگاهہ الاهي مان ان جي بخشش حاصل ڪري تنهن کان پوءِ ان سلسلہ عاليہ ۾ داخل ڪريون ٿا.( ملفوظات شريف ص۹۲)

هي تہ اهڙو ڪامل مريد جنهن جي مقام مرتبي جي کهڙي ڳالهہ ڪجي جنهن پنهنجي سموري زندگي قال الله و قال الرسول ۾ گذاري جنهن جي شخصيت ڪنهن تعارف جي محتاج نہ آهي. جامعہ راشديه جي سابق مهتمم

استاد محمد صالح رحمة الله عليه کان پوءِ جامعه جي تعليم ۽ تدريس کي باقاعده منظم طريقي هلايو ۽ هر طرح جي بهتري آندي. جامعہ جي برانچن ۾ بہ تعليمي معيار کي وڌايو ويو. سائين پاڻ برانچن ۾ وڃي شاگردن ۽ استادن جا حوصلا شاگردن جي امتحان دوران بلند ڪيا حفظ جي ڪلاسن ۾ خصوصي طور قرآن شريف ٻڌي خوش ٿيندا هئا. ڪُند ذهن شاگردن کي نااميد نہ ڪندا هئا اها سندن خصوصي صفت هئي جو پاڻ کان وڏ ڪنهن عالم تي حسد نہ ڪيائون ۽ پاڻ کان گهٽ علم واري کي حقير نہ سمجهندا هئا. اهڙن رباني عالمن لاءِ حضرت ابن عمر رضي الله تعالىٰ عنهما جو فرمان مبارڪ:

لَا يَكُونُ الرَّجُلُ عَالِمًا حَتّٰى لَا يَحْسُدُ مَنْ فَوْقَهُ وَلَا يَحْقِرُ مَنْ دُونَهُ وَلَا يَبْتَغِي بِعِلْمِهِ ثَمَنًا (سنن الدارمي)

يعني حقيقي عالم جو شان اهو آهي تہ پاڻ کان وڏيڪ علم واري تي حسد نہ ڪري پاڻ کان گهٽ علم واري کي گهٽ نہ سمجهي ۽ پنهنجي علم کي ناڻي خاطر استعمال نہ ڪري. هن دور اهي خوبيون صرف رباني علماء ڪرام ۾ سمايل آهن سائين مفتي صاحب پاڻ اهڙين سمورين خوبين جا مصداق هئا ، جنهن مدرسہ جامعہ راشديہ مان ڪيترن ئي عالمن کي پيدا ڪيو.

**عالمن جو مقام:** حضرت عبدالله بن ربيعہ فرمائن ٿا

قال سلمان لَايَزالُ النَّاسُ بِخَيرٍ ما بَقِيَ الاَوّلُ حَتّٰى يَتعلمُ الاٰخَرُ فَاِذَا هَلَكَ الاَوّلُ قَبلَ أَن يَّتعلَّمَ الاٰخَرُ هَلَكَ النَّاسُ (سنن الدارمي)

سلمان فرمايو تہ ماڻهو تيستائين ڀلائي تي رهندا جيستائين اڳيون (پهريون) عالم موجود آهي ايستائين جو پاڻ کان پوءِ ڪو ماڻهو تيار ڪري وڃي جڏهن پهريون ماڻهو ٻئي کي تيار ڪرڻ کان بغير مري ويو تہ ماڻهو هلاڪت ۾ پئجي ويندا. الله تعالىٰ سندس قبر شريف تي ڪروڙين رحمتون فرمائي جنهن سون جي تعداد ۾ عالم ۽ فاضل ۽ هزارن جي تعداد ۾ حفاظ ڪرام ۽ قُراء سگهورا پيدا ڪيا حق جو ڪلمو چوندي ڪڏهن بہ ڪين ڪيٻائيندا هئا ۽ اهو محسوس ڪون ڪندا هئا تہ سامهون هستي ڪيتري طاقتور آهي غير شرعي ڪم ۽ جيڪو الله تبارڪ وتعالىٰ جي نافرماني جو سبب بڻجي ان کان سختي سان روڪيندا هئا صرف قرآن شريف جي طرف رغبت ڏياريندا هئا.

فقيہ عالم سيدنا مولاءِ ڪائنات علیٰ المرتضیٰ ڪرم الله وجهہ جو فرمان مبارڪ سندن زندگي تي پورو اچي ٿو. جيڪو هڪ فقيہ جو تعارف ڪندي فرمائن ٿا إِنَّ الفقِيه حَقَّ الفقيه مَن لَّم يقنطِ النَّاسَ مِن رَّحمةِ اللهِ وَلم يُرَخِّص لَهُمْ فِي مَعاصِي اللهِ تعالیٰ وَلَم يُؤمِنهُم مِن عَذَابِ اللهِ تعالیٰ ولَم يَدعُ القُرآن رَغبةً اِلیٰ غَيرِهِ. يعني صحيح معنیٰ ۾ فقيہ اهو عالم آهي جو ماڻهن کي الله تعالیٰ جي رحمت مان مايوس نہ ڪري ۽ الله تعالیٰ جي نافرماني تي انکي ڇڙواڳ نہ ڇڏي الله تعالیٰ جي عذاب کان بي خوف نہ ڪري ۽ قرآن شريف ڪانسواءِ ٻي شئي ڏي لاڙو نہ ڪري پڻ فرمايائون تہ

اَنَّهُ لَاخَيرَ فِي عِبَادةٍ لَاعِلم فِيهَا وَلَاعِلم لَافِقهَ فِيهِ وَلَا قِرأَةَ لا تَدبُّر فِيهِا.

يعني بناعلم جي عبادت ۾ ڪو خير نہ آهي ۽ بنا فقه جي علم ۾ ڀلائي نہ آهي ۽ بنا تدبر جي قرأت(قرآن پاڪ پڙهڻ) ۾ خير نہ آهي. حضرت سعد بن إبراهيم کان ڪنهن پڇيو تہ مَن اَفقَهُ اَهلِ المَدِينَةِ ؟ يعني مديني شريف ۾ سيني کان وڏو ڪير آهي؟ فرمايائون تہ اَتقَاهُم لِرَبِّهِ يعني جيڪو سڀ زياده پنهنجي رب کان ڊڄڻ وارو هجي.

**خوف خدا:** سائين مفتي صاحب جن ۾ الله تعالیٰ جي خوف و خشيت واري ڪيفيت سندن جبلت ۾ سمايل هئي هر دعا ۾ ڪائنن ڳوڙها وهي هلندا هئا ڪڏهن قصيده برده شريف پڙهڻ کان پوءِ دعا ۾ تہ ڪڏهن رات جي پوئين حصي ۾ روئندي ڏٺوسين. اهڙا اکين ڏٺا ڪيترائي واقعا ياد آهن هن فقير سفر ۽ حضر ۾ معمولات کي ڏٺو رات جو ستل هئا هي فقير بہ گڏ هو اڌ رات جو اٿي نماز تهجد ۾ روئندا هئا عالم صرف اهو آهي جيڪو الله تعالیٰ کان ڊڄي.

مجاهد رضي الله عنه فرمايو اِنمَا العَالِمُ مَن خَشِيَ اللهَ وَمَن لَم يَخشَ لَيس بِعالِم.

يعني جيڪو الله کان نٿو ڊڄي اهو عالم نہ آهي.

حضرت عبدالله بن مسعود رضي الله عنه فرمايو تہ لَيسَ العلمُ عَن كَثرةِ الحَدِيث وَلٰكِنَّ العِلم عَن كَثرةِ الخَشيةِ.

يعني صرف گهڻي حديث وارو عالم نہ چئبو، بلڪ خوف خدا گهڻو رکڻ وارو عالم هوندو آهي

علم چندان کہ بیشتر خوانی
چون عمل در تو نیست نادانی

حق ۽ سچ جو ڪلمو ظالم جي آڏو چوڻ کان بہ نہ ڊڄي.

**هر محفل علمي گفتگو سان سجايل:** ڏهرڪي شهر جي جامع مسجد ۾ حافظ محمد يونس سڪندري خطيب آهن اتي حضرت مفتي صاحب جن ڪي حافظ محمد يونس سڪندري جي دعوت هئي جتي مقامي سڪندري دوست جن ۾ مولانا شير محمد سڪندري، حافظ فاروق احمد سڪندري ۽ حافظ يار محمد وغيره موجود هئا طعام لڳي چڪو هو اتي ڪنهن ماڻهو بابت ذڪر هليو سائين جن فرمايو تہ محبوبن ڪريمن جو اهڙن ماڻهن لاءِ فرمان آهي تہ تَعس عَبدالدّراهم و عبد الدينار درهم ۽ دينار جو ماڻهو هلاڪ ٿيو، اتي هن فقير خوش طبعي وچان عرض ڪيو تَعس عبدُالزوجة يعني زال جو ٻانهو پاڻ فورا فرمايائون مولانا اهو ڪٿي آهي؟ مون تہ ڪون ڏٺو آهي مون چيو تہ سائين مون پڙهيو آهي پاڻ فرمايائون ڏسي ڳولي مونکي ضرور ٻڌائجو سائين جن جي وڃڻ ڪانپوءِ تشويش ٿي پئي حديث شريف ڳولڻ شروع ڪيم بفضل خدا جوينده پائنده مطابق حوالو ملي ويو مان حوالو ڳوليو تہ بخاري شريف ۾ ٻن جڳهن تي صرف متين لفظن ڪان اڳتي والعبد الخميصة اِن أعطى رضي وان لم يعط سخط إلى آخره موجود هو (بخاري شريف جلد اول ص ۴۰۴ ج ۲ ص ۹۵۲) .

الحمد لله اهو حوالو تعس عبدالزوجة بخاري شريف جي حوالي سان دون عبد الزوجة قوة القلوب ذڪر ٿيل آهي ٻي ڏينهن تي هن فقير حوالو عرض رکيو پاڻ گهڻو خوش ٿيا دعائون ڏيندي فرمايائون مولانا حديث شريف جي مطالعي ڪرڻ سان برڪتون حاصل ٿينديون، پاڻ دلائل الخيرات شريف تمام گهڻي پابندي سان پڙهندا هئا عشق ۽ محبت جي حد هوندي هئي دلائل الخيرات شريف ياد هوندي هين ۽ هر هڪ سڪندري کان دلائل الخيرات شريف پڙهڻ

بابت معلومات وٺندا هئا ۽ اجازت بہ مرحمت فرمائيندا هئا هڪ دفعو راقم الحروف کان پڇا فرمايائون مولانا دلائل الخيرات پڙهندا آهيو ؟ مون عرض ڪيو جي سائين فرمايائون اجازت ڪنهن کان ورتئو مون عرض ڪيو حضرت پير سائين چٽ ڌڻي بادشاھ کان مون پنهنجي ڳوٺ واري ١٩٨٣ واري دعوت ۾ ان سان گڏوگڏ يٰس شريف جي پڙهڻ جي بہ اجازت مرحمت فرمايائون سائين ان ڏينهن کان پڙهندو آهيان دعا ڪيو تہ الله تعاليٰ هميشگي نصيب ڪري.

تازو علالت وارن ڏينهن ۾ سندن گهر طبع پرسي لاءِ پنهنجي وڏي پٽ مولانا فياض احمد سڪندري ۽ ٻين دوستن شاگردن سان پهتاسون ڏسي سجاڻي ورتائون محفل دوران حافظ محمد يونس پنهنجي پٽ حافظ اسلم سان اندر آيو ملڻ ڪانپوءِ مونکي ۽ منهنجي پٽ کي فرمايائون توهان پيءُ ۽ پٽ سورة الواقعة پڙهندا ڪريو ان تي حافظ صاحب چيو تہ رات جو سومهڻي نماز کان پوءِ پڙهن؟ مون عرض ڪيو وقت جي قيد نہ لڳايو انشاءَ الله پڙهندا سون پاڻ خاموش رهيا.

موت حق آهي ليڪن موت مومن ٻانهي لاءِ راحت ۽ سڪون جو سامان آهي صالح ٻانهن لاءِ زمين روئيندي آهي ۽ نيڪ بخت ٻانهن جي عبادت جي جاء روئيندي آهي پر علماء ڪرام جو تہ تمام وڏو مقام آهي مجاهد رضي الله عنه کان روايت آهي تہ قَالَ ان العالم اذا مات بکت عليهم السماء والأرض اربعين صباحا. فرمايائين بيشڪ جڏهن عالم جو موت ايندو آهي آسمان ۽ زمين چاليھ ڏينهن روئندا آهن (درمنثور) مومن جو شان بلند آهي.

عطاء الخراساني رضي الله عنه فرمائن تہ ڪو بہ مومن ٻانهو زمين جي ڀاڱن مان ڪنهن بہ ٽڪري تي سجدو ڪري ٿو تہ اهو زمين جو ٽڪرو قيامت جي ڏهاڙي شاهدي ڏيندو ۽ اهو ٻانهو فوت ٿيندو تہ ان تي هو روئيندو آهي.

مفتي صاحب الله جي اهڙن نيڪ ٻانهن مان هو.

**سنت نبوي ﷺ سان پيار:** سائين مفتي صاحب پنهنجن عالم شاگردن مان انتخاب بہ ڪندا هئا. جنهن کي تمام پيار ۽ پاٻوھ سان گڏ دعائن سان بہ نوازيندا هئا هن فقير سان ١٩٨٥ع کان اهڙين خصوصي نوازش جو سلسلو قائم ٿيو. جنهن ۾ تمام گهڻي پيار ۽ محبت جي حد تائين هر ڏک سک شادي غمي

۾ شريڪ رهيا هن فقير جي اهليہ فوت ٿي وئي جنهن ۾ پاڻ ٽن ڏينهن دعائن جي تقريب ۾ شامل ٿيا ۽ فرمايائون تہ مولانا! اهليہ جي خيرات مهرن جي رواج مطابق نہ ڪجو حافظ عالم مان پاڻ آڻيندس سموري رات قرآن خواني ڪرائيندس واقعي سائين مفتي صاحب گاڏي وٺي ڪرائي تمام مشهور حفاظ ڪرام ڪٺي آيا جنهن ۾ قاري محمد حنيف حافظ ثناء الله مولانا محمد اسماعيل ميمڻ صاحب وغيره باقي نالا ياد نہ اٿم ڪافي جماعت سڄي سموري رات قرآن پاڪ سماعت ڪندي رهي اسان جي پوري جماعت ۽ علائقي جي لحاظ سان اهو پهريون پروگرام هو. ۱۴ ڊسمبر جمعي جي رات هئي نماز فجر کان پهرين سائين جن فرمايو تہ مولابخش عجيب مهل ۽ موقعو ميسر ٿيو آهي جمعي جي فجر نماز ۾ سرڪار دو عالم ﷺ(الم السجدة سوره) ۽ (سورة الدهر) پڙهائي اڄ هتي ڇو نہ اهاسنت ادا ڪجي جنهن جماعت ۾ عالم ، حافظ ۽ پير سائين سردار جي پيلاري جماعت هجي. پوءِ اها سنت ادا فرمايائون دعا ۾ تمام گهڻو گريو فرمايائون ۽ جماعت ۾ بہ گريو طاري ٿي ويو. الحمد لله جو اهڙا وڏا احسان هن فقير سان ٿيندا رهيا يادون اجان بہ ڪوڙ ساريون آهن .

**دعا لاءِ هٿ کڻڻ سان مرشد ڪامل سان رابطو قائم:** ڪجھ عرصو درگاھ شريف تي شب برات جي رات ٻن ٽن موقعن تي ڦٽاڪا شروع ٿيا جنهن سان رات جي نمازين ۽ عبادتگذار ٻانهن جي عبادت ۾ خلل پيدا پيو ٿئي اهو ڏسي مرد درويش حق ۽ سچ جي پيڪر مفتي صاحب مرحوم جي دل ۾ بيقراري پيدا ٿي فورا مخدوم محمد اسماعيل پريالوءِ شريف جي مزار تي دست بہ دعا ٿيا روئي ڪري عرض ڪري واپس درگاھ شريف پهتا جيئن صبح ٿيو مرشد ڪامل جو پيغام پهتو تہ جلدي مون وٽ پهچو مفتي صاحب جي پهچڻ شرط حضرت ڇٽ ڏٺي نورالله مرقده فرمايو مفتي صاحب! رات ڏاڍو رنئي ۽ مخدوم صاحب کي بيحد شڪايتون ڪيئي ائين ڪبو آهي ڇا؟. مفتي صاحب جي دل جي ڪيفيت بدلجي وئي انهي کي چئبو آهي روحاني رابطو مريد صداقت وارو هجي مرشد انهي سان گڏ آهي.

نوٽ : هن واقعي کي جماعت مفتي صاحب جي لاءِ غلط بيان ڪندي آهي پر اصل واقعو ۽ حقيقت اها آهي ۽ پوءِ جو ڦٽاڪا بند ڪيا ويا.

# شاگردن تي شفقتون

## مولانا تاج محمد جمالي

**ميوو جمالي، سرهاڙي**

**مدرسه صبغة الفيض ۾ استاد سائين مفتي محمد رحيم ﷫ جي خدمت ۾ سندن جون شاگردن تي شفقتون:**

سن ١٩٨٢ ڌاري مولوي محمد نوح جمالي سڪندري ، مولوي حبيب الله جمالي سڪندري ۽ هي فقير تاج محمد جمالي سڪندري، اسان سڀ استاد سائين مفتي جلال الدين جمالي ﷫ وٽ پڙهندا هئاسين، سڀن کان اول انهي سال مولوي محمد نوح، حضرت سومر فقير هنگوري ﷫ جي ٻاراهي شريف تي آيو، ان موقعي تي حضرت استاد سائين محمد صالح مهر رحمة الله، استاد سائين مفتي محمد رحيم ۽ سائين مفتي عبدالرحيم ۽ ٻين عالمن سڳورن جي تقريرن کان متاثر ٿيو. ٻاراهي شريف جي صبح تي استاد سائين مفتي محمد رحيم صاحب کي مدرسي ۾ داخلا لاءِ عرض ڪيائين. سائين مفتي صاحب جن ، مولوي محمد نوح کان ان جي پڙهائي جو احوال وٺي وڏي خوشي سان داخلا جي مهرباني فرمائي.

مولوي صاحب ان وقت قرآن پاڪ جو ترجمو، قدوري ، هداية النحو ۽ روضة الادب پڙهندڙ هو.

مولوي محمد نوح مهينو کن رهيا تہ ان کان پوءِ مولوي حبيب الله جنهن جا فارسي جا ڪتاب استاد سائين جلال الدين ﷫ وٽ مڪمل ڪيا هئا، ان بہ اچي استاد مفتي صاحبن جن وٽ داخلا ورتي. ان سان گڏ ان جو ننڍو ڀاءُ مولوي عنايت الله جمالي بہ قرآن پاڪ ناظره پڙهڻ لاءِ داخلا ورتي. مولوي حبيب الله ارشاد الصرف استاد مفتي صاحب وٽ شروع ڪيو. هڪ ٻن مهينن کان پوءِ هن فقير ۽ غلام حسين خاصخيلي بہ مدرسي ۾ داخلا ورتي. آئون قرآن پاڪ جا ڏهہ سيپارا ڳوٺان مڪمل ڪري

آيو هوس، باقي سيپارا فقير سائين جي مدرسي ۾ استاد سائين فضل محمد رڏ صاحب وٽ مڪمل ڪيا. ان بعد فارسي شروع ڪيم. فارسي جا ڪجھ سبق استاد سائين مفتي صاحب به اسان کي پڙهايا. مدرسه صبغت الفيض ۾ ان وقت پڙهائي اوج تي هئي. استاد سائين مفتي محمد رحيم صاحب وٽ سائين مفتي درمحمد صاحب ۽ سائين مفتي عبدالرحيم صاحب ، سائين غوث محمد شاهه جيلاني صاحب ۽ ٻين عالمن سڳورن جي آمد و رفت به گهڻي ٿيندي هئي. مطلب ته هر وقت علمي مجلس جاري رهندي هئي. پوسٽ آفيس ذريعي به استاد سائين مفتي صاحب وٽ شرعي تحريرون گهڻيون اينديون هيون.

ان وقت ڊاڪ جي ذميواري مرحوم سائين رکيو هنگورو پوري ڪندو هو، جو ته ان جو دُڪان شهدادپور جي شاهي بازار ۾ هو.

واضح هجي ته ان دور ۾ ڳوٺ سومر فقير سائين هنگوري جي مدرسي ۾ ديني تعليم سان گڏ مسجد شريف ۾ روحاني فيض جو مرڪز هو، جتي حضرت فقير سائين عبدالحڪيم هنگورو ، فقير حاجي الهداد رند، فقير حاجي ولي محمد رڏ، هارون فقير لاکو، محمود فقير لاکو، حاجي نور محمد رند رحمهم الله تعاليٰ. جن جي ڪچهري ٿيندي هئي. الحمدلله اهو نظارو اسان اکين سان ڏٺو.

استاد سائين مفتي محمد رحيم سمورن شاگردن تي گهڻو مهربان هئا. ۱۹۷۴ع ۾پاڻ جن عالمن جي دستاربندي درگاهه شريف تي ڪرايائون، اهي خوشنصيب هي هئا:

۱. مولوي غلام نبي ڪوسو
۲. مولوي نورمحمد ڪوسو
۳. مولوي عبدالحفيظ ڪوسو
۴. مولوي الهي بخش ڪوسو
۵. مولوي محمد نوح جمالي

٦. مولوي عبدالغفار بلوچ
٧. مولوي غلام قادر عمراڻي

١٩٧٤ جي آخر ۾ پاڻ شهدادپور جي جامع مسجد لوهار گلي ۾ خطيب ٿيا، ان سان گڏ دارالعلوم قادريه شهدادپور ۾ صدرالمدرسين ٿي علم جي آبياري ڪرڻ فرمايائون. ۽ مدرسه صبغة الفيض جا اڳم جيڪي فارغ التحصيل عالم ٿيا. انهن جا اسماءِ گرامي هي آهن:

١. استاد فضل محمد رڏ
٢. مولوي عطا حسين عمراڻي
٣. مولوي علي محمد سميجو
٤. مولوي محمد هارون سميجو ۽ ٻيا.

استاد سائين مفتي صاحب ۽ سائين خليفي عبدالحڪيم رحمهما الله جن جي صحبت ۽ شفقت هميشه ياد رهندي.

الله تعاليٰ ڪين جنت الفردوس ۾ اعلي درجا عطا فرمائي. آمين.

# سلف صالحين جي نشاني

## مخدوم العلماءِ، حضرت قبلا مفتي محمد رحيم سڪندري رحمة الله عليه

**مولانا احمد علي سڪندري**

**مدرسہ صبغة النور، کپرو**

الٰهي قانون اهو آهي تہ جڏهن دنيا ۾ ظلم، بربريت، گمراهي ۽ اخلاقي قدر زوال پذير ٿيندا آهن، تڏهن ربّ ڪريم انسانن جي رهنمائي لاءِ اهڙا رهنما پيدا فرمائيندو آهي، جيڪي الله جي مخلوق جي هدايت جو حق ادا ڪندا آهن ۽ خلقِ خدا کي گمراهي ۽ مظلوميت مان نجات ڏيندا آهن. اهڙا مصلح بلند حوصلن جا مالڪ هوندا آهن؛ سندن نظر نہ ڪثرت تي هوندي آهي نہ قلت تي، بلڪ سندن ارادي جي سچائي ۽ خلوص سبب ڪين نصرتِ خداوندي تي ايترو پختو ڀروسو هوندو آهي جو جبل بہ ڇيري وجهن ٿا ۽ تاريخن جا رخ بہ موڙي ڇڏين ٿا. پڪي همت ۽ عزمِ مصمم سان اهي تاريخ پاڻ ٺاهين ٿا. دنيا جي ڪنهن طاقت تي انهن جو ڀروسو نہ هوندو آهي؛ انهن جو سهارو فقط ۽ فقط خدا جي ذات هوندي آهي، ۽ رب ڪريم بہ اهڙين هستين جو هر موڙ تي حامي ۽ ناصر ٿيندو آهي.

تاريخ جا ورق ورائجن تہ جڏهن سنڌ ۾ ميرن جي حڪمراني جو آخري دور هلي رهيو هو ۽ سندن حڪومت آخري ساهہ کڻي رهي هئي، تڏهن انگريزن حڪومت ڪسي ميرن کي تخت تان لاٿو ۽ پوري سنڌ تي راڄ قائم ڪيو. ان دور ۾ سنڌ اندر هڪڙي ئي شخصيت اهڙي هئي، جنهن ڌارين جي قوت ۽ وڏي سلطنت هوندي بہ ساڻن مهاڏو اٽڪائي مقابلو ڪيو. آخرڪار پنهنجي جان جي بازي لڳائي ڇڏي، هزارين جانين جون قربانيون ڏنيون.

اها عظيم شخصيت حضرت پير سيد صبغت الله شاهہ راشدي، المعروف پير سائين سورهيہ بادشاهہ هئي، جنهن جي جدوجهد سبب انگريز پوري برصغير مان تڙجي نڪتا، جنهن جو نتيجو پاڪستان جي ١۴ آگسٽ ١٩۴٧ع جي آزادي جي صورت ۾ سامهون آيو. ليڪن افسوس جو حر، جيڪي ڌارين جي خلاف وڙهيا هئا، سي آزادي ڪان پوءِ بہ ڪي جيلن ۾ تہ ڪي لوڙهن

۾ قيد رهي مشقتون ۽ مصيبتون برداشت ڪندا رهيا.

١٩٥٢ع ۾ خير سان پير سائين شاهه مردان شاهه قدس سرّه وطن واپس موٽيا ۽ درگاهه شريف آباد ٿي. حالتون سازگار ٿيون ته جماعت سڪ جو ساهه کنيو. استاد محمد صالح مهر رحمہ اللّٰہ، جيڪي انگريزن خلاف وڙهندڙ حر مجاهدن جي اول دستي جا اڳواڻ به هئا ۽ پير سائين سورهيه بادشاهه رحمہ اللّٰہ جا معتمدِ خاص پڻ هئا، پاڻ درگاهه شريف آباد ٿيڻ کان ڪجهه ئي عرصي بعد حضرت پير سائين ڪوٽ ڏٽي جي قائم ڪيل مدرسه ۾ پاڻمرادو جي شاگرد ويهاري ديني تعليم پڙهائڻ شروع ڪئي.

اتفاق سان پير سائين ڇٽ ڏٽي بادشاهه قدس سرّه شام جو مدرسو گهمڻ آيا. طالبِ علمن کان ڪجهه سوال جواب فرمايائون ۽ مدرسي جي انتظام بابت پڇا ڪئي. پوءِ ڏينهن استاد محمد صالح مهر رحمہ اللّٰہ کي حڪم فرمايائون ته: ”هاڻي مدرسي جو سمورو خرچ ۽ لنگر جو بندوبست درگاهه شريف سنڀاليندي.“ ان ڏينهن کان پوءِ جامعه راشديه ڏينهون ڏينهن ترقيءَ جي راهه تي هلڻ لڳو.

پهريئن يا ٻئي سال ۾ جيڪي شاگرد داخل ٿيا، تن ۾ حضرت قبله مفتي صاحب پڻ شامل هئا. سندن زباني بيان مطابق، جنهن کي پاڻ ”جامعه راشديه جا پنجاهه سال“ ۾ بيان ڪيو آهي، ته پهرين يا ٻئي سال جي آخر ۾ جامعه راشديه ۾ داخل ٿيا، تڏهن سندن عمر تيرهن يا چوڏهن سال هئي. سندن حافظو مبارڪ مثالي ۽ قابلِ رشڪ هو. بزرگن جو قول آهي:”جيڪو چاهي ته پڙهيل ياد رهي ۽ حافظو اوج تي هجي، ته ان لاءِ لازمي آهي ته پاڻ کي گناهه کان بچائي“ مفتي صاحب ڇو ته ننڍپڻ کان ئي متقي، پاڪ سيرت ۽ نيڪ بختيءَ وارا هئا، تنهن ڪري سندن حافظو پڻ غير معمولي هو.

سندن بيان آهي ته تيرهن يا چوڏهن سالن جي عمر ۾ جامعه راشديه ۾ داخلا کان پوءِ پهرين رمضان المبارڪ ۾ جڏهن حافظ صاحب تراويح پڙهائي رهيا هئا، ته پاڻ ٽين صف ۾ بيٺل هئا. تراويح ۾ حافظ صاحب کان غلطي ٿي ته پويان لقمو ڏنم. ٻن رڪعتن کان پوءِ حافظ صاحب پڇا ڪئي ته لقمو ڪنهن ڏنو. جڏهن ٻڌايو ويو ته ”هن ننڍڙي“ ڏنو، ته سڀني نمازين کي عجب

لڳو ۽ سندس ذهانت ڏسي ڪيس پهرين صف ۾ جاءِ ڏني وئي.

هڪ دفعي استاد محمد صالح مهر رحمہ اللہ ڪيس فرمايو: ”مونکي يقين نٿو اچي تہ تون رڳو ناظره پڙهيل آهين: لڳي ٿو تون پورو حافظ آهين.“ اهو ئي سندن حافظي جو ڪمال هو جو پاڻ ستاويهہ ڏينهن ۾ قرآن پاڪ حفظ ڪري پهرين سال ئي رمضان شريف ۾ مصلو پڙهايو.

هڪ دفعي عمري جي سعادت دوران مون فقير کي حرمِ مڪي پاڪ ۾ ساڻن شرفِ ملاقات حاصل ٿيو. مون عرض ڪيو: ”قبلہ! روزانو ڪيترو قرآن پاڪ پڙهندا آهيو؟“ فرمايائون: ”الله جو ڪرم آهي، حرم مڪي هجي يا حرم مديني، تقريباً روزانو قرآن پاڪ جو ختم پڙهڻ جو شرف حاصل ٿيندو آهي.“

قرآن پاڪ جي تلاوت، دلائل الخيرات ۽ حزبُ الاعظم جي تلاوت سندن روزانو معمول هو، ۽ اها مشغولي محبت جي حد تائين هئي.

حضور ﷺ سان والهانا عشق ۽ محبت سندن وجود ۾ سمايل هئي. جيڪڏهن سندن روبرو نعت شريف پڙهائي ويندي هئي تہ عشق ۽ محبت ڳوڙهن جي صورت ۾ ظاهر ٿيندا هئا. جڏهن پاڻ حديث شريف پڙهائيندا هئا تہ اڪثر سندن نيڻ مبارڪ مان ڳوڙهن جو سيلاب جاري هوندو هو.

جيستائين صحت مبارڪ جو ساٿ هو، هر سال حرمين شريفين جي حاضري سندن معمول هئي.

جامعه راشديہ جو انتظام جيئن ئي پاڻ سنڀاليائون تہ ڪن ماڻهن سوچيو تہ اهو نظام ساڳئي نموني هلندو يا نہ. ليڪن دنيا ڏٺو تہ پير سائين پڳاري جي نظرِ ڪرم قبلہ مفتي صاحب جي مقام ۽ مرتبي کي بامِ عروج تي پهچايو. سندن اهتمام ۽ نظر جو نتيجو اهو ٿيو جو جامعه راشديہ جي نظم و نسق کي احسن طريقي سان هلائڻ لڳا. سوين برانچون سندن ڪوشش سان کليون. فقط شاخون نہ کوليون ويون، بلڪ سندن سار سنڀال پڻ سندن فڪر ۾ شامل هئي.

جڏهن مدرسہ صبغت النور جي پراڻي عمارت ڊاهي نئين عمارت جو بنياد رکيو ويو، تڏهن پاڻ مون فقير کان ڪم جي پيش رفت بابت پڇيو. مون عرض ڪيو: ”قبلہ سائين! الله پاڪ ڪندو تہ ڪم بهتر ٿيندو.“ پاڻ فرمايائون

”مولانا! اوهان کي تہ پرواھ ئي ناهي، مون کي تہ رات جو ننڊ بہ نٿي اچي.“

اهو سندن ديني فڪر ۽ ذميواريءَ جو عالم هو.

سندن نظامت دوران اعلىٰ درجي جا عالم، فاضل، پروفيسر ۽ محقق جامعہ راشديہ مان فارغ ٿيا. هن وقت جامعہ راشديہ ۾ جيڪي مدرس درس و تدريس ۾ مصروف آهن، سي سواءِ چند استادن جي، سڀ جا سڀ قبلہ مفتي صاحب جا فيضياب شاگرد آهن، جيڪي پنهنجي پنهنجي شعبي ۾ هڪ ٻئي کان اڳڀرا آهن. انهن مان هڪ روشن مثال علامہ سائين مفتي دوست علي سڪندري بہ آهن، جيڪي هن وقت جامعہ راشديہ جا منتظم ۽ درگاھ شريف جا امام آهن.

پاڻ فقط مدرس ۽ خطيب نہ هئا، بلڪ ربِ ڪريم کين غير معمولي انتظامي صلاحيتن سان بہ نوازيو هو. جامعہ راشديہ جو انتظام هٿ ۾ اچڻ کان پوءِ فوري طور تعليمي نظام کي جديد خطوط تي استوار ڪيو؛ نظم و ضبط بهتر ڪيو؛ طلبہ جي اخلاقي تربيت تي زور ڏنو؛ نماز ۽ سنتن جي پابندي لازمي قرار ڏني؛ رهائش ۽ طعام جو نظام سنواريو؛ اضافي ڪمرا تعمير ڪرايا؛ شاگردن لاءِ گڏيل لنگر جو بندوبست ڪيو ۽ جامعہ کي شاھ عبداللطيف يونيورسٽي سان منسلڪ ڪرائي، شاگردن لاءِ بي.اي (B.A) جي ڊگري تسليم ڪرائي.

پاڻ جيئن عالمِ باعمل ۽ جامعہ جا بهترين منتظم هئا، تيئن ئي باصلاحيت ۽ باڪردار پڻ هئا. انهيءَ ڪري پير سائين ڇٽن ڌڻي بادشاھ کين پار چوڪيءَ جي خلافت جي اضافي ذميواري بہ عطا ڪئي، جيڪا مرشد ڪريم جي نظرِ عنايت ۽ فياضيءَ جو وڏو ثبوت آهي.

ڪڏهن جيڪڏهن ڪو مسڪين يا پريشان حال سندن وٽ دانهن کڻي ايندو هو تہ پاڻ فوراً مدد فرمائيندا هئا. هڪ دفعي هڪ هاري ڪنهن زميندار جي دانهن ڏني تہ: ”اهو مون کي منهنجي هارپيءَ جو صحيح حساب نٿو ڏئي.“ اهو زميندار نيڪ، نمازي، تهجد گذار ۽ مفتي صاحب جو گهرو دوست پڻ هو، پر پاڻ بغير رعايت جي کيس خط لکيائون:

”نمازون، روزا ۽ تهجد پنهنجي جاءِ تي، پر جيڪڏهن غريب جو حق ڏبائيندؤ ته اهي نيڪيون ڪم نه اينديون. تنهنڪري ان هاري جو حق جلد ادا ڪريو.“

بينظير ڀٽو جي پهرين وزارتِ عظميٰ دوران ڪشن چند پارواڻي، جيڪو پاڪستان پيپلز پارٽي جو وزير هو، منهنجي بدلي ٺٽي ضلعي ۾ ڪرائي ڇڏي.مون ڪين عرض ڪيو. پاڻ درگاهه شريف کان شاهپور چاڪر آيا ۽ اُتان ڪپري ۾ قاضي فيض محمد راڄڙ وٽ ويا. پاڻ ڪين چيائون:

”مولانا احمد علي جي بدلي ٿي آهي، تنهنڪري مولانا صاحب جو ڪپري شهر ۾ رهڻ فضول آهي.“

قاضي صاحب واعدو ڪيو ته ڪجهه ڏينهن ۾ بدلي واپس ٿي ويندي. جڏهن به سڪندري عالم صاحب يا ٻيا اهلِ علم مفتي صاحب وٽ ڪنهن ڪم سان حاضر ٿيندا هئا، ته پاڻ هر ممڪن مدد فرمائيندا هئا.

مطلب ته مفتي صاحب جي شخصيت هڪ همه گير شخصيت هئي. ربِ ڪريم ڪين تمام گهڻين خوبين سان نوازيو هو. اهڙا رباني عالم صدين بعد پيدا ٿيندا آهن.

ربّ ڪريم جي بارگاهه ۾ دعا آهي ته حضور ﷺ جي طفيل ڪين جنت الفردوسِ ۾ اعليٰ مقام عطا فرمائي. آمين.

# شفيق ۽ مهمان نواز
# مفتي محمد رحيم سڪندري

ڊاڪٽر عبدالغفار سومرو
سيڪشن آفيسر، سنڌ گورنمنٽ، ڪراچي

مفتي محمد رحيم سڪندري رحمه الله سان منهنجي پهرين ملاقات جيتري قدر مون کي ياد پوي ٿو، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي موجودگيءَ ۾ ٿي هئي. ان ڪانپوءِ اهو علمي ناتو وقت سان گڏ وڌيڪ وڌندو ۽ مضبوط ٿيندو ويو. بلڪ پوءِ جڏهن به منهنجو پير ڳوٺ وڃڻ ٿيو هوندو ته اهو مفتي صاحب سان ملاقات ۽ جامعه راشديه جي علمي خزاني مان استفادو ڪرڻ هو. مفتي صاحب جي شخصيت نهايت شفيق ۽ مهمان نواز هئي، جيڪا ڪڏهن به وساري نٿي سگهجي. ڪجهه سال اڳ قرب ڪري منهنجي گهر تي ڪراچيءَ به آيا ۽ ان موقعي تي يادگار علمي ڪچهري ٿي هئي.

مفتي صاحب مدرّس ۽ شيخ الحديث هجڻ سان گڏ صاحب تصنيف به هئا. سندن پهرين يادگار تصنيف پير سائين سيد صبغت الله اول جي ملفوظات جنهن جو مرتب پير سائين سيد علي گوهر شاه اصغر آهي، ان جو فارسيءَ مان سنڌي ترجمو آهي. اها ملفوظات ’خزانة المعرفت‘ نالي سان سال ١٤١١ه ۾ شايع ٿيل آهي. ان ڪانپوءِ مفتي صاحب جو ٻيو علمي ڪارنامو ’جمع الجوامع‘ جهڙي منفرد لغت جي تحقيقي ڪم جي نگراني آهي. اهو تحقيقي ڪم ڊاڪٽر خضر نوشاهي ڪيو هو پر ان اڌّق ڪم کي ڇئن جلدن ۾ پايئه تڪميل تي پهچائڻ مفتي صاحب جي محنت ۽ توجه جو نتيجو هو. جنهن ڪان سواءِ ان ايڏي وڏي ڪم جو سر انجام ڪرڻ مشڪل هو. هتي ’جمع الجوامع‘ بابت ايترو ٻڌائڻ ضروري آهي ته سنڌ جي علمي روايت جو اهو هڪ روشن باب آهي، جنهن جو مثال به صديون اڳ ’لغات‘ يا ’فرهنگ رشيدي‘ جي صورت ۾ ملي ٿو. ان لغت جو مصنف شاهجهان جي دور ۾ ٺٽي جو عبدالرشيد ٺٽوي هو، جنهن جي ٻي لغات ’منتخب اللغات‘ آهي ، جنهن ۾ فارسيءَ ۾ خاص مروج عربي لفظن جي معنىٰ ڏنل آهي.

هڪ لحاظ سان ’جمع الجوامع‘ جي مصنف پير سائين سيد محمد راشد روضي ڌڻيءَ جي لاءِ اها فرهنگ رشيدي ئي اُتساهه جو سبب بڻي هئي، جو پاڻ اها نئين لغات مرتب ڪيائون. جيئن ان لغت جي اندروني مطالعي مان واضح ٿي وڃي ٿو. ليڪن ’جمع الجوامع‘ جي خاص امتيازي وصف اها به آهي ته ان ۾ ڪن اهم فارسي لفظن جي فارسيءَ ڪانسواءِ سنڌيءَ ۾ به معنىٰ ڏني وئي آهي.

مرحوم مفتي محمد رحيم جو علمي ۽ ڪتابي دنيا سان خاص اُنس هو. اسان جو دوست ڊاڪٽر محمد ادريس سنڌي ٻڌائيندو آهي ته هڪ دفعي هو پاڻ ڊاڪٽر اسرار احمد علويءَ سان گڏجي مفتي صاحب وٽ ويو هو. ان وقت پير ڳوٺ جي اها لائبريري اڃان صرف هڪ ڪمري تائين محدود هئي. هو وڌيڪ ٻڌائي ٿو ته سندس مقصد علمي ڪتابن جو جائزو وٺڻ ۽ انهن جي فهرست تيار ڪرڻ هو. ڪجهه سالن ڪانپوءِ اسان سنڌ جي ڪتبخانن ۾ موجود قلمي نسخن جون اهي فهرستون ٻن جلدن ۾ سنڌي ادبي بورڊ ڪان شايع ڪرايون. محمد ادريس جي چوڻ موجب مفتي صاحب ڪيس پورو موقعو ڏنو ته هو پنهنجو ڪم اطمينان سان ڪري سگهي ٿو. ائين ان ساڳئي ڏينهن تي هڪ ساهيءَ ۾ هڪ هنڌ ويهي اهو ڪم پورو ڪيائين. بلڪ اهڙي مشڪل ڪم کي پوري ڪرڻ تي مفتي صاحب سندس منهن تي تعريف ڪئي ۽ چيائين ته اسان اهڙو ماڻهو نه ڏٺو آهي، جيڪو هڪ ساهيءَ ۾ ائين ڪري سگهي. محمد ادريس چوي ٿو ته اهو موقعو ڏسي مون مفتي صاحب ڪان مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جي هڪ ننڍڙي ڪتاب ’اتحاف الاڪابر‘ جي فوٽو اسٽيٽ لاءِ گذارش ڪئي ته پاڻ اهو مخطوطو منهنجي حوالي ڪندي چيائون ته پيلي ڪٽي وجو ۽ پوءِ واپس ڪجو. محمد ادريس وڌيڪ ٻڌائي ٿو ته، ان ڪانپوءِ هو جڏهن به پير ڳوٺ ويو ته مفتي صاحب سندس وڏو آڌرڀاءَ ڪندو هو ۽ ڪانئس حديث ۽ فقه جي نوَن ۽ عربيءَ ۾ شايع ٿيل تازن ڪتابن بابت معلومات وٺندا هئا. ائين سندن ذاتي لائبريري ۾ حديث ۽ فقه جي ڪتابن جو وڏو ذخيرو جمع ٿي ويو هو.

مفتي صاحب ڪيترا ڏهاڪا جامعه راشديه جا مهتمم ٿي رهيا ۽ ان عرصي دوران جامعه کي گهڻي ترقي وٺرايائون. اهو ئي سبب آهي جو اج سنڌ جي ڪيترن ڳوٺن ۽ شهرن ۾ سندس ڪيترا شاگرد ديني خدمتون سرانجام

ڏيئي رهيا آهن. فارسيءَ واري چيو آهي:

کاروان رفته و اندازهء جاهش پیدا ست
وین نشانیها که به هر راه افتاد ست

يعني: بيشڪ قافلو گذري ويو آهي، پر ان جي شان و شوڪت جا آثار صاف ظاهر آهن. بلڪ اهي نشان رستي جي هر پاسي پکڙيا پيا آهن.

# علم، زهد ۽ اخلاص جو آفتاب

**مولانا غلام مرتضيٰ سومرو سڪندري**

**اسسٽنٽ پروفيسر (عربي)، سنڌ يونيورسٽي ڄام شورو**

ڪڏهن ڪڏهن وقت جي ڇانوري ۾ اهڙا ماڻهو به ايندا آهن، جن جو وجود ئي برڪت، فيض ۽ روشنيءَ جو سرچشمو هوندو آهي. جڏهن اهڙا ماڻهو هن دنيا مان رخصت ٿين ٿا ته گويا هڪ آفتاب لهي وڃي ٿو، پر ان جا ڪرڻا صدين تائين فضائن ۾ رهندا آهن. اهڙيءَ نوراني شخصيت جو نالو آهي: شيخ الحديث والتفسير،استاذ العلماء،علامہ مفتي محمد رحيم سڪندري رحمة الله عليه، جيڪي نہ رڳو سنڌ جي علمي افق جا چمڪندڙ تارا هئا، پر هزارين شاگردن جي دلين تي پنهنجي محبت، علم ۽ روحانيت جا نقش ڇڏي ويا.

**زندگي جا شروعاتي ڏينهن ، قرآن سان عشق ۽ تلاوت جو ذوق:** ننڍپڻ کان ئي منجهن علمي ذوق ۽ فڪري سنجيدگيءَ جون علامتون ظاهر ٿي ويون هيون. پاڻ نہ رڳو ذهين ۽ محنتي شاگرد هئا، پر علم سان عشق ۽ تدريس سان جنون جي حد تائين محبت رکندا هئا. الله تعاليٰ کين اهڙي غيرمعمولي حافظي سان نوازيو هو،جو صرف ستاوِيهہ ڏينهن ۾ مڪمل قرآنِ مجيد ياد ڪري ورتائون.اهو واقعو نہ فقط سندن ذهانت جو ثبوت آهي، پر سندن روحاني توفيق ۽ الٰهي عطا جو بہ مظهر آهي.

قرآن سان اها محبت پوءِ سڄي حياتيءَ کين ساٿ رهي. پاڻ تلاوت کي عبادت، ذڪر ۽ روحاني تسڪين جو ذريعو بڻايو. هر سفر ۾، هر فراغت جي لمحي ۾، سندن لب قرآن جي تلاوت ۾ مصروف نظر ايندا هئا.

قرآن پاڪ سان محبت حضرت مفتي محمد رحيم سڪندري جي زندگيءَ جو مرڪز هئي. سفر ۾، حضر ۾، آرام ۾ يا مصروفيت ۾ سندن زبان تي قرآن پاڪ جي تلاوت جاري رهندي هئي. سفرن دوران، جڏهن گاڏيءَ ۾ ويهندا هئا، تڏهن تلاوت شروع ڪندا ۽ ڪڏهن ڪڏهن هڪ ئي سفر ۾پندرهن سيپارا ختم ڪري ڇڏيندا هئا.اهو عمل فقط تلاوت نہ، پر روحاني پرواز هوندي هئي.

هڪ پيري آئون جڏهن ساڻن گڏ درگاهہ شريف کان شهدادپور پئي آيس، پاڻ پڇيائون،”مولانا، تو ڪيترا پارا دور ڪيا آهن؟ مون تہ هيترا پارا تلاوت ڪري ورتا آهن“. اهڙي محبت ۽ ذوق سان تلاوت ڪرڻ سندن روحاني مزاج جو عڪس هو.

ڪين عربي لهجي ۾ قراءت ڏاڍي پسند هئي، خاص طور تي قاري عبد الودود جو لهجو.حرمين شريفين مان قاري عبد الودود جي آواز ۾ تلاوت جون ڪيسٽون وٺي آيا هئا ۽ شاگردن کي ڏيندا هئا ۽ چوندا هئا تہ:”ان لهجي ۾ تلاوت ڪريو، ڇو تہ ان لهجي ۾ قرآن جو حسن وڌي وڃي ٿو“.

مدرسہ صبغة الفيض سومر فقير هنگورو جو هڪ شاگرد حاجي خان راهمون جڏهن اهڙي لهجي ۾ تلاوت ڪندا هو، پاڻ خوشيءَ ۾ انهي کي انعام ڏيندا هئا.علامہ قاري مفتي عنايت الله ڪيريو سڪندري بہ ان لهجي ۾ تلاوت ڪندا هئا، پاڻ ڪيس درگاهہ شريف جي مصلي تي امام بڻائيندا هئا۽ پاڻ اقتدا ۾ نماز ادا ڪندا هئا.

قرآن سان اها وابستگي محض زبان تائين محدود نہ هئي، بلڪ سندن دل ۽ روح ۾ قرآني فيض سمايل هو. قرآن سندن لاءِ ذڪربہ هو، فڪربہ هو، ۽ محبتِ الهي جو ذريعو بہ.

**تدريس جو منفرد انداز ۽ شاگردن سان محبت :** حضرت علامہ مفتي محمد رحيم سڪندري علم جي ميدان ۾ هڪ درخشنده ستارا هئا. سندن تدريس جو انداز اهڙو مؤثر ۽ واضح هو جو مشڪل کان مشڪل نڪتو بہ شاگرد جي دل ۾ ويهي ويندو هو. پاڻ حديث، تفسير، اصول، فقہ، منطق ۽ صرف و نحو جا ماهر استاد هئا. ڪلاس ۾ داخل ٿيندي ئي علم جي روشني پکڙجي ويندي هئي، سندن گفتگو مان ادب ۽ وقار جهلڪندو هو. پاڻ چوندا هئا:” علم رڳو پڙهائڻ سان نہ پر عمل سان زنده رهندو آهي.“

پاڻ سبق دوران متن پڙهائڻ کان پوءِ شاگرد کان پڙهائي بڌائڻ تي زور ڏيندا هئا، جيئن علم رڳو ڪنن تائين محدود نہ رهي، دل تائين رسي وڃي.

**تدريس جو انداز ۽ تربيت جو ذڪر:** پاڻ شاگردن کي عربي ڪتابن سان ڳنڍڻ جو درس ڏيندا هئا.اردو شروح ڏسڻ کان سختي سان روڪيندا ۽ فرمائيندا هئا:

”جيڪو علم ڪي اصل زبان ۾ پڙهي ٿو، تنهنجو فڪر وسيع ۽ بصيرت روشن ٿي وڃي ٿي .“

پاڻ روزانہ سبق ۾ بار بار صرف ۽ نحو جا سوال ڪندا هئا، ۽ صحيح جواب تي شاگردن کي دل کولي داد ڏيندا هئا. ڪنهن کي انعام، ڪنهن کي دعائيہ جملوتہ ڪنهن کي عزت ڀري نگاهہ سان ڏسندا هئا. جيڪڏهن ڪو شاگرد سبق تي ڪمزور هوندو هو، تہ نرم دلي سان تنبيهہ ڪندي چوندا هئا: ”پڙهڻ ۾ ڪوتاهي انسان کي دنيا ۽ آخرت ٻنهي ۾ محتاج بڻائي ٿي.“

سندن پڙهائڻ جو طريقو دل تي اثر انداز ٿيڻ وارو هو. ڪڏهن ڪڏهن جڏهن ڪو شاگرد غيرحاضر رهندو يا مطالعو گهٽ ڪندو هو تہ سخت تنبيهہ ڪندا، پر اها تنبيهہ بہ محبت جي پردي ۾ ڍڪيل هوندي هئي.

شاگردن سان سندن تعلق محض ”استاد ۽ شاگرد“ وارو نہ هو، پر هڪ روحاني والد جهڙو رشتو هو.ڪوبہ شاگرد جڏهن سندن سان ملاقات ڪندو هو تہ پهريون سوال پڙهائي بابت هوندو هو.ڪنهن بہ مدرسي ۾ وڃڻ وقت بہ شاگردن کان علمي حال احوال ضرور پڇندا هئا، ۽ جيڪڏهن ڪوتاهي ڏسندا هئا تہ استاد ۽ انتظاميہ کي شفقت سان نصيحت فرمائيندا هئا.

**نعت سان محبت ۽ عشقِ رسول ﷺ:** پاڻ نعت ٻڌڻ جا عاشق هئا. وقت بوقت شاگردن کان نعت ٻڌندا هئا، ۽ ڪڏهن ڪڏهن حضور ﷺ جي ذڪر تي زارو قطار روئندا هئا ۽ فرمائيندا هئا: ”جيڪو رسول الله ﷺ جي نعت ٻڌي بغير احساس جي نہ ٿو روئي، تنهنجي دل ۾ محبت جو ذائقو اڃان پيدا نہ ٿيو آهي.“ سندن دل نرم، نظر عارفانہ ۽ زبان ۾ درد هو، جيڪو دلين ۾ ڳوڙها آڻيندو هو.

**حرمين شريفين سان عشق:** حضرت مفتي محمد رحيم سڪندري کي حرمين شريفين جي حاضريءَ سان والهانہ محبت هئي. هر سال عمري لاءِ ڪوشش ڪندا هئاءِ اڪثر فقير سائين عبدالحڪيم هنگورو سان گڏ سفر ڪندا هئا.مڪي ۽ مديني ۾ پاڻ گهڻو وقت عبادت، تلاوت ۽ دعا ۾ گذاريندا هئا. ۽ فرمائيندا هئا: ”مديني جي هوا ۾ محبت، ۽ مڪي جي هوا ۾ خشيت آهي، ٻئي گڏ ٿين تہ دل مؤمن ٿي وڃي ٿي.“

**عبادت، دعا ۽ روحانيت :**سندن زندگيءَ جو هر لمحو عبادت سان ڀريل هو.

تهجد، تلاوت، درود ۽ دلائل الخيرات جو ورد سندن روزانه معمول هو. ڪڏهن به دلائل الخيرات جو ورد قضا نه ڪنداهئا. فرمائيندا هئا :”درود شريف زبان کي پاڪ ۽ دل کي منور ڪري ٿو، جيڪو درود ۾ مشغول آهي، تنهن جون دعائون رد نه ٿينديون آهن.“ نماز ۽ تلاوت ۾ ڪڏهن ڪڏهن رقت جي حالت ۾ زار و زار روئندا هئا ، ۽ اهو روئڻ عبادت جي حلاوت جي علامت هوندو.

**شاگردن سان محبت ۽ فڪر:** حضرت مفتي صاحب کي شاگردن سان والهانه محبت هئي. سندن تعليم، اخلاص ۽ مستقبل جي فڪر ۾ پاڻ سدائين مصروف رهنداهئا. جيڪو شاگرد ڏکئي حالت ۾ هوندو هو، ان جي مدد لاءِ پاڻ اڳڀرا ٿيندا هئا. مالي، اخلاقي ۽ علمي هر طرح سان ساٿ ڏيندا هئا.

پاڪستان اندر ۽ ٻاهر شاگردن کي اعليٰ تعليم لاءِ موڪليندا هئا، جيئن يمن ۽ مصر جا ادارا. پاڻ چوندا هئا: ”جيڪو علم جي تلاش ۾ وطن ڇڏي ٿو، تنهنجي دل کي خدا پاڻ علم سان پري ڇڏيندو.“

**علمي خدمتون ۽ شاگردن جي ترقي:** مفتي صاحب جي ڪوشش سان سوين شاگرد سرڪاري ڪاليجن ۽ اسڪولن ۾ استاد طور مقرر ٿيا. ١٩٩١ع ۽ ١٩٩٢ع ۾ فارغ ٿيل شاگردن کي پاڻ پنهنجي نگرانيءَ ۾ اورينٽل ٽيچر جي حيثيت ۾ ڀرتي ڪرايو، سندن ڪوشش سان ڪيترائي شاگرد محدث، فقيه ۽ مدرسن جا مهتمم بڻيا.

١٩٩٣ع ۾ اسان جي ٽولي وارن (هم سبق ساٿين) کي پاڻ بهاولپور ۾ علامه فيض احمد اويسي ۽ خانپور ڪٽوره ۾ علامه مختار احمد دراني کان تفسير۽ مناظره سکڻ لاءِ موڪليو،جيئن شاگرد علم ۽ مناظره ۾ ماهر ٿي وڃن

**جامعه راشديه سان وابستگي:** جامعه راشديه درگاهه شريف پيران پاڳارا سان سندن گهرو لاڳاپو هو. پاڻ ڊگهي عرصي تائين ان جا مهتمم ۽ شيخ الحديث رهيا. سندن انتظامي صلاحيت، تدريس جو شوق ۽ روحانيت گڏ ٿي ڪري جامعه کي علمي ۽ روحاني مرڪز بڻايو. سندن خطبا، درس ۽ نصيحتون شاگردن جي دلين تي اڄ به زنده آهن.

**سماجي خدمتون ۽ عوام سان تعلق:** پاڻ نه رڳو عالم ۽ استاد، پر سماجي رهنما به هئا. مدرسا، مسجدون، علمي ادارا ۽ غريب شاگردن جي فلاح لاءِ پاڻ وڏي

محنت ڪندا هئا. ڪنهن به سرڪاري آفيس ۾ ڪنهن به شاگرد جو ڪو مسئلو هوندو هو،ته پاڻ پاڻمرادو فون ڪري يا هلي ڪري مسئلو حل ڪرائيندا هئا.سندن زبان ۾ اهڙو اثر هو جو ڪو به آفيسر انڪار نه ڪندو هو.

**اخلاق، حلم ۽ تواضع:** سندن شخصيت جو سڀ کان روشن پاسو تواضع ۽ نرمي هو. وڏن جي عزت ۽ ننڍن تي شفقت سندن عادت هئي. فرمائيندا هئا: عالم کي علم سان گڏوگڏ اخلاق سان سجاتو وجي ٿو.

ڪنهن کي به تڪليف ۾ ڏسندا هئا، ته فوري مدد ڪندا هئا. سندن دروازي تي ايندڙ ڪڏهن خالي نه موٽندو هو.

سائين مفتي محمد رحيم سڪندري علم، اخلاق، عبادت، تصوف ۽ شاگردن سان محبت جو روشن مثال هئا. سندن زندگي شاگردن ۽ سماج لاءِ روشنيءَ جو سرچشمو هئي.

سندن وصال ١٤ آڪٽوبر ٢٠٢٥ اڱاري جي ڏينهن ميمڻ اسپتال ڪراچي ۾ ٿيو، الله پاڪ کين جنت الفردوس ۾ بلند ترين مقام عطا فرمائي، آمين.

# منهنجو محسن ۽ مربي استاد

**محمد خالد معراج عباسي سڪندري**

**ڊائريڪٽر پي آءِ ڊي ، ڪراچي**

” مفتي صاحبَ، اڄ هڪ تقريب آهي جنهن جا مهمان خاص اوهان آهيو“ اهي مبارڪ لفظ هئا پيرسائين سردار چٽ ڏٽي رحمت الله عليہ جن جا جيڪي پاڻ استاد مفتي صاحب کي مخاطب ٿي تڏهن فرمايائون جڏهن سندن پيو نڪاح ٿي رهيو هو پر استاد سائين جي بقول شريڪ ٿيڻ کان اڳ ڪين خبر نہ هئي تہ اها ڪا سندن نڪاح جي تقريب هوندي. هن راقم جا پيلا پاڳ جو اتفاق سان ان ڏينهن هي عاجز بہ ڪنهن ڪم سانگي درگاهه شريف تي حاضر ٿيو هو. استاد سائين مسجد شريف جي اندر محراب اڳيان وظيفي جو ورد ڪري رهيا هئا. ورد روڪي مون کان احوال ورتائون ۽ پوءِ فرمايائون تہ بابا آئون هِتان چري نٿو سگهان پيرسائين سردار جن اندر گهرايو آهي موٽي اچي اوهان جو ڪم ڪبو. جڏهن پاڻ شام جو واپس مدرسي ۾ وريا تہ سندن منهن مبارڪ خوشي ۾ ٻهڪي رهيو هو. اينديءَ ئي محمد اڪرام صاحب کي فرمايائون تہ پٽ جلدي مٺائي گهرائي وٺ. پاڻ پنهنجي درس واري ڪمري ۾ ويٺا ۽ سڄو ڪمرو استادن ۽ شاگردن سان پرجي چڪو هو. سڀني همہ تن گوش ٿي استاد سائين کان وڏي بيتابي ۽ شوق سان نڪاح جو احوال ٻڌي رهيا هئا. ان وچ ۾ سڀني مٺائي سان پنهنجو وات بہ مٺو پئي ڪيو ۽ سائين کان سوال بہ ڪري رهيا هئا. پاڻ مڪمل احوال ڏنائون ۽ پوءِ فرمايائون تہ پيرسائين سردار جو پهريون نڪاح پڙهائڻ جي سعادت اسان جي استاد سائين مولانا محمد صالح مهر رحمۃ اللہ علیہ کي حاصل ٿي هئي، الله پاڪ جا لک شڪر جو سندن ٻيو نڪاح پڙهائڻ جو شرف مون مسڪين کي حاصل ٿيو. سچ پڇو تہ ان ڏينهن هڪ صادق مريد جو پنهنجي مرشد سان محبت ۽ عقيدت جو عالم ڏسڻ وٽان هو.“

استاذالعلماء،زبدة الصلحاء،زينة الزاهدين،فخرالعاملين،عاشق رسول، محترم مڪرم شيخ الحديث الحاج حافظ مفتي محمد رحيم ڪوسو سڪندري ﷫ جن پنجاھ ورهيہ ڪن سج وانگر چمڪي پنهنجي علمي فيض سان سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ کي روشن رکيو. سندن وجود مسعود ڏاتر جي ڏنل خوبين جو انمول خزانو هو. سندن علم زهد فضل ۽ ديني خدمتن تي اهل علم لکندا رهندا ، آئون هتي رڳو سندن متعلق ذاتي ساروڻين جي جهلڪ پيش ڪندس.

اسان جي والد گرامي واعظِ اسلام جناب مولانا مفتي عبدالواحد عباسي سڪندري نور الله مرقده ۽ ان کان پوءِ اسان سندس اولاد جو استاد سائين مفتي صاحب ﷫ ۽ سندس گهراڻي سان محبت ۽ ادب وارو رشتو رهيو آهي جيڪو ان شاءَ الله تا زيست قائم رهندو.

عيدن جي موقعي تي اسان پنهنجي والدگرامي جن سان گڏ درگاھ شريف ويندا هئاسون تہ پاڻ سڀ کان پهريان مدرسي ۾ ويندا هئا جتي سائين مفتي صاحب سميت ٻين آيل سڪندري عالمن سان ملندا هئا ۽ پوءِ وضو ساري روضي پاڪ تي حاضري ڀريندا هئا. سائين مفتي صاحب جي جڏهن بہ ڳالهہ نڪرندي هئي تہ پاڻ سندن ڳڻن ۽ اخلاق جون يا سندن بابت شاگردي دور جون يادگيريون ونڊيندا هئا. سائين مفتي صاحب جن بہ خطن پٽن لکڻ کان سواءِ بابا سائين وٽ ميناره مسجد سکر ۾ ڪمين ڪارين ايندا رهندا هئا. سندن پاڻ ۾ رابطي ۽ تعلقات بابت مون بابا سائين جي سوانح حيات ”هل يستوي“ ۾ وضاحت سان لکيو آهي. استاد سائين جو آبائي ۽ سنگت جو علائقو سنڌ ۽ بلوچستان جي دنگ وارو علائقو هو. ساڳو علائقو باباسائين جي تقريرن ۽ واعظن جو مرڪز هو تنهڪري ان پاسي جلسن جون تاريخون ڏيڻ لاءِ جلسا ڪرائيندڙن جي زور ڀرڻ تي قبلا مفتي صاحب جن ڪين سفارشون ڪندا رهندا هئا. ۱۹۹۲ع ۾ صحبت پور ۾ سندن عزيزن جي هڪ ڳوٺ ۾ۦ احمد ميان سومرو جيڪب آباد جي جلسن ۾ مان بہ ساڻن گڏ هيس جنهن ۾ سائين مفتي صاحب پاڻ بہ هئا تہ مشهور مولودي حاجي غلام النبي مهيسر ۽ عبدالحق صاحب بہ هئا.

باباسائين جن مرض الموت ۾ بيمار هئا تہ پاڻ طبع پرسي لاءِ سول اسپتال ڪراچي آيا هئا. سندن جنازه نماز بہ قبلا مفتي صاحب جن پڙهائي هئي.

قبلا مفتي صاحب جن سائڻ شاگردي دور ڪان وٺي سندن وصال تائين نڀايو.

بابا سائين جي وصال (۱۹۹۵ع) ڪان پوءِ ميناره مسجد ۽ ان سان متصل مدرسي جي انتظام بابت اختلاف شروع ٿي هوريان هوريان ڇڪتاڻ جي صورت وٺي ويو. جماعت جي هڪ ڌر جنهن جي اڳواٽي ڪجهه متعصب ماڻهو ڪري رهيا هئا چاهيو پئي ته مسجد جي امام جو تقرر ۽ مدرسي جو انتظام سندن حوالي ٿئي. جيئن ته مسجد اوقاف کاتي جي انتظام هيٺ هئي ۽ بابا سائين ۲۲ سالن کان مسجد جا سرڪاري خطيب رهيا ۽ مسجد لڳ مدرسو قائم ڪري هلائيندا پئي آيا تنهنڪري ٻي ڌر جو خيال هو ته سندن اولاد ساڳي خدمت سرانجام ڏئي. اها ڇڪتاڻ ست اٺ سال هلي جنهن ۾ مختلف لاها چاڙها آيا. ان سڄي مامري ۾ سائين مفتي صاحب جو متحرڪ ڪردار هڪ شفيق پيءُ کان گهٽ ڪون هو. هر ڏکئي موڙ تي مدد ۽ رهنمائي ڪيائون. وزيرن مشيرن کي فون ڪرڻا هجن يا ڪنهن سان ڳالهائڻو هجي پاڻ هر وقت حاضر هوندا هئا. اسان جي گهراڻي لاءِ اهو ڏاڍو ڏکيو وقت هو. ان وقت اسان ڀائرن جون عمريون ٻه ننڍيون هيون. ٻه وڏا ڀائر تازو تازو نوڪرين سان لڳا هئا باقي ننڍا پنج ڀائر اڃان پڙهي رهيا هئاسون. مطلب سڀ الهڙ ۽ ناتجربيڪار هئاسون. الله پاڪ سائين مفتي صاحب کي جنت ۾ جايون ڏي ان مسئلي کان سواءِ به جڏهن به جيڪو به منجهن ڪم پيو پاڻ مُنهن ۾ گهنج آڻڻ بنا مدد ڪندا هئا. انهن ڏينهن سندن خدمت ۾ اچ وڃ گهٽي رهندي هئي. گهٽي ڀاڳي منهنجو وڏو ڀاءُ محترم استاد محمد زاهد عباسي سائڻ رابطي ۾ هوندو هو. ڪڏهن ڪڏهن مان به سندن خدمت ۾ حاضر ٿيندو هيس. هڪ ڀيري پاڻ ٽيپهري نماز ڪانپوءِ درگاهه شريف جي مسجد جي صحن ۾ ورد وظيفا پڙهي رهيا هئا. مون کي ويندل ڏسي ٿوري دير لاءِ ورد روڪي اچڻ جو احوال ورتائون. مون احوال ڏيندي مفتي اعظم سڪر جناب مفتي محمد حسين قادري رحمة الله عليه جو نالو ائين ئي ورتو جيئن مون سڪر جي مهاجر عوام کي وٺندي ٻڌو هو يعني "مفتي حسين قادري صاحب". بس پوءِ ته پاڻ غصي ۾ ڳاڙها ٿي ويا. فرمايائون نالائق توکي ادب ناهي، مفتي صاحب سموري عمر وقف ڪري دين جي هيڏي وڏي خدمت ڪئي آهي ۽ تون وري مفتي صاحب جو اڌورو نالو ٿو وٺين. پوءِ ته مان شرم ۾ ٻڏي مٽ ٿي ويس، ڪو جواب

نہ هو جو سائين کي ڏيان. استاد سائين ۾ اها وڏي خوبي هئي تہ پاڻ پنهنجي شاگردن جي حوصلہ افزائي ڪندا هئا. منجهن موجود صلاحيتن کي اجاگر ڪندا هئا. سندن زندگي جو رخ معين ڪرائڻ سان گڏ سندن زندگي جا ذاتي مسئلا بہ حل ڪندا هئا. شاگردن جي گفتگو ۽ لفظن جي چونڊ تي پاڻ وڏو ڌيان ڏيندا هئا. شاگرد جي ساراهہ ڪرڻ يا ڇنڊ ڇاڻ ۾ دير نہ ڪندا هئا. اهوئي سبب هو جو سندن سخت مزاجي باوجود شاگرد ساڻن سڪ جي سڳي ۾ جڙيل رهندا هئا.

جن ڏينهن اسان جي مسجد وارو ڏڦيڙ هلندڙ هو انهن ڏينهن مولانا شاهہ فريد الحق اوقاف جو وزير بڻيو. هو غوثيہ مدرسہ جي جلسي ۾ سکر آيل هو. اسان جي مسجد جي مخالف ڌڙي ساڻس ملي هن کي مسجد جي وزٽ ڪرائي ۽ پنهنجي حق ۾ قدم کڻڻ لاءِ چيو. هو رات جو جلسي ۾ شريڪ ٿيو. سائين مفتي صاحب بہ ان جلسي ۾ مدعو هو. اسان سائين کي احوال ڏنو ۽ شاهہ فريد الحق سان ڳالهائڻ لاءِ عرض ڪيو. پاڻ فرمايائون تہ مان درگاهہ تي وڃي پوءِ ساڻس ڳالهائيندس. اسان جو خيال هو تہ جيڪر روبرو ڳالهہ ٿئي ها تہ ڀلو. پاڻ درگاهہ شريف تي وڃي هن سان فون تي ڳالهايو. هاڻي سوچيندو آهيان تہ پاڻ وڏا مدبر ۽ پنهنجي حيثيت ۽ مقام جا ڄاڻو هئا. ڪين لفظن ۽ موقعي جي چونڊ ۾ ملڪو حاصل هو.

١٩٩١ع ۾ نگران سرڪار جي وقت ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صوبائي وزيرِتعليم ٿيو. هو سخت اصولي ماڻهو هو پر سائين مفتي صاحب ڪيس ڪنهن طرح مڃائي جامعہ جي فاضلن کي عربي ٽيچر طور ڀرتي ڪرائي ورتو. منهنجي ڀاءُ مولوي محمد راشد کي بہ عربي ٽيچر جي نوڪري وٺي ڏنائون. ان کان اڳ سندس تعليمي ڪوائف جا ڪاغذ ڏيڻ لاءِ جڏهن آئون سندن خدمت ۾ جامعہ ۾ حاضر ٿيو هيس تہ پاڻ انهن ڪاغذن جي فائيل مٿان اميدوار جو مختصر تعارف لکڻ لاءِ حڪم ڪيائون. مون تعارف لکيو تہ پاڻ اکر ڏسي تمام خوش ٿيا. اکرن جي تعريف ڪندي فرمايائون پٽ، توهان تي تہ الله پاڪ جي وڏي مهرباني آهي. سندن اهڙا حوصلو وڌائيندڙ ٻول منهنجي لاءِ اعزاز کان گهٽ ڪونہ هئا.

هڪ ڀيري پاڻ سکر اسان جي مدرسي ۾ آيا. مان ڪتب خاني ۾ رهندو

هيس. مدرسن جي روايت موجب آيو ويو مهمان تائي بہ اتي ويهندو هو. سائين جن ڪي بہ اتي ويهاريوسون. مون ڪتبخاني جي هڪ پٽ تي امام زين العابدين ڏانهن منسوب مشهور عربي شعر ياد ڪرڻ واسطي لڳائي ڇڏيا هئا. پاڻ اهي ڏسي فرمايائون تہ هي ڇاهي؟ مون وضاحت ڪئي. پاڻ پڙهي تمام خوش ٿيا.

پوءِ مون کان پڙهائي بابت ڪجهہ پڇيائون. گهڻو ڪري ساڻن منهنجو پهريون علمي تعارف هو.

بابا سائين جي وصال کان پوءِ مون استاد سائين فقيہ العصر مفتي محمد ابراهيم قادري مد ظلہ وٽ ديني تعليم جاري رکي. موقوف عليہ مڪمل ڪري هاٽي درگاهہ شريف تي دوره حديث ڪرڻ جو ارادو هو. سائين مفتي صاحب ڪي داخلا لاءِ عرض ڪيو. پاڻ فرمايائون تہ هن وقت ڇا پڙهي رهيو آهين؟ مون عرض ڪيو سائين حديث پاڪ جي ڪتابن سان گڏ سراجي پيو پڙهان. پاڻ فرمايائون تہ مفتي محمد ابراهيم قادري صاحب وٽ سراجي مڪمل پڙهي پوءِ اسان وٽ جامعہ ۾ هلندڙ دوري ۾ اچي شريڪ ٿجو. سندن مشوري موجب سراجي مڪمل ڪري استاد سائين محترم مفتي محمد ابراهيم قادري کان موڪلائي دعائون وٺي جامعہ راشديہ ۾ اچي دوره حديث ۾ شامل ٿيس.

آئون جڏهن جامعہ ۾ داخل ٿيس تہ ڪجهہ وقت بعد استاد مفتي محمد ابراهيم قادري صاحب جن سکر ۾ منعقد ٿيندڙ مقامِ مصطفيٰ ڪانفرنس جي دعوت ڏيڻ واسطي درگاهہ شريف آيا. ملاقات کان پوءِ ڪمري کان ٻاهر نڪتا تہ استاد مفتي محمد ابراهيم قادري صاحب جن سائين مفتي صاحب کان پڇيو تہ خالد معراج صاحب پڙهائي ۾ ڪيئن آهي؟ پاڻ فرمايائون تہ تمام ذهين ۽ ڪليل دماغ آهي. اسان جو خيال آهي تہ فارغ ٿي درس تدريس جو ڪم ڪري تہ جيئن دين جي خدمت ٿئي پر انجنيئرصاحب جا خيال مختلف آهن. جنهن تي سائين چيو تہ حضرت پوءِ اها بہ تہ ڀلي ڳالهہ آهي جو هڪ عالم ڊپٽي ڪمشنر يا وڏو سرڪاري ڪامورو بہ هجي. تنهن تي پاڻ فرمايائون مفتي صاحب توهان درست ٿا فرمايو پر ان ۾ اولين ترجيح منصبي ذميوارين جي هوندي ۽ ديني خدمت جي ثانوي حيثيت رهجي ويندي. بهرحال ان مختصر گفتگو ڪانپوءِ ويندي ويندي سائين جن مونکي حڪم ڪيو تہ حضرت مفتي صاحب ناراض آهن، ڪين

ڪانفرنس ۾ شرڪت لاءِ زور پريندا رهندا. مون هاڪار ۾ جواب ڏنو.

استاد سائين جي خدمت ۾ رهي اڪتسابِ فيض جو شرف مليو. پاڻ مون کي بيحد پيار ڪندا هئا. مون کي انجنيئر صاحب چئي مخاطب ٿيندا هئا جو مون مهراڻ يونيورسٽي مان انجنيئرنگ ڪري چڪو هوس. پاڻ فجر جي نماز کانپوءِ هاءِ اسڪول جي ميدان ۾ ورزش ۽ پسار ڪرڻ ويندا هئا ته مونکي ساڻ وٺي ويندا هئا. ان وچ ۾ مختلف معاملن تي ڳالهائيندا رهندا هئا يا ڪڏهن مشورو به وٺندا هئا جنهن سان منهنجي علم فهم سان گڏ اعتماد ۾ به اضافو ٿيو. مون تي سندن شفقت ۽ پيار جا هيون. انهن ڏينهن وٽن ميراث جي تحرير ايندي هئي ته مون کي سائل جو سوال ۽ پوءِ جواب تحرير لکي اچڻ لاءِ حڪم ڪندا هئا. پاڻ اها تحرير چڪاسي پوءِ پنهنجي نالي سان جاري ڪندا هئا. هڪ لڳ شام جي وقت مدرسي جي اڳڻ ۾ مون هڪ تحرير لکي سندن حوالي ڪئي. پاڻ پڙهي فرمايائون ته پٽ، تحرير اوهان ڪڍي آهي ته محرر طور نالو به پنهنجو لکو، آئون تصديق ڪندڙ طور پنهنجو نالو لکي دستخط ڪيان ٿو. اها هڪ طرح جي اجازت ۽ سندن اعتماد هو ته اوهان تحرير ڪڍي سگهو ٿا. ان کان پوءِ جيستائين جامعه ۾ هيس مون کي ئي تحريرون ڪڍڻ جو شرف ملندو رهيو. سائين مفتي صاحب جن ميراث جي تحريرن ۾ في سيڪڙو جي حساب سان حصا ڪڍندا هئا. پاڻ فرمائيندا هئا ته مون اهو طريقو مولانا مخدوم امير احمد عباسي کهڙن واري کان سکيو هو. ياد رهي ته عام طور تحرير ۾ وارثن جا حصا انگن ۾ يا آنن ۾ ڪڍيا ويندا آهن جيڪي سمجهڻ ۾ ڏکيا آهن پر پاڻ جديد دور مطابق في سيڪڙو ۾ تحرير ڪڍندا هئا ته جيئن عام ماڻهو آساني سان سمجهي سگهي.

سندن مزاج هو ته نامناسب ڪمن تي ٿڌي تي چڙبيندا ۽ ٽوڪيندا هئا.

سائين مفتي صاحب جن منهنجي شادي تي جا شاگردي دور ۾ ئي ٿي هئي منهنجي ڳوٺ تشريف وٺي آيا هئا. مون کي ويٽي ۾ گهوٽ وارو ڦلن وارو ڳاڙهو ڳانو ٻڌل ڏسي ڏمرجي چيائون هي ڇا ٻڌو اٿي؟ تڪڙ ڪرائي وٺ، مون کي درگاهه شريف تي موٽي وڃي استاد سائين جي ٻاراهي ۾ شريڪ ٿيڻو آهي. سندن ڏمر ڏسي مون ٿڌي تي ئي ڳانو لاٿو. بعد ۾ سائين جن ئي مون ۽ منهنجي ڀاءُ ميجر محمد شاهد صاحب جو نڪاح پڙهايو. پاڻ ايجاب قبول ڪرايائون ۽

دعا گهٽو ڪري استاد مفتي محمد ابراهيم قادري صاحب جن گهري هئي.

پاڻ زندگي ۾ ڪوڙ بيمارين ۽ جسماني تڪليفون سٺائون. پائلز جي آپريشن بہ ڪرائي هيائون. ياد اٿم سبق دوران سڪ سان پاسو ورائيندا هئا تہ آپريشن ڪندڙ ڊاڪٽر ڪي بي ساختہ دعائون ڪندا هئا ۽ فرمائيندا هئا تہ الله پاڪ ڊاڪٽر صاحب جو ڀلو ڪري جنهن ان تڪليف کان منهنجي جان آجي ڪرائي. هاڻ آرام سان اٿان ويهان ٿو ۽ دين جي خدمت ڪيان ٿو ان جو ثواب ضرور ڊاڪٽر صاحب کي بہ ملندو.

استاد سائين جي زبان مبارڪ تي نصيب تي شڪايت جا لفظ شايد ئي ڪنهن ٻڌا هجن. پنهنجي نصيب تي هميشہ خوش رهندا هئا. هڪ ڀيري پڙهائڻ دوران ڪا ڳالهہ ڪري غمگين ٿي ويا. مون روايتي لفظ عرض ڪيا تہ سائين بس نصيب جي ڳالهہ آهي. اهو ٻڌي پاڻ جوش ۾اچي فرمايائون الحمدلله، الله پاڪ منهنجو نصيب ڀلو ڪيو آهي. قال الله ۽ قال الرسول ۾ گذري ٿي ان کان ڀلو نصيب ڪهڙو ٿيندو آهي.

جڏهن پڳ ٻڌڻ جو وقت ويجهو آيو تہ هڪ ڏينهن پاڻ مون کي فرمايائون تہ منهنجو خيال آهي تہ توهان ايندڙ سال پڳ ٻڌو. هن سال هٿ رهي حديث شريف جي ترجمي مڪمل ڪرڻ ۾ منهنجي مدد ڪريو. منهنجو ارادو سندن خيال جي بلڪل ابتڙ هو. مون عرض ڪيو قبلاسائين توهان کي تہ خبر آهي شادي ڪريان پيو، هاڻي جلدي نوڪري وٺان، نہ تہ گهريلو مالي حالات ويتر خراب ٿي ويندا. سي ايس ايس ڏيڻ جو بہ ارادو اٿم. ان لاءِ بہ هڪ بہ سال محنت ڪري تياري ڪرڻي پوندي، رهيو ترجمي وارو ڪم تہ ان ۾ مدد واسطي هتان جا استاد سڳورا سائين محمد اسماعيل ميمڻ سڪندري، سائين غلام شبير سومرو ۽ مولانا محمد حسن راجپوت صاحب جن موجود آهن. اهو ٻڌي استاد سائين مٺيءَ دل سان فرمايو ٺيڪ آهي پٽ جيئن اوهان جي مرضي.

استاد سائين جيترا تنبيہ ڪرڻ ۾ سخت هئا ان کان وڌيڪ شاگردن جي تعريف ڪرڻ ۽ حوصلو ڏيڻ ۾ سخي هئا. پاڻ پڳ ٻڌائڻ وقت جڏهن منهنجو نالو ورتائون تہ فرمايائون هي مشهور خطيب علامہ مولانا عبدالواحد عباسي سڪندري مرحوم جو صاحبزادو آهي. پيءُ کان پوءِ الحمدلله ان جو پٽ بہ هتان

ئي پڳ ٻڌي رهيو آهي. هي ڳمھ جي سنگت جو آهي. انجنيرنگ ٽيل اٿس. تمام ذهين فطين آهي. اسان جو خيال هو تہ مدرس ٿئي، جي مدرس ٿيو تہ اعليٰ استاد ثابت ٿيندو. سيرت تي ماشاءَالله مون کان سٺو دسترس حاصل اٿس پر هن جو ارادو ٻيو ڪجھ ڪرڻ جو آهي. پوءِ پاڻ ور ڏئي سڀ کان پهريان استاد مفتي محمد ابراهيم قادري کي ور ڏيڻ لاءِ سڏ ڪيائون ۽ سندس ٿورو مڃيائون تہ هي عالم مفتي صاحب جن پڙهائي تيار ڪري ڏنو آهي. تنهن کان پوءِ ٻين عالمن سڳورن پڳ جا ور ڏنا. آخر ۾ قائد اهل سنت علامہ شاھ احمد نوراني رحمة الله عليه پڳ جا آخري ور ڏنا.

پنهنجي استاد سائين فقير مولانا محمد صالح مهر رحمة الله عليه وانگر سائين مفتي صاحب ۾ بہ خوبي هئي تہ شاگردن جي ٻچن وانگر پر گھور لهندا رهندا هئا. هر وقت شاگردن جي ڀلي لاءِ سوچيندا رهندا هئا. هڪ ڏينهن پاڻ نياپو موڪليائون تہ مون سان ملي وڃ. حڪم کي لبيڪ چئي سندن خدمت ۾ پيش پيس. پاڻ فرمايائون تہ انجنيئر صاحب، عراق ۾ عربي ڪورس جي اسڪالرشپ آئي آهي آئون چاهيان ٿو تہ اهو ڪورس اوهان ڪري اچو. ان وقت مان اوقاف کاتي سنڌ ۾ خطيب طور سرڪاري ملازم هيس. قليل وقت هجڻ ڪري سرڪار کان ايڏو جلد موڪل وٺڻ آسان ڪم نہ هو تنهنڪري مان لنوائي ويس. بعد ۾ غالبن ساڳي اسڪالرشپ تي پاڻ خود عراق مان ڪورس ڪري آيا.

استاد سائين جي وات مان نڪتل لفظ وڏي بصيرت ۽ تجربي ۾ ڳوهيل هوندا هئا. سندن توريا تڪا لفظ اسان ڪچن سيکڙاٽن تہ ڇا پر دانائن لاءِ بہ وڏي ڏس پتي وارا هوندا هئا. ٢٠٠٣ع ۾ مون پي سي ايس جو لکت وارو امتحان پاس ڪيو. هاڻي انٽرويو ٿيڻو هو. عام راءِ اها هئي تہ سفارش کان سواءِ انٽرويو ۾ چاڙهو ڏکيو آهي. اتفاق سان انٽرويو وٺندڙن ۾ سائين مفتي صاحب جو سونهو ڪامورو جناب عبدالغفور ميمڻ صاحب بہ هو. سائين مفتي صاحب ساڻس فون تي جيڪي لفظ ڳالهايا سي دانائي جو نمونو آهن. پاڻ ڪيس فرمايائون تہ " اسان جي هڪ نوجوان عالم محمد خالد معراج مقابلي جو امتحان پاس ڪيو آهي. هو تمام لائق ۽ هوشيار آهي جنهن جو اوهان انٽرويو وٺڻ وارا آهيو. بس مهرباني ڪندا هن سان زيادتي نہ ٿئي." پاڻ ڪيس انهن ٿورن پر جامع

جملن ۾ سڀ ڪجهه چئي ويا. مون انٽرويو پاس ڪيو پر ميرٽ تي نه آيس. بعد ۾ خبر پئي ته وڏي سطح تي گڙ ٻڙ ٿي آهي. اهو سڄو امتحان جو مرحلو ڪورٽ ۾ چيلينج ٿيو. اڄ سوڏو ڪيس ڪورٽ ۾ التواء جو شڪار آهي پر ان امتحان ۾ چونڊيل ڪامورا هن مهل به سيڪريٽري جي عهدن تي ڪم ڪري رهيا آهن. چوڻ اهو پئي چاهيو ته ان وقت سائين مفتي صاحب مون کان واعدو به ورتو ته آفيسر بڻجي رشوت ۽ حرام کان پري رهندئو. ان ئي سال مان سي ايس ايس پاس ڪري ڪامورو بڻيس. هاڻي ان وچن تي ڪيترو قائم آهيان اهو مون سان گڏ ڪم ڪندڙ ئي ٻڌائي سگهندا.

پاڻ ۲۰۱۳ع ۾ اسان جي آبائي ڳوٺ نرچ ۾ مدرسي جي افتتاح لاءِ تشريف فرما ٿيا. پهريان باباسائين جي مزار تي دعا گهريائون پوءِ مسجد ۾ پيپهري جي نماز پڙهيائون. دعا بعد ڪين ڪجهه لفظ ڳالهائڻ لاءِ عرض ڪيوسون. پاڻ لائوڊ اسپيڪر تي پندرنهن منٽ ڳالهايائون، جنهن ۾ پاڻ باباسائين متعلق طالب علمي جي دور جون ساروڻيون اوريائون. وري اوطاق تي هلي چانهه پاڻي پيتائون. اتان اٿياسون ته مون کي پاڻ سان گڏ گاڏي ۾ ويهڻ لاءِ فرمايائون. پاڻ مقرره جاءِ تي مدرسي جي پيڙهه جو پٿر رکي دعا گهريائون ۽ پوءِ درگاهه ڏانهن موٽ ڪيائون.

توڙي جو منهنجو اٿڻ ويهڻ سرڪاري سطح تي وڏن معزز ماڻهن سان ٿئي ٿو پر مان اٿڻ ويهڻ ۽ ڳالهائڻ ۾ استاد سائين کان متاثر رهيس. مان جڏهن پي پي ايڇ آئي نوشهروفيروز جو ضلعي ڪامورو هيس. پاڻ استاد مفتي محمد اسماعيل ميمڻ سڪندري صاحب جي مدرسي جي دستارِ فضيلت جي جلسي ۾ اچڻا هئا. مون ڪين فون ڪري آفيس تشريف آڻڻ لاءِ عرض ڪيو. پاڻ عرض قبول ڪندي تشريف فرمايائون. مفتي دوست علي بروهي سڪندري صاحب به ساڻن گڏ هو ۽ هڪ ڊاڪٽر به هو جيڪو مون سندن سفارش تي ڀرتي ڪيو هو. پاڻ اڌ ڪلاڪ ڪن آفيس ۾ ويٺا چانهه پاڻي پيتائون. مون ڪين پنهنجي ڪرسي تي تشريف رکڻ لاءِ عرض ڪيو. پاڻ انڪار ڪندي فرمايائون ته انجنيئر صاحب! رب پاڪ اها عهدي واري ڪرسي اوهان کي عطا ڪئي آهي مون کي ويهڻ مناسب ناهي. پوءِ تازو وضو ساري جلسه گاهه طرف هليا ته مونکي به ساڻ

هلڻ لاءِ حڪم ڪيائون.اسٽيج تي بہ پاڻ سان گڏ ويهاريائون. دستاربنديون ٿيڻ ڪانپوءِ پاڻ خطاب فرمائي واپس درگاهہ شريف روانا ٿيا پوءِ سلطان الواعظين جناب مفتي عبدالرحيم سڪندري نوراللّٰہ مرقده جن خصوصي خطاب فرمايو.

بيمارين جي بار بار حملن باوجود عمر جي آخري حصي ۾ بہ ڪين قلم ۽ قرطاس سان لڳاءُ هو. بابا سائين جي ڪتاب حقوق الوارثين لاءِ ڪراچي واري گهر ۾ استاد سائين جي خدمت ۾ حاضر ٿيس. انهن ڏينهن ڪين دماغي فالج جو جهٽڪو لڳو هو تنهنڪري ڪين قلم جهلڻ ۽ لکڻ ۾ تمام گهڻي ڏکيائي پئي ٿي. ان جي باوجود پاڻ تقريظ لکي ڏنائون ۽ فرمايائون تہ مان گهڻو لکي نٿو سگهان، هي هي ڳالهيون منهنجي طرفان اوهان لکي ڇڏجو. ڪڇهري ڪندي پاڻ منهنجي والد گرامي بابت پڇيائون تہ مولوي صاحب پويان ملڪيت ۾ ڇا ڇڏي ويو؟ مون عرض ڪيو قبلا پاڻ پنهنجي پيءُ طرفان مليل ملڪيت ۾ ڪو اضافو نہ ڪيائون سواءِ ان جي تہ ڳوٺ وارو گهر جوڙايو هيائون. پاڻ ٻڌي ٿورو ماٺ ٿي ويا پوءِ فرمايائون تہ اللّٰہ پاڪ مولوي صاحب جا درجات وڏائي، پر يار مون تہ هي گهر (جنهن ۾ وينا هئاسون) هيڏانهن هوڏانهن ڪري ٻارڙن لاءِ تيار ڪيو آهي. ان ئي ملاقات ۾ پاڻ فرمايائون تہ مان ۽ منهنجا گهروارا مالي تنگي ڪان سورت الواقعہ پڙهندا رهندا آهيون اللّٰہ جي مهرباني سان تنگي دور ٿي ويندي آهي، توهان بہ پڙهندا ڪريو. سندن اوچتو مشورو ٻڌي مون کي يقين ٿي ويو تہ استاد سائين کي ڪشف آهي جو ان وقت منهنجا حالات بہ تنگ هئا جن جو مون ساڻن ذڪر بہ نہ ڪيو هو. ان ئي ملاقات ۾ پاڻ تحديث نعمت طور هڪ ٻيرو ٻيهر مرڪي ٻڌايائون تہ منهنجي پٽ محمد ظفر کي ان ڪري نوڪري ملي جو هن انٽرويو ۾ آفيسرن کي ٻڌايو تہ منهنجي والد صاحب کي ٢٧ ڏينهن ۾ قرآن شريف حفظ ڪرڻ جو شرف حاصل آهي. ان ملاقات کان سال سوا پوءِ درگاهہ شريف تي سندن گهر ۾ ڪتبخاني واري ڪمري ۾ طبيعت پڇڻ لاءِ حاضر ٿيس، سندن فرزندَ سائين خليفو فقير محمد اڪرام صاحب، ظفر صاحب ۽ حافظ يحيٰ صاحب بہ موجود هئا. مون سان منهنجو وڏو سوٽ ادا آفتاب احمد سندس فرزند علي شباب ۽ منهنجا ننڍڙا محمد اويس ۽ احمد ضرار بہ گڏ هئا. سندن ويجهڙ واري حافظي ساٿ نہ پئي ڏنو تنهنڪري سڃاڻڻ ۾ دقت ٿي رهي

هئن. سندن طبيعت جي ناسازي ڪري ٿوري ڪچهري ڪري ترت دعا گهرائي اجازت گهري سون.

استاد سائين ڪمين ڪارين فون ڪندا رهندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن ميار ڏيندي فرمائيندا هئا ته بابا مان ئي اوهان کي ياد ڪندو آهيان اوهان ته فون به نٿا ڪريو. واقعي به سندن رعب سبب ساڻن فون تي ڳالهائڻ جي همت نه ٿيندي هئي پر سندن صحت ۽ مصروفيتن بابت هميشه باخبر رهندو هوس. استاد سائين جي اسپتال ۾ داخل ٿيڻ جي خبر پئي ته فورن سندن فرزند جناب خليفي محمد اڪرام سان فون تي رابطو ڪيو جن دلجاء ڏني پر هڪ ٻن ڏينهن بعد سندن لاڏاڻي جي ڏکوئيندڙ خبر ٻڌي. ائين لڳو جڻ هڪ پيرو پيهر مون کان منهنجو بابو جدا ٿي ويو هجي. ٿوري ئي دير بعد مان استاد سائين جي آڏو بيٺو هوس. اندر ۾ استاد جي سامهون اچڻ وارو ادب ۽ خوف ساڳو هو پر هن پيري ساڻن ”مون سڏيندي سڏڙا ساٿي سڏ نه ڏين“ مطابق ملاقات ٿي جنهن جيءَ کي جهوري وڌو. غم ۽ گوندر دل تي اهڙو گهيرو ڪيو جو آئون ٻتاڙجي پيس ته استاد سائين جي وڇوڙي تي سندن فرزندن کي آٿت ڏيان يا ڪائنن آٿت وٺان.

الله ڪريم جل مجده منهنجي عظيم محسن استاد مٿان لکين ڪروڙين رحمتون نازل فرمائي.

آمين بجاه النبي الامين و صلي الله عليه وآله واصحابه و بارک وسلم.

# مفتي صاحب جون ديني ۽ سماجي خدمتون

**ميان شفيق احمد مهيسر**

**سجاده نشين درگاه شريف ڪمالديره**

**۽ اڳوڻو ڪمشنر سکر ڊويزن**

علامه مفتي محمد رحيم سڪندري رحمة الله عليه جن جو وڇوڙو بلا شڪ هڪ وڏو علمي ۽ ديني نقصان آهي. پاڻ پنهجي سموري زندگي دين جي خدمت لاءِ وقف ڪري ڇڏيائين. درگاه شريف پير جو ڳوٺ تي قائم درسگاه راشديه جي مهتمم جي حيثيت ۾ لڳ ڀڳ ۴۵ سالن جي عرصي ۾ هزارين شاگردن هن درسگاه مان علم جو فيض حاصل ڪيو ۽ دستاربندي جي سعادت حاصل ڪرڻ بعد سنڌ ۽ ملڪ جي ٻين حصن توڙي هندوستان جي مسلم آبادي وارن علائقن ڪڇ ڀڄ،راجستان ۽ گجرات تائين ديني تعليم جي ترويج ۾ مصروف آهن.

درگاه شريف پير جو ڳوٺ صدين کان علمي ۽ روحاني فيض جو سرچشمو رهندو پيو اچي. حضرت پير سيد محمد راشد روضي ڌڻي رحمة الله عليه جن جي سلسله ولايت ۽ جانشيني جي گلدستي ۾ هر هڪ بزرگ جي هر گل وانگر پنهجي پنهجي خوشبو رهي آهي ۽ هر هڪ بزرگ جو روحاني، علمي ۽ دنياوي لحاظ کان پنهنجو الڳ مقام رهيو آهي. هن سلسلي جا ٻه بزرگ حضرت پير سيد شاه مردان شاه (اول)، المعروف ڪوٽ ڌڻي رحمة الله عليه ۽ پير سيد سڪندر علي شاه، شاه مردان شاه (ثاني)، رحمة الله عليه ، ستون پاڳارو جن خصوصي مقام رکن ٿا. پير سيد شاه مردان شاه(اول) رحمة الله عليه جن جي سجاده نشيني جو دور درگاه شريف پير جو ڳوٺ جو علمي، ادبي، ديني ۽ روحاني لحاظ کان سنهري دور چئي سگهجي ٿو. سنڌ جو ڏاهو، محقق ۽ عظيم عالم ڊاڪٽر نبي بخش خان ڪين شمس العلماءَ جي لقب سان ياد ڪندو هو. جڏهن ته پير سيد شاه مردان شاه (ثاني) رحمة الله عليه جن جو دور به ساڳي طرح ئي وڏي اهميت جو حامل آهي.

سورهيه بادشاهه رحمة الله عليه جن جي شهادت جهڙن اوندوهناڪ واقعن کان پوءِ جنهن بردباري، بهادري ۽ سنجيدگي سان درگاهه شريف جو نظام سنڀاليائون ان جو ڪو مثال ئي ناهي. اسان جي خانقاهن ۽ درگاهن جو اصلي ورثو ديني ۽ علمي خدمت آهي ۽ پير صاحب جن ان اهم ڪم کي جنهن خوش اصلوبي سان سر انجام ڏنو اهو تاريخ جو هڪ اهم حصو بڻجي ويو آهي. سن ١٩٥٢ع ۾ سندن جلاوطني ختم ٿيڻ ۽ درگاهه شريف تي واپس ورڻ کان وٺي اڄ ڏينهن تائين مستقل طور درگاهه شريف تي ديني تعليم ۽ درس و تدريس جو جاري رهڻ ۽ هڪ عظيم ڪارنامو آهي. خانداني علمي ذخيري کي محفوظ ڪرائڻ ۽ ڪتب خانه ۾ جديد علمي ۽ قديم قلمي مواد جو اضافو ڪرڻ ۽ ان کي محفوظ ڪرڻ سندن علمي ۽ ديني خدمت جا اعليٰ مثال آهن. اهڙي اهم ڪم ۾ سندن جماعت جي علماءِ ڪرام جو اهم ڪردار آهي جنهن ۾ مفتي حضرت علام مولانا محمد رحيم سڪندري رحمة الله عليه به شامل آهي. استاد مفتي محمد صالح رحمة الله عليه جي سن ١٩٧٦ع ۾ وفات بعد ڪيس درسگاهه راشديه پير ڳوٺ جو مهتمم مقرر ڪيو ويو ته اهو فرض هن تن دهي، انتهائي محنت ۽ ذميندراي سان نباهيو ۽ مٿي بيان ڪيل مقاصد جي حصول ۽ درگاهه شريف جي توسيع ۽ ترقي ۾ مرڪزي ڪردار ادا ڪيو.

مفتي صاحب جن جي شخصيت وسيع مطالعي، مسلسل جهد ۽ رياضت جي آئينه دار ۽ هڪ ديني عالم جي شايان شان هئي. سندس ديني علوم جو ادراڪ قابل ديد هو. جماعت سان لاڳاپيل درسگاهن کان علاوه به سنڌ جي عالمن، بزرگن ۽ ادارن سان تعلق استوار ڪرڻ سندس زندگي جي سماجي پهلو جا اهم جز آهن. پاڻ ديني عالمن جي سلسله اساتذه جي به تمام گهڻي معلومات رکندا هئا جو هو ڪيس سندن سلسلي جي اساتذه سان گڏ سمورن لاڳاپيل اساتذه اڪرام جا نالا به برزبان ياد هوندا هئا. سندس قد ڪاٺ به انتهائي موزون هو. مون ڪيس هميشه سنڌي

اسلامي لباس ۾ ڏٺو. سفيد پهراڻ، سفيد شانائتي دستار سندس پروقار شخصيت کي اجان بہ نکاري ڇڏيندي هئي. سندس نوراني چهري تي سفيد با شرع سونهاري إسلامي شعائر جو اهڃاڻ لڳندو هو. خلوص، محبت، وضعداري ۽ تعلقات ۽ لاڳاپا قئم ڪرڻ ۽ انهن کي مستقل بنيان تي جاري رکڻ ۽ نڀائڻ سندس وڏي خوبي هئي.

درگاهہ شريف ڪمالديره ۽ درگاهہ شريف پيرڳوٺ جي بزرگن جو تعلق صديـــن تي محيط آهي جيڪو باقاعــده طور پير سيـــد حزب الله شاهہ راشدي رحمة الله عليه المعروف تخت ڌڻي (ٽيون پير پاڳارو) جن جي دور ۾ قائم ٿيو جو اڄ تائين بہ قائم آهي. مولانا مفتي محمد رحيم سڪندري، حضرت علامہ ميان غلام محمد مهيسر رحمة الله عليه جن سان تمام گهڻي عقيدت رکندو هو پاڻ کين استاد العلماء جي لقب سان ياد ڪندو هو.درگاهہ شريف ڪمالديره تي هر سال منعقد ٿيندڙ عرس شريف جي جڏهن بہ ڪيس ڪوٺ ملي تہ ان کي خوش دلي سان قبول ڪري شريڪ ٿيو. ۷۸هين عرس مبارڪ ۾ شرڪت ڪيائين ۽ تفصيلي خطاب پڻ فرمايائين. مفتي صاحب پنهنجي تقرير ۾ چيو تہ:

”حضرت علامہ ميان غلام محمد مهيسر رحمة الله عليه صاحب ولايت بزرگ، علم ۽ فضل جو عظيم نشان ۽ زهد، توڪل ۽ تقويٰ جو سهڻو نمونو هئا. ڪمالديرائي هر فن ۾ منفرد۽ يڪتا هئا.علامہ صاحب پنهجي ڳوٺ ڪمالديري ۾ ديني تعليم جو اجراءُ هڪ سو سال اڳ ڪيو. ان قت ۾ ديني مدرسو قائم ڪرڻ سو بہ اڪيلي سر ۽ وري طالب علمن جي تعليم ۽ کاڌ خوراڪ جو انتظام ڪرڻ توڪل بغير ممڪن ئي نہ هو. وسيلا ۽ ذريعا ظاهري طور تہ هئا ئي ڪو نہ. چندو ڇاڙڻ معيوب هو فقط توڪل علي الله اول ۽ آخر ذريعو هو. حضرت مولانا رحمة الله عليه جن وٽ جيڪو بہ شاگرد ديني تعليم پرائڻ آيو ڪيس داخلا سندن فياضي ۽ خوش دلي سبب آساني سان ملي ويندي هئي. هر طالب علم کي الله تعاليٰ جو

مهمان سمجهندا هئا. سندن فيض علم جي اجارن لاء منو چشموثابت ٿيو“.

۹ شعبان المعظم ۱۴۴۰ھ (14 اپريل ۲۰۱۹ع) تي منعقد ٿيل ۸۳هين عرس مبارڪ جي موقعي تي علالت باوجود شرڪت ڪيائون. ان موقعي تي پنهنجي خطاب ۾ فرمايائين تہ:

”حضرت علامہ ميان غلام محمد مهيسر رحمة الله عليه جن جي عرس مبارڪ ۾ شرڪت منهجي لاءِهميشہ تسڪين جو باعث هوندو آهي. پاڻ اڪثروقت الله تعاليٰ جي ذڪر ۾ سادگي سان گذاريائون. پاڻ حضرت شاه مردان شاه (اول ) جن جي دعوت تي ۲۷ رجب تي منعقد ٿيندڙ اجتماع ۾ شريڪ ٿيندا هئا ۽ ٻئي بزرگ هڪ ٻئي لاءِ انتهائي احترام رکندا هئا. اسان کي انهن عظيم عالمن ۽ محسنن کي ياد ڪرڻ گهرجي“.

سندس غير معمولي ديني خدمتن جي صلي ۾ الله پاڪ مفتي صاحب رحمة الله عليه جن جا درجات بلند فرمائي.

# مجمع المحاسن استاد مفتي صاحب

**مولانا علي اڪبر يمني سڪندري**

**جامعہ راشديہ درگاه شريف**

بحرِ بي ڪنار تي لکڻ مون ناچيز جي وس، علم، فهم، عقل، سمجھ کان گھڻو مٿي آ پر ادنيٰ ڪوشش ڪري سندس مداحن ۾ نالو ڳڻائڻ چاهيان ٿو.

ڳڻن ڀري جون کھڙيون ڳالهيون لکان، ڪٿان کان شروع ڪيان، ڇا لکان! نہ ادبي صلاحيت آهي نہ الفاظ، نہ ڏانءُ نہ انداز، نہ تحرير ۾ تجربو نہ ئي لکڻين سان گھڻو لڳاءُ، سندن عظيم الشان زندگي ۽ بي مثال خدمت جا واقعا لکڻ جي سگھ نہ ٿو سمجھان، آئون طفلِ مڪتب ڇا ڄاڻان جو ايڏي عظيم شخصيت ڪي محبت ۽ عقيدت جي تحريري يا تقريري ڀيٽا پيش ڪريان پر سيدنا يوسف عليہ السلام جي خريدارن ۾ ٻڍڙي وانگر پنهنجو نالو لکرائڻ اعزاز ۽ سعادت ٿو سمجھان.

مفتي اعظم سنڌ مفتي محمد رحيم سڪندري جامع علومِ عقليہ و نقليہ، شيخ الحديث والتفسير، اعليٰ معيار جا عالم، بهترين محقق، ماهر مصنف، مايہ ناز مدرس، باڪمال مفتي، متقي، ناميارا ۽ برک عالمِ دين ۽ وڏي پائي جا اديب پڻ هئا، وڏا وڏا عالم ۽ مشائخ بہ سندن اڪرام وتڪريم ڪي پنهجي لاء اعزاز ۽ باعث برڪت سمجھندا هئا.

اڄ اسان وٽ سندن وجودِ مسعود تہ نہ آهي پر سندن محبتن ۽ شفقتن ۽ احسانن جو اوسيئڙو اسان جي آسيس جو ذريعو آهي.

سائين جي زندگي جي مختلف پاسن تي ڪجھ ڪجھ لکڻ جي جسارت ڪريان ٿو

**شاگردن سان پيار:** جيڪڏهن ڪو شاگرد بيمار ٿيندو هو تہ ڊاڪٽرن ڏي خود ڪال ڪري پارت ڪندا هئا، والد کان بہ وڌيڪ وارثي ڪندا هئا، ان لاءِ فڪرمند رهندا هئا، بار بار انجي صحت متعلق ڄاڻ حاصل ڪندا رهندا هئا، ايتري قدر جو ٻار کان پدري پيار بہ وسري ويندو هو.

حافظ محمد حسن ڏاهري سڪندري ڪي هڪ دفعي فرمايائون تہ شاگرد جي دستاربندي کان پوءِ ان جي ملازمت جو ايترو فڪر هوندو آهي جيترو هڪ پيءُ کي نياڻيءَ جي جوان ٿيڻ کان پوءِ انجي رشتي ۽ شادي جو هوندو آهي.

مولانا محمد عرفان راڄپر سڪندري باگڙجي واري ٻڌايو تہ هڪ دفعي شوال ۾ اسُر وقت مفتي صاحب جي ڪال آئي، سارَ ٿي اٿيندي ڪيم پر آواز ننڊ وارو هو. فرمايائون عالمن کي تهجد تي پابندي ڪرڻ گهرجي ڇو تہ اهي نبين جا وارث آهن ۽ نبي ڪريم ﷺ تي تهجد فرض هو.

**حوصلا افزائي:** ڪنهن شاگرد کان ڪو سوال پڇڻ ۽ جواب درست ڏي تہ ان جي بيحد حاصل افزائي فرمائيندا هئا. مونکي دستار کان اڳ ئي ڪنهن عاليشان اداري ۾ پڙهڻ جو خيال هو. سائين مفتي صاحب کي وقتاً فوقتاً عرض بہ رکندو هيس پر هر دفعي پنهنجي شفقت ۽ پيار سان پاڻ وٽ ئي رهايائون. دستار کان پوءِ عيد الفطر جي موقعي تي هڪ دفعي ميان محمد سومر سڪندري وٽ تعزيت جي سلسلي ۾ سائين جي آمد متوقع هئي. مون موقعي کي غنيمت ڄاڻي ڪڪڙن تي دعا ڪرڻ لاءِ فون ڪري دعوت عرض ڪيم. فرمايائون ٽائيم جي قلت جي ڪري ڳوٺ ڪو نہ هلي سگهندس باقي پنو عاقل ۾ ڪٿي ملاقات ڪري سگهجي ٿي. اها ڳالھ مامي سعيد احمد رحمہ الله کي ٻڌايم جيڪو پنو عاقل شهر ۾ ئي رهندو هو ۽ وڏو سخي هو. ان چيو تہ مفتي صاحب جي خدمت جو موقعو مونکي ميسر ٿئي تہ اها منهنجي لاءِ سعادت کان گهٽ ناهي. مون فون ڪري عرض ڪيو تہ پنو عاقل شهر ۾ ئي ٽائيم ڏيڻ جي مهرباني فرمائجو. فرمايائون تہ ان شاءَ الله افطاري اوهان وٽ ڪندا سين. (سائين شوال جا ڇھ روزا رکندا هئا) مهرباني فرمائي آيا اتي مامي سعيد منهنجي ترجماني ڪندي چيو تہ ننڍڙي کي وڏيڪ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ ڪهڙي اداري ۾ موڪلڻ گهرجي. سائين مفتي صاحب جواباً ڪجھ اهڙا وڏا جملا فرمايا جيڪي مان هتي لکڻ بي ادبي ٿو سمجهان. اهي جملا مان صرف سندس تواضع تي ۽ پنهنجي لاءِ دعا ۽ حوصلا افزائي تي ئي محمول ڪري سگهان ٿو. ۽ پوءِ فرمايائون هن جي بيحد شوق جي ڪري اسين ڪيس ڪجھ وقت لاءِ ڪنهن ٻاهرين ملڪ موڪليندا سون ۽ الحمد لله يمن موڪلڻ مفتي صاحب جي ئي مهرباني هئي.

ڪيترن ئي شاگردن کي ڪرائي جو خرچ به پنهنجي جيب مان ڏيندا هئا جيئن امام شافعي جڏهن تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ مصر وڃي رهيو هو ته ان کي امام مالڪ رستي جي خرچ لاءِ ڪجهه پئسا ڏنا هئا تيئن سائين مفتي صاحب مونکي به نوشهروفيروز ۾ مدرس ٿيڻ وقت ڪجهه رقم عنايت ڪئي هئي.

هوشيار شاگردن جي حوصلا افزائي لاءِ ڪين مختلف ڪتاب به گفٽ ڪندا هئا مولانا غلام نبي لاشاري سڪندري بلوچستاني کي فتاويٰ عالمگيري گفٽ ڪيائون ۽ هن فقير کي به ڪجهه ڪتاب مليا.

**خير خواهي:** ديني ۽ دنياوي ڪمن وارن ماڻهن جون وٿن قطارون هونديون هيون، بلا امتياز هر ڪنهن جو جائز ڪم ڪرڻ جي خوب ڪوشش ڪيائون. اهو ڪنهن کي محسوس نه ڪرايائون ته مٿن احسان ڪريون ٿا، ”الدين النصيحة“ (دين خير خواهي جو نالو آهي) جي بنياد تي هر ڪنهن سان خير خواهي ڪندا هئا. اها صرف شاگردن، پنهنجي چونڪي وارن يا درگاه شريف جي مريدن تائين محدود نه هئي، وٿن پهتل، مشڪل ۾ ڦاٿل هر شخص جي هر ممڪن ۽ جائز مدد فرمائيندا هئا، پنهنجي پرائي جي امتياز بغير بي لوث خدمت ڪندا رهيا.

تاريخ ساز شخصيت هئا، جيڪي ڪم سوين سنجيده ماڻهو ۽ عاليشان ادارا نه ڪن سي ڪم سائين وٽ سرعت ۾ ٿين، جيڪي ڪم ايم پي اي ۽ ايم اين اي نه اڪلائي سگهن سي ڪم سائين اڪيلي سر اڪلائيندا هئا. ايس پي ۽ ٻيا آفيسر سندن فون، نياپي ۽ خط کي اهميت ڏيندا هئا.

**مناصبِ عاليہ جو خوب نباهُ:**

**۱:دار الافتاء جا اڳواڻ:** مستند حوالن، سليس سمجهاڻي، غير مُخلّ اختصار جي ڪري فتويٰ نويسي ۾ فريد الدهر ۽ مرجعِ الخلائق هئا. بلوچستان بلڪ پوري پاڪستان ۾ سندن فتويٰ حرفِ آخر هوندي هئي، سنڌ توڙي هند ۾ سندن فتويٰ مسلّم هئي، فتويٰ وٺندڙ ايندي پريشان ۽ مجبور نظر ايندا هئا ۽ موٽندي خوش ۽ مسرور هوندا هئا

**۲: درگاه شريف جي جامع مسجد جا امام ۽ خطيب:** مسجد جي صفائي ۽ ٻئي نظام تي هر وقت نظر رکڻ پنهنجي ذميواري سمجهائون. جهڙ هجي يا مينهن، آنڌي هجي يا طوفان، پنج ئي وقت پابندي سان ايندا هئا. حرمين شريفين جي

حاضري ڪان سواءِ موڪل تمام گهٽ ڪندا هئا. تنهن ڪري ئي شهري ماڻهن توڙي جماعتي فقيرن جي جيءَ ۾ جلد جڳهه جوڙي ورتي.

**۳: پير سائين سردار جي پار واري جماعت جا مک ۽ خليفا:** خنده پيشاني، خوش اخلاقي ۽ خير خواهي، قابليت ۽ ملنسازي سان ماڻهن کي موهي وڌو. ۽ تمام جلدي پراون کي به پنهنجو ڪري ورتو. چونڪي جي ماڻهن جا سوين مسئلا هوندا هئا سڀئي سلجهائيندا هئا. هر فيلڊ جي مختلف طبقن ۽ مختلف طبيعتن وارن ماڻهن سان منهن ڏيڻ مزاق ناهي، سائين جن سڀني کي خنده پيشاني سان ملي مسئلو ٻڌي جلد حل فرمائي ڇڏيندا هئا. علم، سياڻپ ۽ ڏاهپ سان گڏوگڏ حلم ۽ حڪمت ۾ با ڪمال هئا ته صبر، سهپ، تحمل ۽ برداشت ۾ به بي مثال هئا. جو اڻ پڙهيلن ۽ علم وارن کي بيڪ وقت سنپاريون پئي آيا. ۽ ڪين مفيد مشورن سان نوازيندا رهيا.

**۴: جامعہ راشديہ جا مهتمم:** وسيع النظر ۽ دور انديش شخصيت هئا. مدبرانہ صلاحيتن سان جامعہ راشديہ کي جدت جي پوشاڪ پهرائي، عام طرح سان ڏٺو ويو آهي ته ماڻهو پنهنجي گهر جي فردن کي به صحيح طرح نہ ٿو هلائي سگهي پنج راضي آهن ته ڇهون ناراض نظر ايندو. سائين جن هن عظيم اداري ۾ سون جي تعداد ۾ شاگردن ۽ ٽيچرز ۽ ٻين ملازمن کي راضي رکيو پئي آيا.

پڙهائي ۽ نظام ۾ بهتري جي حتیٰ المقدور ڪوشش ڪيائون. جامعہ راشديہ کي آسمانن جون بلنديون ڏيکاري عرشن تائين عروج ڏياريائون .

**۵: جمعيت علماء سڪندريہ جا سرواڻ:** هزارن جي تعداد ۾ علماء کي متحد ۽ منظم ڪرڻ واري حڪمت ۽ ڏاهپ وارو گُر به ڪير سائين کان سکي، هر سڪندري سان اهڙو رويو جو هر ڪو سمجهي ته سائين ته آهي ئي منهنجو.

**ادبي صلاحيت:** مادري ٻولي بلوچي هئڻ جي باوجود سنڌي ادب ۾ سگهارا هئا. فتویٰ ۾ مسئلي جو مضمون ڪيڏو به وڏو ڇو نہ هجي پر سائين جي فصيح ۽ وجيز عبارت آڏو اڪثر ڪري ڇٽن پنجن سٽن کان اڳتي نہ ڇرندو هو. سندس قلم ۾ قادر ڪريم جي قدرت جو ڪمال سمايل هو جو ڪيس ڪنهن به مضمون جي مُسودّي تيار ڪرڻ جي به ضرورت نہ پوندي هئي. سندن پهرين لکت ئي حرفِ آخر هوندي هئي. عام طور ڏٺو ويو آهي ته اديب پنهنجي مقالي کي به ٽي

دفعا دهرائيندو آ ۽ غور سان پڙهندو آ پر سائين جن کي نظر ثاني جي به ضرورت نه پوندي هئي

عربي ادب ۾ به ڪين خالق طرفان يدِ طوليٰ ميسر هو. عراق دبئي ۽ سعودي جي سفرن ۾ بي تڪلف ۽ بنا جهجهڪ جي عربن سان اظهار ما في الضمير ڪندا هئا.

اردو ادب ۾ به اديبن جا منظورِ نظر هئا. فارسي ادب ۾ به اڳيرا رهيا.

لفظ سندس مطيع هئا. لفظ ڪيترو به اڻ وڻندڙ ۽ ناشائسته ڇو نه هجي ان کي پنهنجي ادبي اسلوب سان ڊڪيل ۽ پردي ڏار مرادف سان ائين سمجهائيندا هئا جو سگهڙ به ساڪت ٿي وڃن ۽ اديبن جا اڳواڻ ۽ رئيس به ريسون ڪن.

**حضور جي بارگاهه ۾ سندن مقبوليت:** هڪڙي شاگرد حجت ڪندي هڪ دفعي سائين کي عرض ڪيو ته شريعت ۽ دين پڙهون ٿا ديدارِ نبي نصيب نه ٿيو پڙهڻ جو ڪهڙو فائدو؟ آئون نه پڙهندس جيستائين ديدار جو شرف نه ٿو ملي. پاڻ ان کي ان انداز ۾ سمجهايو ته حبيبن جي حضور ۾ هجت جي جاءِ ناهي.

اهڙو ئي هڪ مثال مولوي نالي منو لغاري سڪندري جو به آهي ان تعليم جي ابتدائي سالن ۾ ئي سائين وٽ اچي ديدارِ مصطفيٰ ٿيڻ جو انگل ڪيو فرمايائونس ته اسان به ان شرف جا مشتاق آهيون. سندس پاءُ مولانا محمد دين سڪندري ٻڌايو ته ان شاگرد جي ڪمري کان نڪري وڃڻ کانپوءِ اسانکي فرمايائون هن ۾ اجان اها سگهه ناهي. مطلب ته اعليٰ قسم جي پاڪيزگي، طهارت ۽ تزڪيو گهربل هوندو آهي. يعني جڏهن پاڪائي ۽ تزڪيي جي ان درجي تي پهتو ته زيارت ممڪن آهي. اتان اشارو ملي ٿو ته سائين تي اها مهرباني ٿيل آهي.

مولانا محمد دين لغاري ٻڌايو ته مولانا غلام مصطفيٰ ڏاهري، گل بهار سومرو ۽ ٻيا اسان جي ٽولي وارا دوست هڪ دفعي درگاهه شريف تي درسِ حديث حاصل ڪري رهيا هئا سين ته درگاهه شريف جي شهر جو رهاڪو ريٽائر ٽيچر فقير قادر بخش مڱريو روضي شريف جي حاضري ڏيئي درس کان فارغ ٿيڻ جي انتظار ۾اچي ويهي رهيو. درس پورو ٿيو دعا ٿي پوءِ فقير عرض ڪيو سائين حضور اڪرم ﷺ جي بارگاهه ۾ مقبول هجڻ جي اوهان کي مبارڪ

هجي، جو جڏهن آئون مديني شريف هيس ته فجر نماز کانپوءِ جڏهن پنهنجي رهائشگاهه يعني هوٽل جي روم ۾ پهچندو هيس ته مونکي اوهان جي آواز ۽ انداز جهڙو درس جو آواز روزانو ٻڌڻ ۾ ايندو هو، روم جو دروازو کوليان ته آواز بند ٿي وڃي اها ڪيفيت مديني شريف ۾ يڪو رهي مڪي شريف ۾ نه. اهو ٻڌندي ئي سائين مفتي صاحب جي ڪيفيت تبديل ٿي وئي، ان فقير سائين کان دعا گهرائي ۽ هليو ويو.

مولانا غلام نبي لاشاري سڪندري ٻڌايو هڪ دفعي مولوي محمد ادريس سومرو ڪنڊياروي سنن ابي داؤد جو شرح ڪٺي آيو ۽ ان شرح جا خصائص ۽ امتيازيات پئي بيان ڪيا تڏهن سائين مفتي صاحب ڪتاب کولي ڏٺو ۽ ڪنهن لغوي مُطوّل بحث تي نظر پئي ته فرمايائون مونکي اهو شرح وڻندو آهي جنهن ۾ حديث مبارڪ جو شرح حديثن سان هجي، يعني رڳو قال رسول الله صلي الله عليه وسلم هجي.

العلماء ورثة الأنبياء:اها جهلڪ به سندن زندگي ۾ ڪيترن ئي ماڻهن ڪيترائي دفعا ڏٺي.

١: **طعام ۾ برڪت:** جمعي جي نماز کان پوءِ آيل فقير فقراء پرديسي مسافرن ۽ جامعه جي رهائشي استادن جو ميڙاڪو هوندو هو، ننگر اڪثر ڪري برياني هاٿ پاٿ ۾ ايندي هئي بظاهر موجوده مهمانن لاءِ غير ڪافي لڳندو هو پر اڪثر ڪري ڪٿائي نه سگهندا هئا سون، جيئن حضرت ابو هريره ﵁ جي کير وارو پيالو، حضرت ابو هريره کي بک لڳي، غذا جي لاء ڪجھ خوراڪ جي سخت ضرورت هيس، رسول الله ﷺ فرمايس هي کير جو پيالو آ سمورا اصحابِ صفه وٽي آ، وٽي آيس ته فرمايائون واري واري سان هر ڪنهن کي ڏيؤ تي پيار، دل ۾ خيال آيو ته پوءِ منهنجي لاءِ ڇا بچندو؟ پر! جڏهن سيئي پي چڪا ته به پيالو پريل هو پوءِ مونکي پيئڻ جو حڪم فرمايائون، پيتم، وري پيهر حڪم فرمايائون، بجا آوري ڪندي وري پيتم، وري ٽيهر حڪم فرمايائون، پوءِ به پيتم، پيالي کي ڪر نه آيو، آخر ۾ نبي ڪريم ﷺ واپرايو، مطلب العلماء ورثة

الأنبياء جي مطابق سائين مفتي صاحب جي طعام ۾ برڪت جو مشاهدو ڪيو ويو. بظاهر ٿوري ناشتي مان بہ ٽي ماڻهو ڍؤ ڪن،

**٢: رعب:** العلماء ورثة الأنبياء جي مطابق رعب بہ تمام گهڻو:

نبي ڪريم ﷺ فرمايو: منهنجي هڪڙي خصوصيت هي بہ آهي جو رب پاڪ مونکي رعب سان نوازيو آ، مهيني جيتري پنڌ تي پري هوندي بہ دشمن دهلجي ويندو آ. سائين مفتي صاحب کي بہ رب پاڪ رعب سان نوازيو، حڪام، آفيسر ۽ وڏيرا چاهيندي بہ نہ ڳالهائي سگهندا هئا. سندس حڪم ۽ فيصلي تي لبيڪ چوندا هئا.

**ايماني غيرت:** حق گوئي ۽ حقانيت ۾ هميشہ اڳيرا رهيا، مڪراني مسجد سکر واري ڪيس ۾ ميزبانن کي سندن سوين مهمانن جي سامهون حق سچ چيائون:

**بهترين مدرس:**تدريس اهڙو عظيم منصب آهي جنهن جي هر دور ۾ ضرورت رهي آهي، ديني علم هجي يا دنياوي،بعقلي هجي يا نقلي، مذهبي ڄاڻ هجي يا معاشي، ڇا بہ هجي پر ان جي حصول لاءِ هڪ قابل استاد جي ضرورت هوندي آهي، اها مسلّم حقيقت آهي تہ جهڙي طرح جسماني بيمارين جي علاج لاءِ هڪ پلي ۽ ماهر ڊاڪٽر جي ضرورت هوندي آهي اهڙي طرح هڪ اسٽوڊنٽ کي علم حاصل ڪرڻ لاء بہ ڪنهن بهترين ۽ ماهر ٽيچر جي ضرورت هوندي آهي، سائين مفتي صاحب عاليشان استاد بہ هئا تہ ماهر ۽ مايہ ناز مربي بہ هئا.

حضرت روزي ڏٽي جي جامع مسجد جي صحن ۾ روضي مبارڪ جي ڇانوَ ۾ صبح جي بابرڪت پهر ۾ سبق هجي حديث شريف جو شرح ڪرڻ وارو هجي سائين مفتي صاحب ڇا تہ نظارو هوندو!؟ درسِ حديث ڏيندي علامہ ابنِ حجر عسقلاني ۽ علامہ بدر الدين عيني جا أقوال بيان ڪرڻ سان گڏوگڏ پنهنجي طرفان تشريح ۾ بہ جڏهن نوان نوان محقَّق نڪتا ٻڌائيندا هئا تہ وڪيلِ احناف لڳندا هئا، ۽ جديد مدلل پوائنٽن سان سامعين کي محظوظ ڪندا هئا، نوراني چهري تي جمال جي جهلڪ جيڪا جلال سان ممزوج هوندي هئي سا ڏسڻ ۽ پسڻ وٽان هوندي هئي، سبحان الله!

اسين سائين کي سدائين سفيد لباس، سفيد دستار، ۽ سفيد سونهاري ۾ ڏٺو. عاليشان عطر استعمال ڪندا هئا، علمي عطر ۽ خوش اخلاقي واري خوشبو سان جڏهن انتهائي وڻندڙ ۽ مزيدار مشڪ، عود ۽ عنبر جو امتزاج ٿيندو هو تہ مڪتب ۽ مدرسي جي فضا ۽ ماحول معطر بڻجي ويندو هو. خوشبو جي هٻڪار سان سامعين معمور ۽ مخمور ٿي ويندا هئا.

الحمد للّٰه! اهي ساعتون ۽ سعادتون اسان کي ڪيترائي سال ميسر ٿيون. سفر حضر ۾، مدرسي ۽ مسجد ۾، اوطاق ۽ گهر ۾ سندن زبان تي ورد هوندو تہ حديث قرآن يا دلائل الخيرات جو، ديني ۽ شرعي ڪتب سان گهرو شغف رکندا هئا.

سندن زندگي مبارڪ علم سان گڏ عمل، تدريس سان گڏ تبليغ، انتظام سان گڏ اصلاح، سماجي خدمتن سان گڏ خير خواهي، ملڪي ۽ غير ملڪي سطح تي ڪوششن ۾ گذري.

**پهرين ملاقات ۽ حُليو مبارڪ:** تقويٰ ۽ پرهيزگاري جو پيڪر، پُرنور چهرو، وچولو قد، مون پهريون ڀيرو سائين جي زيارت ۱۹۹۶ ۾ ڪئي جڏهن جامعہ راشديہ ۾ ايڊميشن لاءِ آيس تڏهن منهنجي عمر ۱۲ سال هئي، مون سدائين سائين کي سفيد لباس، سفيد دستار، ۽ سفيد سونهاري ۾ ڏٺو.

**سائين جو جلال ۽ جمال:** غصي جي وقت سندن چهري تي ايترو تہ جلال جو وفاقي حڪومت جا حڪمران ۽ صوبائي حڪومتن جا سربراهہ بہ سامهون اچڻ ڳالهائڻ کان لهرائن،۽ هم منصب مفتيانِ عظام بہ ملاقات کان لنوائي معذرت ۾ ئي عافيت سمجهن، ۽ وري نارمل ماحول ۾ هر ملاقات ڪندڙ کي اخلاقِ عظيمہ ڏسڻ کان پوءِ سندس ساراهہ ڪرڻ کان سواءِ سک نہ اچي، راضپي واري ٽائيم ننڍي منصب واري کي ۽ شاگردن کي بہ اهڙي شفقت ۽ محبت ملي جو ڪائنڻ والدين جي وُڏّ بہ وسري وڃي.

عاشقانِ رسول ۽ حر جماعت لاءِ نهايت ئي نرم گوش ۽ خوش اخلاق، ۽ اعداءِ احمد مصطفيٰ ﷺ ۽ دشمنانِ درگاهہ لاءِ صفا سخت رهيا، يعني صحابہ ڪرام جي صفت "أشداء علی الکفار رحماء بینھم" جا مڪمل طرح مصداق هئا:

# برڪت پري شخصيت

## مولانا عبدالسبحان سڪندري

**جامعہ راشديہ**

عصر نماز کان پوءِ درگاهہ مبارڪ جي مسجد شريف ۾ ويٺو هيس، استاد محترم سائين مفتي دوست علي صاحب زيد مجده جي ڪال آئي تہ سائين مفتي صاحب جهان ڇڏي ويا آهن. بس خبر پوندي يقينا محسوس ڪيم تہ بي انتها شفقت ۽ ڀاڄهہ جو ڪو سائبان هو، جنهن ڪان اڄ مون سميت سندن ڪيترائي چاهيندڙ، نسبي توڙي روحاني اولاد محروم رهجي وئي.

الله اڪبر! استاد سائين جي زندگي جامع پهلوئن واري هئي. برصغير جي عظيم خانقاه جو خطيب و امام، گڏو گڏ جامعه راشديہ جو اهتمام، نظم و ضبط، تدريس، خلافت جي زميداري، اهي سيئي معاملا پنهنجي جاءِ تي اهميت وارا هئا. سيني کي سنڀالڻ ناممڪن نہ تہ بہ مشڪل ضرور هو، پر سندن خوبي هئي جو مدرسي جي معاملات ۾ پاڻ پنهنجي برگزيده زنده دل اساتذه ڪرام کي نموني طور عمل ۾ آنداڻون. نتيجي ۾ پاڻ بهترين منتظم مدرس ثابت ٿيا. علماء، فضلاء، ادباء ۽ خلفاء جي مجلس هجي، هر جاءِ تي سندن مسلم حيثيت هئي.

هجي بہ ڇونہ! حضرت ڇٽ ڌڻي قدس سره جن جا ايترا منظور نظر جو فرمائين تہ مفتي صاحب ۽ منهنجي طرفان ڪي توهان عيد مبارڪ. سبحان الله! ڇا تہ شفقت و بنده نوازي مرشدن ڪريمن جي طرفان، يا سندن پيشاني تي پاڻ چمي ڏناڻون. يقينا جماعت پوري ۾ اهڙا اعزاز ڪنهن بئي جي حصي ۾ نہ آيا. اهو خوشبخت حضرت استاد سائين رحمہ الله عليہ ئي هئا.

**حافظو ۽ تدريس :** ڪمال درجي جو حافظو. قرآن پاڪ تمام ٿورن ڏينهن ۾ ياد ڪرڻ. حافظي جو ڪمال تہ آهي ئي آهي، پر گهڻو ڪري قرآن پاڪ جو معجزو بہ آهي. اهو معجزو صرف قرآن پاڪ سان ئي خاص آهي، پر ان ڪان سواءِ ٻيا ڪتاب انهن جو ياد هجڻ فقط سندن حافظي جو ڪمال چئبو.

”الزبده في شرح البردة“ جي ”حرف آغاز“ ۾ پاڻ لکن ٿا تہ قصيده

شريف پڙهڻ واري زماني ۾ استاد مفتي اعظم پاڪستان، مفتي محمد صاحبداد جمالي عليہ الرحمہ جي توجہ مبارڪ سان روزانہ جو سبق بغير ڪنهن محنت جي آساني سان بخوبي ياد ٿي ويندو هو. اڄ ٽيهون سال پڙهڻ کي گذريو آهي، پر قصيده شريف الحمد لله اهو ئي ازبر آهي.

هي تہ ٽيهن سالن جي ڳالهہ آهي، ٢٠١١ع ۾ حافظ محمد مريد سان گڏ هيس. سندن خدمت ۾ آفيس ۾ ويٺا هئاسون، قصيده شريف جو ذڪر نڪتو. حافظ محمد مريد عرض ڪيو تہ سائين قصيده شريف ياد پيو ڪيان. پاڻ فرمايائون: ”ڪيترو ياد ڪيو آهي؟“ حافظ محمد مريد ڪجهہ ٻڌايو، پر جتي ڪيس نہ پئي آيو، اتي سائين رحمہ الله عليہ ڪيس لقمه ڏيندا ويا. يقينا اهو تہ سندن حافظي جو ڪمال آهي.

دوره حديث ۾ بخاري شريف هر جماعت کي پڙهائيندا هئا. صبح نماز کان بعد درگاهہ مبارڪ جي مسجد شريف ۾. باقي مشڪٰوة شريف موقوف عليہ وارن کي پنهنجي آفيس ۾ اچي پڙهائيندا هئا. پر الحمد لله اسان جي جماعت تي گهڻي شفقت رهي. اسان عرض ڪيو تہ سائين مشڪٰوة شريف بہ درگاهہ مبارڪ مسجد شريف ۾ پڙهايو. پاڻ خوشدلي سان مهرباني فرمايائون. اهڙي طريقي سان الحمدلله اسان جي جماعت کي مشڪٰوة شريف ۽ بخاري شريف ٻئي حضور ۾ پڙهڻ نصيب ٿيا.

بخاري شريف جو پهريون جلد مڪمل ٿيو مٿان امتحانن جا ڏينهن بہ سولا هئا. فرمايائون تہ امتحان ڪافي ويجها آهن، پر ٻيو جلد ڪتاب المغازي کان شروع پيو ٿئي. مغازي سيرت طيبہ جو اهم ترين حصو آهي، ان کي ڇڏڻ وڏو ڏوهہ آهي. ياد پيو اچي تہ ٻيو جلد ڪتاب المغازي جو گهڻو حصو پڙهڻ جو شرف حاصل ٿيو هو.

**عشق درگاهہ مبارڪ :** درگاهہ مبارڪ سان بي پناهہ محبت، خصوصا حضرت پير سائين ڇٽ ڌڻي قدس سره جن جو ذڪر ٻڌندي يا ٻڌائيندي اشڪبار ٿي ويندا هئا. سمجهہ ۾ ايندو هو تہ محبت و عشق جو ڪو سمنڊ سندن سيني ۾ ڇوليون پيو هڻي.

تقريبا ٢٠١٦ع ۾ استاد سائين محمد اسماعيل ”خزانة الاسرار“ سنڌي

ترجمو ڪيو. ڪتاب ڇپجي آيو. حيدرآباد کان جڏهن ڪتاب درگاهه مبارڪ سائين ڪنيو پئي آيا تہ رابطو ڪري مفتي صاحب کي ٻڌايائون تہ حاضر ٿيون پيا، ڪتاب اچي ويو آهي. بوجود ٿڪاوٽ، ضعيفي، بيماري جي خلاف معمول ويٺا رهيا، نہ تہ آخري ايام ۾ عشاء نماز گهر پڙهندا هئا، يا وري فرض پڙهي سنتون گهر وڃي پڙهندا هئا. پر ڪتاب جي اشتياق ۾ انتظار ڪندا رهيا. سائين وارا پهتا، ڪتاب پيش ڪيائون. ان موقعي تي راقم موجود هو. درگاهه مبارڪ سان متعلق ڪتاب سنڌي ۾ ڇپجي جماعت جي آسان فهم جو ذريعو بڻيو. ان مهل سندن مزاج ۾ جيڪا خوشي هئي سا اتي موجود ڏسندڙ ئي محسوس ڪري سگهيا. لفظن ۾ ان جو بيان نہ ٿو ڪري سگهان.

**حيدرآباد جو واقعو:** حيدرآباد روزي ڌڻي مسجد ۾ ڏيڍ سال کن سندن حڪم مطابق امامت و خطابت جي خدمت جو موقعو مليو. هڪ ڏينهن بغير اطلاع جي ظهر نماز کان بعد فورا آيا. نماز پڙهيائون، مون ماني جي لاءِ عرض ڪيو. فرمايائون ڪراچي جلدي پهچڻو آهي. ۵۰۰ روپيہ پنهنجي جيب مان ڏنائون تہ تازو فروٽ آڻ. فروٽ ونئي آيس، سؤ روپيہ بچو. فرمايائون: ”تون اڄ ماني نہ ڪاڌي آهي ان مان ڪجهہ کائي ونجان.“

واقعي بہ شيڊول روزانہ ظهر نماز کان اڳ هوندو هو، پر ان ڏينهن ڪنهن سبب جي ڪري ماني نہ کائي سگهيو هئس. الله تعاليٰ مٿن رحمتون فرمائي. اهڙي قسم جون بي انداز ڳالهيون دوست ٻڌائيندا آهن.

*خدا رحمت کند این عاشقان پاک طینت را.*

# صاحب علم و فضل

**مولانا محمد رفيق سڪندري**

**جامعه راشديه**

دنيا ۾ ڪجھ شخصيتون اهڙيون هونديون آهن جيڪي پنهنجي علم و فضل ۽ ڪردار جي ڪري پنهنجي پويان اڻ مٽندڙ نقوش ڇڏي وينديون آهن.

اهڙين عظيم شخصيتن مان اسان جو استاد زبدة العلماءِ والصلحاءِ شيخ الحديث مفتي محمد رحيم سڪندري بہ هڪ هو.

سائين مفتي صاحب جي شخصيت هڪ بحر بيڪران هئي، جنهن جي گهراين جو احاطو مشڪل آهي. اهڙي شمع هئا، جنهن سان ڪيترائي چراغ روشن ٿيا. سندن ٻاراڻپ ۾ ئي ذهانت ، فطانت ۽ فراست جا آثار نمايان هئا.

ذهانت تہ ايتري ڪمال درجي جي هئي جو پاڻ قرآن مجيد فقط ٢٧ ڏينهن ۾ حفظ ڪيو. جامعہ راشديہ درگاھ شريف مان ديني تعليم مڪمل ڪرڻ ڪان پوءِ استاد العلماءِ مولانا محمد صالح مهر جن جي وصال بعد اعليٰ حضرت پيرسائين شاھ مردان شاھ رحمة الله عليه جي حڪم مطابق ١٩٧٦ ڌاري جامعہ راشديہ جا مهتمم مقرر ٿيا.

اها خدمت تمام بهترين انداز ۾ سرانجام ڏنائون، سندن دور ۾ جامعہ راشديہ ڪافي ترقي ڪئي. اهو اوج ۽ عروج اڄ تائين قائم ۽ دائم آهي.مفتي صاحب هڪ اداري جي مهتمم هجڻ سان گڏ هڪ مصلح ، مبلغ ۽ دين جا سفير هئا.

سندن شخصيت جو نمايان پهلو سندن تدريسي مشغولي هئي، پاڻ رڳو تلاميذ کي درس نہ ڏيندا هئا بلڪ گڏ وگڏ انهن جي سهڻي تربيت بہ فرمائيندا هئا.

سندن تدريس ۾ عمق ۽ وسعت هئي جو شاگرد سندن درس جا منتظر رهندا هئا.

سائين مفتي صاحب جن جو شاگردن سان نهايت ئي شفقت وارو تعلق هو، هر هڪ شاگرد جي انفرادي صلاحيت کان واقف هوندا هئا۽ هر هڪ سان ان مطابق ورتاءُ ڪندا هئا.۽ ڪمزور طالب العلم تي خصوصي توجهه فرمائيندا هئا ۽ ذهين شاگرد کي اڳتي وڌڻ جا موقعا فراهم ڪندا هئا، اهو ورتاءُ فقط مدرسي ۾ پڙهائي دوران نہ هوندو هو بلڪ شاگردن جي فراغت کان پوءِ پاڻ انهن جي لاءِ درس و تدريس جي سٽي جاءِ جو بندوبست ڪرڻ پنهنجي ذميداري سمجهندا هئا.

سائين مفتي صاحب جن کي ڪتابن سان گهڻو چاهه هو، ايتري قدر جو انتهائي علالت جي آخري ايام ۾ ڪتابن جو مطالعو ترڪ نہ ڪيائون،.

سندن زندگي اسان لاءِ درخشان باب آهي. جيڪو سدائين اسان جي سامهون رهندو، ان جي بامقصد زندگي مان اسان لاءِ اهو درس آهي تہ ڪيئن هڪ انسان پنهنجي زندگي کي بامقصد بنائي سگهي ٿو ۽ ڪهڙي طرح دين، علم ۽ عمل جي ميدان ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪري سگهي ٿو. سائين مفتي صاحب جن جو وصال در حقيقت دل ڏڪوئيندڙ آهي ، پر سندن تعليمات ۽ خدمتون اسان جي درميان قائم ۽ دائم رهنديون.

الله پاڪ کان دعا آهي تہ سندن شاگردن کي علمي ورثي کي سنڀالڻ ۽ اڳتي وڌائڻ جي توفيق عطا فرمائي. ۽ سندن درجات کي بلند فرمائي جنت الفردوس ۾ اعليٰ مقام عطا فرمائي. آمين.

# علم دوست عالم دين

## مولوي حبيب الله رُڪ سڪندري

حضرت مفتي صاحب سان منهنجون يادون ١٩٥٤ ڪان وٺي سلهاڙيل آهن. محرم جي مهيني ۾ مدرسي ڪان جڏهن ٣ ڏينهن موڪل ملي.شام جو ۵ وڳي استاد مولوي محمد صالح رحمة الله عليه جي غير موجودگي ۾ استاد مفتي صاحبداد سائين ڪان موڪلائي مفتي صاحب، مولوي عزيز الله، مولوي ارباب علي ، مولوي ولي محمد ڪوسو ۽ مان گڏجي نڪتاسين. غربت سبب ڪرايو نه هئڻ ڪري ابل واهه ڪان پنڌ ڳوٺ ايندا هياسين.

هڪ ڏينهن مفتي صاحب ٻڌايو ته حضرت پيرسائين ڇٽ ڌڻي جن زيارتن تي نڪتل هئا، مان رستي واري زيارت ڪري ٽورو پري وڃي اڪيلو ٿي بيٺس، پاڻ گاڏي بيهاري مون ڪان پڇيائون ڇوڪرا! ڪاڏي وينديں؟ مون عرض ڪيو ته قبلا سائين! مان درگاهه شريف جي مدرسي جو طالب آهيان، پاڻ منهنجي مٿي تي هٿ گهمائي خاص دعا سان نوازيائون.

انهن ئي دعائن جي ڪري مفتي صاحب سنڌ يونيورسٽي مان فاضل عربي جي امتحان ۾ پهرين پوزيشن ماڻي.

مفتي صاحب جن ڪتابن جي اشاعت ۽ جامعه راشديه جي جيڪا خدمت ڪئي، سا بيان ڪرڻ ڪان مٿي آهي.

مفتي صاحب جن سان منهنجو ڪاروباري لحاظ سان به ڪجهه عرصو واسطو رهيو. مان به ايڪڙ زمين جيڪا قومي شاهراهه سان لڳ هئي، اها مفتي صاحب ۽ علي محمد نوناري کي ڏني. جيڪا ڏهه سال ڪاميابي سان رهي.

منهنجي ڳوٺ جي مدرسي لاءِ خاص دلچسپي وٺي، حضرت پيرسائين جن کي عرض ڪري جامعه جي برانچن ۾ شامل ڪيائون. ان بعد امتحاني سلسلي ۾ ڪافي اچ وڃ رهي.

دعا ۽ تمنا آهي ته شال رب ڪريم سندس فرزندن خليفي حاجي محمد اڪرام ۽ ڀين کي صبر جي توفيق عطا فرمائي ۽ جماعت جي خدمت ڪرڻ جي توفيق ڏي. آمين ثم آمين.

# محبت ۽ عقيدت جو تعلق

## فقير ميان محمد سومر سهروردي سڪندري

العارفون لايموتون

الله جا عارف ڀانها ڪڏهن بہ نٿا مرن هو تہ دلين ۾ زنده رهندا آهن.

حضرت مفتي محمد رحيم سڪندري هڪ باصفا، بااخلاص ۽ نوراني هستي هئا.جن جي زندگي علم ، عمل ، محبت ۽ خلوص سان ڀرپور هئي.سندن چهري تي انڪساري ۽ دل ۾ نور ۽ يقين جي تجلي نظر ايندي هئي. جتي بہ ويهندا اتي اخلاص محبت ۽ ذڪر الاهي جي خوشبو پکڙجي ويندي هئي.

سندن گفتگو ۾ علم جي گهرائي سان گڏ دلين کي جاڳائڻ واري تاثير ۽ روح کي سڪون ڏيڻ واري نرمي محسوس ٿيندي هئي.

حضرت مفتي صاحب کي اسان جي بزرگن ۽ پوري خاندان سان انتهائي شفقت ۽ محبت جو لاڳاپو هو، خاص طور اسان جي والد محترم مولوي ميان شفيع محمد سهروردي سڪندري سان سندن وڏو روحاني ۽ اخلاقي تعلق رهيو. جڏهن بہ حضرت صاحب پنو عاقل ايندا هئا تہ وڏي محبت سان ياد ڪندا،ملاقات فرمائيندا ۽ شفقتن سان نوازيندا هئا. ملاقات دوران اسان جي وڏڙن جا نالا وٺي وڏي محبت سان ياد ڪندا ۽ سندن لاءِ دعائون ڪندا هئا.

اسان جا بزرگ بہ حضرت مفتي صاحب سان وڏي محبت رکندا هئا. جڏهن بہ ڪنهن جلسي يا ڪانفرنس جي اشتهار ۾ حضرت مفتي صاحب جو نالو ڏسندا هئا تہ هڪ ٻئي کي خوشيءَ سان ٻڌائيندا تہ ”فلاڻي هنڌ جلسو آهي، جنهن ۾ حضرت مفتي صاحب اچي رهيا آهن، اچو تہ حضرت جن جو خطاب ٻڌون ۽ دعا وٺون.“

هي محبت ، عقيدت ۽ روحاني نسبت جو اهو سلسلو هو جيڪو هميشہ قائم رهيو.منهنجو لاڳاپو حضرت سان فقط درسي نہ هو پر خانداني بہ هو. منهنجا والد محترم حضرت سان گڏ پڙهندا هئا ۽ مان پاڻ بہ حضرت صاحب جو شاگرد رهيو آهيان.

جڏهن منهنجا والد محترم وفات فرمائي ويـــا، تڏهن حضـــرت مفتي

محمد رحيم سڪندري پهرين ڏينهن تي تشريف آڻي، تعزيت ڪئي، حوصله افزائي فرمائي ۽ وڏي محبت ڏيکاري. هو هميشہ اسان تي مهربان رهندا ۽ هر موقعي تي اسان جي خيرخواهي فرمائيندا هئا.

خاص طور تي جڏهن منهنجا والد محترم وفات فرمائي تڏهن حضرت پاڻ ڪنهن مجبوريءَ سبب جنازي ۾ شريڪ نہ ٿي سگهيا. پر پنهنجي طرفان حضرت قاري محمد حنيف سعيدي صاحب کي موڪليو جن نمازِ جنازه پڙهائي. ۽ پوءِ حضرت مفتي محمد رحيم سڪندري پاڻ جنازي کان پوءِ تشريف فرما ٿيا.هي سندن محبت ۽ اخلاص جو اهڙو مثال آهي، جيڪو وسارڻ جو ڳو ناهي.

سندن ۽ اسان جي اداري (جامعه غوثيه سلطانيه فقير ڳوٺ پنو عاقل) سان گهرو ۽ روحاني تعلق هو. هر سال جڏهن "دستارِ فضيلت ۽ محبت رسول ﷺ ڪانفرنس" منعقد ٿيندي هئي، حضرت مفتي صاحب لازمي شريڪ ٿيندا، وعظ فرمائيندا ۽ پنهنجي روحاني حاضري سان محفل کي ايمان ۽ محبت جي رونق ڏيندا هئا.

هو رڳو ان ساليانی اجتماع تائين محدود نہ هئا، بلڪ جڏهن بہ موقعو ملندو تہ عام ديني ۽ اجتماعي پروگرام جهڙوڪ شهداءِ ڪربلا، شهادت حضرت عمر فاروق، ۽ ٻين مذهبي مناسبتن سان ٿيندڙ محفلن ۾ بہ پنهنجي محبت ڀري حاضري سان شرڪت فرمائيندا هئا. انهن جي اچڻ سان هر محفل ۾ روحانيت ۽ برڪت جي خوشبو پکڙجي ويندي هئي.

حضرت جو اسان سان تعلق فقط ظاهري نہ پر روحاني نسبت تي ٻڌل هو. هو ايندا تہ نصيحت ۽ ذڪر جو چراغ روشن ڪري ويندا ۽ ويندا تہ دلين ۾ محبت الهي جي خوشبو ڇڏي ويندا.

اللّٰه تعالىٰ پنهنجي محبوبن جي صدقي حضرت مفتي محمد رحيم سڪندري جي مغفرت فرمائي، سندن درجا بلند ڪري ۽ سندن علم ، فيض ۽ محبت کي قيامت تائين زنده رکي. اسان کي بہ سندن اخلاص،عاجزي ۽ محبت واري رستي تي هلڻ جي توفيق عطا فرمائي. آمين بجاه سيد المرسلين ﷺ

# تنهنجون ڳالهيون سڄڻ پئي ڳائيندس.

## مولانا محمد مٺل سڪندري

### جامعہ راشديہ

استاد ۽ شاگرد جو رشتو، روحاني رشتو هوندو آهي. والد، اولاد جي لاءِ دنيا ۾ اچڻ جو سبب هوندو آهي تہ استاد وري انهي کي دنيا ۾ هلڻ بلندين تائين پهچڻ جو ذريعو هوندو آهي. استاد کي پنهنجي شاگرد جو ايترو فڪر هوندو آهي، جيترو والد کي پنهنجي اولاد خاص ڪري نياڻين جو هوندو آهي.

اڄ سالن جي ڏکهي اڙانگي سفر، ڪٺن حالات کي مد نظر رکندي شاگردن جي اصلاح، تربيت ، دنيا جي لاءِ ذريعہ معاش وغيره جي ڳڻتي هوندي آهي. خاص ڪري ان علم جي جيڪو پاڻ شب و روز محنت ڪري پڙهايو تہ شاگرد اڳتي وچي علم کي ورهائي ثواب جاريہ جو وارث بڻجي.

مون پنهنجي استاد سائين مفتي دوست علي سڪندري دامت برڪاتہ جن جي زندگيءَ مان گهڻو ڪجهہ پرايو آهي،سندس صحبت، تربيت مون جهڙي فقير کي جامعہ راشديہ جهڙي عظيم جڳهہ تي فائز ڪري ويهاريو آهي. سمجهان ٿو اهو سڀ ڪجهہ استاد سائين مفتي صاحب جي مهرباني ۽ شفقت جو نتيجو آهي. منهنجي محسن جا ڪهڙا ڳڻ ڳايان. اگر اهو موضوع ڪٽي وينس تہ شايد مضمون طويل ٿي وڃي.

ان ڪري اڄ قبلا مفتي محمد رحيم سڪندري ؒ جون ڳالهيون ڪرڻيون آهن تہ سائين مفتي صاحب ڪيتري شفقت ۽ مهرباني ڪئي اها ياد ڪري هي مضمون تحرير ڪندي اکيون اشڪبار آهن. قبله مفتي صاحب جون يادون ذهن جي ڪينواس تي سانوٽي مينهن جيئن اوهيرا ڪري وسي رهيون آهن. ڪهڙيون ڪهڙيون تحرير ڪجن.

تنهنجون ڳالهيون سڄڻ ويني ڳائيندس
انهي رمز سان روح ريجهائيندس.

والد وانگر مهربان شفيق استاد جون ڳالهيون هزارين ذهن تي آهن ٿورا مهربانيون ڳڻڻ ڪان بہ وڏيڪ آهن پر ڪي ذڪر ڪيان ٿو.

انهن يادگيرين هيئنڙي جي هيرن جو اجهو هيئن ذڪر آهي. تہ مون کي مدرسہ صبغت الهديٰ شاهپورچاڪر ڏانهن پڙهائڻ واسطي موڪلين پيا تہ آفيس ۾ ويهاري پاڻ مون کي ڪجهہ نصيحتون ڪيون، مدرسي جي معاملات پڙهائي معاشري ۾ اٿڻ ويهڻ پڙهائي جي متعلق هدايت فرمايائون.

اهڙي طرح محبت شفقت فرمائي. جيئن والد پنهنجي اولاد سان ڪندو آهي. دوران ڳالهين جي لاڙڪاڻي جا ڪجهہ مهمان جيڪي آفيسر لڳي رهيا هئا، آيا، انهن سان هٿ ملائي خوش خيريت ڪري چيائون تہ ادا معاف ڪجو مون کي هن دوست سان ڪجهہ ضروري ڳالهيون ڪرڻيون آهن پوءِ پاڻ ڪمال شفقت سان انهن ماڻهن جي موجودگي جو احساس ڪندي مون سان عربيءَ ۾ مخاطب ٿيا تہ جئين اهي سمجهي نہ سگهن. مون پدري شفقت محسوس ڪئي تہ ڪيترو خيال آهي توڻي جو آئون سندن ننڍڙو شاگرد هيم پر عزت نفس جو ڪيڏو وڏو لحاظ هيو.

هڪڙي ڀيري آئون منهنجي ماما عبدالواحد مهر سان گڏ درگاهہ شريف تي حاضري لاءِ آيس مغرب نماز سندن جي امامت ۾ ادا ڪئي، ذڪر وغيره ڪري جڏهن ٻاهر نڪتاسين تہ شاهي گيٽ تي قدم بوسي ڪئي سين مفتي صاحب سان مولانا عبدالله ڪوري سڪندري بہ هو. مون ماما جو تعارف ڪرايو تہ پاڻ ڪلهي تي هٿ رکي ماما کي فرمايو تہ ادا! مون کي مولانا جي ڪنهن بہ قسم جي سفارش نہ ڪجان اسان کي هن جو هوئڻ ئي اون ۽ الڪو آهي.

ان وقــت آئون ڪــنهن بہ مدرسي ۾ڪونہ پڙهائيندو هوس. فارغ ويٺو هيس.

الله اڪبر! ڇا تہ محبت هئي مون جهڙن هزارن سادڙن فقيرن سان ڪمال شفقت هئي محبت پيار پريت جا اگر قصا ۽ يادگيرين جا باب لکڻ لاءِ ويهان تہ پورو ڪتاب لکجي ويندو. ڪهڙيون ڳالهيون ڪهڙا ٿورا ڳائي ڳائجن.

تنهنجا ڪهڙا ٿورا ڳايان، ٿو پال هزارين پايان ڙي يار
مون ڪوجهي تي پيلايون، هي سر گهور گهمايان ڙي يار.

# حضرت علامہ مفتي محمد رحيم سڪندري

فقير ڪريم احمد ناريجو

پرنسپل جامعه مليہ گورنمينٽ ڊگري ڪاليج ملير ڪراچي

اڄ جڏهن مان پنهنجي محسن، درگاهہ جامعه راشديه جي سجاٽپ، مترجم قرآن، شيخ الحديث ۽ بلند پايہ عالم دين، اسڪالر، سڪندري عالمن جي سرتاج، سنڌي اديب، محقق، هڪ وڏي سماجي خدمتگار، هزارين عالمن جي استاد، غريبن جي همدرد، هڪ عظيم منتظم، سوين مدرسن ڪي قائم ڪندڙ، انهن ڪي باقاعده انتظامي طور سنڀاليندڙ، حضرت پير سائين پاڳاره جي چونڪي پار جي مُک خليفہ، منهنجي والد صاحب جي وڏي پائ جهڙي ديرينہ دوست جي باري ۾ جڏهن قلم کڻي لکڻ ويٺس، تہ قلم ۽ منهنجي جذبات ۽ خيالات جو ربط ساٿ نہ پيو ڏيئي تہ ايڏي وڏي شخصيت جنهن جو منهنجي ناچيز شخصيت جي تربيت تي گهرو اثر آهي، ان جي شخصيت تي ڪٿان شروع ڪجي؟ ۽ ان همه جهت شخصيت تي ڇا لکجي؟ ان جون ڪهڙيون ڪهڙيون خوبيون بيان ڪجن.

ڇا ڪاڻ تہ مان هتي طبيعيات (نيچرل سائنس) جو استاد آهيان، مان نہ ڪو ليکڪ، نہ اديب آهيان نہ ئي دانشور. جيڪڏهن ڪو ڪجھ ڪڏهن لکيو آهي تہ اهو بہ سندن حڪمت تحت ۽ سندن رهنمائي ۾ لکيو تنهنڪري جيڪڏهن لکڻ ۾ ڪا غلطي ٿئي تہ ان لاءِ اڳواٽ معذرت.

حضرت علامه مفتي محمد رحيم سڪندري صاحب ٣ جنوري ١٩٤١ سکر جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ قادر پور ڀيلو ۾ جنم ورتو. سندن ننڍپڻ والد صاحب جي شفقت کان محروم رهيو. منهنجو والد صاحب فقير مولوي محمد بخش ناريجو جيڪو سندن پائرن جهڙو دوست، مفتي صاحب جن جو هڪ سال سينئر بيچ جامعه راشديہ جي، درگاهہ شريف پير جو ڳوٺ ، حضرت پير سائين پاڳاري جي گادي جي بحالي کان پوءِ غالباً ٻين بيچ جو فارغ التحصيل هو. مفتي صاحب جن ٽين بيچ جا فارغ التحصيل هئا.

سندس چوڪي پار جو غالبا ۱۹۸۸ ڪان ۲۰۱٦ تائين نائب مک رهيو. تنهن ڪري سندن هڪ ڏگهو ساٿ رهيو.باباسائين جي وفات کان پوءِ بابا جي جاءِ تي سندس ذميواريون مفتي صاحب جن سان گڏ ادا ڪرڻ جو اعزاز مون ناچيز کي نصيب ٿيو.

بابا ۽ مفتي صاحب جن جي زباني ڄاڻ موجب گادي بحال ٿيڻ کان پوءِ، مفتي صاحب جن جي والده جيڪا هڪ پختي عقيدي واري حرياڻي فقيرياڻي هئي، اها مفتي صاحب کي ديني تعليم لاءِ درگاهه شريف وٺي آئي. فارغ التحصيل ٿيڻ کان پوءِ مفتي صاحب جن ڪجهه وقت نوابشاهه ۽ پوءِ ڪجهه وقت ڳوٺ سومر فقير هنگورو لڳ شهدادپور جي مسجد ۾ پيش امام ۽ درس و تدريس جا فرائض سر انجام ڏنا.

۱۹۷٦ع ۾ حضرت علامہ مفتي محمد صالح عليہ الرحمة جي وفات کان پوءِ حضرت پير سائين شاهه مردان شاهه شاهه ﷫ ڪين جن جامعہ راشديہ جو مهتمم ۽ درگاهه جو پيش امام مقرر فرمايو.

پوءِ ۱۹۹۵ع ۾ چوڪي پار جو مُک مقرر فرمايو. مون اهو اعزاز حاصل آهي ته مان ۱۹۸۲ ۾ جڏهن ستين، اٺين درجي ۾ پڙهندو هئس تہ ان وقت کان وٺي سندن دست شفقت هيٺ رهيس.

**مفتي صاحب کي جيئن مون ڏٺو:**

مفتي صاحب جن جي ذهانت ۽ محنت جو ثبوت اهو آهي تہ پاڻ سنڌ يونيورسٽي جي تحت ٿيندڙ عالم فاضل جو امتحان پوري سنڌ ۾ امتيازي پوزيشن سان پاس ڪيو.

ان کان پوءِ ۲۷ ڏينهن ۾ قرآن شريف حفظ (ڏينهن جو حفظ ڪري، رات جو تراويح نماز پڙهائيندا هئا) - جيڪو هڪ رڪارڊ آهي - 'ڪنز الايمان' قرآن شريف جو ترجمو هڪ شاهڪار آهي.

مفتي صاحب جن، مفتي علامہ حضرت مولوي محمد صالح عليہ رحمة، مفتي اعظم علامہ حضرت صاحبداد عليہ رحمة ۽ حضرت علامہ مفتي حسين اختر امام جهڙن جيد علمائن کان علم پرايو.

جڏهن عراق ۾ شديد جنگ جو شڪار هيو ان وقت مفتي صاحب جن

هڪ علمي ڪانفرنس ۽ ورڪشاپ ۾ به شرڪت ڪئي، اتي دنيا جي مختلف ملڪن جي عالمن سان علمي تبادلو ڪيو. ان ڪان علاوه پرويز مشرف جي دور ۾ جڏهن ملڪي حالتن، دهشت گردي جهڙن مسئلن تي غور ويچار ۽ شرعي پوزيشن واضع ڪرڻ لاءِ پاڪستان جي جيد علما جو اجلاس گهرايو ويو ته ان ۾ مفتي محمد رحيم سڪندري عليه الرحمة ۽ مفتي عبدالرحيم سڪندري عليہ الرحمة جامعہ راشديہ جي نمائندگي ڪئي.

ان ڪان علاوه ملڪي سطح تي جيڪي بہ عالمي سطح جون ڪانفرنسون لاهور، اسلام آباد، ملتان، ڪراچي، حيدرآباد ۽ ٻين شهرن ۾ منعقد ٿيون انهن ۾ مفتي صاحب جن جامعہ راشديہ جي نمائندگي ڪئي. ۽ اهل سنت علماءِ جو موقف ٺوس، مدلل ۽ دليرانہ انداز ۾ پيش ڪيو.

مفتي صاحب جن جو حديث شريف جي مطالعي سان سان عشق مون ڏٺو ۽ ڪين حديث شريف ۾ به ڪمال جو علم ۽ انداز بيان هو.. جڏهن مفتي صاحب جن پنهنجي شاگردن کي حديث جو سبق ڏيندا هئا ته مان اڪثر (پاسي سان) ويهي غور سان ٻڌندو هئس. مون ڏٺو ته پاڻ نہ صرف حديث جو ترجمو پر حديث جي مختلف آيتن جو تفسير پڙهائيندا هئا. پاڻ قرآن، حديث، وقت، حالات ۽ ضرورت جي باري ۾ بہ ٻڌائيندا هئا ته مختلف آيتون ڪڏهن ۽ ڪٿي نازل ٿيون.

نہ صرف اهو، پر ان آيت ۽ حديث شريف جو موجوده دور جي حالتن ۽ سائنسي علوم سان بہ تعلق قائم ڪري ٻڌائيندا هئا. ان جو مڪمل فلسفو بيان ڪندا هئا، جيڪو مان اڄ جي چند اسڪالرس (عالمن) ڪان علاوه ٻين عالمن ۾ نہ ٿو ڏسان.

جيئن هڪ ڀيرو مفتي صاحب جن طالبن کي حديث پڙهائي جنهن جو مفهوم ڪجهہ هيئن سمجهايائون ته پاڻ ڪريمن ﷺ جن سجدي ۾ هيا ته سندن بغل شريف (ٻانهن ۽ جسم جي وچان) ٻڪري جو هڪ ڇيلڙو بار بار گذري رهيو هو. جنهن مان ثابت ٿيو ته سجدي ۾ ٻانهون پاسي ڪان الڳ هجڻ گهرجن. جديد ميڊيڪل سائنس مطابق ان حالت ۾ دل جون مخصوص شريانون ڇڪجي وڃن ٿيون، خون جو دورو ٺيڪ رهي ٿو ۽ رڳن جي ورزش سان انسان ۾ دل جي بيماري (Heart Attack) جا خدشا گهٽجي وڃن ٿا.

هڪ ڀيري شايد ٢٠٠٥ع جي ڳالهه آهي، پير سائين سيد شاهه مردان شاهه عليہ رحمة جي موجودگي ۾ عيد نماز ۾ مفتي صاحب جن کي خطبو ڏيڻو هو. مفتي صاحب جن کي ان وقت ملڪ ۾ هلندڙ دهشتگردي (تڪليف ڏيندڙ حالتن) تي ڳالهائڻو هو، جنهن ڪري هڪ ڏينهن ڀهريان مفتي صاحب جن کي ڪافي فڪر مند مطالعو ڪندي ڏٺو.

ٻئي ڏينهن عيد نماز ۾ جڏهن مفتي صاحب جن، پير سائين جن جي موجودگي ۾ قرآن شريف جي آيتن، حديث ۽ ملفوظات شريف جي حوالن سان مختصر مگر انتهائي جامع خطاب فرمايو، جنهن کي اسراراحمد علوي صاحب، ۽ ٻين علم دوست ماڻهن ڪافي ساراهيو ۽ متاثر ٿيا.

هڪ ڳالهه عرض ڪندو هلان تہ مفتي صاحب جن ۾ هي وڏي خوبي هئي تہ پاڻ ”سمنڊ کي ڪوزي ۾ بند ڪرڻ“ (وڏي ڳالهه اختصار ۾ ڪرڻ) جو فن خوب ڄاڻيندا هئا.

محترم مفتي صاحب جن کي مون ٻين عالمن کان بلڪل مختلف ڏٺو. ڪين سندن علم جي پاڻ تي وڏو مثالي ڀروسو هو. جڏهن بہ ڪنهن وڏي ماڻهو، عالمن، ڪامورن، سردارن، سياستدانن سان مون ڪين ڳالهائيندي ڏٺو تہ وڏي علمي ۽ پنهنجي شخصي ڀروسي سان بلاجهجڪ ڳالهائيندي ڏٺو. ۽ ڪين متاثر ڪندي ڏٺو.

سندن گفتگو ۽ خطاب ۾ انتها درجي جي شائستگي هوندي هئي، ڪنهن جي بہ دل آزاري نہ ڪندا هئا. وٽن جڏهن بہ ڪو غريب جماعتي يا غير جماعتي ڪنهن ڪم سانگي آيو تہ ان کي ڪڏهن به نا اميد نہ ڪيائون، ان جي مسئلي جي حل لاءِ فورن ان ماڻهو ڏي فون يا چٺي عنايت ڪندا هئا. پوءِ ڀلي اڳيون ماڻهو ڪيڏو بہ وڏو هجي يا اڻ واقف هجي ڪيس پنهنجو تعارف ڪرائي ان کي متعلقہ ماڻهو جو مسئلو حل لاءِ ضرور چوندا هئا.۽ اڳيان ماڻهو بہ تمام گهٽ ئي نا اميد ڪندا هئا.

جماعت جي ذهين نوجوانن کي تعليم، سماجي ميدان ۾ هميشہ همٿائيندا هئا.انهن کي عزت ڏيندا، متعارف ڪرائيندا، جتي جهڙي ضرورت هجي ان جي مدد ڪندي خوشي محسوس ڪندا هئا ۽ انهن کي مستقبل جي لاءِ

تيار ڪندا هئا.

پنهنجي چونڪي جي جماعتي دستوري سفر ۾ راقم ڪافي سال سندن همسفر رهيو. چونڪي جي سفر دوران رشتي ۾ ايندڙ سندن قائم ڪيل مدرسن ۽ مسجدن ۾ مقرر ڪيل پنهنجي شاگرد، پيش امامن ۽ استادن سان ملندا ۽ انهن کان حال احوال وٺندا هلندا. چونڪي جي جماعت جي ننڍي توڙي وڏي، غريب توڙي امير ڪي يسڪوئي سان ٻڌندا ۽ انهن جا مسئلا حل ڪندا هئا.

سفر دوران گاڏي ۾ قرآن شريف جي تلاوت، درود پاڪ جو ورد، دلائل الخيرات جو دور ڪندا رهندا. سفر دوران نماز کان پوءِ ذڪر (گاڏيءَ ۾ بہ) باقاعده ڪندا هئا. سفر کان پوءِ ڪڏهن ڪڏهن رات جو دير سان پلي ۱ وڳي يا ۲ وڳي ڪٽي پهچون ۽ صرف ٿوري دير آرام ڪرڻ ڪان پوءِ تهجد جي نماز ذڪر باقاعده بلا ناغہ ادا ڪندا هئا.

جنگ اخبار جو مطالعو باقاعده ڪندا هئا. TV جون خبرون بہ باقاعده ڏسندا هئا.تنهن ڪري ڪنهن بہ سياسي ۽ سماجي عنوان تي بہ باقاعده دانشوراڻو بحث مباحثو ڪندا هئا. ملڪي سياسي حالات جو بہ بهترين تجزيو ڪندا هئا.

مفتي صاحب جن خانقاه راشديه جي بزرگن جي علمي، ادبي، ديني ۽ عسڪري خدمتن تي تمام وڏو ڪم ڪيو ۽ ان سلسلي ۾ نشر واشاعت ۾ الراشد جو اجراءَ، جامعه راشديه جا پنجاه سال، ملفوظات شريف جو اردو ترجمو ۽ ٻيا ڪيترائي ڪتاب لکيا ۽ ڇپرائي جاري ڪيا.

**يوم شهادت پروگرام ۽ اجازت:**

۲۰۰۶ع ۾ مفتي صاحب جن پير سائين سورهيہ بادشاه جي يوم شهادت جو پروگرام باقاعده قومي سطح تي ڪرڻ جو ارادو ڪيو. پير سائين ڇٽ ڌڻي بادشاه کان اجازت وٺڻ لاءِ پير ڳوٺ کان پاڻ مون کي گڏ ڪٽي نڪتا پوءِ حيدرآبا مان ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ صاحب بہ گڏ هليا. اچي پير سائين ڇٽ ڌڻي بادشاه جي حضور ۾ حاضر ٿياسين. منهنجي لاءِ اهو پهريون ڀيرو هو جو ايڏين وڏين شخصيتن سان ، پير سائين سردار جهڙي عظيم شخصيت جي حضور حاضر ٿيڻ جو شرف مليو. انهن ٻنهي عالمن جو سندن حضور ۾ ادب ۽ احترام

ڏنم. ٻنهي جڏهن عرض پئي رکيو تہ چڻ سندن ساهہ مُٺ ۾ هجي، مفتي صاحب جن ڳچيءَ ۾ ڳارو ، ادب سان ۽ مختصر مگر بهترين طريقي سان عرض رکيو ۽ ٻئي طرف ڪان پير سائين سردار جن بہ ٻنهي عالمن سان بيٺي وڏي شفقت ۽ پيار سان گفتگو فرمائي.پوءِ پاڻ اجازت عطافرمائي.پر فرمايائون تہ ڊاڪٽر صاحب! ، مفتي صاحب! ڪانفرنس پلي ڪرايو پر ”پنهنجي منهن ميان منو“ نہ ٿجو. سندن مقصد هن ڪانفرنس ۾ جماعت ڪان ٻاهر جا اديب ۽ اسڪالر گهرايو، انهن کي ٻڌو اهي غير جانبدار ماڻهو جيڪو ڳالهائيندا ان کي وڏيڪ اهميت هوندي.

۽ ٢٠ مارچ ٢٠١٦ تي خيرپور مسلم ليگ هاؤس تي هي تاريخي ڪانفرنس ٿي.ان ڪانفرنس لاءِ مفتي صاحب جن مون تي ذميواري رکي تہ ڪراچي، حيدرآباد ۽ سنڌ جي مختلفناميارن اديبن ۽ دانشورن تائين خانقاه جي لٽريچر جا ڪتاب، رسالا، دعوت ناما پهچائي وڃان. انهن کي پيرجو ڳوٺ تائين وڃي اچڻ جو بندوبست بہ ڪيان. (الحمدالله) ناچيز سندن اعتماد تي پورو لٿو. مون، ڪراچي يونيورسٽي جي پروفيسر ڊاڪٽر مجيد الله قادري، ڊاڪٽر نواز علي شوق صاحب، اسلامڪ اسٽڊيز ڊپارٽمينٽ جي چيئرمين ڊاڪٽر جلال الدين نوري صاحب، امام احمد رضا ٽرسٽ جي چيئر مين، ڊاڪٽر عبدالرسول قادري، ڊاڪٽر غلام عباس قادري، سنڌ يونيورسٽي جي سنڌي ڊيپارٽمينٽ جي چيئرمين ڊاڪٽر سمون صاحب، تاج جويو صاحب سميت تقريباً ١٢ کان ١٥ اسڪالرس کي دعوت ڏني. اها تاريخي ڪانفرنس ٿي.

ان ڪان پوءِ هر سال حيدرآباد ۾ پير سائين ڇٽ ڌڻي بادشاهہ جن جي يوم وصال جو باقاعده پروگرام ٿيندو رهيو. ان پروگرام ڪرائڻ ۾ مفتي صاحب جن جو وڏو هٿ رهيو. ڊاڪٽر عمر چنڊ صاحب جي مفتي صاحب جن وڏي معاونت ۽ مدد ڪئي. مفتي صاحب جن جي علم ۽ شخصيت ۽ ڪردار جي ڪري ڪامورا شاهي ۾ بہ مون تمام گهڻي عزت ڏني.

مفتي صاحب جن همه جهت شخصيت هئا. سندن وصال درگاهہ جامعہ راشديہ، جماعت، سنڌ ۽ پاڪستان ۾ وڏو خال پيدا ڪري ويو آهي. الله سبحانہ و تعالىٰ کين جنت الفردوس ۾ اعلىٰ مقام عطا فرمائي. ۽ مون ناچيز جا هي چند اکر منهنجي نيڪين ۾ شمار ٿين.

# هڪ ڪامل استادَ جو باڪمال شاگرد

**قمرالدين اويسي عطاري**

مورخہ ٢٨ ربيع الثاني ١٤٤٧ھ بمطابق ٢٢ آڪٽوبر ٢٠٢٥ع بروز اربع جو استاذالعلماءِ علامہ مفتي دوست علي سڪندري صاحب دامت فيوضھم (مهتمم جامعہ راشديہ درگاھ شريف پير جو ڳوٺ ) جو هڪ مڪتوب موصول ٿيو، جنهن ۾ ناچيز کي استاذ العلماء عمدة الصلحاء رئيس الفقهاء علامہ مفتي محمد رحيم سڪندري نوراللہ مرقده جن جي صحبت، سندن سان گڏ گذاريل يادگار لمحا، نہ وسرندڙ يادون ۽ قابلِ ذڪر واقعات تحرير ڪري ڏيڻ جي متعلق لکيل هو. ناچيز جو استاذالعلماء عمدة الصلحاء رئيس الفقهاء علامہ مفتي محمد رحيم سڪندري نوراللہ مرقده جن جي متعلق لکڻ ڪنهن سعادتمندي کان گهٽ نہ آهي. فقير ڪو وڏو عالم يا ليکڪ نہ آهي پر هڪ ادنيٰ طالبِ علم جي حيثيت سان هي چند سِٽون لکي رهيون آهيان شال رب العالمين پنهنجي ان ڪامل ٻانهي جي متعلق منهنجون هي لکيل چند سِٽون منهنجي لاءِ توشه آخرت بڻائي آمين يارب العالمين.

استاذ العلماء عمدة الصلحاء رئيس الفقهاء شيخ الحديث والتفسير، عاشق رسول، فنا في الرسول، فنافي الشيخ، جامع الڪمالات، مرجع العلماء، محب القرآن، مريدِ صادق، صاحب علم و حلم، عاجزي و انڪساري جي پيڪر، هزارين عالمن جي استاد، انتهائي شفيق و مهربان شخصيت علامہ مفتي محمد رحيم سڪندري نوراللہ مرقده جو وڇوڙو ڪنهن سانحي کان گهٽ نہ هو، سندن جي وصال سبب جيڪو خال پيدا ٿيو اهو ڪڏهن بہ پرجي ڪو نہ سگهبو. مسلڪِ حق اهلسنت و جماعت، جامعہ راشديہ ۽ درگاھ شريف امام العارفين سراج السالڪين حضرت پير سيد محمد راشد روزي ڌڻي قدس سره العزيز لاءِ سندن جون ڪيل خدمات قابلِ تحسين هئڻ سان گڏوگڏ ناقابلِ فراموش پڻ آهن جن کي سنهري اکرن ۾ لکيو ويندو ۽ تاريخ ان کي هميشہ ياد رکندي ۽ کين خراج عقيدت پيش ڪندي رهندي.

جيئن تہ منهنجو تعلق سندن جي استاد محترم استاذ العلماء عمدة

الفقهاء رئيس المحققين مفتي اعظم پاڪستان حضرت مفتي محمد صاحبداد خان جمالي قدس سره العزيز جي ڳوٺ سلطان ڪوٽ سان آهي ان نسبت جي ڪري مفتي صاحب مون ناچيز تي تمام گهڻي شفقت ڪندا ۽ محبت فرمائيندا هئا ۽ خوب دعائن سان نوازيندا هئا انهيءَ نسبت ڪي مدِ نظر رکندي هن تحرير جي اندر آءِ استاذالعلماء عمده الصلحاء رئيس الفقهاء علامہ مفتي محمد رحيم سڪندري نوراللہ مرقده جو سندن جي استاد حضرت مفتي اعظم پاڪستان حضرت مفتي محمد صاحبداد خان جمالي قدس سره العزيز جن سان شفقت، محبت ادب، تعظيم و تڪريم واري تعلق متعلق ڪجھ ڳالهيون تحرير ڪيان ٿو تہ جيئن حضرت مفتي اعظم پاڪستان نوراللہ مرقده جي سندن تي شفقت، عنايت، ڪرم نوازي ۽ حضرت مفتي محمد رحيم سڪندري نوراللہ مرقده جي پنهنجي استاذ مفتي اعظم پاڪستان نوراللہ مرقده جن جي ادب ۽ سندن سان بي پناھ الفت ۽ محبت متعلق مختصر احوال هن تحرير ذريعي قارئين تائين پهچي سگهي.

استاذ العلماء مفتي اعظم پاڪستان مفتي محمد صاحبداد خان جمالي عليه الرحمه جن سان سندن جي سيني شاگردن جي والهانہ محبت ۽ الفت هئي، پر مون ناچيز حضرت مفتي محمد رحيم سڪندري نوراللہ مرقده جن جي سندن سان جيڪا بي انتها محبت ۽ الفت ڏٺي ان جو لفظن ۾ بيان ناممڪن آهي.

استاد ۽ شاگرد جو رشتو علم، ادب، احترام ۽ محبت تي ٻڌل هڪ پاڪ ۽ روحاني رشتو آهي، جيڪو زندگيءَ جو سرمايو ۽ تعليمي سفر جو بنياد آهي. هي رشتو رڳو سبق ڏيڻ ۽ پڙهڻ تائين محدود ناهي، پر ان ۾ دلين جي وابستگي، فڪر جي روشني، ۽ روح جو سڪون شامل هوندو آهي. استاد، شاگرد لاءِ رڳو علم جو ذريعو نہ پر هڪ رهنما، محسن ۽ روحاني والد جو درجو رکي ٿو، جڏهن تہ شاگرد پنهنجي استاد لاءِ محبت، ادب ۽ وفاداريءَ جو جذبو دل ۾ سموئي ٿو. سندن وچ ۾ محبت اهڙي نرالي هوندي آهي، جيئن روشني ۽ ڏيئو، جيئن خوشبوءِ ۽ گل، جيئن ساٿ ۽ سفر. هي رشتو وقت جي وهڪري ۾ نہ وسرندو آهي، نہ ماند ٿيندو آهي، پر هر نئين نسل ۾ نئين سر اُڀري، علم ۽ اخلاق جي ورثي کي اڳتي وڌائيندو آهي.

استاد ۽ شاگرد وچ ۾ الفت ۽ محبت جو رشتو هئڻ هڪ فطري عمل آهي پر جڏهن استاد برڪ عالم، محقق، مورخ، مصنف، مدرس هئڻ سان گڏوگڏ مفتي اعظم پاڪستان هجي ۽ سندس شاگرد بہ انتهائي ذهين، ڏاهو، تدبر ۽ فهم وارو، شفيق ۽ مهربان استاد هئڻ سان گڏوگڏ عظيم مدرس ۽ شيخ الحديث و شيخ الجامعه جي منصب ۽ درگاهہ شريف امام العارفين سراج السالڪين حضرت پير سيد محمد راشد روزي ڌڻي قدس سره العزيز جي جامع مسجد جي مصلي جو امام هجي تہ ان ڪامل اڪمل شاگرد جي پنهنجي استاد سان محبت ۽ الفت جو ڇا عالم هوندو؟

۰۸ شوال المڪرم ۱۴۳۳ھ بمطابق ۲۷ آگسٽ ۲۰۱۲ع بروز آچر جو جڏهن آءٌ ۽ منهنجو ننڍپڻ جو دوست مولانا عبدالوحيد عطاري مدني پهريون دفعو حضرت مفتي محمد رحيم سڪندري نوراللّٰہ مرقده جن سان ملاقات لاء درگاهہ شريف وياسين تہ حضرت مفتي صاحب بيحد خوش ٿيا، مفتي اعظم پاڪستان مفتي محمد صاحبداد خان جمالي عليه الرحمه جي ڳوٺ سان تعلق هئڻ ڪري تمام گهڻي شفقت فرمايائون، دعائن سان نوازيائون، آخر ۾ پاڻ فرمايائون تہ سلطان ڪوٽ وارن پوين تہ نہ نيايو آهي، اوهان ضرور نيائجو. بحمده اللّٰہ تعاليٰ درگاهہ شريف تي ٿيڻ واري ان پهرين ملاقات ڪان پوءِ حضرت مفتي صاحب نوراللّٰہ مرقده جن سان جيڪو تعلق ۽ رابطو شروع ٿيو اهو سندن جي وصال تائين قائم رهيو ۽ ان شاء الڪريم سندن اولاد سان بہ اهو شفقت ۽ محبت وارو تعلق قائم رهندو.

حضرت علامہ مفتي محمد رحيم سڪندري نوراللّٰہ مرقده جن مون ناچيز ڪي ٻڌايو تہ: استاد سائين حضرت مفتي اعظم پاڪستان عليه الرحمه جن جڏهن جامعہ راشديہ تشريف فرما ٿيا تہ شاگردن جو استاد سائين سان تعارف ٿيڻ لڳو. جڏهن منهنجو وارو آيو تہ استاد سائين ڪي تعارف ڪرائڻ واري ٻڌايو هي طالب علم ذات جو ڪوسو آهي، تعلق بلوچ قبيلي سان اٿس. ( استاد سائين جو تعلق جيئن تہ جمالي بلوچ قبيلي سان هو ۽ سندن جي پيدائش لوڻي سبي بلوچستان جي هئي ) تہ منهنجي ذات ڪوسو ۽ تعلق بلوچ قبيلي سان ٻڌي ڪري مون سان پنهنجي مادري زبان بلوچي ۾ گفتگو فرمائڻ لڳا.

مون کي هڪ مهربان دوست ٻڌايو ته قبله مفتي محمد رحيم سڪندري صاحب نوراللہ مرقده جن فرمائيندا هئا ته: استاذي و استاذ العلماء مفتي اعظم پاڪستان مفتي محمد صاحبداد جمالي عليه الرحمه جن جڏهن جامعه راشديه ۾ ڪاڌو تناول فرمائيندا هئا ته مون کي ضرور گهرائيندا هئا.

حضرت علامه مفتي محمد رحيم سڪندري نوراللہ مرقده جو مون اهو مبارڪ معمول به ڏٺو جو پاڻ جڏهن به درگاهه شريف کان پنهنجي ڳوٺ بلوچستان يا پنهنجي ڳوٺ کان واپس درگاهه شريف تشريف کڻي ويندا هئا ته نڪرڻ مهل فون ڪري اطلاع ڪندا آهن ته آءٌ اچي رهيو آهيان. استاد سائين جي مزار اقدس تي حاضري ڏيڻي آهي. خاص ڪري نائين محرم الحرام تي جڏهن پنهنجي والدين ۽ عزيز و اقارب جي قبرن تي فاتحه خواني لاء نڪرندا هئا ته سلطان ڪوٽ ۾ پنهنجي استاد سائين جي مزار اقدس تي حاضري ڏئي پوء اڳتي روانا ٿيندا هئا اگر ڪڏهن رات جو گذر ٿيندو هو ته گاڏي مان فاتحه خواني ڪري وٺندا هئا.

حضرت مفتي صاحب نوراللہ مرقده جي فرزند محمد اڪرام ڪوسو صاحب (موجوده خليفو چونڪي پار) ٻڌايو ته مفتي صاحب فرمائيندا هئا: جيڪڏهن آءٌ اتفاق سان (رات جي اونداهي سبب يا ننڊ سبب ) استاد سائين عليه الرحمه جي مزار اقدس کان بغير فاتحه پڙهڻ جي گذري وڃان ۽ سلام پيش نه ڪريان ته استاد سائين عليه الرحمه خواب ۾ مهرباني فرمائي ڪري فرمائيندا هئا ته اڄ اوهان گذري ويا ۽ سلام نه ڪيو.

حضرت مفتي صاحب جو اهو به معمول هو ته پنهنجي استاد سائين جي مزار اقدس تي حاضري ڏيڻ کان بعد مئن روڊ تائين پنڌ هلندا هئا، چاهي ڪيتري به گرمي هجي يا سندن جي طبيعت ناساز ڇو نه هجي. پوءِ روڊ تي پهچي گاڏي ۾ سوار ٿي پنهنجي منزل ڏانهن روانا ٿيندا هئا.

هن ناچيز جي مشاهدي ۾ اها به ڳالهه آهي ته مون جڏهن به حضرت مفتي محمد رحيم سڪندري نوراللہ مرقده جن سان روبرو ملاقات ڪئي يا فون تي رابطو ٿيو ته پاڻ به ڳالهيون هميشه چوندا هئا. هڪ ته استاد سائين جي مزار شريف تي منهنجا سلام عرض ڪجو ۽ ٻيو ته منهنجي لاءِ دعا ڪجو.

منهنجي هڪ مهربان دوست گلشير احمد عطاري جي حضرت مفتي صاحب جن سان ڪراچي ۾ ڪنهن جاءِ تي ملاقات ٿي. جڏهن ان سندن کي ٻڌايو تہ آءٌ سلطان ڪوٽ سان تعلق رکان ٿو. تہ پاڻ ان کي بہ اهوئي فرمائڻ لڳا: استاد سائين جي مزار شريف تي منهنجا سلام عرض ڪجو ۽ منهنجي لاءِ دعا ڪجو.

فيبروري ٢٠١٩ع جو استاذ العلماء مفتي اعظم پاڪستان مفتي محمد صاحبداد جمالي عليه الرحمه جن جي ساليانِي عرس مبارڪ جي ڏينهن ۾ حضرت مفتي صاحب جي طبيعت ڪجهه ناساز هئي، پاڻ ٽي ڏينهن پهريان ئي مهربان دوست فقير امداد علي ڪوش جتوئي جي ساليانِي پروگرام ۾ شرڪت ڪري چڪا هئا. ٻن ڏينهن کان بعد طبيعت ناساز هئڻ بعد سندن جو سلطان ڪوٽ اچڻ مشڪل لڳي رهيو هو. مون ڪين عرض ڪيو تہ سائين! اسان جي پروگرام ۾ ضرور اچجو، اوهان جي مهرباني ٿيندي. پاڻ فرمائڻ لڳا: اوهان تي ڇا مهرباني ٿيندي؟ آءٌ اڄ معتبر بڻيو وينو آهيان سو استاد سائين جي ئي بدولت تہ آهيان. طبيعت ناساز هئڻ باوجود مفتي صاحب پنهنجي استاد جي عرس مبارڪ جي پروگرام ۾ شرڪت ڪيائون. مون جڏهن مفتي صاحب کان عرس مبارڪ متعلق تاثرات لکرايا تہ پاڻ تحرير ڪري ڏنائون تہ اڄ استاد سائين جي ٥٤هين عرس مبارڪ جي پروگرام ۾ شرڪت جي سعادت ميسر ٿي. فقير جي حاضري سندن ڪرامت ۽ شفقت جي باعث ممڪن ٿي. الله تعالىٰ سندن شفقت ۽ توجهات عاليه هميشہ قائم رکي، آمين.

١٤ ربيع الاول ١٤٤٧ھ بمطابق ٠٨ سيپٽمبر ٢٠٢٥ع بروز سومر پنهنجي وصال کان تقريبا پنجٽيهہ ڏينهن پهريان حضرت مفتي صاحب نورالله مرقده جن سلطان ڪوٽ ۾ حضرت مفتي اعظم پاڪستان حضرت مفتي محمد صاحبداد خان جمالي قدس سره العزيز جي مزار اقدس تي حاضري ۽ فاتحه خواني لاءِ تشريف ڪٽي آيا، مون سندن فرزند حافظ يحيىٰ بختيار جن کان معلوم ڪيو تہ آخر ڇا سبب آهي جو مفتي صاحب شديد ضعف، ڪمزوري ۽ عمر جي هن پوئين حصي ۾ گهمڻ دوران تڪليف هئڻ باوجود پنهنجي استاد سان ملڻ سلطان ڪوٽ تشريف ڪٽي آيا آهن؟ جنهن تي حافظ يحيىٰ بختيار

جن وراڻيو تہ ڪجھ ڏينهن اڳ بابا گهر ۾ آرامي هئا جيئن ئي ننڊ مان سجاڳ ٿيا تہ ادا محمد اڪرام ڪوسو صاحب (خليفو چونڪي پار ) کي فرمائڻ لڳا تہ مون کي حڪم ٿيو آهي استاد سائين جي مزار تي حاضري ڏيڻي آهي. ( ائين ڪٿي چئجي تہ حضرت مفتي اعظم نوراللہ مرقده پنهنجي پياري ۽ سندن سان انتهائي لڳاءُ رکندڙ شاگرد کي وصال کان ڪجھ ڏينهن پهريان پاڻ سان ملاقات لاءِ گهرايو ۽ پاڻ ان طلب ڪرڻ تي اچي حاضر ٿيا ) مفتي صاحب فاتحه خواني کان فارغ ٿي پنهنجي فرزند حافظ يحيٰ بختيار ڏانهن نهاري پوءِ مون ناچيز سان مخاطب ٿيندي فرمائڻ لڳا، مون کان بعد منهنجي فرزندن سان رابطو قائم رکندا ۽ هو جڏهن بہ اچن انهن کي استاد سائين جي مزار تي ضرور حاضري ڏيارائيندا. مون سندن کي وراڻيو سائين آءٌ خادم آهيان هر وقت حاضر آهيان ۽ ادا يحيٰ بختيار جن رابطي ۾ هوندا آهن. ان کان پوءِ مفتي صاحب جن پنهنجي گاڏي ۾ سوار ٿيا، موڪلائڻ وقت مون سندن جِي دست بوسي ڪئي ۽ ڪين دعا لاءِ عرض ڪيو مفتي صاحب وري منهنجا هٿ چمندي مون کي فرمايو“ استاد سائين جي مزار تي جڏهن بہ اچو منهنجا سلام عرض ڪجو ۽ منهنجي لاءِ دعا گهرجو. اهي لمحا مون کي اڃ بہ ياد آهن. موڪلائڻي مهل مفتي صاحب جون اکيون اشڪبار هيون. الائجي ڇو پر مون محسوس ڪيو تہ شايد مفتي صاحب وري پيهر اسان وٽ ڪو نہ اچي سگهندا ۽ اها نہ وسرندڙ ملاقات سندن سان آخري ملاقات ثابت ٿيندي ۽ ائين ئي ٿيو اها ملاقات سندن سان آخري ملاقات ثابت ٿي ۽ استاذ العلماءِ علامہ مفتي محمد رحيم سڪندري نوراللہ مرقده ٢٠ ربيع الثاني ١۴۴٧ھ مطابق ١۴ آڪٽوبر ٢٠٢٥ع اڱاري ڏينهن ٽيپهريءَ جي وقت ٨۴ ورهين جي ڄمار ۾ ڪراچيءَ جي ميمن اسپتال ۾ علالت سبب وصال ڪري پنهنجي خالقَ حقيقي سان وڃي مليا.

شال رب ڪريم حضرت مفتي محمد رحيم سڪندري عليه الرحمه ۽ سندن استاد مفتي اعظم پاڪستان حضرت مفتي محمد صاحبداد خان جمالي قدس سره العزيز جي مرقد مبارڪن تي ڪروڙين رحمتن جو نزول فرمائي ۽ اسان کي سندن فيضان نصيب فرمائي آمين يا رب العالمين.

# عالم جو موت ناقابل تلافي نقصان

**مولانا علي اڪبر سڪندري**

**صدر مدرس مدرسہ صبغت الاسلام سوندر**

جڏهن ڪنهن عالم باعمل جي موت جي خبر ٻڌڻ ۾ ايندي آهي تہ سمجهدار انسان تي سڪتہ جي ڪيفيت طاري ٿي ويندي آهي ۽ ائين محسوس ٿيندو آهي ڄڻ اڄ اسان ڪنهن قريبي عزيز يا رشتيدار يا سرپرست جي شفقتن کان محروم ٿي وياسين .

چمڪندڙ اس ۾ بادلن جو سايو اسان کان هٽي ويو زمين پيرن کان کسڪي ويئي بهارون اسان کان کاوڙجي ويون ۽ دل ۾ تخيل پيدا ٿيندو آهي تہ هاڻي اسان روحاني توانائي ڪٿان حاصل ڪنداسون ،سينو غم کان تنگ اچي ويندو آهي ، اکيون پر نم ٿي ويندڀون آهن ۽ ائين سمجهو ڪر ان جي وڃڻ کان پوءِ دنيا ويران نظر ايندي آهي

مگر جڏهن عالم باعمل جي وفات تي ان جي هم عصر ۽ شاگردن جا خوبصورت الفاظ ۽ دعائون ٻڌڻ ۾ ايندڀون آهن تہ دل گواهي ڏيندي آهي تہ با مقصد زندگي تہ انهن جي هئي ۽ سعادت وارو موت بہ انهن جو هو .

جيڪو آخري پساهن تائين رب جو قرآن ۽ نبي ڪريم ﷺ جن جون حديثون ٻڌائي ڪري پنهنجي رب جي فضل ۽ نيڪ عملن جي ذريعي دنيا جي نيڪ نامي سان گڏ آخرت جي ڪاميابي سان پنهنجي سفر آخرت جي طرف گامزن ٿيو.

اهڙي موقعي تي نبي ڪريم ﷺ جن جي هي حديث مبارڪ ذهن ۾ تري اچي ٿي تہ الله تعالي علم کي اهڙي طرح نہ ڪڍندو جو ٻانهن جي سينن کان کسي بلڪ پختہ ثقہ عالم کي موت ڏئي ڪري علم کي ڪڍندو.

ايستائين جو جڏهن ڪوبہ عالم باقي نہ رهندو تہ ماڻهو جاهلن کي سردار بڻائيندا ۽ انهن کان سوال ڪندا اهي بغير علم جي جواب ڏيندا اهڙي طرح هو پاڻ گمراهہ ۽ ماڻهن کي بہ گمراهہ ڪندا .

(بخاري شريف)

رسول ڪريم ﷺ ۽ اسلاف امت اهل اسلام کي قيامت جي ڏينهن جي تياري ڪرڻ ۽ پنهنجي آخرت سنوارڻ جي نصيحت سان گڏ ڪيترين ئي اهڙين علامتن ۽ اسبابن جو بہ ذڪر ڪيو جنهن کان پوءِ قيامت قائم ٿيندي انهن کي اسلامي اصطلاح ۾ علامات قيامت چيو ويندو آهي

قيامت جي انهن نشانين مان هڪ گهري فڪر انگيز نشاني علماءِ دين جو انتقال ڪرڻ آهي .علماء جو وصال هڪ ناقابل تلافي نقصان آهي علماء جو دنيا کان وڃڻ در اصل علم جو کڄي وڃڻ آهي ۽ دنيا جو علم کان محروم هجڻ ڪائنات جو سڀ کان وڏو نقصان آهي

مون پنهنجي زندگيءَ ۾ گهڻن ثقه رباني عالمن کي دنيا کان رخصت ٿيندي ڏٺو آهي ۽ هر عالم جي موت کان پوءِ محسوس ڪيو تہ مدتن تائين ان جو خلا پورو ٿي نہ سگهيو .

۱۴ آڪٽوبر ۲۰۲۵ اڱاري جي ڏينهن پاڻ سان گڏ هڪ المناڪ خبر ڪٽي پهتو تہ جامعہ راشديہ درگاهہ شريف جي گلستان جو گل ، پيرسائين شاهہ مردان شاهہ ثاني ڇٽ ڌڻي بادشاہ عليہ الرحمه جو منظور نظر ۽ وڻائن پيار ۽ پاٻوهہ مان "منهنجو مفتي" جو اعزاز ماڻيندڙ .جامعہ راشديہ درگاهہ شريف حضرت پير سائين پاڳاره جو سابق مهتمم خطيب و پيش امام استاذ الاساتذه شيخ الحديث و التفسير مفتي محمد رحيم سڪندري رحمه الله تعاليٰ ونور الله مرقده. الله تعالي کي پيارا ٿي ويا .

مفتي محمد رحيم سڪندري رَحِمَهُ اللهُ تَعَالٰي قرآن ۽ حديث سان بي انتها محبت ڪندڙ شخصيت هئا

آئون مدرسہ صبغت الاسلام سوندر ۾ ۲۰۰۲ ء ۾ بطور مدرس درس نظامي مقرر ٿيس .۲۰۰۳ ۾ مفتي صاحب عليہ الرحمه ٿر ۾ بالخصوص مٺي اسلام ڪوٽ ننگر پارڪر سفر پهريون پيرو سفر ۾ تشريف وٺي آيا ان وقت سوندر ۾ پڪو روڊ نہ هيو ڏانو ڏانڏل جي شهر کان رات جو تمام تڪليفن ۽ سفر جي ٿڪاوٽن جي باوجود مدرسہ صبغت الاسلام سوندر ۾ تشريف وٺي آيا

مدرسہ جي تعليم و تربيت جي سرگرمين کان ايترو تہ متاثر ٿيا جو تا عرصه عليل هرسال مدرسہ جي حالات معلوم ڪرڻ جي لاءِ تشريف وٺي ايندا

هئا.فقير سائين غلام حيدر مهر ۽ فقير سائين محمد رمضان مهر سان بي پناهه محبت بي تحاشا خدمتن ڪي هتي ۽ درگاهه شريف جي صحن ۾ به سهڻي نموني سان ساراهيندا هئا. هميشه جڏهن به مدرسه صبغت الاسلام سوندر جو نالو ٢٧ رجب المرجب جي ساليانی تقريب ۾ علماء ، قراء و حفاظ جي دستار فضيلت جي دوران ايندو هو ته سهڻن لفظن سان گڏ چوندا هئا ته حضرت پير سائين روضي ڌڻي رضي الله عنه جو فيض ٿر بر ۾ جاري وساري آهي بالخصوص ٿر جي باردر جي قريب پيرسائين روضي ڌڻي جي فيض جي جهلڪ نمايان نظر اچي ٿي.

پاڻ جڏهن به عمرڪوٽ تائين ايندا هئا ته گهڻو ڪري مدرسه صبغت الاسلام جي مهتمم فقير سائين محمد رمضان ڪي چوندا هئا ته هيستائين آيس هاڻي اوهان وٽ نه آيس ته زيادتي ٿيندي.

جڏهن به سفر ۾ ايندا هئا سڀ کان پهرين چوندا هئا حافظ قرآن ڪي گهرايو ته قرآن مجيد پڙهي ٻڌائي بهترين ڪارڪردگيءَ تي دعائن سان نوازيندا هئا ۽ شاگردن جي حوصله افزائي جي لاء تعريفاتي ڪلمات سان مشرف فرمائيندا هئا .

قرآن مجيد ۽ حديث سان محبت هميشه تا دم حيات قائم ۽ دائم رهي دوران سفر به قرآن مجيد جي تلاوت ۽ درود شريف پڙهڻ سندن مشغلو رهيو

يقيناً مفتي صاحب عليه الرحمه جون خدمتون شفقتون ۽ دعائون هن مدرسه جي طالبن ۽ تمام اساتذه و معاونين جي لاء قيمتي سرمايو آهن

الله تعالي سندن مزار مبارڪ جي مٿان بي حد رحمتن جي بارش جو نزول فرمائي .

آمين يارب العالمين بجاه سيد المرسلين صلى الله عليه وسلم

# آه مفتي صاحب!

## حافظ مهراڻ

تازه خواهی داشتن گر داغ ہائے سینہ را

گاہے گاہے باز خوان ایں قصہ پارینہ را

هي فارسي بيت رات ياد پيو جڏهن درگاهه پير ڳوٺ مان شيخ الحديث مفتي دوست علي سڪندري صاحب جن ياد ڪندي چيو ته ”حضرت مفتي صاحب جي سوانح ۽ ساروڻين تي ڪتاب فائنل بلڪ آخري مرحلن ۾ آهي انهن ساروڻين ۾ اوهان ڪي به شريڪِ حال ڪيون ٿا صبوح تائين احوال اوري وٺو“.

واقعي زندگيءَ ۾ ڪن شخصيتن سان اهڙا ته تعلق ٿي وڃن ٿا جو هُنن جو وڇوڙو خاص ڪري دائمي وڇوڙو دل کي گهاءَ ٿو رسائي، ڪجھ ڪلاڪن ۾ هيڏي وڏي عبقري شخصيت تي لکڻ گهٽ ۾ گهٽ مون جهڙي فقير لاءِ ڏاڍو ڏکيو آهي پر پوءِ به يادگيرين جي سَمونڊ مان هڪ به واقعا ضرور اوربا..

حضرت مفتي صاحب رحمة الله عليه پير ڳوٺ ۾ جامعه راشديه جي پَٽ تي ويهي اڌ صديءَ تائين قال الله ۽ قال رسول الله صلى الله عليه وسلم جا ترانا ،سلام ۽ عشق عقيدتون پيش ڪيا سچ پچ ته دنيا هن عظيم عالم جي خدمتن کي ڪڏهن به وساري نه سگهندي...

حضرت مفتي صاحب رحمة الله عليه جي زندگيءَ جي حالتن جماعت سڳوري توڙي مختلف علائقن ۾ ديني دعوتي سرگرمين، دين جي فروغ لاءِ سندس ڪردار، جامعہ راشديه ۽ ان جي برانچن جي ترقي لاءِ سندس ڪوششون، جماعت سڳوري جي فقيرن سان محبتون ۽ انهن جي زندگي جي هر پهلوءَ انفرادي توڙي اجتماعي جي ڀلي لاءِ حضرت صاحب جي ساروڻين مان ڪيترائي محبت جا مثال ملي سگهن ٿا....

حضرت مفتي صاحب اخلاق ۽ ڪردار ۾ سلف صالحين جو نمونو ۽ بعض خاصيتن ۾ منفرد ۽ مثالي فرد هو، سچ پچ ته حضرت مفتي صاحب جي زندگيءَ ۽ وڇوڙو حقيقت ۾ ڪلام پاڪ جي هن آيت سڳوريءَ :

”ان صلاتی ونسکی ومحیای ومماتی للہ رب العالمین“

جي مطابق هئي....

سندس هزارين طالبن مان مون جهڙي مسڪين ۽ فقير ماڻهو کي اهو اعزاز حاصل آهي تہ حضرت مفتي صاحب جا سلام محبتون ۽ بعض اوقات خط سنيها سلام کڻي ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب وٽ ويندو هئس ۽ ڊاڪٽر صاحب جون محبتون ۽ درگاهہ مبارڪ جي نسبت واريون ڳالهيون ڪڏهن خطن جي صورت ۾ ۽ ڪڏهن ايئن ئي حضرت مفتي صاحب جي خدمت ۾ پيش ڪندو هئس، هڪ ڀيري حضرت مفتي صاحب چيو تہ مهراڻ فقير! اوهان کان اڳ ڊاڪٽر صاحب جا سلام محبتون سگهڙ عبدالرحمان مهيسر ڏيندو هو ۽ هاڻي اوهان ڏيو ٿا سگهڙ فقير کان اوهان جي پرت پهچائڻ ۾ هڳاءُ پيو آهي....

ڊاڪٽر صاحب جديد ۽ قديم فڪر جي وسيع مطالعي مان جن شخصيتن کان علمي طور متاثر هوندو هو انهن ۾ سنڌ مان حضرت مفتي صاحب جن کي وڏي ترجيح ڏيندو هو، ڊاڪٽر صاحب ڪچهري ۾ چوندو هو تہ قومن جي عروج زوال پيشن هنرن ڏندن ۾ ترقي ۽ ناڪامي اُسرڻ نِسرڻ ،سَببن ۽ تاريخ لکڻ ۾ عالمن جيڪي نُڪتا بيان ڪيا آهن تن جي سمجهاڻي لاءِ حضرت مفتي محمد رحيم سڪندري صاحب جهڙو عالم اسان جي يونيورسٽين ۽ درسگاهن ۾ ليڪچر ڏئي تہ اسان جو سماج عالمن جي علمي تاريخ مان روشناس ٿي سگهي ٿو....

حضرت مفتي صاحب رحمۃ اللہ علیہ جي بي تَڪلفي، جفاڪشي ، محنت، وقت جي پابندي ۽ وضعداري نمايان خاصيون هونديون هيون، سندس ڪچهريءَ ۾ حضرت حبيب صلی اللہ علیہ وسلم جن جي سيرتِ طيّبہ جو ذڪرِخير، خُلفاء راشدين، صحابہ ڪرام ۽ سلف صالحين کان وٺي حضرت پير سائين سيد محمد راشد روضي ڌڻي رضی اللہ عنہ جي سَجاده نشينن جون علمي ادبي سماجي ۽ عسڪري خدمتن جي محبتن جا مثال هوندا هئا....

درگاهہ حضرت پير سائين سيد محمد راشد روضي ڌڻي رضی اللہ عنہ جي مسجد شريف جي خطيب هئڻ جي ناتي سان جماعت سڳوري کي گهڻو ويجها رهيا، آخري ٻن ڏهاڪن ۾ درياءَ جي هن طرف واري“ چوڪي پار“ جا خليفا بہ رهيا

حضرت مفتي صاحب جو تعلق بلوچستان سان هو پر سنڌ جي ڪلچر تي وڏو درڪ هوندو هو. درگاهه پير ڳوٺ ۾ ايندڙ جو تعلق ته هند سنڌ ۽ ملڪ جي مختلف علائقن مان هوندو هو پر گهڻو ڪري سنڌ جي غريب مسڪين ماڻهن جو هوندو هو جيڪي مختلف ننڍن وڏن شهرن ۽ ڳوٺن مان پيادل قافلن جي صورت ۾ ايندا هئا. انهن مسڪين فقيرن سان محبتون ڪندو هو. جماعت سڳوري جي سڪين ستابن سان به اهڙوئي محبت وارو نياءُ هوندو هو هڪ پيري ٽيپري جي فقير محمد الياس جي سڏ تي پهتو ته سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ پي ايڇ ڊي ڪندڙ اسڪالر ڊاڪٽر محمد مريد منگريو سڪندري صاحب جن سائين کي آهستي آهستي ٻڌايو ته واپسيءَ ۾ عمرڪوٽ ۾ حافظ مهراڻ جي " نجهري" جو افتتاح ڪرڻو آهي ان لاءِ ٽائيم گهريو اٿس. جڏهن ته حضرت صاحب کي ڪنهن ضروري ميٽنگ ۾ لاهور پهچڻو هو پر جڏهن مون مسڪين جي اَيري گهرڙي جي خبر ٻڌائين ته ڊاڪٽر محمد مريد صاحب کي چيائين ته حافظ مهراڻ جي نجهري تي ضرور هلبو. قرب ڪري کهي آيا ۽ منهنجي غريباڻي نِجهري لاءِ اهڙي ته دعا ڪيائين جو اڄ سنڌ ۾ محل ماڙيون ته اڻ ڳڻيون آهن پر نجهرو شايد سنڌ ۾ هڪڙوئي آهي جنهن تي تاريخي پٿر جو يادگار جنهن تي پٿائيءَ جو هيءُ بيت به آهي:

مُنيس جهل مُهارڪُنيس ڪاهه م ڪرهو
مون نماڻيءِ جي نجهري پيرو ڪجهه پتار
سڄڻ تو هان ڏار، ڏنم ڏينهن قيام جو....

حضرت پير سيد شاهه مردان شاهه قدس سره جن جي دور کي سونهري دور سڏيندو هو مون فقير حضرت پير سائين سيد شاهه مردان شاهه ثاني جي وڇوڙي تي هڪڙو ڪتاب سَهيڙيو هو. درگاهه مبارڪ جي حاضري لاءِ جڏهن پير ڳوٺ پهتس ته روضي شريف تي بزرگن کي سلام پيش ڪرڻ کان پوءِ جامعه راشديه ۾ حضرت مفتي صاحب جن کي ڪتاب جو تحفو پيش ڪرڻ لاءِ پهتس تمام گهڻا عالم ۽ فقير سائين جي خدمت ۾ هئا وڏي سِڪ پاٻوهه سان مليا. هيڏي وڏي هجوم ۾ هڪ ٻن منٽن جي اندر ڪتاب جا ورق اٿلائيندي ڪتاب جي اندر هڪڙي منقبت جي هڪڙي شعر کي به دفعا پڙهي اندر لائين ڪري مونکي

چيائين ” مهراڻ! هي شاعر حياتي آهي؟ هن ڪان صرف هن بند جي وضاحت وٺجان ۽ عمرڪوٽ اچان تہ مون ڪي ضرور هن سان ملاقات ڪرائجو.....

هُو ڪنهن سان مُشابہ هو ، چوان ڪيئن؟ مجي ڪير!!

والله! ڪيم ماٺ، سندم وات سبيل هو....

مٿيون شعر پروفيسر يعقوب ثاقب آريسر صاحب جو حضرت پير سائين پاڳاري جي شان ۾ منقبت ۾ هو جڏهن پڇيم سائين حضرت مفتي صاحب هن شعر جي وضاحت طلب ڪئي آهي، پروفيسر صاحب اڃان حال حيات آهي ڪو بہ دوست ڪانئس پڇي سگهي ٿو مون جڏهن مفتي صاحب جي حوالي سان هي ڳالهہ ڪئي تہ پروفيسر صاحب جي اکين جا بند پڇي پيا هئا چيائين يار! درگاهہ شريف جو مفتي صاحب ڪيڏو وڏو عالم آهي مون هي شعر ان خواب جي پس منظر ۾ لکيو آهي جنهن ۾ حضرت حبيب ﷺ جن مون مسڪين جي مٿان قرب فرمائي پنهنجي ديدار سان نوازيو هو، حضرت مفتي صاحب پڇيو آهي تہ ان جو اظهار ڪيو اٿم نہ تہ ڪڏهن بہ وضاحت نہ ڪيان ها....

حضرت مفتي صاحب جي زندگيءَ جا پويان ڏينهن بہ ذڪر فڪر ۽ حضرت حبيب ﷺ جن جي درود وسلام جي جهونگارن ۾ گذريا ۽ ديّارِحبيب ﷺ جون يادگيريون سارينديي ڪراچي جي اسپتال ۾ موڪلاڻي ڪري هُن پار هليو ويو......

# رهبر استاد سائين

## "جيئن ڏٺو مون"

**سگهڙ خليل الرحمان مهيسر**

سڄڻ سڀ لاڳاپا لاهي وڃي سنڌو سان ساڻي ٿيو. بس اتي ئي مهراڻ جي پيٽ ۾ وڃي آرامي ٿيو. مفتي محمد رحيم سڪندري هڪ تاريخ هو ، اسان ڪان اُن تاريخ جو وڇوڙو ٿيو آهي. سڄي سنڌ سندس قدمن هيٺ پئي پڌندي هئي ڪيئي انسان ڪيئي يادون، ڪيئي محبت جو راتيون، ڪئين درد جو لاتيون، پر ايڏو وڏو درياهه ڌرتيءَ جي پيٽ تي هلندو رهيو. افسوس اڄ ان ڏهاڳڻ نديءَ ۾ سڄڻ وڃي آستانو ڄمايو. اڄ ان جامعه راشديه مدرسي ۾ پرين جي اُها جهلڪ اها فلڪ ڪانه آهي، اڄ ماٺ آهي، ماٺ به ڏاڍي ماٺ ، جت پنجاهه سال گذري ويا، جت جوڳيئڙن جو جوڙو هلندو هو، ڦرندو هو، ڪهڙن نه قربن سان گڏ گهمندو هو گڏ ويهندو هو، اهي وڻ اها ڇانو اهي ڇپر سڀ ويران آهن، سڄڻ جو سهڻو آواز، سڄڻ جي مني لاٽ ، هتي ڪانه آهي، ملين تارن وارو ساز اڄ بي آواز آهي. اهو مُرڪڻ ويو، سڀ اُداس آهن. سائين قبلا استاد مفتي محمد رحيم سڪندري صاحب جي قرب جي جهولي ڏاڍي اونهي هئي ۽ وڏي هئي، جو به جهوليءَ ۾ آيو ۽ جنهن قرب جو گهڙيون وٺن ڪاٽيون تن ڪان سڄڻ سائين استاد قبلا مفتي محمد رحيم سڪندري وسرندو ڪين. هو قرآن ۽ اسلام جو قربدار، مني مرسل جي محبت جو موهيل، مني مولا جي رحمت جو، قدرت جو بي بها چمڪندڙ موتي، هيرو ، جواهر اڄ غائب ٿي ويو.

علامه مولانا سائين قبلا مفتي محمد رحيم سڪندري ملڪ ملت ذات پات جي زنجيرن ڪان آجو هو، هو محبت جي بوندن سان ڀريل بادل هو جنهن محبت ڪي دنيا جي هر حصي ۾ وسائڻ جي ڪوشش ڪئي، سقراط، منصور، شمس تبريزي جيان علامه الحاج سائين مفتي محمد رحيم سڪندري هڪ اهڙو انسان هيو، جنهن ڪي سندس زندگي ۾ نه سڃاتو ويو، مگر دنيا ڪي ضرور خبر پوندي ته هو انهن هستين جيان هو. هن ۾ عشق ، فهم، عقل ۽ عمل سڀ

تربيتون هيون. علم جو وڏو دور هو. سنڌ ڪي سوڪڙي مليل هو، اها درگاهه عاليه پيرجو ڳوٺ کي مليل هئي، مون به ڪجهه گهڙيون محبت ۾ گذاريون.

سائين مفتي صاحب جن هڪ وڏو عالم هو، سچو وقت علم حاصل ڪرڻ ۾ گذريو، ان جي علمي لياقت جي ڪهڙي ڳالهه ڪجي، هڪ ماهر هو، مفڪر هو، عالم هو، وري ايڏو سادو، سخي، مجاهد ۽ مهربان به هو، سچار ۽ غريبن جو مددگار هو.

سائين قبلا استاد سائين مفتي محمد رحيم سڪندري کي جن ڏٺو سندس محبت ۾ گذاريو، رهاڻيون ۽ ڪچهريون ڪيون ، اُهي وڏن ڀاڳن وارا چئبا، جن ان عظيم انسان جي صحبت ۾ رهي گهڻو ڪجهه پرايو حاصل ڪيو.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ به مفتي صاحب جي جدوجهد کي سالم ڪيو ۽ ان ڪان علم جي باري ۾ راءِ وٺندو هو ۽ سمجهاڻيون ڏيندو هو. ان سان گڏ سفر جو ساٿي مرحوم مغفور سگهڙ فقير عبدالرحمٰن مهيسر علمي ۽ عملي زندگيءَ ۾ ڪارناما سرانجام ڏنا، سچائي کي پرکي ويا هئا، گهڻو وقت مفتي محمد رحيم سڪدنري سائين جن سان رفاقت ۾ رهيا ۽ گهڻو سفر ۾ هليا، مڪي ۽ مديني تائين سفر ۾ رهيا. فقير عبدالرحمٰن مهيسر چوندا هئا ته مفتي صاحب علم جو سمنڊ آهي، ڏينهن جا ڏينهن ۽ راتين جون راتيون ويهي علم جي سوچڻ تي گذاريندا هئا.

فقير عبدالرحمٰن ڳالهه ٻڌائي ته مفتي صاحب سان پيرسائين پاڳارو سيد شاهه مردان شاهه ڇٺ ڏٺي بادشاهه ويهي ڪڏهن به نه ڳالهايو، مفتي صاحب جن ايندا هئا ته اٿي بيهي ڪُلهن تي هٿ مبارڪ رکي ڳالهائيندا هئا. چوندا هئا ته علم جو سمونڊ آيو آهي، ان سان بيهي ڳالهائيندس. پورو ڏيڍ ڪلاڪ ملاقات هلي پر علم ۽ ادب تي هلي، حديث ۽ تفسير تي هلي ، مدرسي جا حال احوال ٿيا. پاڻ پيرسائين سردار جن فرمايو ته مون کي توهان جي علم جو قدر آهي، اوهان جي علم جي ڪري آءٌ بيهي ڳالهائيندو آهيان. ايتري علم وارن سان محبت پيرسائين جن ڪندا هئا.

آخر ۾ مفتي صاحب جن کي چيائون ته مفتي صاحب ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ کي سلام چئجان منهنجا ته نبيءَ جي محبت انهن سان آهي جن

جي الله سان محبت آهي، آخر ۾ پاڻ فرمايائون تہ مون وٽ جڏهن اچين تہ ٽائيم وٺي پوءِ ايندو ڪر تہ آءٌ انتظار ڪريان، توهان انتظار نہ ڪندا ڪريو. دعاءِ خير گهري هليا ويا.

مفتي صاحب توتي اسان کي فخر آهي تہ درگاهہ شريف جي مسجد واريون روايتون ڪڏهن بہ نہ مٽائڻ ڏنيون، ڪيترائي انجنيئر آيا ۽ صلاحون ڏيون پر ڏيو اهو ئي جيڪو توهان چيو ، خدا تعاليٰ توهان تي رحمت فرمائي، سيڪو توهان جو نالو عزت ۽ فخر سان وٺندو ۽ ياد ڪندو. آمين.

# صالحين جي باقيات

**مولانا محمد آدم راهمون**

**خطيب جامع مسجد**

**خليفو محمود فقير، ڪڙيو گهنور**

نحمده و نصلي علي حبيبه الڪريم

درد ما ڪمتر ز درد يعقوب نيست
او پسر گم ڪرد و ما پدر گم ڪرده ايم
اي غائب از نظر ڪه شدی هم نشين دل
مي بينمت عيان و دعا مي فرستمت

اڳڻ اهي ئي جت نہ پسان جوءِ ۾
اوتارا اونين لئي سوجهيم سپئي
اڪيون رت روئي ماڳ نهاري موٽيون

استاد العلماءِ حضرت قبلہ استاد سائين مفتي محمد رحيم سڪندري رحمۃ اللہ علیہ جي وفات حسرت آيات سڄي اهلسنت کي غمگين ڪري ڇڏيو. اسان جا استاد سائين علم ، عرفان ، تقويٰ ۽ پرهيزگاري ، عبادت ۽ رياضت ۾ بلاشڪ و شبہ سلف صالحين جي باقيات مان هئا. قدرت ڪين ذهانت ۽ فطانت جا اڻ کٽ خزانا عطا فرمايا هئا.

علمي ميدان ۾ پاڻ هميشہ پاڻ ملهائيو هو. عالم دين هجڻ سان گڏ انتظامي صلاحيتن سان بہ قدرت ڪين نوازيو هو. جامعہ راشديہ ۽ ان جي سپني برانچن کي عروج تي پهچائڻ سندن انتظامي صلاحيتن جو نتيجو آهي. پاڻ جنهن عظيم مسند ۽ منصب تي فائز هئا، ان جو قدر ڪرڻ بہ ڄاڻندا هئا. هڪڙي طرف سراسر مهرباني ۽ شفقت ٻي طرف انتظامي معاملات جي قائدن ۽ ضابطن کي سنجيدگي سان ڏسڻ سندن وڏي خوبي هئي. پاڻ دانائي ۽ حڪمت، تدبر، فهم ۽ فراست جي عظيم ذات جا مالڪ هئا. الغرض سندن بابرڪت ذات اسان

سيني لاءِ روشني جو مينار هئي، استاد سائين هن راقم کي هميشہ پنهنجي بي پناهہ شفقتن سان نوازيندا هئا. هڪ ڀيري آئون ۽ منهنجو هڪ مائٽ مولانا عبدالرحمان ٿرپارڪر وارو، ڳڙهي درگاهہ شريف تي عربي ٽيچري لاءِ وياسين تہ پاڻ وڏي شفقت ۽ مهرباني سان مرحوم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ڏانهن سفارشي خط ڏيئي فرمايائون ميان آدم! هي رڳو خط نہ آهي پر اوهان ٻنهي جا آرڊر آهن.م پوءِ اتفاق سان اسان جو ڪم نہ ٿيو. ۽ آئون وري درگاهہ مبارڪ تي حاضري جو شرف حاصل ڪرڻ لاءِ ويس تہ قبلا استاد سائين جن عشاء نماز لاءِ وضو ڪري مدرسي جي دروازي تي اچان مس پهتا تہ مون وڃي قدم بوسي جو شرف حاصل ڪيو. پاڻ فورن فرمايو مولانا خبر ڏيو آرڊر ٿيو يا نہ، مون عرض ڪيو قبلا نہ . پاڻ فرمايائون پوءِ توکي خليفي محمود فقير رحمة الله عليه نہ ڇڏيو ۽ قدرت سان ٿيو بہ ائين جيئن سائين جن جي زبان مبارڪ مان نڪتو هڪ ڀيرو مون ڪڙيو شريف مان وڃڻ جو ارادو ڪيو ۽ سائين جن جي خدمت ۾ اهڙو عرض ڪيو پاڻ فرمايائون تہ اتان نہ ڇڏيو. توهان جيڪڏهن ڪڙيو گهنور ۾ آهيو تہ اهو اسان جو پاسو پريو پيو آهي ۽ هڪ خط هتي جي مهتمم اعليٰ حضرت خليفه سائين حاجي عبدالڪريم نظاماڻي ڏانهن لکي ڏنائون تہ هن کي نہ ڇڏجو هت آئون انهيءَ حقيقت جو ذڪر ڪندو هلان تہ هت درگاهہ حضرت خليفي عارف باالله فقير محمود رحمة الله عليه جي بزرگن وٽ خليفي سائين ۽ ان کان پوءِ وران بزرگن وٽ ڪجھ تبرڪات آهن جن ۾ بيت الله شريف جا غلاف مبارڪ روضي اطهر جا غلاف مبارڪ ان کان علاوه پيرسائين سيدنا محمد راشد روضي ڌڻي جي دستار مبارڪ ۽ پيزار مبارڪ جو هڪڙو حصو امانت طور سنڀالي رکيل آهن هڪ ڀيرو قبلہ استاد سائين هت آيا ۽ انهن تبرڪات جي زيارت جي خواهش ڏيکاريائون پوءِ پيرسائين جي دستار مبارڪ جيڪا شيشي ۾ محفوظ ٿيل آهي،ان شيشي جي صندوق کي استاد سائين پنهنجي مٿي مبارڪ تي رکي عجيب ڪيفيت ۾ هليا ويا محسوس ائين ٿي رهيو تہ جڻ پاڻ پيرسائين روضي وارن جي ظاهري حياتي مبارڪ ۾ خدمت اقدس ۾ آهن. ڳالھ ڪرڻ جو مقصد تہ پاڻ پنهنجي مرشد سان محبت ۽ عقيدت جي فنائيت واري مقام تي فائز هئا.

# هڪ عهد ساز ديني شخصيت

## تحرير : عبدالفتاح عباسي

امام العارفين حضرت پير سائين سيد محمد راشد روضي ڌڻي بادشاهه قدس سره العزيز جن جي باغ جو گل، سندن فيض جو رڱيل هزارين عالمن ۽ حافظن جو استاد، ڪنز الايمان جو سنڌي زبان ۾ ترجمو ڪندڙ استاد العلماء شيخ الحديث والتفسير حضرت علامه مفتي محمد رحيم سڪندري رحمت الله عليه ١٣ آڪٽوبر ٢٠٢٥ع بروز اڱاري بمطابق ٢٠ ربيع الثاني ١٤٤٧هجري تي لکين چاهيندڙن کي اڄ يتيم ڪري حقيقي مالڪ سان وڃي مليا، هي جامعه راشديه پير جو ڳوٺ جا سابق مهتمم استاد العلماء شيخ الحديث حضرت مفتي محمد رحيم سڪندري رهندي پنهنجي سموري زندگي پنهنجي ديني مذهبي ڪمن ۾ رهندي عشق رسول الله صلي الله عليه وسلم جي پيغام کي عام ڪرڻ ۾ گذاري، خانقاهه پيران پاڳاران جي اڳوڻي خطيب، اڳوڻي مهتمم جامعه راشديه ۽ حرجماعت جي اڳوڻي چونڪي پار جو مک خليفي، ديني تعليم جي عظيم پارکي ۽ هزارين سڪندرين جو استاد علامه مولانا حضرت شيخ الحديث علامه مفتي محمد رحيم سڪندري ڪجهه عرصو بيمار رهڻ بعد ڪراچي جي خانگي اسپتال ۾ لاڏاڻو ڪري ويو، جنهن جو مڙه ايمبولينس ذريعي پير جو ڳوٺ آندو ويو، سوڳوارن ۾ خليفو فقير محمد اڪرام ڪوسو، محمد ظفر ڊپٽي ڊائريڪٽر نيب، محمد معراج ڪوسو آهن، پاڪستان جي ناليواري مشهور عالم دين درگاه عاليه پير جو ڳوٺ خيرپور ميرس سنڌ جي دارالعلوم جامعه راشديه جو مهتمم ڪنزالايمان جو سنڌي زبان ۾ ترجمو ڪندڙ فقير صفت انسان حضرت علامه مفتي محمد رحيم سڪندري رحمت الله عليه هڪ سچو پڪو عاشق رسول ﷺ هيو، اڄ علم جو هڪ باب پنهنجي پڄاڻي تي پهتو، هزارين عالمن حافظن قرآء حضرات جو استاد درگاهه روضي ڌڻيءَ رحمۃ اللہ علیہ جو پروانو عاشق محبوب چٽ ڌڻي بادشاه جي جن جي فيض مان فيضياب ٿيل استاد العلماءؒ و استاد علامه سائين مفتي محمد رحيم سڪندري بہ راهه رباني جو راهي ٿي ويو پر سندن جون ڪيل ديني خدمتون

صدين تائين ياد رکيون ويندیون. الله رب العالمين، پياري آقا و مولا حضرت محمد مصطفي ﷺ جي صدقي مهابي واسطي مفتي اعظم قبلہ سائين مفتي محمد رحيم سڪندري رحمۃ اللہ علیہ جا الله پاڪ درجات بلند فرمائي ۽ پونئرن کي صبر جميل عطا فرمائي آمين ثم آمين يا رب العالمين عزوجل.

قبلہ سائين مفتي محمد رحيم سڪندري رحمۃ اللہ علیہ جي بي مثال ۽ هڪ لازوال شخصيت هئا. پاڻ انتهائي شفيق مهربان، مهمان نوازي جي کهڙي ڳالھ ڪجي. هو مولا علي مشڪل ڪشا ڪرم الله وجهہ الڪريم جي مهمان نوازي جيان سڀني سان مهمان نوازي ۾ يڪسان مهربان رهيا. اهڙا شاندار ماڻهو صدين ۾ پيدا ٿيندا آهن رب العالمين قبلہ سائين مفتي محمد رحيم سڪندري رحمۃ اللہ علیہ جا الله پاڪ درجات اعلي مقامات عطا فرمائي. هو عشق رسول ﷺ جو عظيم پيڪر هئا ،سوين هزارين ديني تعليم ۾ شاگرد هئا جيڪي سنڌ، پنجاب، بلوچستان، خَيبر پختونخوا سميت دنيا جي ٻين ملڪن ۾ تعليم ڏيئي رهيا آهن، سندن جي عظيم ڪوشش سنڌي زبان ۾ قرآن پاڪ جو ترجمو ڪنزالايمان هڪ لازوال بي مثال ڪوشش ڪاوش صدين قيامت تائين ياد رهندي. جيڪي بہ قرآن پاڪ جو ترجمو سنڌي ۾ پڙهندا سندن کي هميشہ اجر و ثواب ملندو رهندو. هن شاندار ديني شخصيت صرف ۽ صرف ٢٧ ڏينهن ۾ قرآن شريف جو مڪمل حفظ ڪري ورتو، پاڻ اڪثر مديني واري سائين حضور سراپا نور خاتم النبيين ﷺ جي منڙي شهر مديني پاڪ ۾ گذارڻ کي وڏي ۾ وڏي نعمت عظميٰ سمجهندي اتي گذاريندا هئا. پوءِ هڪ موقعي تي دعوت اسلامي جي اسلامڪ ريسرچ سينٽر ( المدينہ العلميہ) ۾ پهتا تہ اسان کي اتي زيارت جي سعادت نصيب ٿي ۽ ملاقات ٿي، اهڙي طرح دعوت اسلامي جي مبلغ معشوق علي کهڙو ( احمد رضا عطاري) ۽ آء جڏهن تقريبا پنجويهہ سال اڳ پير جو ڳوٺ پهريون دفعو زيارت واسطي پهتاسين اتي قبلہ سائين مفتي محمد رحيم سڪندري وڏو خيال توجهہ ڏيندي حال احوال وٺندي وڏي پابوهہ مان صبح جو ناشتو گڏ ڪرايو پنهنجي مدرسہ ۾ مڇي ، سبزي، ماکي،مکڻ ،چانهہ ۽ آخر ۾ فروٽ وغيره پر جيڪو اسان سان دوستاڻا محبت ڀريو حال احوال ڪچهري ڪئي سا زندگي ڀر ياد رهندي اسان کي حيرت انهي

ڳالهه جي پئي ٿئي ته ايڏو وڏو عالم دين استادن جو استاد اسان سان علمي عظيم درسگاهه جامعه راشديه پير جو ڳوٺ ۾ ڪهڙي طرح توجهه خيال سان مهمان نوازي جو اعلي نموني طور پيش اچي رهيا آهن ۽ مڪمل حال احوال ونندي قرب ڏيئي رهيا آهن. سائين مفتي محمد رحيم سڪندري رحمة الله عليه جي مٿان رب پاڪ جون ڪروڙين بيشمار رحمتون هجن ،جنهن سنڌ ڌرتي تي علمي دريا نه پر سمنڊ جاري ڪيو، اهڙا نيڪ سيرت نيڪ صورت مرد مجاهد ماڻهو صدين ۾ پيدا ٿيندا آهن. مفتي محمد رحيم سڪندري رحمة الله عليه جون خاص ڪري سڪندري جماعت حر جماعت لاءِ وڏيون خدمتون شامل آهن.

# نسبتن جا امين

## حافظ محمد صديق سنڌي سڪندري

**شڪارپور**

حضرت مفتي صاحب ﷫ جي گھڻ رخي شخصيت بابت لکڻ، حقيقت ۾ محبت ۽ عقيدت جو اظهار آهي، پر ساڳئي وقت اها ذميواري به آهي، ڇوته هر وصف ۾ ڪمال حاصل ڪندڙ شخصيت جي تعريف سولو ڪم ناهي ڪيترا پيرا سوچڻ بعد مون نسبت جي اهميت ڪي عنوان بڻايو، ڇوته حضرت مفتي صاحب جي سڄي زندگي نسبت جي تقدس سان جڙيل هئي، ۽ سندن وجود مان نسبت جو نور جهلڪندو ڏسڻ ۾ ايندو هو .

اسلامي تعليمات ۾ به ”نسبت“ هڪ نهايت اهم ۽ بامعنيٰ تصور آهي نسبت جو مطلب صرف ظاهري لاڳاپو يا انتساب ناهي، بلڪ اهو روحاني، اخلاقي ۽ فڪري وابستگي جو اهڙو رشتو آهي، جيڪو انسان کي خير، برڪت، علم، تقويٰ ۽ هدايت جي سرچشمن سان ڳنڍي ٿو اسلام هميشه انسان کي اهو سيکاريو آهي ته پاڻ کي الله، سندس رسول ﷺ ۽ نيڪ ٻانهن سان وابسته رکي، جيئن ايمان، اخلاق ۽ ڪردار ۾ پختگي پيدا ٿئي.

نسبت جي حفاظت سالڪ جي روحاني بقا جي لاءِ ضروري آهي ۽ نسبت سالڪ کي الله سان قرب تائين وٺي وڃي ٿي.

قرآن مجيد ۾ الله تعاليٰ فرمايو:

”يَا أَيُّهَا الَّذِينَ آمَنُوا اتَّقُوا اللَّهَ وَكُونُوا مَعَ الصَّادِقِينَ“

(اي ايمان وارؤ! الله کان ڊڄو ۽ سچن سان گڏ رهو)

هي آيت واضح ڪري ٿي ته نيڪ ماڻهن سان نسبت ۽ صحبت انسان کي حق جي راهه تي ثابت قدم رکي ٿي.

رسول الله ﷺ پڻ نسبت جي اهميت بيان ڪندي فرمايو:

”المرء مع من أحب“

(انسان انهن سان گڏ ٿيندو جن سان هو محبت ڪندو آهي)

هي حديث شريف ان حقيقت کي ظاهر ڪري ٿي تہ جنهن سان انسان محبت ۽ تعلق رکي ٿو، اهو سندس عمل ۽ انجام تي اثرانداز ٿئي ٿو جيڪڏهن انسان جي نسبت نيڪ ۽ صالح ماڻهن سان هوندي تہ سندس زندگيءَ ۾ خير ۽ برڪت ايندي، ۽ جيڪڏهن فاسد ماڻهن سان هوندي تہ گمراهيءَ جو خطرو وڌي ويندو.

اسلامي تاريخ گواهہ آهي تہ جن ماڻهن نبين، اوليائن ۽ صالحن سان نسبت مضبوط رکي، الله تعالىٰ انهن جا درجا بلند ڪيا نسبت حقيقت ۾ روحاني تربيت جو ذريعو آهي، جيڪو دل کي پاڪ ۽ ڪردار کي سنواري ٿو اها نسبت ئي انسان کي الله جي قرب جي راهہ تي گامزن ڪري ٿي.

تنهنڪري اسلامي نقطہ نظر کان نسبت جي اهميت فقط ظاهري رشتن تائين محدود ناهي، بلڪ اها هڪ روحاني بنياد آهي جيڪا انسان کي خير، محبت ۽ نيڪيءَ جي راهہ تي قائم رکي ٿي نسبت دراصل ايمان کي مضبوط ڪرڻ، اخلاق کي سنوارڻ ۽ الله جي رضا حاصل ڪرڻ جو وسيلو آهي.

حضرت مفتي صاحب رحمۃ اللہ علیہ جن جي روحاني وابستگي بہ اهڙي مبارڪ هستي يعني حضرت پير سائين چٽ ڌڻي بادشاهہ قدس سره العزيز سان رهي جن هميشہ پنهنجي پوئلڳن کي نسبت مضبوط ڪرڻ جو درس ڏنو هڪ موقعي تي عالمن کي خطاب ڪندي حضرت چٽ ڌڻي بادشاهہ جن فرمايو تہ " نسبت جو هجڻ تمام ضروري آهي انکي مضبوط ڪيو "ڇو تہ نسبت تصوف جو روح آهي جيڪا سالڪ کي شيخ سان روحاني رشتو جوڙي ٿي ۽ نسبت کان بغير تصوف بي روح ٿي وڃي ٿو .

حضرت مفتي صاحب رحمۃ اللہ علیہ جو پنهنجي مرشد مربي سان نہ صرف مريدي وارو تعلق رهيو پر هڪ مريد جي لاءِ شايد ان کان وڏو ڪو اعزاز نہ هوندو جو خود مرشد پاڻ مريد جي لاءِ چوي تہ هي منهنجو آهي حضرت مفتي صاحب کي پير سائين چٽ ڌڻي بادشاهہ "اسانجو مفتي " يا "منهنجو مفتي" بہ سڏيندا هئا.سندن ظاهري زندگي ۾ تعلق بيمثال رهيو پر سندن جي وصال مبارڪ کانپوءِ مرشد مربي جي ياد اکين مان نير سندن کي ياد ڪندا رهيا.

حافظ محمد اسلم ڏاهري دوڙ واري هڪ واقعو ٻڌايو تہ خواب ۾ پير

سائين ڇٽ ڌڻي بادشاهه کي سورت اخلاص جي اجازت جي لاءِ عرض رکيم پاڻ مونکي اجازت جي لاءِ مفتي صاحب ڏانهن موڪليو آئون درگاهه مبارڪ تي اچي خواب جو احوال مفتي صاحب کي عرض رکيو، مفتي صاحب جن فرمايو اجازت ته حضرت ڇٽ ڌڻي اوهان کي ڏيئي ڇڏئي آهي هي مڙئي اسان جي مٿان پيا شفقت فرمائن ان کان پوءِ حاضر جماعت دوستن سان مخاطب ٿيندي چيو ته هن مولانا کي پير سائين ڇٽ ڌڻي اسان ڏانهن موڪليو آهي اسان پير سائين کي وساري ڇڏيو آهي پر پير سائين جن اسانکي وساريو نه آهي ۽ ايئن چوندا زار و قطار روئيندا رهيا حقيقت هي آهي ته مفتي صاحب حضرت ڇٽ ڌڻي بادشاهه جي قرب، صحبت ۽ برڪت مان اهڙا ته مستفيض ٿيا جو دنيا سندن جي زندگي ۾ ڪماليت جي معترف بڻجي ويئي ۽ ايتري عنايت جي پالوت شايد ڪنهن ٻئي جي حصي ۾ آئي هجي.

پاڻ پنهنجي مرشد ۽ استادن ۽ والدين سان محبت ،ادب وفاداري جا اعليٰ مثال قائم ڪيا ۽ شاگردن سان سندن جي شفقت بي مثالي هئي ڇوته استاد ۽ شاگرد جي نسبت علمي ۽ روحاني تعلق جو بنياد آهي ۽ استاد ۽ شاگرد جي صحيح نسبت علم کي عمل ۾ تبديل ڪندي آهي، سندن جي نسبت سان ڀريل زندگي جو منظر ۽ الوداعي حاضري جو روح پرور واقعو پيش خدمت آهي.

٨ سيپٽمبر ٢٠٢٥ تي پاڻ باوجود نهايت جسماني ڪمزوري جي خواهش ڏيکاري ته مون کي استاد صاحب جي مزار ۽ والد محترم جي مزار تي حاضري لاءِ وٺي هلو سندن جو لائق فرزند حافظ يحيي بختيار جي طرفان اسان کي اطلاع مليو سائين مفتي قائم الدين پيو سڪندري اسان ڪجهه دوست مفتي اعظم پاڪستان مفتي محمد صاحبداد رحمة الله عليه جي مزار شريف تي پهتاسون حاضري دوران مزار شريف جي اندر ويٺي مزار شريف جي خدمتگار عزيزم قمر الدين عطاري اويسي (عرف سمير ڪٽبار )کي حافظ يحيي ڏانهن اشارو ڪندي فرمايائون مون کان بعد منهنجي فرزندن سان رابطو قائم رکندا هو جڏهن به سلطان ڪوٽ اچن ته انهن کي استاد سائين جن جي مزار شريف تي حاضري ڏيارجو بعد ۾ ٻاهر نڪرڻ مهل مفتي اعظم پاڪستان جي مزار شريف جي خدمتگار (سمير ڪٽبار) جن کي تمام گهڻو پيار ڏيندي هٿن تي چمي پاتائون

۽ فرمايائون تہ جڏهن بہ استاد صاحب جي مزار تي حاضري ڏيڻ اچو منهنجا سلام عرض رڪندا ڪريو ۽ سندن جي اکين ۾ لڙڪ هئا ۽ ڪيفيت ئي ٻڏائي رهي هئي سندن جي هي الوداعي حاضري آهي.

اهڙي طرح ڪهڙي بہ هنڌ جڏهن سلطان ڪوٽ جو ڪو ماڻهو ملندو هو تہ فرمائيندا هئا بابا استاد صاحب جي مزار شريف تي اسانجا سلام عرض رڪجو. .اهوئي نسبت جي تقدس ۽ روحاني وابستگي جو ڪمال هو.

ان ڪان بعد سائين قائم الدين پيو سڪندري جن کي حڪم ڪيائون تہ مون سان گاڏي ۾ ويهو والد صاحب جي مزار حاضري لاء ويا سائين قائم الدين ٻڌايو تہ اتي بہ ڪيفيت اها هئي ڪجھ پڙهن بہ پيا ۽ اکين مان لڙڪ بہ وهي رهيا هئا واپسي تي مون سائين قائم الدين کي عرض رکيو تہ استاد مفتي صاحب جن کي شڪارپور شهر ۾ قائم ڪيل پهرين شاخ گلستان روضي ڏٽي مدرسہ صديقيہ رحمانيہ صبغة الاسلام ٺارو پور محله شڪارپور دعا لاء آڻيو پاڻ مغرب عشاء جي وچ ۾ تشريف آندائون طالبن سان ملاقات ۾ جڻڪہ چهري تي خوشي جا آثار نظر اچي رهيا هئا فرمايائون تہ مونکي اندر وٺي هلو پر تعميري ڪم هلڻ ۽ ڏاڪڻ جي سبب اندر اچي نہ سگهيا مون سندن کي عرض ڪيو هي شڪارپور شهر ۾ درگاه مبارڪ جو پهريون ادارو آهي زير تعمير آهي ان لاء دعا بہ ڪيو ۽ طالبن کي ڪجھ پڙهايو تہ جئين اوهان جي برڪت نصيب ٿيئن پر مان چڱي نموني ڳالهہ سمجهائي نہ سگهيم حافظ يحيٰ چيو تہ طالبن ڪان امتحان وٺو اڳيان منهنجو پٽ نور مجتبيٰ هو ان کي فرمايائون تہ ڪو بہ رڪوع پڙهہ وري بعد ۾ فرمايائون سورة اخلاص پڙهہ ،آخر ۾ دعا فرمائي خير سان درگاه شريف ڏانهن روانا ٿياء سندن جي تشريف آوري مان اسان کي اهو اعزاز حاصل آهي جو حضرت مفتي صاحب جو شاگردن ڪان آخري امتحان وٺڻ ۽ مدارس ۾ سندن آخري تشريف آوري هن اداري گلستان روضي ڏٽي مدرسہ صديقيہ رحمانيہ صبغة الاسلام ٺارو پور محله شڪارپور جي حصي ۾ آئي. الحمدللّٰه

پيرسني ۾ ايترو طويل سفر مان سندن وٽ نسبتن جي تقدس جي اهميت جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو .

آخري ڳالهہ تہ حضرت مفتي صاحب جن هميشہ پنهنجي شاگردن کي

رسول الله ﷺ جي مهمانن جي حيثيت سان ڏسندا ۽ شفقت فرمائيندا هئا جو سندن جي جنازي ۾ شاگرد اداس هيا ۽ ڪيترائي شاگرد لڙڪ لاڙي روئندا رهيا.

سندن شفقتن جو هڪ واقعو جيڪو مون سان پيش آيو ، جڏهن حضرت مفتي صاحب جن دلائل الخيرات جو ترجمو ڪري پروف ريڊنگ لاءِ سائين مفتي قائم الدين صاحب ڏانهن اماڻيو پروف چيڪ ٿيو استاد سائين جن حڪم ڪيو تہ مفتي صاحب کي ڪتاب ڏيئي اچ درگاھ شريف تي بسم الله الرحمٰن الرحيم چئي نڪري پيس حسب معمول وڏا ماڇين ۾ گاڏي تان لهي چپل هٿ ۾ ڪري وڏڙن جي طريقي موجب پيادل درگاھ پاڪ ڏي روانو ٿيس اتفاقا رستي ۾ ڪنهن گاڏي مونکي پويان ٽڪر لڳايو مان ڪري پيم بيهوش ٿي ويس ڪجھ وقت ڪانپوءِ هوش آيو گڏھ گاڏي وارن کڻي مونکي سول اسپتال پهچايو اها خبر مفتي صاحب جن کي پئجي ويئي تہ درگاھ جو ڪو طالب ايڪسيڊنٽ ٿيو آهي سڄي شهر ۾ طالب پيا اسپتالون ڳولين مان بہ پٽي وغيره ڪرائي اچي جامعہ پهتس مفتي صاحب جن آفيس ۾ پريشان ويٺا هئا مونکي ڏسندي فرمايائون تنهنجو ايڪسيڊنٽ ٿيو آهي ڇا؟ جي قبلا..ايڏانهن ڇو ويئي ڪهڙو ڪم هو تنهنجو... اسان هتي پريشان اسپتالون پيا ڳوليون تہ ڪير ايڪسيڊنٽ ٿيو آهي...اهڙا ڪجھ سوال مان خاموش رهيس سائين قائم الدين ڏانهن فون ملائي روايتي انداز ۾ چيائون تہ هي ڪهڙي نالائق کي موڪليو اٿئي ايڏانهن ان پاسي ڇو ويو سائين قائم الدين کي منهنجي درگاھ شريف تي پنڌ اچڻ واري معمول جو علم هو سو سائين سمورو احوال ڪري ٻڌاين ڪال بند ڪري مونکي فرمايائون تہ مان تنهنجو خليفو آهيان توکي حڪم ڪيان ٿو اچ ڪانپوءِ درگاھ شريف تي تنهنجو پنڌ اچڻ بند آهي الله توکي نيت جي ڪري هميشہ ثواب ڏيندو هاڻي منهنجي آفيس ۾ اي سي ۾ آرام ڪر مان بلوچستان وڃان ٿو واپسي تي سلطان ڪوٽ تائين ڪنيو ٿو هلان .جڏهن گاڏي ۾ چڙهياسون وري سائين قائم الدين ڏي ڪال ڪري چيائينس تہ مان تون واري شاگرد کي مدرسي مان گاڏي تي ڪنيون پيو اچان مان بہ منع ڪئي آهي اوهان بہ منع ڪري ڇڏجوس تہ پيهر پنڌ نہ اچي الله پاڪ هن کي پنڌ اچڻ جو ثواب عطا ڪندو .

اهو واقعو صرف هڪ طالب علم سان شفقت سان گڏ و گڏ نسبت جي

حفاظت ۽ تربيت جو اعلي نمونو هو.

حاصل مقصد تہ حضرت مفتي صاحب رحمۃ اللہ علیہ جي سچي زندگيءَ جو محور نسبت جو تقدس هو پاڻ پنهنجي مرشد ،استادن ،والدين ۽ شاگردن سان هر رشتو روحانيت ،محبت ۽ خلوص جي بنياد تي نڀايو،

هڪ ڀيري طبيعت جي ناسازي جي باوجود پاڻ سلطان ڪوٽ ۾ مفتي اعظم پاڪستان جي عرس مبارڪ جي موقعي تي تشريف آندائون ميزبان محفل جي شڪريو ادائي تي فرمايائون تہ مهرباني جي ڪابہ ڳالھ نہ آهي اڄ جيڪو مان معتبر ٿيو وينو آهيان سو استاد صاحب جي ڪري آهيان .

پاڻ نہ فقط نسبت بابت زباني اظهار ڪيو پر انڪي عملي نموني سان ثابت ڪيو ،نسبت انهن جي فڪر ،ڪردار ۽ تربيت جو مرڪز بڻيل رهي .

شايد منهنجي لاءِ استاد سان نسبت کي مضبوط ڪرڻ جو سبق ئي هو جو جڏهن بہ جتي بہ منهنجي ملاقات ٿئي سلام ڪان بعد حال احوال هميشہ بعد ۾ هوندو پهريان اهو فرمائيندا هئا سائين قائم الدين خوش آهي منهنجا سلام چئجوس .

آخر ۾ اهو چوڻ بجا آهي تہ بيشڪ حضرت مفتي صاحب رحمۃ اللہ علیہ نسبت جي تقدس جا سچا امين هئا سندن جي زندگي علم ،ادب ،وفاداري ،۽ روحانيت جو حسين مرقع هئي انهن پنهنجي مرشد جي نسبت کي فقط رسم نہ بلڪہ عبادت جو درجو ڏنو جو حضرت پير سائين ڇٽ ڌڻي بادشاه جي پياري مفتي صاحب بہ پنهنجي محبوب مرشد جيترڻ ڄمار (٨۴) سال ماڻي وڃي محبوبن سان ملاقات ڪئي ۽ سندن جي آخري آرامگاه بہ مرشدن جي ڇانو هيٺ نصيب ٿي اهو سندن جي عمل جي اخلاص جي برڪت آهي شال باري تعالي اسان کي بہ نسبت قائم رکڻ استاد مفتي صاحب جن جي ڏسيل وات تي هلڻ توفيق عطا فرمائي. آمين

# علم ۽ عمل جا پيڪر

## مير امان الله بروهي

تمام ڏک ۽ افسوس سان هي خبر ملي آهي تہ محترم مفتي محمد رحيم سڪندري رحمتہ الله عليہ هن فاني دنيا مان لا فاني دنيا ڏانهن لاڏاڻو ڪري ويا آهن.

إِنَّا لِلّٰهِ وَإِنَّا إِلَيْهِ رَاجِعُونَ

پاڻ وڏا بااخلاق علم ۽ عمل جو پيڪر عالم دين هئا پنهنجي سڄي حياتي اسلام امت جي سڌاري، نئين نسل جي ديني تربيت لاء وقف ڪري ڇڏي. حضرت مفتي صاحب رحمة الله جمعيت علماءِ سڪندريہ جا سرپرست ۽ روح روان هئا. حضرت پير صاحب پاڳاري مدظلہ العالي جي جماعت جا خليفا پڻ هئا. ساڳئي وقت جامعہ راشديہ پير جو ڳوٺ جي مدرسي جا متولي (ناظم اعلي) هئا، جتان بيشمار علماءِ ۽ حافظ قرآن فارغ ٿي دين جي خدمت ۾ مصروف آهن.

پاڻ دين، شريعت و عشق رسول ﷺ کي پنهنجي سڄاٽپ بنايو، سندن درويش صفت شخصيت نرمي علم تقويٰ خلوص نيت ڪيترن دلين تي اثر ڪيو. سندن علم و نظر جي برڪت سان ڪيتريون مسجدون آباد ٿيون، مدرسن ۾ ترقي آئي ۽ بيشمار شاگرد اڄ بہ سندن تعليمات کي اڳتي وڌائي رهيا آهن.

سندن وصال سان نہ رڳو سڪندريہ جماعت پر سڄي امت و سماج ۾ هڪ وڏو خال پيدا ٿيو آهي اميد اهائي آهي تہ سندن فرزند، شاگرد جماعت جا مخلص ساٿي سندن مشن کي جاري رکندا ۽ ايمانداري سان دين جي خدمت ڪندا.

اسان الله رب العزت جي حضور دعاگو آهيون تہ:

يا الله مفتي محمد رحيم رحمه الله عليه جي مغفرت فرماءِ، جنت الفردوس ۾ بلند مقام عطا فرماءِ، سندن قبر کي نور سان منور فرماءِ پسماندگان ۽ شاگردن کي صبر جي توفيق عطا فرماءِ.

# هڪ عظيم عالم دين جو وڇوڙو

## مولانا بشير احمد مگريو سڪندري

هن دنيا جي تختي تي ڪيترائي سورهيہ سپوت شاعر اديب ليکڪ دانشور نيڪ صالح انسان پيدا ٿيا جن انسان ذات کي سنوارڻ ۽ سڌارڻ لاء پنهنجون زندگيون وقف ڪري ڇڏيون انهن امن,ڀائيچاري ۽ محبت جو پيغام ڏنو اهڙا سچا انسان معاشري ۾ اعلي مقام رکن ٿا پنهنجن قومن جي سڃاڻپ بڻجن ٿا جيڪي هن ڌرتي تي انسانيت جو درد رکن ٿا ۽ انساني خوبين سان سرشار آهن انهن کي تاريخ جي اڪرن ۾ سونهري لفظن ۾ ياد ڪيو وڃي ٿو ۽ اهي پنهنجي پنهنجي ڪارنامن ۽ ڪردارن جي ڪري سر فهرست آهن.

انهن مان ربانيءَ عالم دين عظيم علمي ادبي روحاني شخصيت بقية السلف رئيس المدرسين فخر المدرسين ڪنز المحدثين رئيس الفقهاء والعلماء عمدة الصلحاء استاذ العلماء فنا في الله و فنا في الرسول و فنا في الشيخ فقيہ العصر شيخ الحديث والتفسير شيخ الجامعة حضرت علامہ مولانا مفتي محمد رحيم سڪندري رحمة الله عليه جن هڪ آهن.

**ولادت ۽ خاندان:** استاذ العلماءِ،علامہ مفتي محمد رحيم سڪندري ولد محمد ڄام ڪوسو جي ولادت باسعادت ۰۳ جنوري ۱۹۴۱ع تي ڳوٺ قادر پور پيلو، سکر جي ويجهو ٿي.بعد ۾ درياهہ جي ٻوڏ سبب سندن خاندان ڳوٺ ميرمحمد ڪوسو، تعلقي ٺل ڏانهن لڏپلاڻ ڪئي.

**تعليم :**مفتي صاحب رحمة الله عليه ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪئي ۱۹۵۲ع ڌاري، ڪين اهل سنت جي عظيم ديني درسگاهہ ”جامعہ راشديہ درگاهہ شريف پير جو ڳوٺ“ ۾ درس نظامي لاءِ داخلا ورتي. هتي پاڻ انتهائي محنت، شوق ۽ لڳن سان تعليم حاصل ڪئي ۽ ۱۹۶۱ع ۾ هن عظيم ديني درسگاهہ مان فراغت جي سند حاصل ڪئي .

مفتي صاحب جن ۱۹۶۰ع ۾ سنڌ يونيورسٽي مان ”فاضل عربي“ جي سند پهرين پوزيشن سان حاصل ڪئي. ۱۹۸۴ع ۾ تنظيم المدارس اهل سنت مان ”شهادة

العالميہ“ جي سند حاصل ڪئي ۽ ۲۰۰۲ع ۾ بغداد يونيورسٽي، عراق مان ”عربڪ ريفريشر ڪورس“ ڪيو.

**بيعت ۽ خلافت:** مفتي صاحب جن جا آباءُ واجداد درگاهه شريف حضرت پير سائين روزي ڌڻي جا مريد هئا.پاڻ حضرت پير سائين ڇٽ ڌڻي بادشاهه عليہ الرحمہ جا مريد ٿيا ۽ ۱۹۹۵ع ۾ مک خليفہ چونڪي پار (شڪارپور، جيڪب آباد، لاڙڪاڻو ۽ بلوچستان) مقرر ٿيا.۲۰۲۰ع ۾ هي خلافت مفتي صاحب جي وڏي ڄمار هجڻ جي ڪري سندس جي وڏي صاحبزادي حاجي محمد اڪرام کوسو کي ڏني وئي.

**مرشد مربي سان محبت :** مفتي محمد رحيم سِڪندري رحمة الله عليه، نہ صرف هڪ وڏا عالم، مفڪر ۽ فقيہ هئا، پر هڪ سچا عاشقِ مرشد پڻ هئا. سندن زندگيءَ جو هر پهلو پنهنجي مرشدِ ڪامل ۽ مربي سان محبت، عقيدت ۽ وفاداريءَ سان ڀرپور هو.سندن دل ۾ مرشد لاءِ انتهائي احترام ۽ ادب هو.جڏهن بہ مرشد جو نالو وٺندا تہ نرم لهجي سان، ادب سان، ۽ محبت سان ڀرجي ويندا هئا.

مرشد ڪريم حضرت پير سائين ڇٽ ڌڻي بادشاهه قدس سره بہ مفتي صاحب سان تمام گهڻي محبت ڪندا هئا جڏهن بہ پاڻ عيد جي موقعي تي درگاهه شريف تي ايندا هئا جماعت کي زيارت جي واسطي پاڻ فرمائيندا هئا منهنجي طرفان ۽ مفتي صاحب جي طرفان عيد مبارڪ هي هڪ محبت جي نشاني هئي .

هڪ دفعو پاڻ منجهند جي ٽائم مدرسي ۾ آيا مفتي صاحب رحمة الله عليه کي سڏيائون مفتي صاحب رحمة الله عليه آرام ۾ هيا جيئن ٻڌو مرشد ڪريم آيا آهن تڪڙو تڪڙو آيا گوڏ ٻڌل هئي اتي پير سائين سردار جن مفتي صاحب رحمة الله عليه کي پيشاني تي چمي مبارڪ ڏني اها هڪ محبت جو اعلي مثال آهي.

**مرشد جي ياد ۽ دعا:** مفتي صاحب رحمة الله عليه محفلن ۾، تقريرن ۽ دعائن ۾ مرشد جو ذڪر هميشہ محبت سان ڪندا هئا. هر وقت پنهنجي مرشد لاءِ دعا ڪندا، ۽ چوندا هئا تہ مرشد ئي اها راهه ڏيکاري آهي، جنهن تان هلندي انسان معرفتِ الٰهي تائين پهچي ٿو.

مفتي صاحب رحمة الله عليه جي زندگي، مرشد سان محبت، وفاداري، ۽ خدمت

جو زنده مثال هئي. سندن مرشد سان محبت، دراصل ربّ سان محبت جو اظهار هئي.اهڙي محبت ئي انسان کي ظاهري علم مان ڪڍي، باطني معرفت تائين پهچائي ٿي. مفتي محمد رحيم سِڪندري صاحب رحمة الله عليه جو وڇوڙو علم، دين ۽ روحانيت جي دنيا لاءِ انتهائي ڏک جو لمحو آهي.

**علم جو عشق:** مفتي صاحب رحمة الله عليه علم جا بي پناه عاشق هئا، هر نئين ڳالهه سکڻ لاءِ سندس دل ۾ جستجو ۽ شوق هميشہ تازو رهندو هو.

مفتي صاحب رحمة الله عليه لاءِ علم رڳو پڙهڻ يا پڙهائڻ جو وسيلو نہ هو، پر دل ۽ روح جي روشني جو ذريعو هو. مفتي صاحب رحمة الله عليه جي محفل ۾ ويهڻ مطلب ايمان، بصيرت ۽ سچائيءَ جي روشني حاصل ڪرڻ هو.

مفتي صاحب رحمة الله عليه جو شوقِ علم، شاگردن ۽ ساٿين لاءِ هڪ الهام بڻجي ويندو هو.

**مصروفيات ۽ تصنيفي خدمتون:** پاڻ قرآن پاڪ جي ڪثرت سان تلاوت ڪندا هئا. دلائل الخيرات ۽ حزب الاعظم جا عامل هئا. درس و تدريس سان گڏ تحريري ميدان ۾ بہ لازوال خدمتون سرانجام ڏنائون،

**جامعہ راشديہ جا مهتمم:** مفتي صاحب علامہ مولوي محمد صالح عليہ الرحمة جي وفات کان پوءِ پير سائين ڇٽ ڌڻي بادشاهہ قدس سره جي حڪم مبارڪ تي ۱۹۷۶ع کان ۲۰۲۱ع تائين جامعہ راشديہ جا مهتمم ۽ درگاهہ مبارڪ جي مسجد شريف جا خطيب ۽ امام رهيا تقريباً ۴۵ سال هن منصب تي فائز رهيا.

**وفات:**آخرڪار علم جو هي آفتاب ۲۰ ربيع الآخر ۱۴۴۷ھ بمطابق ۱۴ آڪٽوبر ۲۰۲۵، اڱاري جي شام عصر جي وقت ۸۴ ورهين جي ڄمار ۾ هن فاني دنيا مان وصال فرمايائون.مفتي صاحب رحمة الله عليه جي نماز جنازه ۱۵ آڪٽوبر ۲۱ ربيع الآخر اربع جي ڏينهن ۱۰:۴۵ منٽن تي درگاهہ شريف پير جو ڳوٺ ۾ ادا ڪئي وئي.

نماز جنازه درگاهہ شريف جي مسجد جي پيش امام جامعہ راشديہ جي مهتمم مفتي دوست علي سڪندري صاحب جن پڙهائي.

الله تعاليٰ پنهنجي پياري حبيب ڪريم ﷺ جي صدقي حضرت مفتي صاحب جا درجا بلند فرمائي .

# اهڙا ئي آهين سڄڻ منهنجا سپرين

## مولانا محمد دائم درس

**مدرس صبغة الاسلام، حاجي الياس راڄڙ**

سنڌ ڌرتي پنهنجي سياڳي ڪک مان عهد ساز شخصيتن کي جنم ڏنو آهي جن پنهنجي علمي لياقت قابليت فيض محنت محبت سان ڌرتي جو ڳاٽ اهڙو اونچو ڪيو جو رهندي تاريخ تائين اهڙين بابرڪت شخصيتن جا نالا انهن جو فيض علمي ادبي پورهيو محنتون ڪاوشون پنهنجي ورقن جي سيني ۾ محفوظ رڪندي ۽ ايندڙ نئي نسل تاريخ جا متوالا ورقن کي جهنجهوڙي انهن عهد ساز بزرگن ڌرتي جي محنتي سپوٽ جوڌن جون ڳالهيون پڙهي پيا محظوظ ٿيندا انهن جون سارو ٽيون ساري اکيون آليون ڪري دليون ٺڏيون ڪندا ڌرتي جي انهن جوڌن جي فهرست ڪولي ڏسبي ته انهن سونهارن جي نالن جي فهرست ۾ نالو نمايان نظر ايندو جنهن قادر پور ٻيلو لڳ سڪر ۾ هن سياڳي سپوٽ پٽ اک کولي نندڙي ڳوٺ جي هن وڏي ذهين فطين ٻار مان اڳتي هلي هڪ وقت جو جيد عالم فقيہ العصر شيخ الحديث والتفسير مفتي اعظم نروار ٿيندو .

باڪمال باعمل استادن جي تربيت نگهداشت ۾ رهي پڙهي پروڙي رچي لال ٿيو اڳتي هلي جنهن پنهنجي علم جي ڌاڪ ويهاري سفيد لباس سفيد عمامو شريف پائي علماء جي جم غفير ۾ گفتگو ڪندا هئا ته سندن وضع قطع عالماڻو رعب وقار سندن گفتگو تورڙي شخصيت مان چٽو نروار هوندو هيو سيني کان الڳ منفرد لڳندو هيو .

جَهڙا گُلَ گُلابَ جا، تَهڙا مَٽَنِ ويسَ،
چوٽا تيلآ چَنبيلِيا، هاهاَ! هو! هَميشَ،
پَسيو سُونهَن سَيدُ چئي، نينهَن اَچَنِ نيشَ،
لالَڻ جي لِبيسَ، آتَڻِ اَڪرُ نہ اُجَهي،

تدريس جي شهنشاه پنهنجي زندگيءَ جا سمورا ڏهاڙا قال الله و قال الرسول ۾ صرف ڪيا .

حضرت روضي ڌڻي رضي الله عنه جي فيض سان فيضياب، شهنشاهه چٽ ڌڻي بادشاهه رحمة الله عليه جي نگاهه ڪرم سان نوازيل ۽ پنهنجي شفيق استادن جي دعائن سان مرشدن ڪريمن ۽ استادن جي مشن کي ڪٽي نڪتو ڪيٽي بندر کان ڪراچي تائين ويندي ٿر بر بحر بلوچستان تائين مديني واري سائين صلي الله عليه وسلم جي دين جي تبليغ ڪئي. جهر جهنگ ۾ قال الله و قال الرسول صلي الله عليه وسلم جو پيغام پهچايو فڪر مرشد وچي عوام تائين رسايو سندن اڻ ٿڪ محنت ڪاوشن جو نتيجو جهر جهنگ ڳوٺن شهرن ۾ مدرسا ڪليا علائقي واسين فائدو حاصل ڪيو گهر گهر تعليم عام ٿي .

میں اکیلا ہی چلا تھا جانب منزل

لوگ ساتھ آتے گئے کارواں بنتا گیا

شفيق مهربان استاد سائين جي خدمت ٢٠١١ کان نصيب ٿي، گهٽو نه سهي پر وقتا فوقتا استاد سائين مفتي دوست علي سڪندري دامت أطال الله عمره جن جي توسل سان سندن جي خدمت ڪرڻ جو موقعو ملندو هيو حضرت مفتي صاحب ،استاد سائين دوست علي سڪندري صاحب سان بي انتها محبت ڪندا هئا اسان ڪڏهن به نه ڏٺو ته ڪڏهن به مفتي صاحب جن استاد محترم کي ڪا جهڙڪ ڏني هجي پاڻ جڏهن به ٻاهر ويندا هئا ته استاد سائين کي ئي حڪم فرمائيندا هئا مولانا مان ٻاهر ڪم سان وڃان ٿو مدرسي جي پارت اٿوَ.

هڪ شفيق والد جيان پيار ڏيندڙ مهربان هئا شاگردن تي توڙي جو تعليم تربيت جي حوالي سان سختي ڪندا هئا پر محبت پيار بي انتها ڪندا هئا. شش ماهي امتحانن دوران پاڻ امتحاني سينٽر وزٽ ڪندي پيپر چيڪ ڪيائون سواليه پيپر پڙهي ڏاڍو تيش ۾ اچي ويا ۽ امتحان ۾ ويٺل استاد کي چيائون ته مولانا! هي ڪهڙو ظلم ڪيو آهي جيڪو شاگردن کي پڙهايو نٿا ته پوءِ پيپر ۾ لکڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي؟ خارجي سوال هتي ڪهڙي معني رکن ٿا في الفور ڪجهه سوال نشاندهي ڪري ختم ڪرڻ جو حڪم ڏنو ايئن هر حوالي سان شاگردن جي معاملي تمام گهٽا ٻاجهارا هئا.

ستاويهه رجب المرجب تي فارغ ٿيندڙ علماء ڪرام جي هڪڙي تمام

سني ريت آهي ٻاهرين اسڪولن جي شاگردن جي طريقي کان الڳ طريقو آهي تہ هي بجاءِ پارٽي وٺڻ جي پنهنجي استادن کي الوداعي پارٽي ڏيندا آهن .ائين هڪڙي سال جامعہ جا شاگرد ، شاخن مان ايندڙ طلباء سان ڊونيشن جي معاملي تي سختيءَ پيش آيا اهو معاملو وڃي مفتي صاحب تائين پهتو شاخن جي شاگردن عرض ڪيو تہ قبلا اسان سڀئي تقريبين تہ واسي آهيون ڊونيشن ۾ ڪجھہ نرمي ٿئي مفتي صاحب جن ٻڌي جامعه جي شاگردن تي ناراض ٿيندي فرمايو مولانا! هي ٿري مسڪين هيڏو سارو خرچ پري پڙهڻ لاءِ تڪليفن سان اچن ٿا اوهان وري اڳيان رحم نٿا ڪيو مهرباني ڪري هنن دوستن کي معاف ڪري ڇڏيو هنن جي پنڌ خرچ کي ڏسو ور نہ پل اها پارٽي بند ڪري ڇڏيو .

ٻہ هزار سترهن ۾ سندن اڳيان گوڏا پيجي ويهي بخاري شريف پڙهڻ جو شرف حاصل ٿيو. الله اڪبر ڇا منظر پيش ڪيان محبت رسول ﷺ جو ڇا ڳالهيون ڪيان، حديث مبارڪ سان عشق جون. فجر نماز پڙهي اچي آفيس ۾ ويهندا هئا اڪيون مبارڪ لڙڪن سان پنل سونهاري مبارڪ سفيد چاندي وانگر پئي جرڪندي هئي حديث شريف پڙهائيندي اکين جا پاند ڳوڙهن جون قطارون وهائڻ شروع ڪندا عشق محبت جون منيون ڳالهيون ڪندي رازن رمزن جون ڳنڍيون ڪلنديون هيون اکيون بند لڙڪن جون لارون وڃي رهاٽيون ٿينديون هيون.

اپٺيان تہ انڌيون پوريان تہ پرين پسن
وڃي روز رسن حبيباٽي هجري

اسان ٻار ڇا سمجهون انهن رازن رمزن کي مفتي صاحب جن مٺان محبوب مديني واري سائين ﷺ جي ڪرم نوازي هئي گفتار مٺي لار سان اسان کي موهي وجهندو هيو پر سندن اکيون دل دلبر حبيب ڪريم ﷺ کي پڪارينديون هيون:

محبتک يا محبوب قد شغفت قلبي
فيا ليت قبري في جوار تهامه

اي پرين تنهنجي محبت منهنجي قلب کي موهي وڌو آهي، جيڪر منهنجي

قبر مديني جي آس پاس هجي ها.

عشق مصطفىٰ ﷺ سان سرشار هن عاشق رسول کي اسان ائين زارو قطار روئندي ڏٺو سين صبح پهر اسيمبلي ۾ قصيده برده شريف کان پوءِ دعا گهرندي جيڪا آھ زاري هوندي هئي جيڪا سندن جي مٺان رقت طاري ٿيندي هئي سو عجيب منظر هوندو هو. اسان جي ڪلاس جو دوست گل احمد پٺو پنهنجي ڪوئل جهڙي سريلي آواز ۾ جڏهن پڙهندو هيو ته مفتي صاحب هن مصرع کي وري وري پڙهائيندو هيو :

هُوَ الْحَبِيْبُ الَّذِىْ تُرْجٰى شَفَاعَتُهُ

لِكُلِّ هَوْلٍ مِّنَ الْاَهْوَالِ مُقْتَحِمِ

مصرع ٻڌي عاشق جون اکيون اڏما ڏيئي لڙڪ لاڙينديون هيون، درد منجهاران پيون سڏينديون هيون آمنہ جي لال، اڙين جي آڌار دلبر حبيب ڪريم ﷺ کي:

من درد مندم حضرتا فریاد رس یا مصطفی ﷺ

پاره شده بهر خدا فریاد رس لله تعالی یا مصطفی ﷺ

اي حضرت! مان درد وارو آهيان اي مصطفىٰ ﷺ منهنجي دانهن ٻڌ ٽڪرا ٽڪرا ٿيل آهيان اي مصطفىٰ ﷺ خدا جي واسطي منهنجي داد رسي ڪيو،.

الله اڪبر ڇا پسي سگهنديون اسان جون اکيون ڇريون اهڙن عاشقن صادقن کي، اسان کي ته سندن صحبت تي فخر آهي ڇو ته هن بي گندري وجود لاءِ اها به اڄ غنيمت سمجهان ٿو پر ڪاش اسان به اهڙي گهري سمنڊ مان سپ حاصل ڪري سگهون ها ڪي موتي لال ميڙيون هان علم جو بحر بيڪنار عشق رسول سان لال حضرت روضي ڌڻي رضي الله عنه جي فيض سان رنگيل اهڙو پلارو پيارو شفقت ڪندڙ استاد محترم اڄ اسان جي وچ ۾ ظاهري طرح ناهي رهيو پر سندن جو فيض محبت شفقت علمي روحاني خدمتون موجود آهن جيڪي قيامت تائين رهنديون . الله ڪريم استاد محترم جا درجات بلند فرمائي. آمين

# رڪن دل تي نظر جيڪي....

## حافظ رسول بخش چانڊيو سڪندري

رڪن دل تي نظر جيڪي
نظرن وارن سان ويهندو ڪر

نند پڻ واري دؤر ۾ ماما خليفه مبارڪ فقير کي چؤنڪي ڳاهڪي جي اختتام کان فورًا ڳوٺ جي ڪنهن دعائيه پروگرام ۾ ٻڌو هيم ته ”درگاه مبارڪ واري مفتي صاحب جي لاء دعا گهرو طبيعت صحيح نه اٿس ڪجھ ضعيف به ٿي ويو آ ماشاء الله عمر به وڏي اٿس“

اهو پهريون دفعو هيو جو مفتي صاحب جو تذڪرو ٻڌو هيم . هي اهو دور هيو جو حضرت سائين مفتي عبدالرحيم رحمة الله عليه ۽ حاجي محمد ادريس دامت برڪاته جن کي ٽائيپ ڪيسٽن ۾ جام ٻڌو ويندو هيو.

ويتر والد مرحوم جي واتان ڪيترائي دفعه درگاه مبارڪن جي موقعن خصوصاً ستاويهين رجب المرجب کان موٽندي ٻڌو هيم : ”عالم پيا به پلا پر درگاه مبارڪ وارو مفتي محمد رحيم ڪوسو فقير علم جو سمنڊ آ حديثن جو بيان اهڙو ٿو ٻڌائي جو متان ڪو اهڙو بيان ڪو عالم ٻڌائيندو هجي .“

' ان ڳالھ دل تي وڏو اثر ڇڏيو ته انهن سڀورن کان به وڏو ڪو عالم آهي علم پرائڻ جي چٽنگ دل ۾ دکي ناظران ڳوٺ جي مسجد ۾ پڙهي حفظ مدرسه ۾ پڙهيو پر اهي لفظ ڪنن ۾ گونجندا هيا ته ”مفتي صاحب علم جو سمنڊ آ “ .

چونڪه باڪمال ۽ باعمل جي صحبت مان گهٽو نه پرايوسين پر اهي ئي لفظ علم پرائڻ جو سبب بڻيا .نه ڄاڻ ته مون جهڙا ڪيترائي اهڙا ئي اجارا هوندا جيڪي مفتي صاحب جي ذات ۽ نالي علم ۽ تقويٰ کان متاثر ٿي سندن جي بي ڪنار بحر مان هڪ علم جي بوند حاصل ڪئي هوندائون،چونڊڪي مان الوداع ڪري درگاه مبارڪ پڙهڻ جي لاء آياسين اسان جي چؤنڪي جا آخري ڏينهن هجن سائين مفتي صاحب سان ملياسين داخلا جو ٽائيم نه هيو ان ڪري

جواب مليو. صبح جو فجر کان پوءِ بخاري شريف جي سبق کان بعد مفتي صاحب جن روضہ مبارڪ جي حاضري لاءِ آيا خليفہ فقير وري عرض رکيو .

پاڻ فرمايائون فقير! مون توکي هتي روضه مبارڪ تي وڏي وقت کان نوڪري ڪندي ڏٺو آ ،توهان کي هروڀرو جواب نہ ٿو ڏيان پر اسان جي مجبوري آ جو رهائش جي جاءِ ناهي شاگرد ڪلاسن ۾ پيا رهن بورچين جي شڪايت آ تہ شاگردن جو تعداد وڌيڪ آ اسان پورا نہ ٿا پئون،

فقير نعرو هڻي چيو تہ الله ڪندو تہ ايترا ڪيترائي بورچي ايندا پچائي ٿڪجي پوندا تہ بہ روضي وارو جو فيض اجان ڏينهون ڏينهن وڌندو.

مفتي صاحب مسڪرايو سمجهيوسين تہ ڪجھ راضي ٿيو آ ويتر فقير سائين پير بخش ڳاهو کان خط لکرايوسين سندن آفيس ۾ خليفو ۽ منهنجو پاءِ خط کڻي ويا تہ چيائون:

” ادي پيپرل جو خط آڻي توهان تہ ويتر ڦاسائي ڇڏيو،هاڻي جي جواب ٿا ڏيون تہ ادو ۽ اسان وڏهي پونداسين توهان کي استاد سائين حافظ غلام محمد ( شهيد مرحوم) وٽ ٿا ڇڏيون “

پر دل ۾ اها ئي تمنا هوندي هئي تہ منهنجا ڪريم رب..!

مفتي صاحب کي خضري حياتي ڏجان جو گوڏا پيچي اڳيان حديث پڙهڻ جي سعادت حاصل ٿئي .

نيٺ اهو ڏينهن بہ آيو مشڪواة شريف جو پهريون باب هجي صبح جو سبق پڙهڻو هجي رات جو صرفي ، نحوي قاعده ، قانون ،اجراء سان مطالعو ڪيوسين دل ۾ بس اهوئي خيال هجي تہ صبح اهڙو تہ سبق پڙهڻو آ جو واھ واھ ٿئي صبح جو ٻن ٽن دوستن جي سبق پڙهڻ کانپوءِ منهنجو وارو آيو، مشهور حديث حديث هرقل هجي بلند آواز سان پڙهڻ شروع ڪيم، ڪا غلطي پئي سائين جن متنبہ ڪيو پر پاڻ نہ سنڀالي سگهيس دهشت طاري ٿئي ڪا خبر نہ پئي پاڻ فرمايائون ” بس ڪر“ سمجهيم تہ شايد غلط پڙهي ويو آهيان .

زبان بند ٿي وئي ،دماغ چڪرائجي ويو جهڙوڪ مڻن جو وزن آيو هجيس، جسم جهڙو مجسمہ هجي، دل دڙڪي پئي سبق کان ٻاهر نڪتاسين دل ۾ خيال ڪيم تہ هي فقير عالم صرف رواجي عالم ناهي پر خدا جو برگزيده

ڪامل ٻانهو آهي تنهن ڪري اچ ڪان پوء واھ واھ واري سوچ ٿي دل مان ڪڍڻي آ تڏهن ڪجھ ٿيندو.

ٻئي دفعي جي ڳالھ آ درگاھ مبارڪ جي مسجد ۾ نماز مغرب ڪان پوء موجوده شيخ الجامعه استاد سائين مفتي دوست علي سڪندري دامت برڪاتہ جن ملفوظات شريف جو نقل شريف بيان ڪندا هيا پاڻ اگر نہ هجن تہ منهنجي ڪلاس ساٿي حافظ عبدالرسول سهتو کي حڪم ڪندا هيااگر اهو بہ نہ هجي تہ مون کي حڪم ملندو هيو تہ نقل شريف ٻڌائڻو آ پن ٿن اهڙن موقعن ۾ نقل مبارڪ ٻڌائڻ جي سعادت حاصل ٿي.

ان ڏينهن سائين مفتي صاحب عليه الرحمة نماز مغرب پڙهائي نماز ڪان بعد ڪلاس لڳندا هيا ۽ سائين مفتي صاحب جن پڙهائي بابت سخت هوندا هيا.

مون نقل شريف ٻڌايو حاصل ڪلام، سبق ٻڌائڻ ڪان سواء ڪجھ سرس ڳالهائي ويس مدرسہ اچي آفيس ۾ گهرائي مون کي نصيحت ڪيائون تہ ادا ٽائيم جو خيال ۽ پابندي ڪندا ڪريو. نقل شريف ٻڌايو حاصل ڪلام ڪانسواءِ گهٽي ڊيگھ اجائي ۽ بي فائده هوندي. ان نصيحت منهنجي دل جا طاق کوليا تہ اچ ڪانپوء سبق هجي يا ڪم ڪار سانگي حاضري پنهنجي دل کي باقاعده حاضر رکڻو آهي.

اسان جي علائقي جي معزز فقير ڪريم بخش راڄپر ٻڌايو تہ منهنجي امڙ جي نظر جو مسئلو هجي جمعہ جي ڏينهن گهر ڪان نڪتاسين امڙ کي گمبٽ هاسپيٽل ۾ ڏيکاري درگاھ مبارڪ تي جمعہ نماز پڙهيسون

محرم شريف جو مهينو هيو اسان جي چوڪي هجي خدمت واسطي اسان جي گهر، ڳوٺ ۽ علائقي جا ماڻهو آيل هيا امڙ چيو تہ ابا تون پل گهر هليو وڃ آءُ هتي رهي ٿي پوان واپسي جي ضرورت سمجهيم تہ توکي فون ڪندس وٺي ويجان ڪراڙيءَ ٻڌايو نماز عصر ڪان پوءِ مون روضہ مبارڪ جي دروازي سامهون ويٺي دعائون پئي گهريم مفتي صاحب قرآن مجيد جي تلاوت پئي ڪئي شاگرد کي چيائون ان ڪراڙي کي سڏ ڪر ڪراڙيءَ آئي بنا پڇڻ جي مفتي صاحب اک تي ڪا شيء پڙهي دم ڪئي.

فجر جي اذان مهل جاڳ ٿئي اڪ ۾ ڪجهه خارش محسوس ٿئي اڪ کي ائين ٿورو جو ڪٽي مهٽيم ته گوشت جو هڪ فاسد ننڍڙو لوٿڙو اک مان ڪريو تڪليف ختم ٿي وئي. ڪريم بخش کي گهرايم پڇيومانس ته ابا تو مفتي صاحب کي ٻڌايو هيو ڇا ته اڪ تي ڦيٽو رکجانءِ .

چيم امان چوڻ ته پري آءُ ته سائين سان مليو به ڪونه هيس جو ڪٽي سڃاڻي ته تون منهنجي امڙ آهين .تلاوت قرآن جي دوران اندران ڪو روضي واري اشارو ڏنو هجيس ته اها ٻي ڳالهه آهي.

سائين مفتي صاحب قرآن مجيد جي تلاوت جي حد کان زياده دلي لڳاءُ سان گڏ دلائل الخيرات جي ورد جا به پابند هوندا هيا.خدا جو خوف ۽ دل جا ايترا نرم هيا جو تلاوت، دعائن دوران ته عام جام پر حديث مبارڪ جي سبق تي به ڪڏهن ڪڏهن نيڻن مان نار وهي پوندا هئا .

هڪ دفعي ام المؤمنين سيده عائشه صديقه رضي الله عنها جو حديث مبارڪ ۾ تذڪره پڙهي ايترو ته رنا جو سڏڪن ۾ پئجي ويا ۽ ٻن ٽن منٽن لاء سبق بند ڪيائون .

سائين فقير دلدار گجو سڪندري ٻڌايو ته سنه ٢٠٠٨ ۾ حج ادا ڪرڻ جي ارادي سان حاضري نصيب ٿئي حج مبارڪ کان پوء مدينه شريف آياسين سائين مفتي احمد علي سڪندري فون تي ٻڌايو ته درگاهه مبارڪ وارا مفتي صاحب به حج جي ارادي سان آيل آهن انهن سان ضرور ملجو .چيائين مسجد نبوي ۾ نماز عصر کان پوء ڏنوسين روضه رسول صلي الله عليه وسلم جي سامهون قرآن مجيد جي تلاوت پئي ڪيائون پر زارو قطار روئي رهيا هيا آءُ به پاسي سان خاموش ٿي ويهي رهيس ڪجهه وقت کان پوء مون کي ڏٺائون حال احوال کان پوء تعارف ٿيو.

حج مبارڪ جون ڳالهيون ٿيون ۽ ٻڌايائون ته الحمدلله خانه ڪعبه جي طواف کان پوء مني ، مزدلفه ، عرفات تائين يڪو پنڌ ڪري احڪام ادا ڪيا اٿسون.

مصطفي ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جن سان ايتري ته بي انتها محنت هوندي هئي جو ماڻهو اندازو ئي نه ٿو لڳائي سگهي .

صبح جو اسيمبلي ۾ قصيده برده شريف ۾ ڪو شاگرد ،

يارب بالمصطفیٰ بلغ مقاصدنا

واغفرلنا ما مضیٰ یا واسع الکرم

پڙهندو هيو ته يا دعا جا هٿ کڻندا هيا يا جهولي جهلي بيهندا هيا ڪڏهن ڪڏهن برده شريف پڙهڻ واري کي اشارو ڪندا هيا ته ان مصرعه کي ٻيو ، ٽيون دفعو پڙهه .

درگاهه شريف جي شهر جي جامع مسجد گل فقير ۾ ميلاد شريف جو پروگرام هجي مرحوم مولانا مراد علي ميمڻ چيو ته اڄ عشاءِ کان پوءِ ڪيئن به ڪري مفتي صاحب کي پروگرام ۾ وٺي ايندس مدرسه مان صرف آءُ ۽ حافظ محمد رڏ سڪندري مسجد ۾ هئاسين آءُ پاسي سان ڪنڌ جهلي وڃي ويهي رهيس ته هن مهل پڙهائي جو وقت آ متان سائين جن ناراض ٿين حافظ محمد مون کي نعت لاء سڏ ڪيو ڊڄي ڊڄي اٿيس صلواة پڙهڻ تائين سوچيم ته آخر ڪهڙي نعت پڙهان.بي اختيار شاڪر شجاع آبادي جي نعت زبان تي اچي وئي

وینديٰ تہ انویں پئی ہیں بادِ صبا مدینے

ڈکھیاں دے حال چیئی وچ ڈیویں سڈاں مدینے

پڙهي پوري ڪيم وري حڪم ڪيائون ته ادا صدا ڏاڍي ڀلي آ وري ٻيو دفعو ٻڌاءِ.

پڙهائي، ڪلاس ، سبق ۽ پنهنجي ذميواري جا سخت پابند هوندا هيا جو سندن سڀ شاگرد ان ڳالهه جا شاهد آهن ته اگر ڪڏهن صبح جو سوير ڪيڏانهن وڃڻو آهي ته عشاء کان بعد سڏو مدرسه اچي اڳئين ڏينهن جا پنهنجا سبق وٺي ڇڏيندا هي.ا

هڪ دفعي ذوالحج جي موڪلن کان پوءِ پهرئين ڏينهن شاگرد آهستي آهستي پهچي رهيا هيا پڇيائون ته دورهٔ حديث وارا گهڻا آيا آهيو چيم ته ٽي ڪن آيا آهيون .

فرمايائون جيڪي به آيا آهيو ڪتاب ڪڻي اچو ته سبق پڙهون جيستائين مون وضو ڪيو ٻئي دوست کي ڳوليو ان کي تيار ڪيو ڪتاب ڪنيو

تيستائين پاڻ انتظار ڪندا رهيا ايتري دير تہ پاڻ ڪاوڙ بہ نہ ڪيائون صرف ٻن ڄڻن کي ئي سبق پڙهايائون.

شاگردن تي وري شفقت ايتري جو ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي لاءِ آيل ناشتي مان سبق تي ويٺل شاگردن کي گرهہ يا اڌ گرهہ چونہ هجي تبرڪًا پنهنجي هٿ سان پيچي سيڻ کي ورهائي ڏيندا هئا.

قرآن مجيد ۽ حديث مبارڪ جي فرمان تي باقاعده عمل ڪندا هيا هڪ ڏينهن صبح جو حديث مبارڪ پڙهي تہ پاڻ سڳورن صلي الله عليه وسلم جن جي ڪنهن سفر مبارڪ ۾ ساٿين جو تڪڙي وضو ڪرڻ جي ڪري ڪامل وضو نہ ٿي سگهيو تہ پاڻ سڳورن ٻہ يا ٽي دفعا فرمايو:

ويل للاعقاب من النار

ان ڏينهن جامع جي صحن ۾ موڙهي تي ويٺا هيا نماز عصر جو وضو ڪرايم جڏهن پير ڌوتم تہ حديث مبارڪ جا ساڳيا ئي لفظ ٻہ ٽي دفعا دهرائي فرمايائون مولانا صبح حديث مبارڪ پڙهي آ پيرن جي ڪڙين کي مبالغہ سان ڌوءِ جيئن منهنجي دل مطمئن ٿئي جو خدا جي حبيب صلي الله عليه وسلم جن وعيد ٻڌائي آ ايترو خدا جو خوف سندن دل ۾ سمايل هيو.

مطالعہ سان ايترو چاهہ هيو جو فراغت ڪان بعد درگاهہ شريف آيس ڪنهن عيد جي موڪلن جو ٽائيم هيو ، پاڻ مدرسہ جي صحن ۾ ڪرسي تي ويٺا هيا اڳيان ميز تي ڪجهہ اخبارون ڪجهہ ڪتاب پيا هيا. شيخ عبدالحق محدث دهلوي جو ڪتاب اخبار الاخيار پئي پڙهيائون مون ڪان پڇيائون تہ مطالعه ۾ ڪهڙو ڪتاب آ عرض ڪيم ڪوبہ ناهي پاڻ ان تي ناپسندگي جو اظهار ڪيائون تہ ڪوبہ ڪتاب چونہ هجي مطالعہ ڪان سواءِ فارغ نہ ويهندا ڪيو پاڻ ديني تعليم ڪانسواءِ دنيوي تعليم جي لاءِ بہ ڪوشان رهندا هيا.

هڪ ڏينهن سبق تي چيائون ادا اسان جي جيتري سگهہ ۽ وس هيو ايترو خدا تعالي اسان ڪان جماعت جي خدمت لاءِ دين جو ڪم ورتو آ جماعت ۾ ڪافي ماڻهون پيريا پيا پيا ، سڪيا آهن سانگهڙ ۾ اگر وريام فقير ۽ حاجي خدا بخش راڄڙ جهڙا ۽ جماعت جا پيا معزز اگر ڪوشش ڪري سانگهڙ ۾ هڪ اهڙو اسڪالرشپ تي جماعت جي ٻارن لاءِ ڪاليج ، يونيورسٽيءَ سطح تي ادارو

ڻهرائين تہ جيئن غريب جماعت جا ٻار ٻڙهي اڳتي وڌن تہ ڏاڍو ڀلو ٿيندو.

الله تعاليٰ فقيري ۽ بزرگي جي باوجود وري ايترو تہ رعب ۽ دٻدٻو ڏنو هيو جو ڪافي دفعا ضلعي جي بالا آفيسرن جا نمبر ملائي ڪنهن غفلت تي چنبڙ پٽي چڙهيندا هيا ۽ اهي متڪبر ماڻهو بہ جي جي سائين توهان جو حڪم ، ائين ئي ٽا ڪيون پيا چوندا هيا.

حضرت سائين مفتي صاحب پنهنجي حياتي ۾ دين جي اڻٿڪ خدمت ڪئي ان ڳالهہ ۾ ڪو بہ وڌاءُ ناهي تہ علم جو اهو ٻوٽو جيڪو استاذ الاساتذه سائين فقير مفتي محمد صالح رحمۃ اللہ علیہ جن لڳايو سائين مفتي صاحب ان جي باقاعده آبياري بہ ڪئي ۽ واڌ ويجھ لاء رات ، ڏينهن جي فرق رکڻ ڪانسواء سفرن جا ڪشالا ڪٽي جماعت ۽ اهلسنت جماعت جي خدمت ڪيائون .

ڪرڪٽا لاهي سڪ نہ ستا ڪڏهين
اوسيئڙو آهي ڪاهوڙين ڪي پنڌ جو

ہزاروں سال نرگس اپنی نوری پے روتی ہے
بڑی مشکل سے ہوتا ہے اس چمن میں دیدہ ور پیدا

# علامه مفتي محمد رحيم سڪندري

## قربان علي ميتلو

وڏي شان ۽ مان مرتبي وارا مرحوم مفتي محمد رحيم سڪندري صاحب هڪ شخصيت سان گڏ حافظ قرآن ،عالمِ دين درگاهه شريف حضرت پيرسائين روزي ڌڻي رحمة الله عليه جا مفتي صاحب ، پير سائين سردار جا خليفه ۽ جامعه راشديه مدرسي جي شاگردن ، حافظن ۽ عالمن سڳورن جا استاد به هئا ته منهنجي نظر ۾ وقت جا وڏا ولي الله به هئا ته هڪ حقيقي تاريخ به هئا مان ناچيز عاجز گناهه گار مرحوم مفتي محمد رحيم سڪندري ڪوسو صاحب جي سوانح حيات تي جيڪي به اکر لکان سي گهٽ آهن مون وٽ مرحوم مفتي محمد رحيم سڪندري صاحب جي شخصيت تي لکڻ جيترا لفظ نه آهن مان جيترو به سائين جي شان ۾ لکان سو تمام ٿورڙو آهي.

مان مفتي صاحب جن کي گهڻي وقت کان ته نه سڃاڻندو هوس نه وري ڪائي ڪا گهري مرحوم مفتي محمد رحيم سڪندري صاحب واقفيت هئي هر انسان جي زندگي ۾ معاشي طور لاها چاڙها ايندا آهن جيئڻ سنڌي ۾ چوندا آهن ته ڪڏهن انسان پيري۾ ته ڪڏهن پاڪري۾ ائين ئي منهنجي زندگي۾ آسمان جي طرف کان وقتي ازمائشون آيون هي تقريباً ٢٠١٩ع جو دؤر هيو جنهن مون ناچيز عاجز ٻانهي جي به معاشي حالت تمام بري هئي هڪ گهري فاقاڪشي مان گذري رهيو هيس جنهن منهنجا معاشي حالات بري ڪان برا هئا هتان ڪوئي به دوست احباب مٽ مائٽ ڪائي وقتي ڏيتي ليتيءَ يا مدد ڪرڻ وارو نه هئو ان وقت مان پنهنجي زندگيءَ۾ درود شريف ورد ڪثرت سان ڪندو هيس ۽ گهڻو ڪري منهنجو پيارو دوست حاجي عبيدالله ڪنيڙو سان پير سائين روزي ڌڻي رحمة الله عليه جي حضور۾حاضر ٿيندو هيس ۽ پير سائين پٽ ڌڻي بادشاهه المعروف پير سائين محمد بقا شاهه جي مزار شريف تي به پياري دوست عبيدالله ڪنيڙو سان گڏ حاضري تي ويندو هئس دعائن گهرڻ جو دامن جاري ساري رکندو هئس مان پير سائين روزي ڌڻي رحمة الله عليه جو مريد ته نه هئس پر معتقد ۽ محبت ۽ عقيدت رکندڙ ضرور هيس ڇوته مان جنهن ڳوٺ ۾جنم

ورتو اهو ڳوٺ وڏا ڪنيڙا پير سائين روزي ڌڻي رحمة الله عليه جي حر جماعت ۽ عقيدت مندن جو هيو جنهن ۾ وڏن ڪان وٺي پير سائين سردار ۽ پير سائين روزي ڌڻي رحمة الله عليه جو عشق ۽ محبت ورثي ۾مليو. سائين ٿيو ائين ته مان ان وقت ڳوٺ وڏا ڪنيڙا ڪان اچي ڪري خيرپور ۾ رهائش ڪئي هئي هڪ ڏينهن چا ٿيو منهنجو پيارو پائرن ڪان به وڏيڪ پاءُ حاجي عبيدالله ڪنيڙو مون وٽ خيرپور آيو ان سان ڪچهريون حال احوال ته گهڻا ئي ٿيا پر حاجي عبيدالله ڪنيڙو صاحب مون ڪي چيو ته ادا قربان علي مان هن واري توهان ڏانهن ڪنهن هڪ خاص مقصد جي لاءِ عرض ڪٽي آيو آهيان جڏهن مان حاجي عبيدالله ڪنيڙو صاحب ڪان پڇو ته ٻڌايو اهو ڪهڙو اهڙو ڪو خاص مقصد آهي پلي ٻڌايو ادا ته حاجي عبيدالله صاحب مون ڪي چيو ته ادا مان خواب ۾ ڏٺو آهي ته تون ۽ مان اسان ٻئي درگاھ شريف پير جو ڳوٺ هليا آهيون اتي پاڻ ٻنهي هلي درگاھ شريف جي مفتي محمد رحيم سڪندري ڪوسو صاحب ڪي پنهنجي حق ۾دعا جو عرض ڪيو آهي ان مفتي صاحب سان هڪ نوجوان دستاربند ڇوڪرو گڏ آهي پيو تون اسان ٻئي آهيون مفتي صاحب جن ڪي دعا جو عرض ڪرڻ ڪان پوءِ ڪافي عرصو اسان مفتي صاحب وٽ ويٺا آهيون پر مفتي صاحب نه اسان ڏانهن ڏسي ٿو نه وري ڪا اسان جي لاءِ دعا گهري ٿو پوءِ مون توهان ڪي چيو ته قربان مفتي صاحب اسان جي لاءِ دعا ڪون گهرندو هاٽي هل ته واپس هلون جنهن تي تو چيو ته ادا عبيدالله توهان پلي واپس وڃو پر اڄ مفتي صاحب ڪان دعا ضرور گهرائي ايندس مان دعا ڪان سواءِ خالي نه هلندس سو هاٽي مان توسان گڏ نه هلندس باقي تون ضرور به مفتي صاحب وٽ وڃ جنهن تي مان عبيدالله ڪنيڙو ڪي چيو توهان سان گڏ درگاھ شريف تي ضرور هلندو آهيان پر مان ته مفتي صاحب ڪي نه سڃاڻندو آهيان نه وري ڪڏهن ڪا ملاقات مفتي صاحب سان منهنجي ٿي آهي عبيدالله مون تي زور پريو ته نه تون مفتي صاحب سان بغير ڪنهن واقفيت يا ميل ملاقات جي پوءِ به ضرور وڃ عبيدالله جي چوڻ تي منهنجي دل ۾ مفتي صاحب سان ملڻ ۽ دعا گهرائڻ جو جوش پيدا ٿيو مان ڪجھ ٻين دوستن سان مفتي صاحب سان ملڻ جي صلاح مصلحت ڪئي پر دوستن چيو ته مفتي صاحب سان ملڻ هن وقت ڪجھ مشڪل آهي ڇو

تہ مفتي صاحب جي هن وقت عمر رسيد هئڻ جي ڪري ڪجھ طبيعت بہ ٺيڪ نہ آهي مفتي صاحب جن تقريباً پنهنجي گھر ۾ رهائش پزير آهن درگاھ شريف تي بہ ڪڏهن ڪڏهن ويل چيئر تي ايندا آهن آخر دل ٻڌي خيرپور ڪان درگاھ شريف تي وڃڻ لاءِ نڪري پيس درگاھ شريف پيرسائين حضرت روزي ڌڻي رحمة الله عليه جي حضور ۾ حاضر ٿيس دعائون گھري ٻاهر اچي پيراڻي هوٽل تي ويٺس دل ۾ اهيو خيال هيو تہ ڪاش مفتي صاحب سان ڪنهن معجزي جيان ملاقات ٿي پوي آخر ڪار همٿ ڪري هوٽل جي مئنيجر کي عرض ڪيم تہ مفتي صاحب سان ملڻ چاهيان ٿو جنهن تي هوٽل واري بہ چيو تہ سائين مفتي صاحب توهان سان ڪاٿي ملي سگھندو ڪجھ ٽائيم مايوس ٿي وري هوٽل ۾ ئي ويٺو رهيس دل ئي دل ۾ درود شريف جو ورد جاري رکندو رهيس مفتي صاحب سان ملڻ جي سڪ بہ بيچيني دل ۾نہ پئي رهڻ ڏي آخر وري هوٽل جي مئنيجر صاحب کي عرض رکيم تہ توهان مفتي صاحب وٽ منهنجو عرض تہ پهچرايو مينيجر کي زور رکڻ تي مئنيجر مفتي صاحب ڏي ماڻهو موڪليو تہ ڪوئي قربان نالي ماڻهو آيو آهي جيڪو توهان سان ملڻ ٿو چاهي تہ نياپي واري سان گڏ ئي مفتي صاحب جو ماڻهو آيو ۽ هوٽل واري کي چيائين تہ مفتي صاحب قربان کي گھرايو آهي جنهن ڪان پوءِ هوٽل واري مونکي مفتي صاحب جي ماڻهو سان گڏ مفتي صاحب ڏانهن روانو ڪيو مفتي صاحب جن پنهنجي گھر۾ هئا مفتي صاحب وٽ سلام ڪري پيرين پئي مليا سين تہ مفتي صاحب خوش سلامت وغيره ڪئي جنهن ڪان پوءِ مون مفتي صاحب کي عرض ڪيو تہ سائين مان دعا جو عرض ڪٺي آيو آهيان تہ منهنجي لاءِ دعا گھرو سائين مفتي صاحب مون کيخاموش رهڻ جو چيو ۽ پنهنجي هڪ ڇوڪري کي چيائين تہ وڃ مدرسي ۾ هڪ ڇوڪرو شڪارپور ڪان هاٽي هاٽي آيو آيو اٿئي ان کي وٺي اچ جڏهن مفتي صاحب جو ماڻهو مدرسي شڪارپور ڪان آيل ڇوڪري کي وٺڻ ويو تہ مان وري عرض ڪيو تہ سائين مان دعا جي لاءِ آيو آهيان منهنجي لاءِ دعا جا هٿ کڻو تہ مفتي صاحب چيو تہ مونکي خبر آهي تون صبر ڪر ٿوري دير ڪان پوءِ مفتي صاحب جو ماڻهو ان شڪارپور ڪان آيل هڪ دستاربند ڇوڪري کي وٺي آيو ۽ مفتي صاحب سان مليو تہ مفتي صاحب

ان ڇوڪري کي چيو تہ هن قربان جي لاءِ هن جي حق ۾ تون دُعا گهر جنهن کان پوءِ ان ڇوڪري منهنجي لاءِ دعا گهري ، مفتي مون غريب جي خدمت چاڪري بہ ڪئي ان کان پوءِ مون مفتي صاحب کي عرض ڪيو تہ سائين هاڻي مون کي اجازت ڏيو تہ مان واپس وڃان تہ ان مفتي صاحب مونکي چيو تہ هڪڙي شرط تي توکي اجازت ڏيندم تون کهڙا شريف وڃي حاجي مهوال ڪليري جي مونکي تصوير آڻي ڏي جنهن ۾حاجي مهوال ڪليري صاحب جي ڏاڙهي کان بغير ۽ محبوبن ڪريمن ﷺ جي طرفان حاجي مهوال ڪليري صاحب کي ڏاڙهي جي نعمت ملي آهي ان ڏاڙهيءَ واري بہ تصوير وٺي هتي مونکي پهچاءِ جنهن تي مان مفتي صاحب سان واعدو ڪيو تہ سائين مان بلڪل کهڙا وڃي حاجي مهوال ڪليري صاحب جي تصوير توهان کي آڻي ڏيندس جنهن کان پوءِ مفتي صاحب مون کي چيو تہ قربان مونکي اٿار پوءِ مون مفتي صاحب کي اٿاريو تہ مفتي صاحب مون سان گڏ اڳتي قدم هلڻ شروع ڪيو جنهن تي مون مفتي صاحب کي عرض ڪيو تہ سائين توهان تڪليف نہ ڪيو توهان جي طبيعت بہ صحيح نہ آهي جنهن تي مفتي صاحب جي هڪڙي ڇوڪري چيو تہ سائين بابا کي هلڻ ڏيو بابا سائين ڪافي عرصي کان پوءِ اڄ توهان سان ئي گڏ اٿي هلڻ شروع ڪيو آهي بابا کي هلڻ ڏيو مان مفتي صاحب کي ٺيڪ ڏٺي هلندو رهيس تہ مفتي صاحب آخر جون جولاءِ جي تيز ترين گرمين ۾ پنهنجي گهر کان ٻاهر نيشنل بئنڪ واري روڊ تائين مون سان گڏ آيا جڏهن موڪلائڻ وارو وقت آيو تہ مون عرض ڪيو تہ سائين توهان جي طبيعت بہ ناساز هئي پوءِ بہ هيڏي تڪليف مون سان گڏ ٻاهر اچڻ جي چو ڪئي جنهن تي مفتي صاحب مونکي چيو تہ توهان سان هيڏي ٻاهر گڏ جي هلڻ لاءِ مونکي محبوبن ڪريمن ﷺ جن جو حڪم هيو جنهن کان پوءِ مان شڪريو ادا ڪري سائين جن کان موڪلائي واپس خيرپور روانو ٿيس.

ڪجھ ڏينهن کان پوءِ مان کهڙا حاجي مهوال ڪليري صاحب جي ڳوٺ ويس اتان حاجي صاحب جي تصوير آڻي مفتي صاحب جن جي خدمت ۾ پيش ڪئي تہ مفتي صاحب وري منهنجي لاءِ پاڻ دعا گهري ان کان پوءِ منهنجي زندگي ۾ هڪ معيشت جي حساب سان تمام تيزيءَ سان برڪت پئي

جو مونکي ماڻھن پاڻ فون ڪري گھرايو ۽ روزگار سان لڳايو اڄ الله تعاليٰ جو شڪر آهي مان پنھنجي ٻچڙن سان پنھنجي گھر ۾خوش ۽ مڃيءَ مانيءَ لائق آهيان اها مفتي صاحب جي منھنجي لاءِ دعا هڪ ڪرامت بڻجي منھنجي زندگيءَ ۾آئي.

مان مرحوم مفتي محمد رحيم سڪندري ڪوسو جن جو بيحد نهايت ئي شڪر گذار آهيان جو مون ناچيز جي لاءِ دعائن جي عنايت فرمايائون مون کي دل ۾ هڪ تمام گھڻو افسوس ٿيندو آهي تہ ڪاش مفتي صاحب جن جي خدمت ۾ ڪافي عرصو آءٌ حاضر ٿيان هان تہ اڄان بہ مفتي صاحب جن کان گھڻو فيض حاصل ڪريان ها آخرم منھنجي باري تعاليٰ کان اها ئي دعا آهي تہ سائين مرحوم مفتي محمد رحيم سڪندري ڪوسو صاحب جن کي جنةالفردوس ۾ اعليٰ مقام عطا فرمائي. آمين ثم آمين

# صحبت سپيرين جي.....

**رضاءُ المصطفيٰ سڪندري**

**مدرسه غوثيه انوار باهو شڪارپور**

يک زمانہ صحبت با اولیاء
بہتر از صد سالہ طاعت بی ریا

الحمدلله هن عاجز حضرت قبله مفتي صاحب عليه الرحمة جن جي خدمت ۾ جيڪو وقت گذاريو ، يقين سان چوان ٿو ت اهو وقت هن عاجز جي لاءِ نہ صرف دنيا ۾ گناهن کان دوري جو سبب بڻيو آهي، بلڪ آخرت ۾ بہ نجات جو ذريعو بڻبو. ان شاءَ الله

حضرت قبله مفتي صاحب جن جي زندگي ، جيڪا هن فقير ڏٺي اها الله تعاليٰ جي ذڪر ۽ محبوب ڪريم ﷺ جي سنت کان خالي نہ هئي.

مفتي صاحب جن وٽ مشڪوات شريف ۽ بخاري شريف پڙهڻ جي سعادت ملي. پاڻ ايتري شوق سان پڙهائيندا هئا جو وقت جو احساس ئي نہ رهندو، پڙهائيندي سندن اکين مان ڳوڙها وهي ايندا هئا، اسان کي تاڪيد ڪندا هئا تہ حديث شريف پڙهڻ مهل گوڏا ڀيڪي ويهندا ڪريو، پاڻ بہ گهڻي دير ائين ويهندا هئا، ٿڪاوٽ سبب پوزيشن بدلائيندا هئا تہ فرمائيندا هئا ادا مون کي معاف ڪجو.

پاڻ حديث شريف پڙهائڻ دوران گهران خوشبو گهرائي لڳائيندا هئا. ۽ شاگردن کي بہ فرمائيندا هئا خوشبو لڳايو تہ حديث شريف جو سبق پڙهون.

حديث شريف سان محبت جي انتها ايتري هئي جو هڪ ڀيري فرمايائون ادا سڄي رات ننڊ نہ آئي پر حديث پاڪ جي درس لاءِ حاضر ٿيو آهيان. اڪثر وضو ۾ رهندا هئا، سبق دوران ضرورت تحت وضو لاءِ ويندا هئا.

سبق دوران ڪو ملاقاتي ايندو هو تہ ان کي سوري چئي ٻاهر ويهاريندا هئا ۽ سبق کان پوءِ ملاقات ڪندا هئا.

پاڻ ڏاڍا شفيق ۽ مهربان هئا. هڪ ڀيري آئون سبق تي نہ هيس، تہ

مولوي منير احمد هليو ڪي فرمايائون تہ هي مولانا جيڪو تنهنجي پرسان ويهي ٿو اهو ڪٿي آهي. ان ڪي ونئي اچ. جڏهن خدمت ۾ حاضر ٿيس تہ پاڻ مونکي معمولي سرزنش ڪيائون، سبق بعد فرمايائون ادا معاف ڪجا، ناراض نہ ٿجان.

قبلہ مفتي صاحب جن جا اهي لفظ ياد اچن ٿا تہ اکين مان ڳوڙها وهي اچن ٿا.

دلائل الخيرات سان سندن وڏي محبت هئي، اسان جڏهن بہ سبق لاءِ حاضر ٿياسون تہ ڪين ورد ڪندي ڏٺوسون. شاگردن کي دلائل الخيرات تحفي ۾ ڏيندي پڙهڻ جو تاڪيد ڪيائون.

الله ڪريم سندن مزار مبارڪ تي ڪروڙين رحمتون نازل فرمائي.

# غزاليؒ، رازيؒ ۽ بيهقيؒ جو تسلسل

**عبدالعزيز سهڙو**

تمام گهڻو افسوس ٿيو هي هڪ وڏو سانحو آهي، هي هڪ وڏو خلا آهي جيڪو پرجڻ جوڳو نہ آهي. قبله سائين مفتي صاحب ﷬ هڪ عظيم شخصيت علمي ۽ روحاني طور هڪ شفيق استادِ ۽ عاشق قرآن هيا. قرآن ڪريم سان وڏي محبت هوندي هئس الله جل شانہ کين تمام گهڻين نعمتن سان مستفيض فرمايو هو. جيڪا هن فقير کي الله جو انعام هڪ خاص نظر

هيو، اها دعا ۾ اڪين جو پاڻي اڇڻ يعني روئڻ جي نعمت الله سائين کين عطا ڪئي هئي.
مالڪ ڪريم کان دعا آهي تہ باري تعالي کين جنت الفردوس ۾ اعليٰ مقام عطا فرمائي ۽ سندن ملحقين کي صبر جميل عطا فرمائي. آمين بجاه النبي الامين

**قاري نثار احمد قاسمي سڪندري**

عشق ۽ محبت جو رهنما، تمام عظيم اسڪالر ۽ محقق، هزارين عالمن جا، شاگردن جا استاد شيخ الحديث والتفسير علامه مولانا مفتي محمد رحيم سڪندري رحمه الله جن جو وصال جو تمام گھڻو ڏک پهتو ۽ اهو اهلسنت والجماعت جو دردناڪ لمحو آهي. دعا آهي الله تبارڪ و تعاليٰ درجات بلند عطا فرمائي ۽ اظهار تعزيت ڪريون ٿا. شال اهلسنت جماعت جي گھري ڏک ۾ شامل آهيون. الله تبارڪ و تعالي سندن احبابن ۽ لواحقين کي صبر جي توفيق عطا فرمائي. آمين

**علامه مولانا قاري حافظ فيض الرحمان بن مفتي عبدالرحمان ٺٽوي**

موت العالم موت العالم

اڄ حضرت قبله استاد العلماءِ فقيه العصر مفتي محمد رحيم سڪندري نور الله مرقده جي دعا جي واسطي حاضر ٿياسين. حضرت قبله مفتي صاحب هڪ عظيم شخصيت هئا. حضرت والد صاحب الموسوم حضرت قبله مولانا محمد امين الدين خليلي رحمه الله سان سندن سٺا تعلق هئا. هن فقير جي ڪافي مرتبا ملاقات ٿي، پاڻ وڏي شفقت فرمائيندا هئا. دعاگو آهيون تہ شال رب ڪريم انهن جا درجات بلند فرايئ ۽ سندن دنيا ۾ ڪيل ديني خدمت جو اجر عظيم عطا فرمائي ۽ سندن جميع فرزند کي شاد و آباد فرمائي. آمين

**الفقير محمد ابراهيم بن مفتي محمد امين الدين خليلي**

خادم و خطيب درگاهه حضرت مخدوم بلاول شهيد دادو

جيئن تہ حضرت علامه شيخ الحديث والتفسير جامعه راشديه جا مهتمم هن فاني جهان مان لاڏاڻو ڪري ويا. اهڙن ٻانهن جي لاءِ رب تعاليٰ قرآن پاڪ ۾ فرمايو تہ اي مطمئن نفس پنهنجي رب جي طرف ان شان سان اچ اها

ذات توسان راضي ۽ تون ان سان راضي ۽ پوءِ داخل ٿي منهنجي سچن ٻانهن سان ۽ داخل ٿي جنت ۾.

الحمدللّٰه مفتي محمد رحيم سڪندري عالمن ۾ هڪ بي بها شخصيت هئي. علم جي روحانيت سان هزارين عالم پيدا ڪيا. سموري زندگي قال الله ۽ قال الرسول جا سبق پڙهايا.

الله رب العالمين عزوجل پنهنجي پياري حبيب لبيب ﷺ جي والضحي واري چهري انور جا ديدار پر انوار نصيب فرمائي. آمين

فقير لاشيءِ **ميان امان الله انڙ سهروردي**

درگاه عاليه حنيف آباد شريف پنوعاقل

اڄ ١٧.١٠.٢٠٢٥ تي جمعة المبارڪ جي نماز درگاهه عاليه حضرت روضي ڌڻي تي نصيب ٿي. سائين مفتي فيض محمد جن جي معيت ۾ مفتي قربان علي سڪندري ۽ حافظ اعجاز احمد سڪندري جن ٻه هئا. نماز کان بعد استاد العلماءِ، فقيه العصر، شيخ العلماءِ قبلا مفتي محمد رحيم رحمۃ اللہ علیہ و طيب آثاره و اعليٰ درجاته في دار السلام جن جي وفات تي تعزيت لاءِ آياسين.

سائين جن جي شخصيت سدا يادگار رهندي. الله پاڪ کين اعلي عليين ۾ مقام عطا فرمائي. مون کي ڪجهه گهڙيون صحبت حاصل ٿي، تمام مهربان ۽ مشفق اهل دل نظر آيا. هڪ عظيم مفڪر اسلام جي جدائي جو داغ برداشت ڪرڻو پيو آهي.

**حافظ عبدالرحمٰن**

**خطيب ناز باغ مسجد شريف قاضي احمد**

نحمده تعاليٰ وتقدس

ڪٿوري هاڻا، هتان هوت لنگهي ويا

بتاريخ ٢١ ربيع الثاني ١٤٤٧ مطابق ١٥ آڪٽوبر ٢٠٢٥ استادي و استاد العلماءِ والفضلاءِ جي نماز جنازه ۾ حاضري ٿي. ١٩٧٦ کان هن عظيم شخصيت سان شاگردي جو شريف مليو. هن مرد مجاهد جي شخصيت، ڪردار، گفتار ۽ خدمت خاص ڪري ديني خدمت تي ڇا لکي ڇالکان. سندس مدرسه صبغت

العارفين ميان ڍلياري ۾ هميشه آمد رهي. پاڻ فرمائيندا هيا تہ برصغير ۾ مان هڪ ٻچيو آهيان جنهن خدا جي ڪلام ڪي ٢٧ ڏينهن ۾ ياد ڪيو. اها ڳالهہ پاڻ ڪراچي اسپتال ۾ ارشاد فرمايائون.

خدا تعاليٰ سندن قبر انور کي منور رکي پنهنجي نور ۽ رحمت سان.

سندس ادنيٰ تلميذ

**ميان محمد حسن هنگورو جوسڪندري** .ڍليار

اڳاري ڏينهن عصر کان پوءِ خيروديرو پنهنجي مدرسي ۾ معمول مطابق ويٺو هيم، اڄ جي دور ۾ هر هڪ ماڻهو سوشل ميڊيا سان سلهاڙيل آهي. خبرون تہ فيس بوڪ واٽسپ تي روزانہ پڙهون پيا. پر اڄوڪي خبر جيءُ جهورينڌڙ هئي جو اڄ انتهائي مهربان شفيق محترم المقام استاد العلماءِ مفتي محمد رحيم سڪندري عليه الرحمة جهان ڇڏي ويا آهن.

اناللہ و انا اليہ راجعون.

هيءَ خبر وڄ وانگر ڪڙڪي سان ڪري ، سائين مهربان سان محبت ۽ نيازمندي جو سلسلو تمام پراڻو آهي، خاص طرح سان حرمين شريفين ۾ جيڪي سائين سان صحبتون نصيب ٿيون،سي زندگي جو اهم سرمايو سمجهان ٿو. سندن ايتري مهرباني خليفي سائين جي خدمت جي ڪري بہ نصيب ٿي. تقريبا ١٥ سالن کان خليفي عارف بالله ميان محمد حسين مهيسر عليه الرحمة جي عرس جي خدمت نصيب ٿي آهي. ان پروگرام ۾ پاڻ حاضر ٿيندا هئا. ۽ تمام روحاني سڪون حاصل ڪري دل سان دعائن سان نوازيندا هئا.شفقت ۽ مهرباني ايتري جو لاڙڪاڻو رتو ديرو جي آس پاس ڪنهن بہ پروگرام تي اچڻ ضرور ياد فرمائين. هڪ پيري شاگردن جي دستاربندي جو جلسو هو، اتفاقا حضرت پيرسائين جن بہ خير جو درگاهہ مبارڪ تي تشريف فرما هئا.

ظاهر آهي تہ ان موقعي تي سندن درگاهہ مبارڪ تي هجڻ وڏي معني پيو رکي ۽ پر پاڻ حاضر دربان کي اطلاع ڪري اڌائي ٽن ڪلاڪن تائين

واپسي جو چئي مون ناچيز تي مهرباني فرمائي پروگرام ۾ اچي شامل ٿيا. سندن يادون اسان جي دل ۾ هميشه تازيون آهن.

الله جل و علي شانہ سندن بي حساب مغفرت فرمائي. الله تعاليٰ سندن درجات بلند فرمائي.

استاد الحفاظ **حافظ ٻانهو فقير حر**

خيروديرو لاڙڪاڻو

مرد نہ مرن ڪڏهن ڪو پاهن قائم
هم مرين تو گرو مري دولهہ مارين دم
ويهي دي دائم حاضر هن هر جاءِ تي

(حضرت بيدل)

عالم اسلام جي عظيم ديني مذهبي شخصيات مان هڪ نالو حضرت علامه مولانا مفتي محمد رحيم سڪندري ﷫ جي وفات ديني مذهبي حلقن ۾ هڪ وڏو خال آهي، جيڪو ويجهڙ ۾ پورو ٿيندي نظر نٿو اچي.

سنڌي عالمن ۾ سائين جو ممتازمقام، علمي حوالي سان ڪنزالايمان جو سنڌي ۾ ترجمو سائين جو وڏو ڪارنامو آهي.

الله سائين، سائين جي مغفرت فرمائي. آمين

**صاحبزاده محمد عبدالله قريشي سبحاني**

خادم درگاهه حضرت بيدل بيڪس ، سکر

قبلا حضرت مفتي ساحب بهترين ۽ سچو انسان هيو. حضرت پيرصاحب جن جو ۽ انهيءَ جي درگاهه سان سچي محبت رکندڙ هو. ان کان علاوه استاد العلماء هيا، صاحب معرفت هيا. اسان سان سندن محبت جو رستو هيو ۽ اسان تي تمام گهڻو مهربان هيو. الله سائين سندن کي جنت ۾ جاءِ ڏني آهي. آمين

**حافظ شفيق الرحمٰن سومرو**

سجاده نشين حافظ امام بخش باقراڻي ، لاڙڪاڻو.

مفتي محمد رحيم ڪوسو صاحب وڏو عالم نيڪ پرهيزگار شخصيت هو، سائين جن جو فوت ٿيڻ وڏو خال آهي. الله پاڪ سائين جن جي درجات کي بلند ڪندو. آمين

مفتي صاحب سڄي زندگي پنهنجي درگاهه شريف جي خدمت ۾ گذاري دين اسلام جي پرچار ڪئي. الله پاڪ جنت الفردوس ۾ جڳهه ڏيندس.

**ميان عابد حسين انڙ**

سجاده نشين درگاهه پير بگو شير بادشاهه پنوعاقل

رضينا قسمت الجبار فينا، لنا علم و للجهال مال

حضرت استاد الاساتذه، شيخ الحديث والتفسير حافظ مفتي محمد رحيم سڪندري عليه الرحمة سنڌ ڌرتي جي افق جا اهي چمڪندڙ تارا آهن جيڪي ڪڏهن غروب نٿا ٿي سگهن. بلڪ قطب تاري وانگر پيڙهيلن کي رهندي دنيا تائين راهه هدايت ڏيندا رهندا. پاڻ پنهنجي وراثت ۾ علم ڇڏيو آهي، جنهن جا وارث هزارين تلاميذ سندس هن عظيم ميراث کي مخلوق خدا تائين پهچائيندا رهندا.

قبله مفتي صاحب عليه الرحمة جهڙو ثابت قدم عالم اسان جي سنڌ ۾ عام طور تي دستياب نہ هوندو. ها جيڪي هئا، يا آهن يقينا انهن جو فيض دنيا ۾ آشڪار آهي.

سائين قبله مفتي صاحب يقينا بقية السلف الصالحين هئا، جنهن جي زندگي جا ٻه مقصد هئا، هڪ قال الله تعالي و قال الرسول ﷺ سان مخلوق کي هدايت ڏجي ۽ ٻيو مقصد تزڪيي نفس جي منزل ۾ ترقي ماڻڻ.

الحمدلله حضرت قبله مفتي صاحب انهن ٻنهي عظيم مقصدن ۾ ڪامياب رهيا.مون کي سائين جن جي شفقت جو وڏو انعام ان وقت مليو، جڏهن سائين جن سخت علالت ۾ مون حديث شريف جي روايت جي اجازت لاءِ گذارش ڪئي ۽ سائين جن مون کي حديث شريف جي عبارت پڙهائي سند عطا فرمايائون. اها هڪ وڏي سعادت جنهن سبب مون کي ٻن وسيلن سان حديث جي روايت جي اجاز ت ملي وئي. هڪ صدر الافاضل حضرت علامه نعيم الدين مراد آبادي عليه الرحمة ۽ ٻيو قبله مفتي صاحب جن جي ڪري

حضرت مولانا الشاه احمد رضا خان بريلوي عليه الرحمة جن جي ۽ الحمد لله فقط ٽن چئن نسبتن سان بزرگن سان وصل ٿين ٿيون.

الله پاڪ ڪروڙها رحمتون نازل فرمائي قبله جي مرقد مبارڪ تي، مالڪ سند درجات بلند فرمائي ڪين پنهنجي خاص ٻانهن ۾ شمار فرمائي، حضور محبوب ڪريمن ﷺ جن جي شفاعت سان بهره مند فرمائي. آمين

**عبدالحليم سرهندي مجددي نعيمي**

جامعه المجدد عمرڪوٽ

محترم مفتي صاحب هڪ بهترين شخصيت جو مالڪ هو. جنهن سان منهنجي ملاقات سال ٢٠١٢ ۾ پهريون دفعو ٿي هئي.

سائين جن هڪ نفيس شخصيت رکندڙ هئا، پهرين ملاقات مون کي ڪافي متاثر ڪيو، اهڙن ماڻهن جو قدر انهن جي وڃڻ کان پوءِ ٿيندو آهي. اهي خال ڏکيا پربا آهن. سندن فرزندن کي مالڪ سائين توفيق بخشي.

**پيرزاده مخدوم عدنان فيض صديقي**

سجاده نشين درگاهه ڪوٽڙي ڪبير

اسان جي اڄ مفتي محمد رحيم سڪندري رحمة الله عليه جي ٽيجهي جي سلسلي ۾ دعا لاءِ آستاني تي حاضري جي موقعي تي سائين جي شخصيت تي ڪجهه عرض رکون ٿا.

سائين جن جون دين جي لاءِ وڏيون خدمتون آهن، جيڪي تفصيلا بيان نٿيون ڪري سگهجن. سائين جن شفيق استاد عالم اٿين ڪٿي چئجي ته عالمن جا استاد، استاد العلماءِ جن سان سندن حياتي ۾ ڪيترائي پيرا ملڻ جو شرف حاصل ٿيو. سائين جن اهل سنت و جماعت جو تمام وڏو سرمايو هئا. سائين جو وڇوڙو وڏو خال آهي.

الله پاڪ سائين کي جنت الفردوس ۾ اعليٰ مقام عطا فرمائي. آمين

**فقير صاحبزاده سائين علي مرتضيٰ**

درگاهه لوڙهي شريف ڪنڊيارو

حضرت مفتي محمد رحيم سڪندري رحمة الله عليه جن جو وصال اسان حر جماعت بلڪ ڪل امت مسلمه جي لاءِ هڪ وڏي صدمي جو باعث آهي. الله ڪريم سندن درجات ۾ بلندي عطا فرمائي. آمين

**فقير ڪليم الله وسان**

**چيف خليفه ، حضرت پير سائين پاڳارا**

اڄ مفتي محمد رحيم صاحب جن جي وصال جي خبر اسان جي ڳوٺ ۾ ان ڏينهن يعني ١٤ آڪٽوبر تي چيف خليفه ڪليم الله صاحب جي دعوت هئي، اسان کي به اطلاع ان ٽائيم رات جو ٿيو، دلي صدمو پهتو، مفتي صاحب جماعت ۽ درگاه شريف جي عقيدمندن لاءِ ڇپرڇانو هيا.

اڄ نه اوطاقن ۾ طالب تنوارين
آديسي اٿي ويا مڙهيون مون مارين
جي جيءَ جيارين سي لاهوتي لڏي ويا.

**خليفه فقير محمد رمضان راهمون**

مک چونڪي ڪاهوڙ

اڄ اسان مفتي محمد رحيم سڪندري صاحب جي ٽڏي تي تعزيت لاءِ چيف خليفي ۽ ٻين سڀني خليفن سان گڏجي آياسون.

پاڻ علم جو سمنڊ هو، وڏو عرصو درگاه شريف تي جامعه راشديه جو مهتمم ۽ خطيب هيو. ۽ ڪيترائي شاگرد آهن جيڪي سڄي سنڌ ۽ پنجاب ۾ مسجدون ۽ مدرسا هلائي رهيا آهن. درگاه شريف جي وڏي خدمت ڪئي اٿس. اسان جي دعا آهي ته الله سائين مرحوم کي جنت الفردوس ۾ جاءِ عطا فرمائي، پونئيرن کي صبر جي توفيق عطا فرمائي. نقش قدم تي هلڻ جي توفيق عطا فرمائي. آمين

**خليفه فقير محمد سلطان راڄڙ**

مک چونڪي ٽر ڪليان

١٦.١٠.٢٠٢٥ تي مفتي محمد رحيم سڪندري صاحب جي عذر خواهي تي اچڻ ٿيو، تمام گهري رنج ڏک سان دعا گهري سون، ڇو جو مفتي صاحب جو وڇوڙو ڏکوئيندڙ آهي جو سائين درگاهه شريف جي ديني ۽ جماعتي حساب سان وڏي خدمت ڪئي.

بابا سائين ڪمال فقير احمداڻي گڏ مُک رهيو، مائٽاڻي حساب سان اسان جو استاد هو.

**خليفه فقير لال بخش احمداڻي**

مک چونڪي لاڙ

استاد مرحوم مفتي محمد رحيم سڪندري صاحب سان تمام گهڻي وقت جڏهن مهتمم درگاهه شريف جو ٿيو، ان وقت کان واسطو رهيو، ان کان پوءِ چونڪي پار جو مُک ٿيو، اهو ڏينهن به ياد آهي. استاد مفتي صاحب تمام بهترين انسان هو، شريعت تي عبور حاصل هيو، ڪوبه سوال ڪيو ويندو هو ته ان وقت جواب ٻڌائي ڇڏيندو هو، تمام بهترين استاد هو جڏهن به مون سان ملندو هو چوندو هو نالي پيائي ڇا حال آهي، الله تعاليٰ استاد مفتي محمد رحيم صاحب کي جنت ۾ جاءِ ڏيندو. پونيئرن کي صبر جي توفيق عطا فرمائيندو.

**خليفه فقير محمد رحيم هنگورو**

مُک نارو چونڪي

اڄ مفتي صاحب جي تعزيت لاءِ چيف خليفي فقير ڪليم الله وساڻ سان گڏ درگاهه شريف تي اچڻ ٿيو، مفتي صاحب جون درگاهه مبارڪ لاءِ ڪيل خدمتون هميشه ياد رکيون وينديون.

سندن فرزند خليفي محمد اڪرام ۽ ڀين سان دلي افسوس جو اظهار ڪجي ٿو. خدا تعالي مرحوم کي جنت ۾ اعلي مقام عطا فرمائي. پونيئرن کي صبر جي توفيق عطا فرمائي. آمين

**خليفه فقير ولي محمد پهوڙ**

مک چوڪي بان

مفتي صاحب سٺي اخلاق وارو عالم دين هيو ۽ دين جي خدمت ڪيائين ، سندن وڇوڙو اسان سڀني لاءِ افسوس جو باعث آهي ۽ الله تعاليٰ کان دعا آهي تہ جنت الفردوس ۾ اعليٰ مقام عطا فرمائي. آمين

**خليفہ فقير محمد قاسم مهر**

**مُک سنگت مست فقير**

حضرت مفتي محمد رحيم ڪوسو رحمة الله عليه هڪ اهم شخصيت هئا. وڏا عالم ۽ اهل قلم ۽ حر جماعت جو اهم حصو هئا.

سندن خدمتون حرجماعت ۽درگاھ شريف لاءِ بيمثال هيون، سندن لاڏاڻي کان پوءِ وڏو خال پيدا ٿي ويو آهي. الله پاڪ کان دعا آهي تہ جنت الفردوس ۾ سندن درجات بلند ڪري. ۽ سندن پونيئرن کي صبر جميل عطا فرمائي ۽ دعا آهي تہ مفتي صاحب جا پونيئر سندن ڇڏيل مشن کي پورو ڪن ۽ درگاھ شريف ۽ جماعت جي خدمت جاري رکن.

**خليفہ فقير ڊاڪٽر محمد هاشم خاصخيلي**

**مُک سنگت هاشم فقير**

حضرت مفتي محمد رحيم سڪندري صاحب جي وصال جو ٻڌي ڏاڍو افسوس ٿيو آهي، مفتي صاحب جي خدمت درگاھ شريف جي لاءِ هڪ عظيم خدمت هئي، ان جو مثال ملڻ ڏکيو آهي. الله تعاليٰ مفتي صاحب کي جنت الفردوس ۾ اعلي مقام ڏي ۽ پونئيرن کي صبر عطا فرمائي.

**فقير سعيد خان نظاماڻي**

**چيئرمين فيصله ڪاميٽي درگاھ شريف**

جيئن تہ اڄ استاد العلماءِ محترم الحاج مفتي محمد رحيم ڪوسو سڪندري جن اسان کي الوداع چئي هميشه لاءِ هي جهان ڇڏي ويا آهن. جن درگاھ شريف ۽ مرشدن ڪريمن جي ڪيل خدمت ۽ جامعه راشديه جي لاءِ ڪيل ديني خدمت ياد رکي ويندي. مفتي صاحب جو خال پورو ٿيڻ تمام

مشڪل آهي. الله پاڪ کان دعا آهي تہ مفتي صاحب کي جنت ۾ اعليٰ مقام عطا فرمائي ۽ ڪيل خدمت قبول فرمائي.

**فقير خادم حسين آرادين**
**ميمبر فيصله ڪاميٽي درگاهہ شريف**

اڄ تاريخ ١٥ آڪٽوبر ٢٠٢٥ تي استاد العلماءِ مفتي محمد رحيم ڪوسو صاحب جن جي وفات واري خبر اسان لاءِ ڏک ڀري آهي. مفتي صاحب اعليٰ حضرت پيرسائين پاڳارا جن جي خدمت بحيثيت مُک چونڪي پار جي جماعت لاءِ ڪيل خدمت ، جامعه راشديه جي ديني خدمت تي خراج تحسين پيش ڪريان ٿو. الله تعاليٰ سندس خدمت قبول فرمائي، جنت الفردوس ۾ اعلي مقام عطا فرمائي.

**فقير عبدالله ڀيو**
**ميمبر فيصله ڪاميٽي درگاهہ شريف**

درگاهہ شريف ۽ سڪندري عالمن لاءِ بارگاهہ الاهي ۾ دعاگو آهيون ، الله سائين مفتي صاحب کي جنت ۾ اعلي مقام عطا فرمائي. آمين
**فقير محمد حيات منگريو**
ميمبر فيصلا ڪاميٽي درگاهہ شريف

سائين مفتي محمد رحيم سڪندري تمام وڏو عالم مفتي ۽ بهترين انسان هئا. سندن وصال سان تمام گهڻو افسوس ٿيو. اسان سندن خدمت ۾ جڏهن حاضر ٿيندا هئاسون تہ تمام محبت پيار ۽ لحاظ ڪندا هئا.سندن خال پرجڻ مشڪل آهي.سوين سڪندري مولوي سندن ڪوشش ۽ سفارش سان سرڪاري نوڪري ۾ آيا.
الله سائين ،مفتي صاحب کي جنت الفردوس ۾ اعليٰ مقام عطا فرمائي. ۽ اسان سڀني کي صبر جي توفيق عطا فرمائي. آمين
**فقير محمد اسماعيل مهر** . سانگهڙ

مفتي محمد رحيم سڪندري رحمة الله عليه جو وڇوڙو نہ فقط حر جماعت بلڪ پوري اهلسنت جي لاءِ صدمي جو باعث آهي.

مفتي صاحب جون درگاهه شريف ، جماعت ۽ اهلسنت لاءِ وڏيون خدمتون آهن جيڪي هميشه ياد رکيون وينديون.

مفتي صاحب هڪ برک عالم دين ، متقي ۽ پرهيزگار عالم هئا. اهڙا جيد عالم دنيا ڪي ورلي ملندا آهن.

الله تعاليٰ مفتي صاحب جا درجا بلند فرمائي ۽ جنت الفردوس ۾ اعليٰ مقام عطا فرمائي. پونيئرن ڪي صبر جميل عطا فرمائي.

**فقير ماهي خان وساڻ**

۳۰ آڪٽوبر ۱۹۷۶ تي حضرت مولانا محمد صالح مهر جي وفات ڪان بعد درگاهه شريف جي امامت ، خطابت ۽ مدرسي جي انتظام لاءِ مفتي محمد رحيم عليه الرحمت جو انتخاب ٿيو. مفتي صاحب جامعہ راشديہ جي آڳاٽن فارغ ٿيندڙ عالمن مان هيو. مانيٽي طبعيت جو مالڪ ۽ ضرورت وقت ڳالهائيندڙ شخص هيو. اسان ڪين جڏهن بہ ڏٺو سندن مُنهن تي مرڪ هوندي هئي. اسان جي ڏاڏي، والد صاحب ۽ پياءَ مفتي عبدالرحيم سان سندن گهاٽو تعلق هيو. هر ڏکئي وقت ۾ اسان وٽ ايندو هيو. گذريل اوڻجاهه سالن ۾ تعليمي، تبليغي ۽ تحريري ميدان ۾ سندن ڪيل ڪم هميشہ ياد رهندو. سوين عالمن جو استاد آخر راهه رباني وٺي پونئيرن ڪي وڇوڙو ڏئي وڃي جنت پيڙو ٿيو. سندن وفات موت العالم موت العالم جي برابر آهي. الله پاڪ ڪيس پرينءَ جو پاڙو نصيب فرمائي. آمين

**منظور حسين شر**

**ڳوٺ فقير مولابخش شر (ميرواهه تعلقو)**

منهنجي قابل احترام حضرت مفتي محمد رحيم سڪندري جو وڇوڙو سڄي جماعت جي لاءِ هڪ وڏو خال پيدا ٿيو، جيڪو پرجڻ ڏاڍو مشڪل آهي.
الله ڪريم ڪيس جنت الفردوس ۾ اعليٰ مقام عطا فرمائي.
**فقير خضر حيات مگريو.** عمرڪوٽ

مفتي محمد رحيم ڪوسو، جنهن کي مان علامه جو خطاب ڏيندس، نه رڳو هڪ عظيم انسان هو، پر هو وڏو جيد عالم هو. مان پاڻ کي خوش نصيب سمجهان ٿو جو مون تي سندن شفقت ۽ عنايت هميشه رهي.
مان جڏهن ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جو ڊائريڪٽر هوندو هوس ۽ پاڻ جڏهن به حيدرآباد تشريف کڻي ايندا هيا ته عنايت تي عنايت ضرور ڪندا هيا ۽ پوءِ ڪلاڪن جا ڪلاڪ ڪچهري پئي ٿيندي هئي.
مون ڪيترا ڀيرا کي شرعي مسئلا ڪائنس پڇيا جن جو ايترو ته قرآن ۽ حديث مان دليلن سان جواب ڏنائون جو مان بيحد مطمئن ٿي ويس.
سچ پچ ته سندن رحلت سان ايترو ۽ اهڙو ته خال پيدا ٿيو آهي، جيڪو شايد ڪڏهن به پرجي نه سگهندو.
دعا آهي ته الله پاڪ کين جنت الفردوس ۾ اعلي مقام عطا فرمائي.
**عنايت بلوچ**
سابق ڊائريڪٽر ريڊيو پاڪستان
ميمبر سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن

بي انتها ڏک سان لکڻو ٿو پوي ته مفتي محمد رحيم سڪندري اسان سان ڪثرت جي جهان ۾ هاڻي ناهي رهيو. الله پاڪ کين جنت الفردوس ۾ جڳهه عطا فرمائي. مفتي صاحب تمام بهترين ۽ محبت ڪرڻ وارو ماڻهو ، پروگريسو خيال جو ماڻهو، تمام ڏاهو ۽ پڙهيل لکيل ۽ عملا ڪم ڪرڻ وارو ماڻهو هو.
بس ذات حق جو نظام پنهنجي رڌم سان هلي پيو ۽ اسان کان اسان جو پيارو ۽ محبت ڪرڻ وارو ماڻهو پاڻ ڏانهن واپس وٺي آيا. مفتي صاحب جن

جسماني طور تي اسان ڪان جدا ضرور ٿيا آهن پر خيال ۾ اسان سان گڏ آهن ۽ گڏ رهندا.

**ڊاڪٽر غلام سرور مرڪنڊ**

لطيف يونيورسٽي خيرپور

اسان جي قابل احترام سائين قبلہ مفتي محمد رحيم سڪندري درگاھ عاليه حضرت روضي ڌڻي رحمة الله عليه جي وڏي خدمت ڪئي. هزارن جي تعداد ۾ مفتي، عالم ۽ حافظ پيدا ڪيائين ۽ انهن دين جي ڏيئي کي روشن ڪيو ۽ حرجماعت جي وڏي خدمت ڪئي ۽ پنهنجي ڪافي طويل زندگي جماعت ۽ درگاھ جي خدمت ۾ گذاري. ڪيس الله تعاليٰ جنت الفردوس ۾ اعليٰ درجات بلند ڪري، اسان جي جماعت جو هڪ روشن ڏيئو اجهامي ويو. الله تعاليٰ سندس پوئيرن کي صبر جميل جي توفيق عطا فرمائي.

**فقير سائين بخش وساڻ** .سانگهڙ

**ملڪ عبدالجبار**. نوابشاھ

مفتي محمد رحيم سڪندري جي وفات تي تمام گهڻو ڏک ٿيو. مفتي صاحب منهنجي والد فقير جان محمد لغاري جو دوست هو. جڏهن شهدادپور هوندو هو تہ باباسائين سان گڏ لوهار مسجد شريف ۾ وچڻ ٿيندو هو. مفتي صاحب اعليٰ شخصيت هئا. جڏهن درگاھ شريف تي وڃڻ ٿيندو هو تہ مفتي صاحب سان ملاقات ٿيندي هئي. مفتي صاحب جي وفات تي تمام گهڻو افسوس ٿيو. الله تعاليٰ ڪيس جنت ۾ اعليٰ مقام عطا فرمائي.

**فقير شفيع محمد لغاري**

ڳوٺ جعفر خان لغاري، سانگهڙ

مفتي صاحب جن انتهائي شفيق ۽ نهايت پيار ڪرڻ وارا ماڻهو هئا. الله سائين ڪان دعا آهي تہ مفتي صاحب کي جنت الفردوس ۾ اعليٰ مقام عطا فرمائي. آمين

**رفيق احمد ڏاريجو**

مينيجر نيشنل بينڪ پيرجو ڳوٺ

عصر نماز جي لڳ ڀڳ فقير امداد جتوئي جو واٽسپ تي وائس ميسج آيو سائين فقير مفتي محمد رحيم سڪندري پرين جي پار پهتا.

سائين سان ڪافي نشستون رهيون، جنهن ۾ موضوع منبع علم پير سائين چٽ ڏٽي جن جي ذات هوندو آهي.

راقم جي ڪتاب تي انتهائي خوشي جو اظهار ڪيائون، دعائن سان نوازيندا رهيا. بابا مرحوم جا ديرينہ دوست هئا، صحبت جو ڪافي ڪچهريون رهيون ، جيڪي وقتا فوقتا لکندا رهنداسين.

جا او يار رب دي حوالي، ميلي چار دنان دي

اس دن عيد مبارڪ جس دن پهر ملان گي.

**فقير شاهنواز نظاماڻي.** سانگهڙ

سائين جن سان ملاقات ڪجهہ گهٽ رهيون باقي سائين جن جي امامت ۾ ڪافي نمازون نصيب ٿيون، سائين جن جي ڏاڍي شفيق طبيعت هئي، انتهائي ماڻيٽي طبيعت جا مالڪ هئا. سائين جن جي اولاد خليفہ محمد اڪرام کان وٺي محمد ظفر تائين، سندن نياٽيون بہ اسان جون شاگرد رهيون. ان ڪري بہ سائين جن سان تعلق رهيو.

الله تعالي کين جنت الفردوس ۾ جڳهہ عطا فرمائي.

**پروفيسر نظر حسين چنہ**

گورنمنٽ گرلز ڊگري ڪاليج پيرجو ڳوٺ

انالله وانا اليہ راجعون

نهايت گهڻو افسوس ۽ ڏک جي ڳالهہ آهي تہ اڄ اسان ۾ سائين مهربان استاد ۽ عالم دين مفتي محمد رحيم سڪندري صاحب جن هن فاني دنيا مان ڪوچ ڪري پهنجي الله سان وڃي مليا.

سائين جن اسان تي گهڻو مهربان رهيا نہ صرف اسان جي وڏن بلڪ اسان جي ننڍن ۽ پوري سانگري فيملي تي نظر ڪرم ۽ عنايتون رکندا هئا.

اسان دعاگو آهيون تہ رب سائين کين جنت الفردوس عطا ڪري ۽ سندن پونئيرن کي صبر جميل عطا فرمائي. آمين ثم آمين

**ڊاڪٽر عبدالمالڪ سانگري**

سائين مفتي صاحب ڏاڍو پلو ماڻهو هو، ان جي خدمت دنيا وارا ياد ڪندا رهندا. اسان لاءِ دعا جا دروزا هئا، الله پاڪ کين جنت الفردوس ۾ جڳهہ عطا فرمائي.

**ميان محمد زمان فقير**

درگاهہ بگو شير

محترم سائين مفتي محمد رحيم سڪندري .الحمدلله سائين علم جا بحر هوندا هئا. جن جي وسيلي علم جو فيض جهر جهنگ هلي پيو، سائين جن جي علم جو فيض رهندي دنيا تائين هلندو رهندو. سائين جن مولوي محمد صالح رحمة الله عليه جا پيارا شاگرد هوندا هئا، سائين جن جا پيا تہ ڪارناما گهڻا هئا، پر انهن مان ڪنزالايمان جو ترجمو ساراهہ جوڳو آهي.

سائين مولوي محمد صالح جي وفات ڪان پوءِ درگاهہ جامع راشده ۽ ان جي شاخن جون خدمتون سنڀاليون، جيڪي آخري وقت تائين احسن طريقي سان نڀايون . هن وقت تمام وڏو خال محسوس ٿي رهيو آهي.

رب تعاليٰ ڪان دعاگو آهيون سائين مفتي محمد رحيم صاحب کي جنت الفردوس عطا فرمائي . آمين

مرشد ڪامل جي جماعت ۽ مفتي صاحب جي ٻچڙن کي صبر جميل جي توفيق عطا فرمائي.

**فقير استاد سعد الله ، فقير نجم الدين**

**فقير نسيم احمد چيئرمين يوسي نرڇ ، فقير استاد علي مردان**

اڄ بتاريخ ٢٠.١٠.٢٠٢٥ بروز سومر درگاهه پيرسائين پاڳارا ، تي مون ناچيز کي سائين غلام عمر موروجو صاحب جن سان حاضري جو شرف نصيب ٿيو. تمام وڏو روحاني سڪون مليو.

فقيرن جي اچڻ وڃڻ ۽ حاضري ڀرڻ جوا نداز اهو ئي هو جيڪو اصل کان هلي رهيو آهي، تمام وڏي کان وڏي منظم جماعت شايد ڪنهن درگاهه تي هجي، ان کان بعد سائين محمد اڪرام صاحب جن وٽ اچي تعزيت ڪئي سين. اتان بي انتها محبت ۽ پيار مليو. يقين سمجهجي ته شايد ڪنهن دربار تي ايڏو پيار مليو هجي. دنيا جا ماڻهو فقيرن کان لهرائيندا آهن، مگر اڄُ ائين چوندس سچا کرا انسان پيرسائين جي جي جماعت ۾ اڄ به موجود آهن.

**فقير حاجي علي نواز جلالاڻي**

**فقير حاجي غلام عمر موروجو.** فيض گنج

انا لله و انا اليه راجعون

قبله سائين مفتي اعظم شيخ الحديث استاد العلماءِ سائين چاچا مفتي محمد رحيم سڪندري ڪوسو صاحب جن جي وصال جو ٻڌي ڏاڍو ڏک ٿيو.

چاچا سائين قبله هڪ عهد ساز شخصيت هيا، صدين ۾ ڪو به هڪ جنم وٺندڙ ،ڪنهن تعريف جا محتاج نه هيا. سندن خال ڀرجڻ تمام گهڻو ڏکيو آهي.

سندن خاندان اولاد، رشتيدار، درگاهه شريف جي شاگردن، حافظن ۽ استادن کي صبر جميل عطا فرمائي. سندن علمي فيض تا قيامت جاري رهندو.

رب ڪريم کين جنت الفردوس ۾ اعليٰ مقام عطا فرمائي.

**شاهد حسين ڪوسو سلطاني.** سکر

انا لله و انا اليه راجعون

سائين مفتي صاحب جهڙا مخلص انسان هن دنيا ۾ گهٽ آهن. انسانن سان محبت ڪرڻ ۽ غريبن جو احساس ڪرڻ سني ۽ پازيٽو سوچ جا مالڪ هئا، هر انسان جو وڏ ۾ وڏ خيال رکڻ ۽ ڪوشش به جيڪو ماڻهو سائين وٽ اميد

ڪٽي ايندو هو تہ تقريبا ڪوشش هوندي تہ ان جو مسئلو حل ٿئي. نيڪ مشوري سان نوازيندڙ، دين جي وڏ ۾ وڏ ڄاڻ رکندڙ هو.الله تعاليٰ سائين جن جا درجات بلند فرمائي.

**آفتاب ڪوسو**

**ميانداد ڪوسو سکر**

اڄ اسان ان مهان ۽ عظيم هستي جي وفات جي موقعي تي لکي رهيا آهيون، جيڪي علم جي خزاني سان مالا مال هئا ۽ درگاهہ پير سائين پاڳارا جي علمي خزاني جامعه راشديه جا مهتمم رهيا ۽ هزارين شاگردن کي علم جي روشني سان مالا مال ڪيو. سائين محترم جن مون عاجز بندي تي بہ گهڻو مهربان رهيا.

رب پاڪ جي در دعا آهي تہ ڪين جنت الفردوس ۾ اعلي مقام ۽ سندن اولاد کي صبر جي توفيق عطا فرمائي. ماشاءَ الله عظيم شخصيت جي اولاد بہ عظيم آهي.

**محمد عمر جتوئي** . ڏقر جتوئي پنوعاقل

**بسم اللہ الرحمٰن الرحیم**

**الحمدللہ الکبیر الخبیر والصلواۃ والسلام علي حبيبه الشاهد البشير و علي آله المستنير و صحبه المنير**

اما بعد: فالفقير الي الله القدير قد حضرت في الجامعة الراشديه بارادة التعزية للشيخ الهمام العلامة الفهام صاحب الاكرام مولانا المفسر المفتي محمد رحيم السكندري فلاقي خلفه المكرم الخليفة الحاج المسمي بمحمد اكرام الصاحب و دعا للشيخ الموصوف رحمه الله تعالي وقدس سرهم و طيب ثراهم ونور مضجعهم و جعل قبرهم روضة من رياض الجنة و رزقهم جنة الفردوس مع زيارة الحبيب الشفيع صلي الله عليه وسلم و رفاقته و شفاعته

الله ارفع درجاته و مقاماته و ارزق اولاده صبرا جميلا و اجرا جزيلا وارزقهم اتباعه و خدمة الاسلام وحب الصالحين والمتقين.

آمين يا رب العالمين بحرمة سيد المرسلين عليه الصلوات والتسليمات الي يوم الدين.

**الفقير ابن الصديق هادي بخش صديقي**

مهتمم جامعه صديقيه خانقاه رحيم آباد، حب بلوچستان

اليوم افلت شمس من شموس العلم و تركت ... لايجبر ابدا الا و هو شيخ الحديث والتفسير استادي و استاد الاساتذه المفتي محمد رحيم السكندري رفع الله تعالي درجاته في اعلي عليين و رزقه شفاعة المصطفي و زيارته ﷺ.

صدق الرسول ﷺ: اذ قال ان الله لاينتزع العلم انتزاعا بل بموت العالم او كما قال ﷺ

فقدت سماء العلم بدر من بدور العلم و الحكم فنعزي الي اخواننا ابناء الشيخ بغزاء من حر قلبي.

نسال الله ان يرزقتم الصبر و.... وعوصتهم بخير من ذالک والله المسئول و هو المعطي.

**منير احمد السكندري اليماني**

حضرت علامہ مفتی محمد رحیم سکندری رحمۃ اللہ علیہ ایک عظیم عالم دین تھے، اللہ تعالیٰ حضرت کا علمی سلسلہ تا صبح قیامت جاری وساری رکھے۔ آمین

**فقیر علامہ سید فرحان شاہ نعیمی**

مدرس دارالعلوم مجددیہ نعیمیہ

نائب ناظم اعلیٰ مرکزی جماعت اہل سنت کراچی

هو الباقی

بقیۃ السلف فقیہ العصر سند المحدثین حضرت علامہ حافظ مفتی محمد رحیم سکندری کی علمی شخصیت تو علمی دنیا میں یگانہ رہی، جس کا اظہار علمائے کرام اپنی تحاریر و تقاریر میں کرتے رہتے ہیں۔ اور یقینا تا ابد یہ سلسلہ جاری رہے گا۔ میرے خیال میں حضرت مفتی صاحب کا دوسرا اہم پہلو طریقت سے ہم تن گوش عقیدت و تقوی سے لبریز پختہ وابستگی ہے۔ چونکہ درگاہ شریف امام العارفین پیر جو گوٹھ قدس سرہ سالکین کی ہدایت واقارب بندوں کی منازل کی بلندی کا ذریعہ رہی ہے۔ اور حضرت مفتی صاحب علیہ الرحمۃ نے یقینا اپنی آخرت کو دنیا پر مقدم رکھ کر دنیا ومافیہا سے قطع تعلق فرما کر اپنی روحانی ترقی کے لئے کوشاں رہے۔ اور اسی پرہیز گاری کے بدولت اپنے کامل اکمل مرشد کے دربار عظیم کی عظیم درسگاہ جامعہ راشدیہ کی کئی عشروں سے تا صحت کامل مہتمم رہے اور درگاہ عالیہ سے ملحق مسجد شریف کی امامت وخطابت کرتے رہے۔

این سعادت بزور بازو نیست

**دعا گو: پیر غلام مجدد فاروقی سرہندی**

سجادہ نشین درگاہ عالیہ مجددیہ ٹمیاری شریف

مرکزی صدر پاکستان مشائخ اتحاد کونسل

حضرت شیخ الحدیث علامہ مفتی محمد رحیم سکندری صاحب رحمہ اللہ ایک نہایت علمی، سنجیدہ اور منکسر المزاج عالم دین تھے۔ فقیر نے پہلی بار 1988ع میں درگاہ عالیہ پیر جو گوٹھ میں ہی آپ کی زیارت کا شرف حاصل کیا تھا۔ اس کے بعد متعدد بار زیارت ہوتی رہی۔ الزبدۃ العمدہ بطور عطیہ فقیر کو مرحمت فرمائی اور ہر بار ملاقات میں ایک نیا لطف و سرور تھا۔

جامعہ راشدیہ پیر جو گوٹھ اہل سنت کا ایک عظیم مرکزی ادارہ ہے جمعیت علماء سکندریہ کی صحت عقیدۃ اور خدمات دینیہ حضور پیر صاحب پاگارہ قدس اللہ تعالی سرہ العزیز کی دینی لگن کی آئینہ دار اور حضرت روضے دھنی بادشاہ قدسنا اللہ باسرارہ کے فیضان کا مظہر ہے۔

حضرت علامہ مفتی محمد رحیم صاحب رحمہ اللہ کی تقریبا نصف صدی تک کی دینی خدمات ان شاء اللہ رہتی دنیا تک یادگار رہیں گے۔ اور آپ کے شاگردوں کو ایک سیل رواں اس فیض کو آگے منتقل کرتا رہے۔ اللہ کریم آپ کے درجات کو بلند فرمائے اور اس درگاہ عالیہ سے ہماری بھی نسبت کو سلامت رکھے اور ادب کی توفیق عطا فرمائے۔ آمین بجاہ النبی الکریم

**فقیر غلام رسول قاسمی غفر اللہ ذنوبہ**

جامعہ راشدیہ پیر جو گوٹھ، قبلہ مفتی محمد رحیم نوراللہ مرقدہ کی تعزیت کے سلسلہ میں آنا ہوا۔ پرانی یادیں تازہ ہو گئیں۔ کئی سال پہلے حضرت قبلہ مفتی صاحب کے دور میں جب فقیر آیا تھا تو اس وقت کی محبتیں پھر جب فقیر نے کراچی میں جامعۃ الازہر کی برانچ کی افتتاحی تقریب کا انعقاد کیا تو انتہائی کمزوری اور نقاہت کے باوجود قبلہ والد گرامی اور جد گرامی قبلہ شاہ مفتی محمد محمود الوری رحمۃ اللہ علیہ سے اپنی عقیدتوں اور محبتوں کو نبھانے کے لئے اس تقریب میں تشریف لائے، جس کی خوشبو آج بھی دل کے گلشن میں مہک رہی ہے۔ دعا گو ہوں اللہ رب العزت آپ کی قبر مبارک کو بھی خوشبو سے مہکائے رکھے۔ اور آپ کے مشن کو جامعہ اور علم کی صورت میں جاری و ساری رکھے۔ آمین یارب العالمین۔

**ڈاکٹر صاحبزادہ عزیز محمود الازہری۔**

مفتی اعظم، شیخ الحدیث حضرت علامہ محمد رحیم رحمۃ اللہ علیہ جو سرزمین سندھ کے اہل سنت وجماعت کے عظیم پایہ، جن کی رحلت کا سن کر دلی رنج پہنچا۔ اور آج بروز جمعرات 16 اکتوبر 2025 فاتحہ خوانی کے سلسلہ میں حاجی اکرام صاحب و دیگر فرزندان کی خدمت میں حاضر ہوا۔ دعا گو ہیں کہ اللہ رب العزۃ پسماندگان کو صبر جمیل عطا فرمائے اور انھیں دینی دنیاوی سربلندیاں نصیب فرمائے۔ آمین

**میاں زبیر احمد القادری**

درگاہ عالیہ قادریہ کٹبار شریف

آج مورخ 26 اکتوبر 2025 اتور بوقت صبح عالم باعمل شیخ الحدیث مترجم قرآن (سندھی) کنزالایمان شریف استاد العلماء میرے محسن و مربی انتہائی مشفق و مہربان حضرت قبلہ مفتی محمد رحیم سکندری رحمۃ اللہ علیہ کے دولت خانہ پر حاضری کا شرف حاصل ہوا۔ حضرت کا انتقال اہل سنت کے لئے بہت بڑا نقصان ہے۔

"موت العالم موت العالم" عالم کی موت در حقیقت جہان کی موت ہے کے مصداق ناقابل تلافی نقصان ہے۔ حضرت علوم دینیہ کے خزانہ تھے درگاہ عالیہ پیر سائیں پگارا کے خادم و خلیفہ تھے۔

اللہ کریم بطفیل نبی کریم ﷺ حضرت کو جوار رحمت میں جگہ عطا فرمائے۔

**مولانا محمد اکرم سعیدی**

ناظم اعلی جماعت اہل سنت صوبہ سندھ

بسم اللہ الرحمٰن الرحیم

الصلواۃ والسلام علیک یارسول اللہ۔ الحمد لولیہ والصلواۃ والسلام علی نبیہ

بعد از حمد جامع المعقول و المنقول استاد العلماء والصلحاء شیخ الحدیث مفتی محمد رحیم سکندری رحمۃ اللہ علیہ کے جنازہ میں شرکت کی سعادت نصیب ہوئی۔ حضور قبلہ مفتی صاحب شیخ

الجامعہ نبیرہ اعلیٰ حضرت مولانا تقدس علی خان کے وقت میں بھی مہتمم و شیخ الحدیث رہے۔ آپ کا ایک واقعہ کچھ یوں ہے کہ والد گرامی رفیق ملت علیہ الرحمۃ فرماتے تھے کہ اس نے خواب دیکھا، جسکی تعبیر کے لئے میں مفتی محمد رحیم صاحب کے گھر گیا ان سے بغیر پوچھے جو بیان فرمایا پھر وہی خواب حضرت مولانا تقدس علی خان کو بیان کیا، انھوں نے بھی وہی تعبیر بتائی جو کہ اس سے قبل مفتی صاحب بتا چکے تھے۔ گویا کہ مفتی صاحب علم ظاہری کے ساتھ علم باطنی بھی رکھتے تھے فقیر کو 2006 میں قبلہ مفتی صاحب کے ساتھ حج نصیب ہوا، آپ نے دوران حج منی، عرفات اور مزدلفہ میں پورا پورا قرآن تلاوت فرمایا۔ آپ قرآن وحدیث سے بہت شغف رکھتے تھے۔

ہزاروں سال نرگس اپنی بے نوری پہ روتی ہے
بڑی مشکل سے ہوتا ہے چمن میں دیدہ ور پیدا۔

**مفتی قاری محمد ساجد رفیق قادری**

جامعہ محمدیہ سکھر

**نحمده و نصلی علیٰ رسوله الکریم**

آج مورخہ 16 آکتوبر بروز جمعرات درگاہ شریف پیر جو گوٹھ حاضری ہوئی، بقیۃ السلف فخر اہل سنت حضرت علامہ مفتی محمد رحیم سکندری رحمۃ اللہ علیہ کی فاتحہ کے لئے جو اہلسنت کے لئے ایک عظیم شخصیت تھے۔ کنزالایمان کا سندھی میں ترجمہ کیا۔ آپ کی خلا صدیوں بعد بھی پر نہیں ہو سکتا۔ حضرت کا وصال اہل سنت کے لے ایک عظیم سانحہ ہے۔ دعا کرتے ہیں اللہ تعالیٰ حضرت کے پسماندگان کو صبر جمیل عطا فرمائے۔ اور حضرت کے جمیع طلباء و تلامذہ سمیت ہم سب کو ان کے نقش قدم پر چلنے کی توفیق عطا فرمائے۔

**فقیر فیاص احمد نقشبندی نعیمی**

ناظم اعلیٰ مرکزی جماعت اہل سنت کراچی

درگاہ عالیہ نیازیہ نقشبندیہ کراچی

حضرت مفتی محمد رحیم سکندری رحمۃ اللہ علیہ مہتمم جامعہ راشدیہ درگاہ شریف پیر گوٹھ، حضرت کی دین متین کے لئے لازوال قربانیاں اور قابل قدر خدمات ہیں۔ آپ نے زندگی بھر تعلیم و تربیت کے ساتھ متعدد کتب تحریر فرمائے۔ ہزاروں علماء کو تیار کیا۔

اللہ عزوجل سے دعا ہے کہ حضرت مفتی صاحب رحمۃ اللہ علیہ کے درجات بلند فرمائے اور تمام اہل خانہ اور متعلقین کو صبر عطا فرمائے۔ آپ کی اولاد کو آپ کے نقش قدم پر چلتے ہوئے دین کی سربلندی کے لئے کام کرنے کی توفیق مرحمت فرمائے۔

اس مسند پر مفتی دوست علی سکندری صاحب سے ملاقات ہوئی، انتہائی خوشی و مسرت ہوئی۔ اللہ عزوجل مفتی صاحب کو بھی صحت و عافیت کے ساتھ خدمات سرانجام دینے کی توفیق عطا فرمائے۔ اللہ عزوجل ہم سب کو دین کی سربلندی کے لئے کام کرنے کی توفیق عطا فرمائے۔

**محمد شاہد غوری**

نائب سربراہ پاکستان سنی تحریک

آج مورخہ 6 اکتوبر بروز جمعرات درگاہ شریف پیر جو گوٹھ حاضری نصیب ہوئی۔ اور فخر اہل سنت حضرت علامہ مفتی محمد رحیم سکندری کی فاتحہ خوانی میں شامل ہوئے۔ حضرت کا وصال وصال بہت بڑا خلاء ہے اور اہل سنت کے لئے بہت بڑا سانحہ ہے۔ اللہ پاک حضرت کی بخشش فرمائے۔ اور درجات کی بلندی عطا فرمائے۔ آمین

**پیر طریقت صوفی علی گوہر معصومی**

نائب امیر مرکزی جماعت اہل سنت سکھر

استاد العلماء مفتی محمد رحیم سکندری صاحب علم و عمل کے اعتبار سے موجودہ دور کے بہت علمی شخصیت کے حامل اور ان کی تعلیمات درگاہ کے تمام اساتذہ اور طلبہ کے لئے مشعل راہ ہیں۔ اللہ رب العزت مفتی صاحب کی تمام تر علمی دینی ملی خدمات کو اپنی بارگاہ میں قبول فرمائے۔

**قاری عتیق الرحمٰن**

کنزالعلوم حمیدیہ بن قاسم ملیر کراچی

سائیں قبلہ مفتی محمد رحیم صاحب ایک عمل و علم کا باب تھا، جو آج ہم سے ہمیشہ ہمیشہ کیلئے الوداع کر کے خالق حقیقی سے جا ملے اور وہ باب بند ہو گیا لیکن ان کی تعلیمات ہمیشہ ہم سب سکندری علماء اور دیگر دوستوں کے لئے شمع راہ رہیں گی۔

اللہ پاک ان کی قبر پر اپنی رحمتوں کی بارش نازل فرمائے۔ آمین ثم آمین

**قاری خلیل احمد اعوان سکندی۔ کراچی**

ہزاروں سال نرگس اپنی بے نوری پہ روتی ہے
بڑی مشکل سے ہوتا ہے چمن میں دیدہ ور پیدا۔

قبلہ حضرت علامہ مولانا مفتی محمد رحیم سکندری علیہ الرحمۃ کا انتقال پر ملال پورے پاکستان خاص طور پر سندہ میں اہل سنت و جماعت میں ایک بہت بڑی خلا ہے مفتی صاحب علیہ الرحمۃ کا راقم اگرچہ براہ راست شاگرد نھیں لیکن دور طالبعلمی میں 2011 سے 2016 تک جب کبھی بھی درگاہ شریف پر جمعۃ المبارک کی نماز پڑھنے آتا تو قبلہ سے ملاقات لازمی کرتا۔ آپ کھانے کی دعوت فرماتے اور میرے ساتھ عربی میں گفتگو فرماتے اور بہت زیادہ اپنائیت کا احساس ہوتا۔ دعا ہے کہ اللہ تعالیٰ ایسے عظیم بزرگ عالم کو جنت میں جگہ عطا فرمائے اور ان کے صدقہ مجھ فقیر کی مغفرت فرمائے۔

**محمد وقاص سومرو**

مفتی محمد رحیم صاحب ایک مخلص اور سچا انسان تھا، اور اللہ کا ولی تھا۔ اللہ پاک مغفرت فرمائے۔ آمین

**میر محمد انور خان لانگو بلوچ**

نور پور صحبت پور بلوچستان

محترم مفتی صاحب کے ساتھ 2005 میں مجھے حج کی سعادت نصیب ہوئی، وہاں میں نے مفتی صاحب کی عاجزی محبت اور پرہیز گاری دیکھی۔ عرفات منیٰ مزدلفہ میں دعائوں کا اہتمام دیکھا، دل کہہ رہا تھا ہمیشہ مفتی صاحب کی شفقت میں زندگی گزرے۔ مفتی صاحب صرف عالم دین نھیں بلکہ ایک رحم دل نیک اور باعمل عالم دین تھے۔ اللہ تعالیٰ مفتی صاحب کو جنت الفردوس میں بلند درجات بخشے۔ مفتی صاحب ہمارے کھوسہ قبیلہ کے بڑے عالم دین تھے یہ جگہ کوئی نھیں لے سکتا۔

**نثار احمد کھوسہ**. ڈیرہ مراد جمالی

مفتی صاحب ایک عظیم انسان تھے، ان کی ذہانت اور علم کی مثال بھت کم ملتی ہے۔ اللہ پاک سے دعا ہے مفتی صاحب کے درجات بلند کرے اور انھیں جنت میں اعلیٰ مقام دے۔ آمین

آسماں تیری لحد پہ شبنم افشانی کرے
سبزہ نوستہ اس گھر کی نگہبانی کرے

**مدثر کھوسہ**. اوستہ محمد۔ بلوچستان

آج درگاہ پیر جو گوٹھ شریف حاضر ہوا۔ قبلہ استاد العلماء مفتی محمد رحیم سکندری کی فاتحہ کی غرض سے۔ قبلہ مفتی صاحب ہمارے بلوچستان سے تعلق رکھنے والے عظیم ہستی تھے۔

حضرت سے 2023 رمضان المبارک میں مدینہ پاک میں ملاقات ہوئی اور دعا لینے کا شرف نصیب ہوا۔ 2019 رجب شریف میں حضرت کا حکم ہوا تھا کہ دستار کی محفل میں شرکت کریں۔ بوسیلہ حضرت مولانا غلام نبی کھوسہ سکندری۔ لیکن کرونا وائرس کی وجہ سے وہ پروگرام کینسل ہو گیا تھا۔ دل میں حسرت رہ گئی۔ حضرت کو نعت نہ سنا سکا۔

آج حضرت کے صاحبزادہ کے ہاں حاضر ہوئے دعائیں سمیٹی۔ اور نعت بھی سنائی۔ یہاں ان کے علمی اور روحانی فیض کو دیکھ کر قلبی سکون ملا۔ اللہ کریم ان کے درجات بلند فرمائے۔

**عنایت اللہ قادری**۔۔ نعت خوان

# شاعري

كرم كيڏو مٿس الله جو،
عاشق سچو ، رسول الله جو،
مهتمم، محسن، خليفا ۽ خطيب

2025ع

بحر ۽ علم ۽ قاري ڪلام الله جو
تاريخ جي قطعي لاءِ هاتف چيو
هيو شير شاه مردان شاه جو

١٤٤٧ هجري

# منقبت

**طرز جيڪي اڄ بہ اللهم صل علي صلوات سڳوري**

مفتي اعظم محمد رحيم تو سان
جن قرب ۾ رهي هو قريب ڏنو
وصال تنهنجي تي هو آب اکين
تني سڏڪندي مون غريب ڏنو

رب ۽ رسول جو ٿئي خاص ڪرم
پوري زندگي پڙهايوتو نبوي علم
ڪيئي علم جاطالب ويا فيض وٺي
مفتي عالم اڪثر اديب ڏنو

توتي روزي واري جو هو راز مٺا
سهڻي چٽ ڏٺي جي چانو مٺا
تن خلافت مصلو هر منصب ۾
توکي سڀ کان بهترهو سعيد ڏنو

استاذ الاساتذہ استاد سائين
جنت ۾ اعلي مقام پائين
وڏي عشق سان حديث جو درس ڏنئي
توکي هر دم درود ۾ ديد ڏنو

قرآن ڪريم سان دلي قرب هيو
تو ستاويهه ڏينهن ۾ حفظ ڪيو
سفر ۾ بہ تلاوت دستور رهيو
پل بعيد هجي يا قريب ڏٺو

درود شريف سان دلي لڳاء هيو
حزب الاعظم دلائل خيرات لکيو
پڙهو پاڻ ۽ تحفا پيا پيش ڪيو
اڪين ساڻ اهو خوش نصيب ڏٺو

خليفو اڪرام ۽ هي پيارا ٻچا
روئن يادون ڪري روحاني ٻچا
پڙهي ختمان درود ۽ دعائون ڏين
ايندي آب اکين ۾ عجيب ڏٺو

اهڙو اهلسنت تي آ احسان ٿيل
نہ وسرندو ڪنهن کان فقير پنهل
سنڌي ترجموقرآن جو آسان ڪيل
لکيل واه جو آ وري بہ ڏٺو

**حافظ محمد پنهل چنا سڪندري**

# منقبت

آهي موتين ۾ جيئن موتي پلو دُرِّ يتيم
عالمن ۾ هو ائين مفتي سائين محمدِ رحيم

جنهن ستاويهن ڏينهن ۾ حفظ ڪيو قرآن جو
ٻئي ڪي حاصل ٿي هجي شايد اها نعمت عظيم

جوان جامعہ راشديہ ۾ علم جو ٻاريو چراغ
ڪيترائي فرد علمي فيض مان ٿي ويا فهيم

پيرڳوٺ جي سرزمين هئي پر مديني ۾ هيو
گنبدِ خضريٰ جو منظر هو نگاهن ۾ مقيم

زهد ۽ تهجد گذاري جو طريقو ڇا تہ هو
خيال ۾ هو خانہ ڪعبہ ۽ تصور ۾ حطيم

جن رضا ماٽي رباني تن منجهان هڪ هي بہ هو
جن جي لئي مشتاق دارالخلد ۽ دارالنعيم

پير سائين ڇٽ ڏٽي جنهن کي ڏني منهن تي مڃي
ياڳ واري سان ڪندو خود پيار هو مرشد ڪريم

گفتگو تي ڇا لکان؟ گفتا بہ گلقند کان مٺا
ڇا تہ صابر! ڇا تہ شاڪر! ڇا تہ هو حضرت حليم

سمنڊ کي ڪوزي ۾ آڻيان کهڙي آ مون کي مجال
ڇا لکي سگهندو ويچارو عزمي هي عبدالرحيم

**عبدالرحيم عزمي**

# منقبت

مفتي محمد رحيم جهڙو ڪير وساري جوان ادا
جامعہ راشديہ جهڙو ادارو ويو آ ڏياري جوان ادا

ٿورن ڏينهن اندر سائين ياد قرآن ڪريم ڪيو
منٿن گفتن سان هو ونندو دليون ٺاري جوان ادا

سهڻي نبي جي دين ڪي حضرت سارو جيون ارپي
ويو
علم عقل جي ذهنن ۾ ويو مشعل ٻاري جوان ادا

رات جي پوئين پهر ۾ جاڳڻ عام سندن معمول رهيو
زهد عبادت ۾ ويو ڪيئي سچ اپاري جوان ادا

نظر ڪرم هيس نجم نماڻا رهبر روزي واري جي
محبت مرشد جي ۾ ويو آ عمر گذاري جوان ادا

**نجم نماڻو انڊڙ**

# منقبت

مفتي محمد رحيم هوندين جنت ۾
محبوب ڪريم جي شفقت ۾
شاندار نبي جي شفقت ۾

هي جهان آخر تہ ڇڏڻو آ،
اعلي شرف حشر توکي ملڻو آ
وئين توڙ نڀائي محبت ۾

ديني درس هلائي اظهار ڪيئي
دين اسلام جي پرچار ڪيئي
صلوات نبي جي پڙهي سڪ ۾

اڪرام النبي اڪرام ڪيئي
اڪرام علي اهتمام ڪيئي
گل پيش ڪيا تن خدمت ۾

هڪ ڀاڱ ۾ نام نرالو ٿي،
پيو وکر ڪمايو سجايو ٿي
هر حرف پڙهائي وئي حڪمت ۾

عاليشان جنازو تنهنجو سمنڊ مثل
عوام عالم حافظ ڪني ها ڪل
مولود خانڻ پڙهيا الفت ۾

**خانڻ فقير**

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

# BIOGRAPHY & SERVICES

Ustad ul ulma, shaikh ul hadith
**Mufti Muhammad Raheem Sikandari**
**(1941-2025)**
(Principal Jamia Rashidya
Khateeb Jami Masjid Dargah Sharif Pir jo Go)

**Compiled by**
**Mufti Dost Ali Sikandari**

**Sikandaria Publication**

// All Rights Reserverd

# <u>All Rights Reserverd</u>

**<u>BIOGRAPHY & SERVICES</u>**
**Ustad ul ulma, shaikh ul hadith**
**Mufti Muhammad Raheem Sikandari**

**Compiled by**
**Mufti Dost Ali Sikandari**

**December 2025**

**©All rights reseverd**
**By Sikandaria Publication**

**Contact: 03003290403**

**Centerl Office Jamiat ulma e Sikandari**
**Jamia Rashidia Dargah sahrif Pir jo Goth**

# Preface

This book is a sincere and heartfelt tribute to Hazrat Allama Mufti Muhammad Raheem Sikandari (R.A.), a towering figure known as the Shaikh-ul-Hadith and the Faqeeh ul-Asr (Jurist of the Age). His personality was a rare blend of Islamic knowledge, intense piety (Zuhd-o-Taqwa), and noble grace, evoking the spiritual aura of the Salaf Saliheen (Pious Predecessors).

Mufti Sahib's entire life was devoted to institutional service. Upon the command of his Murshid, Hazrat Pir Sain Shah Mardan Shah Thani (R.A.), he served as the Mohtamim (Administrator) of Jamia Rashidia for 45 years (1976–2025). His far-sighted leadership resulted in the Jamia's massive expansion and significant academic success.

His scholarly contributions were extraordinary. His greatest literary work is the Sindhi translation and commentary of the Holy Qur'an, Kanz-ul-Iman wa Khazain-ul-Irfan. He also played a vital role in preserving and publishing the rich spiritual heritage of Darghah Rashidiya. In the spiritual realm, he was a designated Khalifa (spiritual successor/Mukh) of Pir Sain.

This commemorative volume is comprised of articles and impressions from his students and renowned scholars of Pakistan. The preparation of this book and its technical matters were notably supported by the highly capable religious scholar and researcher, Hafiz Abdul Qayoom Mahar Sikandari. Furthermore, the commendable roles of Maulana Muhammad Adam Chachar Sikandari

and Mufti Sahib's son, Khalifa Haji Muhammad Ikram Khosa, in the book's preparation, along with the assistance of other teachers from Jamia Rashidia, are greatly appreciated.

Hazrat Mufti Muhammad Rahim Sikandari (R.A.) departed this mortal world on October 14, 2025, at the age of 84. May Allah Almighty keep his spiritual and academic legacy illuminating for generations. Ameen.

**Mufti Dost Ali Sikandari**
Jamia Rashidia Dargah Sharif
15 December, 2025.

# Glimpses from my life in Pakistan

I met Mufti Muhammad Raheem in Date Palm Research Institute for the first time in 2006. At that day the director of the Institute introduced him to me as he came to attend the monthly meeting of the SAL University. syndicate meeting. He used to be a member in the Univ. syndicate. Since that day and we became friends, if I can say. Although the meeting was for few minutes, but there was harmony between us in the discussed issues related to Islam.

I think his love to Islam made him like meeting a Muslim man especially from Egypt. So do I, I felt comfortable meeting him and I do remember he insisted me to visit him in his house and offered me a good hospitality. He used to be so friendly with others.

I've insisted to visit him from time to time through 6 years which was my stay in Pakistan as I visiting professor the Institute. During which we discussed a lot about Islam issues inside and outside Pakistan. Mufti Mohammad Raheem used to offer the religious advice to most of the Univ. teacher particularly in the religious issues. It seems to me because of their trust in his knowledge and personality among his lovers and students. I never forget the time we stayed together exchanging the visits during my stay in Pakistan.

I chocked when I heard that he passed away. Thus I 'm writing those few lines on his memory praying and

begging Almighty Allah to forgive him and reside his soul in Paradise. May Allah make his tomb a paradise till the resurrection day.

**Prof. Dr. Adel Ahmed Abul-Saudb**
**A Chairman of Dept., Horticulture Res. Institute, Egypt**

# Allama-w-Maulana Mufti Muhammad Raheem Sikandri

Allama-w-Maulana Mufti Muhammad Raheem Sikandri (RA), born in 1941, was one of the unique Huffaz of Jamiya Rashidia who memorized the Holy Quran in just 27 days. He received many distinctions throughout his life, bringing great honor to Jamiya Rashidia. He obtained his early education from Jamiya Rashidia Pir-jo-Goth, Khairpur, in 1961, completed his Fazil (B.A) from the University of Sindh, Jamshoro, and later completed a refresher course in Arabic in 2000 from Baghdad University, Iraq. After the passing of Mufti Muhammad Saleh Mahar, Mufti Sahib became the head of Jamiya Rashidia in 1976, as per the instructions of Qibla Hazrat Pir Saen Shah Mardan Shah-II (RA). He served the institution with honesty and sincerity. During his tenure, Jamiya Rashidia became one of Pakistan's finest institutes for Islamic education, offering Arabic, Persian, Fiqh, and other courses. Some of Mufti Sahib's major contributions include:

- Jamiya Rashidia's affiliation with the Federal Tanzeem-ul-Madaris
- Affiliation with Shah Abdul Latif University, enabling its certificates/degrees to be equated with a B.A., and later facilitating M.A. degree recognition
- Establishment of the Examination Board at Jamiya Rashidia
- Expansion of classrooms and hostel facilities

- Significant increase in student enrollment due to his efforts and dedication

Furthermore, he published a Maqal on *Seerat-un-Nabi (SAW)* in 1960, earning first position. He completed Hifz-ul-Quran in 27 days and led Taraweeh recitation in 1962. He also worked on *Qanzul-Iman* Sindhi translation with Tafseer. In addition to heading Jamiya Rashidia, Mufti Sahib also served as:

- Syndicate Member of Shah Abdul Latif University
- President of Jamiyat-ul-Ulama Sikanderia
- Chief Editor of Monthly *Al-Rashid*
- Naib Nazim, Sindh Tanzeem-ul-Madaris (Ahl-e-Sunnat), Pakistan
- Khalifa of Choki Paar, at Dargah Pir Hazrat Muhammad Rashid Rozi Dhani (R.A)

He translated several books of Pir Pagaran and Islamic, alongwith he also author of many books, including: *Khazan-tul-Ma'rifat* (Sayings of Khalifatullah Hazrat Pir Saen Tajar Dhani (RA), translated from Farsi to Sindhi), *Asghar Saen Jo Kalam* (Compilation and arrangement), and *Dewan-e-Miskeen* (Poetry of Pir Saen Hibbullah Takhat Dhani Badshah, translated from Farsi to Sindhi)

We, the Hur Jamaat, deeply appreciate his remarkable services for Jamiya Rashidia and for the Hur community. We pray that Allah SWT, through the blessings of Hazrat Muhammad (PBUH), grants him a high rank in Jannah.

**Prof. Dr. Jalal-u-Din Bhayo**,
Khalifo Dawat Damiyan, Choki Jaisalmir.